# شکارپور

## ماضي - حال

donated from
Suleman A Memon's
personal library

پاران ایم ایچ پنہور انسٹیٹیوٹ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# شڪارپور

## ( ماضي ۽ حال )

مرتب :
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
(تمغهء امتياز)

پبليڪيشن ڪاميٽي
جشن شڪارپور ١٩٨٤ع

ڀهريون ڇاپو
اپريل ۱۹۸۴ع
تعداد هڪ هزار

ڇپائيندڙ:
پبليڪيشن ڪاميٽي
جشن شڪارپور ۱۹۸۴ع

ڇپيندڙ:
غلام رسول ميمڻ
ماڊرن پرنٽنگ پريس
ڀتائي بازار شڪارپور سنڌ.

ڪمپوزيٽرس: امداد علي قريشي، عبدالفتاح قريشي
مشين مين: عبد الله عرف "باجو" جوڻيجو
بائينڊرس: راشد علي سومرو ۽ وحيد احمد قريشي

قيمت چاليهه روپيه

# فهرست


| نمبر | مضمون | ليکڪ | صفحو |
| --- | --- | --- | --- |
| ١ | ٻه اکر | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٣ |
| ٢ | مهاڳ | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٩ |
| ٣ | شڪارپور بابت تحقيق ڪيئن ڪجي؟ | ڊاڪٽر غلام علي الانا | ٢٢ |
| ٤ | شڪارپور جي ثقافت | ڪريم بخش خالد | ٢٩ |
| ٥ | شڪارپور جي تاريخ جو جائزو | پروفيسر غلام احمد بدوي | ٣٤ |
| ٦ | ڪرڙيءَ جو داستان | ڊاڪٽر عطا محمد حامي | ٥٤ |
| ٧ | شڪارپور جي قيام جو بنياد | پروفيسر سيد محمد سليم | ٦٢ |
| ٨ | شڪارپور- هڪ تهذيب | تاج محمد صحرائي | ٨٤ |
| ٩ | شڪارپور جيئن مون ڏٺي | انيس انصاري | ٩٥ |
| ١٠ | شڪارپور جا صوفياءِ ڪرام | پروفيسر امين‌الله علوي | ١٠٣ |
| ١١ | شڪارپور جا عالم ۽ ديني مدرسا | ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو | ١٣٤ |
| ١٢ | شڪارپور جون ڪجهه سياسي شخصيتون | خليل موريائي | ١٧٤ |
| ١٣ | شڪارپور جا شاعر | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ١٨٤ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١٤ | تحريڪ آزادي ۽ شڪارپور | علاؤالدين نيازي | ٢٥١ |
| ١٥ | شڪارپور جو مختصر اقتصادي جائزو | پروفيسر نذير احمد صديقي | ٢٥٦ |
| ١٦ | شڪارپور جو ثقافتي ۽ معاشي ورثو | پروفيسر لجپت۔ جي گانڌي | ٢٦٢ |
| ١٧ | شڪارپور جي صحافت | نعمت الله پٺو | ٢٦٧ |
| ١٨ | شڪارپور جا تعليمي ادارا | انور ”فگار“ هڪڙو | ٢٧٧ |
| ١٩ | شڪارپور جا ماڳ ۽ هنڌ | بدرالدين آچڙ | ٢٩٠ |
| ٢٠ | شڪارپور ۾ هٿ جا هنر | حبيب الله پٺو مرحوم | ٢٩٧ |

# ٻـه اکــر

هن ڪتاب ۾ جشن شڪارپور جــي سلسلي ۾ منعقد ڪيل سيمينارن ۾ پڙهيل مقالا پيش ڪيا پيا وڃن. پهريون جشن شڪارپور محترم سيد محب‌الله شاه ان وقت جــي ڪمشنر سکر ۽ محتــرم ڪي. بي. رند ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور جــي ڪوشش سان سال ۱۹۸۲ع ۾ ٿيو. ان موقعي تي ۳۱ مارچ تي سيمينار منعقد ٿيو، جنهن ۾ شڪارپور جي تاريخ، ثقافت ۽ علم ادب بابت شڪارپور ۽ سنڌ جي ٻين شهرن مان آيــل عالمن، اديبن ۽ محققن مقالا پڙهيا. پهرين نشست جي صدارت ڪراچيءَ کان آيل ڊاڪٽر مهڪري ڪئي، ۽ مهمان خصوصي ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم هو. ٻــي نشست جي صدارت ان وقت جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جـــي ڊائريڪٽر محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا (هن وقت وائيس چانسلر علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد) ڪئي ۽ مهمان خصوصي مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي (چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ) هو.

جشن شڪارپور ۱۹۸۳ع جي سلسلي ۾ ۱۷- اپريل ۱۹۸۳ع تي سيمينار منعقد ٿيو، جنهن جــي صدارت ڊائريڪٽر انفرميشن محترم ڪريم بخش خالد ڪئي. شڪارپور بابت سنڌي ۽ اردو ۾ شڪارپور ۽ سنڌ جي مختلف شهرن مان آيل عالمن، اديبن ۽ محققن مقالا پڙهيا.

هتــي انهن ٻنهي سالن ۾ پڙهيل مقالن مان چونڊ مقالا سوڌي ۽ سنواري پيش ڪيا پيا وڃن. انهيءَ چونڊ ۽ ترتيب کي هــن ڪتاب جي پبليڪيشن ڪاميٽي پسند ڪيو، ۽ منظور ڪيو.

شڪارپور جي تاريخ، ثقافت ۽ علم ادب کــي اجاگر ڪرڻ لاءِ هيءَ هڪ ابتدائي ڪوشش آهي. مون کي اعتراف آهي، ته اجا ڪجهه

پهلو رهجي ويا آهن. جيڪڏهن سيمينارن جي روايت کي قائم رکي انهن ۾ پڙهيل مقالن کي ڪتابن جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو، ته نه فقط شڪارپور، پر سنڌ جي تاريخ ڏانهن ورهين جو لٽ لاهي، ان کي حقيقي صورت ۾ پيش ڪري سگهبو. بهرحال مون کي اميد آهي ته اسان جو هي پهريون جو پورهيو، سچائي ۽ سڪارتي ڪوشش ثابت ٿيندي، ۽ هي ڪتاب آئينده تحقيق ڪندڙن لاءِ ماخذ جو ڪم ڏيندو. اسان جيڪي هي داٽا ـ ڪٺا ميڙيا آهن، اهي سنڌ جي سونهاري سرزمين جي سوڀياوان سپوتن جي ساک پرين ٿا. ائين جيئن مٺ سان خرار جي پرکا ڪئي ويندي آهي.

هن ڪتاب جي اشاعت، شڪارپور جي شهر واسين جشن شڪارپور ۱۹۸۴ع جي تنظيمي ڪاميٽي ۽ پبليڪيشن ڪاميٽي جي ڪارپردارن جي ذاتي دلچسپي ۽ ڪوشش جو نتيجو آهي. هنن مون کي سڏي ۽ سڏ ڏنو، ۽ هر مرحلي ۽ معاملي ۾ منهنجي مدد ڪئي. آءٌ دل جي گهراين سان سندن شڪريو بجا آڻيان ٿو. خاص طرح سابق ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور محترم توقير احمد صاحب جا شڪر گذار آهيون، جنهن هن ڪتاب جي اشاعت جي رٿا پيش ڪئي، ۽ ان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪوشش ورتي. سندس دلي تمنا هئي، ته هي ڪتاب شايع ٿئي. موجوده ڊپٽي ڪمشنر محترم سليم احمد خان جا مشڪور آهيون، جو هن انهيءَ رٿا کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سمورا انتظام ڪيا.

محترم خالد احمد سومرو اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي مون سان ڪم ڪيو، ۽ پنهنجي علم دوستي ۽ ادب نوازي جو ثبوت ڏيندي، اشاعت جي سلسلي ۾ پيدا ٿيندڙ تڪليفون ۽ دشواريون دور ڪرڻ ۾ ڀرپور تعاون ڪيو. سندس ساٿ ۽ سهڪار

سان ئي تمام ٿوري وقت ۾ ڪتاب جي ڇپائي ممڪن ٿي سگهي. جيڪڏهن اڄ اسين چوان ته هن ڪتاب جي اشاعت جو سهرو سندس ئي سر تي سونهين ٿو، ته ان ۾ وڌاءُ نه ٿيندو. اڄ سندن ڪهڙا ٿورا مڃيان؟ بقول شاه لطيف:

” ٿورا نه ٿورا مون تي ماروئڙن جا “

ماڊرن پرنٽنگ پريس شڪارپور جي مالڪ محترم غلام رسول ميمڻ جا لک لائق، جو خلوص ۽ محبت جي جذبي ماتحت پنهنجون سموريون صلاحيتون صرف ڪري، ٿوري وقت ۾ ڪتاب ڇپي، شڪارپور سان محبت جو ثبوت ڏنائين.

اسين پنهنجي سڪ جي هيءَ سوکڙي، شڪارپور جي شهرواسين جي خدمت ۾ پيش ڪندي، مسرت محسوس ڪريون ٿا.

شڪارپور سنڌ
٣- اپريل ١٩٨٤ع

مرتب:
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# شڪر گذاري

جشن شڪارپور ١٩٨٢ع ۽ ١٩٨٣ع جي موقعي تي منعقد ٿيل سيمينارن، ۽ هن ڪتاب جي اشاعت جي سلسلي ۾ جن صاحبن ڪوششون ورتيون، انهن جو شڪريو بجا آڻڻ ضروري سمجهون ٿا. انهن جا اسماء گرامي هي آهن:

١- محترم محب الله شاه، ان وقت جو ڪمشنر سکر ڊويزن.

٢- محترم ڪي بي رند، ان وقت جو ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور، جڏهن ١٩٨٢ع ۾ جشن شڪارپور جو بنياد پيو.

٣- محترم توقير احمد، سابق ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور، جنهن جشن شڪارپور ١٩٨٣ع جي موقعي تي سيمينار جي روايت کي سهڻي نموني قائم رکيو.

٤- محترم سليم احمد خان، موجوده ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور

٥- محترم غوث بخش خان مهر، چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل شڪارپور

٦- محترم عبدالستار شيخ چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور

٧- محترم نادر حسين خان ڪماريو چيئرمين ضلع رابطه ڪاميٽي شڪارپور

٨- محترم ضياءالدين اوستو سابق چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور

٩- محترم ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي، سابق چيئرمين ضلع رابطه ڪاميٽي شڪارپور

١٠- محترم امير علي چانڊيو، سابق ايس پي شڪارپور

١١- محترم غلام اڪبر مهر، وائيس چيئرمين
ضلع ڪائونسل شڪارپور

١٢- محترم خالد احمد سومرو اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور

١٣- محترم عبدالوحيد پيرزادو سابق اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور

١٤- محترم غلام محمد ڪونڌر سابق اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور

١٥- محترم غلام مصطفيٰ جوکيو ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور

١٦- محترم الله بخش ”انيس“ انصاري
سابق ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور

١٧- محترم محمد جمن ملاح سابق ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور

# پبليڪيشن ڪاميٽي

١- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، — ڪنوينر
پرنسپل گورنمينٽ شاهه لطيف ڪاليج شڪارپور

٢- محترم نذير احمد صديقي، — ميمبر
پرنسپل گورنمينٽ سي ائنڊ ايس ڪاليج شڪارپور

٣- محترم خالد احمد سومرو اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور — ميمبر

٤- محترم غلام اڪبر مهر، وائيس چيئرمين — ميمبر
ضلع ڪائونسل شڪارپور

٥- محترم علاؤالدين نيازي، آنريري سيڪريٽري — ميمبر
ڊسٽرڪٽ ريڊ ڪريسينٽ سوسائٽي شڪارپور

٦- محترم ثناءُالله شيخ، هيڊ ماسٽر — ميمبر
گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر ١ شڪارپور

٧- محترم نذير حسين مغل، هيڊ ماسٽر — ميمبر
گورنمينٽ قاضي حبيب الله هاءِ اسڪول شڪارپور

٨- محترم امين الله علوي، پروفيسر — ميمبر
گورنمينٽ سي ائنڊ ايس ڪاليج شڪارپور

٩- محترم غلام احمد بدوي، پروفيسر — ميمبر
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو

١٠- محترم بدرالدين علوي صاحب — ميمبر

١١- محترم ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو — ميمبر
هاءِ اسڪول ٽيچر، گورنمينٽ هاءِ اسڪول خانپور

١٢- محترم نعمت الله حبيب الله پٺو، — ميمبر
هاءِ اسڪول ٽيچر، گورنمينٽ هاءِ اسڪول ١ شڪارپور

# مواگهه

## بيهڪ

شڪارپور جـي سگهوري ۽ سونهن ڀري سر زمين کي هر دور ۾ سياسي ۽ ثقافتي، اقتصادي ۽ علمي اهميت رهي آهـي. ان جو وڏو ڪارڻ شڪارپور شهر جي جاگرافيائي بيهڪ آهي. هـي شهر انهيءَ سڙڪ تي واقع آهي، جيڪا بولان لڪ کان اچي، سنڌو دريـاءَ تائين پهچي ٿي. برصغير جي جاگرافيائي بيهڪ کي ڏٺو ويندو، تـه معلوم ٿيندو، تہ وچ ايشيا ۽ اولهہ ايشيا کـان برصغير پاڪ و هند ۾ داخل ٿيڻ جا ٻہ رستا آهن: هڪ خيبر لڪ کان نڪري، تربيلہ تائين پهچي ٿو، ۽ ٻيو بولان لڪ لنگهي سکر تائين پهچي ٿو. وچ ايشيا ۽ اولهہ ايشيا جون قومون انهن ٻنهي رستن سان هتي پهتيون آهن. سنڌ ۾ ايران، افغانستان ۽ قديم بابل کان جيڪي قومون آيون آهن، اهي بولان لڪ لنگهي هتي پهتيون آهن. وچ ايشيا جـا واپاري قافلا بہ انهيءَ رستي سان سنڌ ۾ ايندا رهيا آهن. جيئن تہ شڪارپور جو شهر انهيءَ سڙڪ تي هو، بلڪ سڀ کان پهريائين اهو شهر ٿي آيو، انهيءَ ڪري هن شهر کي وڏي اهميت حاصل ٿي.

## عظيم شاهراهہ

انهيءَ ئي رستي سان قديم ۽ بابل جي شهر "اُر" جون قومون هتي آيون، ۽ شهر آباد ڪري ويهي رهيون. هي قومون عيسوي سن کان ٽي هزار سال اڳ هتي پهتيون، ۽ پنهنجي رهڻ لاءِ جيڪي نوان شهر آباد ڪيائون، انهن جـي پويان پنهنجي وطن جـي يادگار طور "اُر" پڇاڙي ڳنڍيائون. سنڌ جـي اهڙن قديم شهرن مان ڪشمور، الور يا اروڙ، جهڪر ۽ ڀنڀور قابل ذڪر آهن. انهن ڏينهن ۾ موجوده شڪارپور جو شهر تہ ڪونہ هو، پر ان جي ڀرسان ماڙي ۽ لکي نالي

شهر موجود هئا، جيڪي هينئر بہ ڀُوئن جي صورت ۾ قائم آهن. بولان لڪ کان رستو "ماڙي" تائين ايندو هو. اتان ٻہ رستا ڦٽندا هئا: هڪ رستو لکي ۽ فراش ڳوٺ کان ٿيندو سکر ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ سکر جو شهر انهيءَ هنڌ تي هو، جتي هينئر انڊسٽريل اسٽيٽ جي ايراضي آهي. ان پراڻي شهر جا آثار ۽ اهڃاڻ اڄ بہ دڙن جي صورت ۾ موجود آهن. انهيءَ دڙي کي "لاکين جو دڙو" چيو ويندو آهي. ان کان پوءِ اهو رستو درياءُ ٽپي اروڙ تائين ويندو هو، جتان وري هڪ رستو مٿي ملتان ويندو هو، ۽ ٻيو هيٺ پنيور تائين ويندو هو. ماڙيءَ وٽان ٻيو رستو جهڪر، موهن جو دڙو، سيوهڻ ۽ آمري کان ٿيندو ديبل يا پنيور تائين ويندو هو. لاڙڪاڻي جو شهر آباد نہ ٿيو هو. البت "ماهوٽا" موجود هو.

قديم ايراني حڪومت جي هڪ حصي "ميڊيا" جا ماڻهو بہ هن ئي رستي سان عيسوي سن کان اٽڪل ست سؤ سال اڳ سنڌ ۾ داخل ٿيا. هتي اهي ميڊ سڏيا ويا. سنڌ جا ميربحر انهن جا پونير آهن. ايران جي بادشاه دارا جون فوجون بہ هن ئي رستي سان ٤٨٠ ق.م سنڌ ۾ داخل ٿيون هيون. ٣٢٣ ق.م ۾ سڪندر مقدوني بہ هن ئي رستي سان سنڌ مان لنگهيو. "ساڪا" قوم بہ هن ئي رستي تان گذري. ٦٣٥ع ۾ چيني سياح هيون تسانگ ٻڌ ڌرم جي ڌرمي آستانن جي ياترا لاءِ هن ئي رستي سان قنڌار مان سنڌ ۾ آيو. عرب بہ هن رستي تان لنگهيا. همايون، احمد شاه ابدالي، نادرشاه، شاه شجاع ۽ سيد احمد شهيد بريلوي بہ هن رستي تان گذريا. سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ انگريز بہ هن ئي رستي تان افغانستان ويندا هئا. هنن پنهنجن سفرنامن ۾ شڪارپور جو اوج بيان ڪيو آهي. ريلوي لائين جي رٿا وقت بہ هن رستي جو لحاظ رکيو ويو. گولڊ سمڊ بہ هن رستي جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ نقشو بہ ڏنو آهي. (١)

---

(1) Historical Memoirs on Shikarpur, Bombay 1885, P. 96 - 98.

## شهر جو آباد ٿيڻ

انهيءَ رستي جي ڪري واپاري قافلا شڪارپور ايندا رهيا، ۽ شڪارپور جي خوشحالي جو باعث بڻيا. شڪارپور شهر جي آباد ٿيڻ کان پوءِ واپاري سهولتن جي ڪري کيترائي هندو لڏي اچي شڪارپور ۾ رهيا. خاص طرح سان ”اروڙ ونسي“ هتي اچي آباد ٿيا. ”اروڙونسي“ اصل سنڌ جا رهاڪو هئا، ۽ محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ لڏي وڃي پنجاب ۾ وينا هئا. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ ملتان جي اروڙ ونسين جي شاخ ”آهوجا“ وارا ملتان مان لڏي اچي مدئجي وينا. انگريزن جي اوائلي زماني ۾ مدئجي جي پراڻي شهر کي درياءَ پاتو، تہ آهوجن جا ڪي گهر لڏي وڃي شڪارپور، سکر ۽ لاڙڪاڻي وينا. سنڌي زبان جو مشهور شاعر ۽ اديب رام پنجواڻي لاڙڪاڻي جي ”آهوجا“ آکهہ مان آهي. شڪارپور ۾ لکي در اندران ”بن جي حويلي“ آهي. اها ”بنمل“ آهوجا جي نالي پٺيان آهي. هن آکهہ وارا ”آهوجا“ پنجاب مان پهريائين بلوچستان جي علائقي ”ڪڇي“ ۾ اچي رهيا، ۽ اتان واپار سانگي شڪارپور ۾ آيا. هن خاندان مان سيٺ شولداس ناليرو ماڻهو ٿي گذريو آهي.

شڪارپور ۾ اروڙ ونسيں جون ٻيون بہ ڪجهہ ذاتيون اچي آباد ٿيون، جهڙوڪ: ٻجاج، جماڻي، چاولا، ڇاٻڙيا، ڇينملاڻي، راڄپال، کٽر، گانڌي، للا، ماٽا وغيره. شڪارپور جا ڀاٽيا وري ڪڇ ۽ جيسلمير کان اچي هتي آباد ٿيا. ڪي هندو آکهيون قلات کان اچي هتي رهيون. انهن ڀاٽين مان ڦيرومل ناليرو ٿي گذريو آهي. شڪارپور جي نواب سان مغروري سان هليو، جنهن ڪري هو مخالف ٿي پيس. انهيءَ ڪري لڏي وڃي ڳوٺ ”ماڙي“ ۾ ويٺو. سندس پوينئر ماڙي ۽ شڪارپور ۾ رهندا هئا، ۽ پاڻ کي ڦيرواڻي سڏائيندا هئا. سندس پوٽو ڏوقيرام پٽ ميگهراج پارسي ۾ ماهر هو، ۽ انهيءَ ڪري انگريزن جو منشي هو. افغانستان ويڙهہ ۾ انگريزن سان گڏ هو. هن خاندان جي

هڪ فرد پروفيسر شيوارام ڦيروائي ايم. اي سنه ١٩٠٤ع ۾ شڪارپور ۾ برف، جو ڪارخانو قائم ڪيو. ١٩٠٨ع ۾ پروفيسر شيوارام سيٺ اڏلداس جي مدد سان ڪل جي ذريعي ڪپڙن اڻڻ جو ڪارخانو قائم ڪيو. سنڌ ۾ جديد نوعيت جو ڪپڙي اُڻڻ جو اهو پهريون ڪارخانو هو. پروفيسر شيوارام سنه ١٩١٢ع کان ١٩٢٤ع تائين گروڪل ۽ بمبئي يونيورسٽي ۾ پروفيسر ٿي رهيو. (٢).

شڪارپور جا مسلمان آس پاس جي شهرن جهڙوڪ: ماڙي، لکي وغيره مان لڏي اچي شڪارپور ۾ رهيا ڪي گهراڻا ناڙيءَ-ڪڇي مان به لڏي اچي هتي ويٺا. ميمڻن جي خوشحالي پــاڙي وارا گمبٽ مان لڏي آيــا. افغان دور ۾ ڪيترائي افغان قبيلا اچــي هتي متوطن ٿيا. مطلب ته شڪارپور شهر جــي ڪشش ڪيترين ئــي هندو ۽ مسلمان قومن کي ڇڪي هتي آندو. اهڙيءَ طرح شهر آباد ٿيو، ۽ ترقيءَ جي راه تي گامزن ٿيو. ڪيترائي عالم ۽ فاضل به هتي اچــي رهيا. علوي خاندان جو وڏو ڏاڏو حضرت شاه فقيرالله علوي افغانستان کان لڏي اچي هتي رهيو. سرهندي بزرگ به آيا، ته اچ کان به ڪي بزرگ لڏي اچي هتي مقيم ٿيا.

عظيم شاهراهه ۽ سياسي سهولتن سبب شڪارپور سنڌ جــو مکيه واپاري شهر بڻجي ويو. ابتدائي دور کان انگريزن جــي زماني تائين هن شهر جو واپار ڪابل ۽ قنڌار، سمرقند ۽ بخارا، قلات ۽ خراسان ملتان ۽ لاهور ڪيچ مڪران ۽ سون ميانيءَ سان هلندو هو. نــه فقط ايترو، پر استرخان، ڪلڪتي، ۽ ٻين ڪيترن ملڪن تائين هتي جي واپارين جون هنديون هلنديون هيون. دنيا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ هتي جي واپارين جون ڪوٺيون هيون. واپار سانگي هو دنيا جـــي

---

(٢) ڪاڪو ڀيرو مل: سنڌ جي هندن جي تاريخ، ١٩٤٦ع، ص ١١٠، ١١١، ١٢٢، ١٩١، ١٩٧.

ڪندا ڪڙيچ ۾ پکڙيل هئا، ۽ ڏوراهن ڏيهن مان ناڻو ڪمائي اچي شڪارپور ۾ خرچ ڪندا هئا. اهوئي سبب آهي، جو شڪارپور شهر جي سونهن ۽ سوڀيا، هنر ۽ صنعت، نفاست ۽ لطافت ۾ اضافو ٿيندو رهيو. ٽالپرن جي دور ۾ افغان ويڙهه واري زماني ۾ ڪي انگريز ۽ يورپي ماڻهو شڪارپور ۾ آيا. انهن پنهنجن ڪتابن ۽ سفرنامن ۾ شڪارپور جو ذڪر ڪيو آهي. انهن مان هڪ انگريز ميسن لکي ٿو:

"شڪارپور، خوشحال ۽ شاهوڪار شهر آهي. ان ۾ وڏو واپار هلي ٿو؛ ۽ اتي جي واپارين جو سڄي مشرق جي مختلف شهرن سان واپاري تعلق آهي."

البت سندس چوڻ آهي، ته جنهن وقت هو شڪارپور پهتو ته شڪارپور جو اوج ڪجهه گهٽجي ويو هو؛ ۽ ڪيترا سيٺيون لڏي وڃي ملتان ۽ امرتسر ويٺا هئا. ميسن کانپوءِ آرٿر ڪونولي هتي آيو. هو هڪ آئرش آفيسر هو. گهوڙن جي واپارين سان گڏجي پٺاڻ جو بيک بڻائي ڊسمبر ١٩٨٣ع ۾ هو سنڌ ۾ آيو، ۽ "مرزا صادق" نالو سڏايائين. شڪارپور بابت لکي ٿو:

"دوڪان مال سان پُريل هئا، ۽ سيئي ماڻهو ڌنڌن ۾ مشغول هئا."

شڪارپور جي واپار ۽ خوشحالي جي تعريف ڪندي لکي ٿو:

"شڪارپور جا سيٺيون سڀ هندو آهن ۽ انهن جو واپار ڪيترن ئي ملڪن سان هلي ٿو. هو ڏاڍا چالاڪ آهن، ۽ سنڌي کان سواءِ پشتو، بلوچي، پارسي ۽ هندستاني ٻولين رواني سان ڳالهائي سگهن ٿا.... هو خوش پوش ۽ مهذب آهن."

سر اليگزينڊر برنس به ميرن جي ڏينهن ۾ شڪارپور ۾ آيو. هن سنڌ، ايران، بخارا ۽ افغانستان جي تفصيل سان سياحت ڪئي. هن سنڌ جي ميرن سان سنڌو درياءَ جي سروي بابت مذاڪرات ڪيا.

انهيءَ ڪري ڪيس سنڌ جي شهرن ۽ جاگرافيءَ جي بيهڪ جي تمام گهڻي ڄاڻ هئي. شڪارپور شهر جي آباد ٿيڻ جي تاريخ هن ئي ٻڌائي آهي.

سنه ١٨٣٨ع ۾ هڪ انگريز عملدار ڪئپٽن ايسٽ وڪ سنڌ ۾ آيو. ساڻس گڏ سندس منشي لطف الله سورتي به هو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ جو اکين ڏٺو احوال بيان ڪيو آهي. هن شڪارپور جي رهاڪن جي خوشحالي جو بيان به ڪيو آهي. "سنڌ واهه" تي لڳندڙ ميلي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"سنڌ واهه تي هڪ وڏو ميلو لڳندو آهي. آءٌ اهو ميلو ڏسڻ ويس ميلي تي تمام وڏي تعداد ۾ ماڻهو آيل هئا، جن ۾ مرد به هئا، تہ عورتون بہ. هتي مون کي پهريون ڀيرو سنڌي هندو سندرين کي بنا پردي ڏسڻ جو موقعو مليو. آءٌ بنا هٻڪ ايئن چوڻ لاءِ تيار آهيان، تہ هنن مان ڪيتريون برطانيه جي پري چهرن سان بہ مقابلو ڪري سگهن ٿيون. هر طرح خوشي ۽ مسرت جي ڌم هئي. هڪ پاسي ڏٺم تہ ميڙ ۾ هڪ ٻڍڙي اڇي ڏاڙهي وارو پيرسن سنڌي، تنبوري جي سرن تي وجد جي حالت ۾ نچي ۽ ڳائي رهيو هو. تنبور هڪ نوجوان هندو سندري وڄائي رهي هئي، ۽ وقت بوقت ان پيرمرد جي گيتن ۾ پنهنجي سريلي ۽ مٺڙي آواز سان آواز ملائي، سندس سر ۾ سر جهلائي رهي هئي." ٻي هنڌ لکيو اٿس:

"هتان (شڪارپور) جي مشهور صراف چينسنگهه سان ملڻ ويس. هن وٽ گروي رکيل شين ۾ سچن زمردن سان درن (ايرينگن) جو هڪ جوڙو به هو. زمرد ڪبوتر جي آنن جيڏا هئا، ۽ انهن زمردن جي قيمت ويهه هزار ڪتي ويئي هئي. چينسنگهه وٽ اهي ١١ هزارن ۾ گروي رکيا ويا هئا."

هن شهر آباد ٿيڻ کان پوءِ وڏو اوج حاصل ڪيو؛ پر وڏا لاهـا چاڙها بہ ڏٺا. ان هوندي بہ هن جي اوج ۽ وقار ۾ خاص فرق نہ آيو.

سنہ ١٨٧١ع ۾ هڪ انگريز هينري واٽر بيليو بلوچستان، افغانستان، خراسان، ايران ۽ سنڌ جو سفر ڪيو. هو ٢٦ ڊسمبر ١٨٧١ع تي ملتان کان روانو ٿيو، ۽ درياءَ رستي سکر پهتو. اتان شڪارپور آيو. شڪارپور کان جيڪب آباد ويو ۽ بلوچستان کان ٿيندو افغانستان هليو ويو. هو سکر کان ٻگيءَ ۾ چڙهي شڪارپور آيو. سکر- شڪارپور رستي بابت لکي ٿو:

”روڊ تمام سنوآهي ۽ سڄي روڊ تي ُسر پيل آهن، جنهن ڪري مٽيءَ جي دز نہ ٿي اچي. روڊ جي ٻنهي پاسن کان سڌي زمين آهي. ۽ وڏراهہ ۽ فصل آهن. خاص طرح سان لکي گوٺ کان شڪارپور تائين تمام گهٽي ساوڪ آهي. رستي سان هلندي ڪيترائي واهہ نظر آيا.“

هو شڪارپور شهرجي ڏاڍي تعريف ڪري ٿو. شاهي باغ گهمي ڏاڍو متاثر ٿيو. شهر لاءِ چوي ٿو:

”صاف ۽ سهڻو شهرآهي، چوڏاري باغ ۽ وڏراهہ اٿس. نير، سرنهہ، ٿاري ۽ ڪجي جا وڏا ۽ گهاٽا وڻ آهن. شهر جي چوڌاري جيڪي رستا آهن، اهي ُسرن سان ڍڪيل آهن، جيئن رڃي نہ اڏامي، ماڻهو خوش پوش ۽ شاهوڪار ڪپڙا پهرين ٿا. واپار جو وڏو مرڪز آهي. بازار سڄي ڪاٺيءَ جي جڙاوت سان ڍڪيل آهي. انهيءَ ڪري سخت گرم منڌ ۾ بہ ٿڌي آهي.“

اهڙيءَ طرح سان ڪيترن ئي سياحن شڪارپور جي خوشحالي، سرسبزي، نفاست ۽ لطافت جي تعريف ڪئي آهي. ڪئپٽن گولڊسمڊ ڪيترين شين جي وچور ڏني آهي، جيڪي ايران ۽ افغانستان مان شڪارپور اينديون هيون، ۽ هتان سنڌ جي ٻين شهرن ۽ ڏورڙي دنيا جي ٻين ملڪن ڏانهن وينديون هيون. انهن شين ۾ نيشاپور جي خاص مٽي، ريشم، سڪو ميوو، پرت جو ريشم، عاج، ٽامي ۽ پتل جا ٿانو، رنگ خام مال وغيره اچي ٿي ويو. پرت لاءِ پٽ شڪارپور ۾ هڪ ڊولو هڪ آني ۾ ملندو هو. (ص ٩٦، ٩٧ ۽ ٩٨)

انگريزن جي اوائلي دور ۾ شڪارپور ۾ اناج، ڪپهه، ڪپڙي، ريشم، ڌاتن صرافن، عاج، ميوي، پاڇين، عطر ۽ خوشبودار شين جا ٩٠٠ دوڪان هئا، جيڪي اڪثر هندن جا هئا. ان ڪان سواء شڪارپور ۾ ڪپڙي اڻڻ، ڪاغذ ٺاهڻ، ٺانوڻ ٺاهڻ، زراعتي اوزارن ٺاهڻ ۽ ڪاٺ جي ڏڪ جو هنر ۽ ڏندو به عروج تي هو. ان کان سواء ڪتاڻ ۽ سنائيءَ جو ڌندو به وڏي پيماني تي موجود آهي. ڪاغذ ٺاهڻ ڪانسواء ٻيا ڌنـدا ۽ هنر اڄـا تائين هليا اچن، شڪارپور ۾ عورتون جيڪو ڀرت ڀريندي‌ون رهيون آهن، ان جو به وڏو ناماچار رهيو.

اڳتي هلي انگريزن جي ڏينهن ۾ شڪارپور جي حيثيت گهٽجڻ لڳي. انهيءَ ڪري ١٨٦١ع ۾ هتان فوجـون ٻي هند منتقل ڪيون ويئون. جيڪب‌آباد جي ضلع ٿيڻ ڪانپوءِ شڪارپور ضلعي تي اثر پيو ١٨٨٣ع ۾ ضلع آفيسن کي سکر منتقل ڪيو ويو. آخر ١٩٠١ع ۾ شڪارپور ضلعي جي حيثيت ختم ڪئي وئي. ١٩٠٦ع ۾ جيل بـه شڪارپور مان کنيو ويو. ١٩٠٩ع ۾ سول اسپتال کي به ختم ڪيو ويو. ڪوئيٽه تائين ريلوي رستو نهي ويو، ته شڪارپور ۾ قافلن جي اچ وڃ بـه ختم ٿي ويئي، انهن ڳالهين جي ڪري شڪارپور جـي سياسي ۽ اقتصادي حيثيت کي ڌڪ لڳو. ان هوندي بـه شڪارپور جـي رهاڪو سيٺين شڪارپور جي اصلوڪي حيثيت کي ختم ٿيڻ نه ڏنو. هو ڏورانهن ڏيهن مان ناڻو ڪمائي شڪارپور ۾ اچـي خرچ ڪندا هئا. هنن شهر واسين جي ڀلائي لاءِ اسپتالون، ڪاليج ۽ اسڪول قائم ڪيا، ۽ ڪيترائي خيراتي ادارا برپا ڪيا.

شڪارپور ميونسپالٽي جي پريزيڊنٽ مرليڌر جـي ڪوشش سان سـﮧ ١٩٢٤ع ۾ شڪارپـور شهر کـي روشن ڪرڻ لاءِ شڪارپـور اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني وجود ۾ آئي. شڪارپور ميونسپل ڪاميٽي بلڪل شروع ۾ ١٨٥٥ع ۾ وجود ۾ اچي چڪي هئي. جديد تعليم لاءِ هتي گورنمينٽ مڊل اسڪول ١٨٥٣ع ۾ قائم ٿيو، جنهن کـي

١٨٧٣ع ۾ هاءِ اسڪول جي حيثيت حاصل ٿي. ١٩٠٠ع ۾ هڪ ٻيو اسڪول ”هو پفل اڪيڊمي“ وجود ۾ آيو. ٻهريائين مڊل اسڪول هو، ۽ ١٩١٨ع ۾هاءِ اسڪول ٿيو. ڇوڪرين لاءِ ١٩٠٨ع ۾ ايشوري ٻائي مڊل اسڪول قائم ٿيو. ١٩٣٢ع ۾ نيو ايريا مڊل اسڪول قائم ٿيو. سنه ١٩٣٣ع ۾ ڇيلاسنگهه ۽ سيتلداس جي مالي مدد سان سندن نالي پنيان سي ايند ايس ڪاليج قائم ٿيو. ١٩١٠ع ۾ اڪين جي اسپتال کلي، جيڪا سرهينري هالنڊ آءِ هاسپيٽل جي نالي سان مشهور آهي. ١٩٣٥ع ۾ راءِ بهادر اڌوداس تارا چند اسپتال قائم ٿي، جيڪا راءِ بهادر جي ڪوشش ۽ محنت سان وجود ۾ آئي.

انهن ڪانسواءِ هندن جي طرفان ڌرمشالائون، پيا منڊلي ۽ ٻيا ڪيترا خيراتي ادارا هئا. هتي جي تاريخ ۽ تفريحي جاين ۾ لکي در، شاهي باغ، سنڌ واهه، شاهي باغ جي تاريخي گوٿڪ طرز جي پويلين ڍڪ بازار ۽ قلعو قافلو اچي وڃن ٿا. مسلمانن جي مذهبي جاين مان حضرت شاهه فقيرالله علوي جو مقبرو ۽ جامع مسجد لکي در قابل ذڪر آهن. هندن جي ڌرمي‌استانن مان مسند صاحب دربار شڪارپور، ڪٽ واري ٻائي گرداس صاحب جي دربار ۽ سنڌ واهه لڳ سوامي شنڪر آنند پارتي جو استان سڄي سنڌ ۾ مشهور رهيا آهن.

## شڪارپور پرڳڻي/ضلعي جو جغرافيائي ۽ تاريخي پس منظر

مغل دور ۾ شڪارپور واري پرڳڻي کي ”جتوئي پرڳڻو“ سڏيو ويندو هو. علامه ابوالفضل پنهنجي ڪتاب آئين اڪبري ۾ ”بکر“ سرڪار جا ١٢ محل ڏيکاريا آهن، جن مان هڪ ”جتوئي“ آهي. (١) اهو پرڳڻو شڪارپور واري علائقي تي مشتمل هو. علامه ابوالفضل ”سبي“ جو

(١) علامه ابوالفضل: آئين اڪبري، جلد ٣، اردو ترجمه: مولوي محمد علي طالب: سنگ ميل پبليڪيشن لاهور، ١٠٤٥

پرڳڻو به بکر سرڪار ۾ ڏيکاريو آهي. يارهين صدي هجري ۾ وچ ايشيا جو هڪ سياح محمود بن امير والي بلخي سياحت ڪندو هن نندي ڪند ۾ آيو. هو آگري مان ذوالحج ١٠٣٩ھ (١٦٣١ع) ۾ بکر لاءِ نئين مقرر ٿيل فوجدار، مرزا حسيني سان گڏجي بکر ۾ آيو. انهن ڏينهن ۾ بہ سبي ۽ گنجابو پرڳڻا (جيڪي هينئر بلوچستان ۾ آهن) بکر سرڪار ۾ هئا. بکر جي فوجدار، محمود بن والي کي شعبان ١٠٤٠ھ (مارچ ١٦٣١ع) ڌاري گنجابہ جو حاڪم مقرر ڪري روانو ڪيو (١). انهن ڏينهن ۾ بہ شڪارپور واري پرڳڻي کي "جتوئي پرڳڻو" سڏيو ويندو هو (٢). مذڪور سياح، مٿي ذڪر ڪيل سڙڪ ذريعي، جتوئي پرڳڻي (شڪارپور پرڳڻي) مان لنگهي گنجابہ پرڳڻي ڏانهن ويو. هي مغل بادشاھ شاهجهان جو دور هو.

ان ڪانپوءِ بہ مغل دور ۾ هن پرڳڻي جو نالو ساڳيو "جتوئي" ملي ٿو. مغل دور ۾ مير غلام علي آزاد بلگرامي (وفات ١٧٨٦ع) بکر ۾ وقائع نويس هو. هن پنهنجي ڪتاب "ماثر الڪرام" ۾ جتوئي پرڳڻي جو نالو آندو آهي، جيڪو هن ١١٦٦ھ (١٧٥٣ع) ۾ مڪمل ڪيو. علامہ عبدالجليل بلگرامي (وفات ١٧١٣ع) جي تذڪري ۾ ڄاڻايو اٿس، تہ علامہ موصوف بکر ۽ سيوستان جي بخش گري، وقائع نگاري ۽ سوانح نويسي جي خدمتن تي مقرر ٿي، ٤ رجب ١١١٧ھ (آڪٽوبر ١٧٠٥ع) تي بکر پهتو. اورنگ زيب عالمگير جي وفات ڪانپوءِ بہ هو انهيءَ عهدي تي رهيو. بادشاھ فرخ سير جي زماني ۾

---

(١) محمود بن امير ولي بلخي: بحرالاسرار، باهتمام و مقدمہ ڊاڪٽر رياض الاسلام، انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل ائنڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز ڪراچي، ١٩٨٠ع، ص ٩٨.

(٢) ميرڪ يوسف: تاريخ مظهر شاهجهاني، مرتب: پير حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٢ع، ص ٥-٢٢.

صوبہ بکر جي جتوئي پرڳڻي ۾ الله تعاليٰ جي عجيب قدرت ظاهر ٿي. ڇا ٿيو، جو ڪڪرن مان مصري جي ڳڙين جهڙو مٺو ڳڙو وسيو. علامہ مرحوم انهيءَ عجيب و غريب واقعي کي پنهنجي هڪ رباعيءَ ۾ نظم ڪري، وقائع جي رجسٽر ۾ شامل ڪري، شاهي دربار ۾ موڪليو. رباعي هن طرح آهي:

فرخ سير آن شهنشهہ با برکات
چرخ از ادب اوشده شيرين حرکات
در سنده ز يمن عهد عشرت مهدش
باريد سحاب ريزهء قند و نبات (١)

ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ شڪارپور جي علائقي جو ننڍو ملڪ ٿو، جيڪو دائود پوٽن جي زير اثر هو. ڪجهہ وقت ڪلهوڙن جو بہ هن علائقي تي قبضو رهيو. ٽالپرن جي ڏينهن ۾ هي علائقو افغان حڪومت جي زير اثر هو. هي علائقو چانڊڪي (لاڙڪاڻي) پرڳڻي سان دنگئي هو، جيڪو ميرن جي حڪومت جي حدن ۾ هو. سنہ ١٢١١هہ کان ١٢١٧هہ (١٧٩٦ع کان ١٨٠٢ع) واري دور ۾ نواب ولي محمد خان لغاري چانڊڪي پرڳڻي جو گورنر ٿي رهيو. هن شڪارپور علائقي جي افغان سپاهين جي ڇڙواڳي کي بند ڪرڻ لاءِ ڳڙهي ياسين لڳ ”نوشهرو ابڙو“ ڳوٺ ۾ پنهنجو سرڪاري ديرو قائم ڪيو ۽ ان کي ڪوٽ ڏياري مضبوط ڪيو. هن ديري وٽان هن پنهنجي مالي ۽ فوجداري انتظام جون حدون وڌايون، تان جو باقي شڪارپور شهر ۽ ان جي پسگردائي وڃي افغانن لاءِ ڇڏيائين (٢).

---

(١) مير غلام علي آزاد بلگرامي: ماٿرالڪرام، اردو ترجمہ، دائرةالمصنيفين ڪراچي، ١٩٨٣ع، ص ٣٤٥.

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: واعظ العشاق، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٨ع ص ٧٤.

ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ٽالپرن پنهنجي طاقت جي زور سان شڪارپور علائقي جون حدون گهٽائيندا رهيا، ايتري قدر جو ڳوٺ "نوشهرو ابڙو"، جيڪو هينئر تعلقہ ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ آهي، اهو بہ شڪارپور واري علائقي کان ٻاهر هو. انگريزن جي شروعاتي دور ۾ بہ "نوشهرو ابڙو" تعلقو هو، پر تعلقي آفيس ڳڙهي ياسين ۾ هوندي هئي. ١٩٠٩ع ۾ هن تعلقي تي باقاعده ڳڙهي ياسين نالو پيو.

١٨٢٣ع ۾ ٽالپرن جي حڪومت جي زماني ۾، مير غلام علي ٽالپر، مير سهراب خان جي مدد سان شڪارپور تي حملو ڪيو ۽ ان تي قبضو ڪيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪابل جو حڪمران شاهہ شجاع سنڌ تي ڪاهي آيو، پر ميرن سان سندس صلح ٿي ويو ۽ هو موٽي هليو ويو. انهن سالن کانپوءِ فتح خان بارڪزئي شاهہ شجاع کي لوڏي ڪڍيو ۽ هو پڇي اچي شڪارپور ۾ پناهہ گزين ٿيو. هو ڪيترو وقت سنڌ ۾ رهيو پيو هو؛ تہ ائين ڪندي شاهہ شجاع جو پيو دشمن دوست محمد خان، شاهہ شجاع کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو. مير ڪرم علي خان لاڙڪاڻي وٽ سندس مقابلو ڪيو، پر جلدئي پاڻ ۾ صلح ڪيائون؛ ۽ ميرن وعدو ڪيو، تہ شاهہ شجاع کي سنڌ ۾ رهڻ نہ ڏنو ويندو. ان کان پوءِ ميرن حرفت هلائي، شاهہ شجاع کي پنجاب روانو ڪري ڇڏيو. مير مراد علي خان جي زماني ۾ شاهہ شجاع وري ٻيهر شڪارپور آيو، ۽ ميرن طرفان مقرر ڪيل صوبيدار ڪاظم خان کي لاهي، پاڻ شڪارپور تي قبضو ڪري ويهي رهيو. ميرن کي جڏهن خبر پئي، تڏهن وري هنن وري اتڪل هلائي، شاهہ شجاع کي ڪڍي ڇڏيو ۽ هو وڃي لڌياني ۾ انگريزن وٽ رهيو.

افغان ويڙهہ جي زماني ۾ انگريزن جو لشڪر شڪارپور وٽان لنگهيو، ۽ آخر انگريزن شڪارپور تي قبضو ڪيو. ان کان پوءِ هنن سنڌ کي ٽن ضلعن ۾ ورهايو: شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي. قديم

زماني ۾ شڪارپور وارو علائقو، موجوده شڪارپور، لکي ۽ خانپور تعلقن، ڳڙهي ياسين تعلقي جي وڏي حصي ۽ موجوده جيڪب آباد ضلعي جي هڪ حصي تي مشتمل هو. انگريزن جي اوائلي زماني واري شڪارپور ضلعي ۾ موجوده شڪارپور، جيڪب آباد، سکر، لاڙڪاڻو ضلعا، ۽ دادو ضلعي جو مٿيون حصو اچي ٿي ويا.

هن ڪتاب ۾ شڪارپور شهر جي تاريخ، ثقافت، علم ادب ۽ مشاهير بابت مقالا شامل ڪيا ويا آهن. شڪارپور واري علائقي/موجوده شڪارپور ضلعي ۾ به ڪيترائي تاريخي آثار، اهڃاڻ، علمي ۽ روحاني مرڪز آهن. هن ضلعي جي ڳوٺن ۾ بہ ڪيترائي عالم، فاضل، شاعر ۽ اهل الله ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ: مخدوم عبدالرحمان سنڌي لکنوي (جيڪو شڪارپور تعلقي جي هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو ۽ پوءِ سنڌ مان سير و سفر ڪندي وڃي، لکنو ۾ رهيو)، مولانا محمد يعقوب ۽ سندس فرزند مولانا عبدالغفور (همايون ڳوٺ)، سهروردي بزرگ ”جامي“ (جامي جا قبا لڳ رستم)، مولانا محمد قاسم ۽ مولانا محمد ابراهيم (ڳڙهي ياسين)، مولانا محمد صالح وزير آبادي (عالم ۽ پارسي شاعر) لکي جا سادات (حڪيم)، سلطان ابراهيم (لڳ وزير آباد)، لعل ابراهيم (اورنگ آباد)، مخدوم پير محمد لکوي (سنڌي شاعر)، مولانا تاج محمود امروٽي، بيدل فقير (سنڌي شاعر)، فيض درياء شاهه (انباهه لڳ چڪ)، سائين غلام شاهه مست (ڳوٺ ماڙي) وغيره.

ضرورت آهي تہ شڪارپور کان سواءِ ضلعي جي تاريخي ۽ جغرافيائي، ثقافتي ۽ روحاني مرڪزن تي روشني وڌي وڃي؛ ۽ ضلعي جي عالمن، شاعرن، بزرگن، اديبن ۽ صحافين جي حياتي جي احوال ۽ ڪارنامن کي منظرعام تي آندو وڃي. اميد تہ ايندڙ سيمينارن ۾ انهن عنوانن تي مقالا پڙهيا ويندا، ۽ اهي ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيا ويندا. اهڙو ڪتاب هن ڪتاب جو ٻيو حصو سمجهيو ويندو.

مرتب:
(ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي)

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# شڪارپور بابت تحقيق ڪيئن ڪجي؟

منهنجا استاد سائين مولانا قاسمي صاحب، محترم ڊاڪٽر ميمڻ صاحب، پيارا قلي بخش رند صاحب، سومرو صاحب، مهر صاحب، آغا صاحب، نوجوان ساٿيو، السلام عليڪم-

آءٌ اوهان جو دل جي گهراين سان شڪر گذار آهيان جو اوهان جشن شڪارپور جي سلسلي ۾ سڏايل ادبي ڪانفرنس جي هن آخري نشست جي صدارت جي سعادت مون جهڙي ادني انسان کي بخشي. آئون اوهان جو شڪر گذار آهيان.

دوستو! شڪارپور جا ٽي دور آهن. هڪ دائود پوٽن وارو دور، ٻيو انگريزي دور ۽ ٽيون پاڪستاني دور. انهن ٽنهي دورن جو تفصيلي جائزو وٺڻ جي بدران آئون انهن حقيقتن جو بيان ڪندس جيڪي مون هن شهر ۾ پنهنجي ذاتي مشاهدي جي مدد سان محسوس ڪيون آهن يا پنهنجن اکين سان ڏٺيون اٿم.

هن ثقافتي ۽ مثالي شهر ۾ آئون هي ٽيون دفعو آيو آهيان. منهنجي ورهين کان اها خواهش ۽ تمنا هئي ته هن شهر جو تفصيلي مطالعو ڪريان ۽ هتي جي فن ۽ فنڪارن هتي جي هنر ۽ هنر مندن هتي جي ماڻهن ۽ ماڳن، گهرن ۽ گهاٽن، باغن ۽ باغيچن، جاين ۽ جڳهين وغيره جو گهرو مطالعو ڪريان ۽ انهن جي ڊاڪيومنٽيشن لاءِ جتن ڪريان، ڇو ته اسان جي شهرن، ڳوٺن، قديم آثارن ۽ ڪتب خانن وغيره جو صحيح طرح سان، سائنسي اصولن موجب تفصيلي مطالعو يعني Documentation اڃا ٿي نه آهي. انهيءَ سلسلي ۾ آئون جيتوڻيڪ جنوري ١٩٨٢ع ۾ پنهنجي يونٽ سان گڏ

هت حاضر ٿيو هوس پر هت ايترو ته گهڻو ڪم آهي، هت ايترو ته گهڻو مواد آهي، هي شهر ثقافت جي مختلف پهلوئن سان ايترو ته گهڻو مالا مال آهي جو ٽي يا چار ڏينهن ته فقط هڪ گهٽي ۽ جناب سعيد صديقي صاحب جي ذاتي طور گڏ ڪيل سامان ڏسڻ ۾ لڳي ويا. مون ان وقت سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي شڪارپور سنڌ طرفان ڪونايل ڪچهري ۾ اها گذارش ڪئي هئي ته اهو ڪم مقامي طور هت ۾ ڪنهو وڃي ته بهتر، ٻيءَ حالت ۾ ڪو به سرڪاري يا غير سرڪاري ادارو ٻيا شهر ته ڇڏيو پر فقط شڪارپور جي ڊاڪيومنٽيشن تفصيلي طور ڪري نه سگهندو.

مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي جو سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي وارن نوجوانن فوراً منهنجي انهيءَ گذارش تي ڪن ڌريو ۽ ڪافي مقدار ۾ فوٽو گرافڪ ۽ سلائيڊ تيار ڪرايا، جنهن لاءِ هن منڊليءَ جا ڪارڪن ڀيرون لهڻن.

دوستو! شڪارپور جيئن پهريون عرض ڪيو اٿم ته فن ۽ فنڪارن جو شهر آهي، شڪارپور اديبن، عالمن ۽ فاضلن جو مرڪز آهي. هن شهر سان ڪيتريون ئي روايتون وابسته آهن، هن شهر سان ڪيترائي تاريخي واقعا ٻڌل آهن، هن شهر سان هزارين يادون شامل آهن. اهي سڀ ڳالهيون، اهي سڀ حقيقتون ڪن ماڻهن جي سينن ۾ سٺيل آهن، جيڪي تمام ترت رڪارڊ ڪرڻ کپن. اهو سرمايو Oral History آهي، جنهن کي جيڪڏهن رڪارڊ نه ڪيو ويو ته اهي ماڻهو جن جي سينن ۾ اهي يادون سٺيل آهن، اهي هليا ويندا ۽ اهي اسان کان موڪلائي ويندا ته پوءِ اهو سارو سرمايو، اهو سڀ داستان هو پاڻ سان گڏ پنهنجن سينن ۾ کڻي ويندا. محترم لطف الله بدوي هليو ويو، محترم حافظ اوحدي هليو ويو، حنيف صديقي صاحب هليو ويو، ۽ اسان انهن کان ڪجهه به نه ورتوسين. اڃا به شهر ۾ ڪافي اهڙا

ماڻهو آهن جن وٽ هن شهر جو داستان آهي، انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته انهن ماڻهن کان اهو داستان رڪارڊ ڪرائي وٺون.

دوستو! شڪارپور جو شهر سنڌ جي نه فقط سماجي ۽ ثقافتي تاريخ ۾ هڪ اهم مقام رکي ٿو، پر هي شهر سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ به هميشه نمايان رهيو آهي ۽ منهنجي خيال موجب جڏهن به ثقافتي تاريخ سان گڏ سنڌ جي سياسي تاريخ لکي ويندي تڏهن شڪارپور کي هرگز نه وساريو ويندو. ڀلا مرحوم شهيد الله بخش سومري جي خدمتن کي اسين فراموش ڪري سگهنداسين؟ آغا غلام نبي پٺاڻ جي خدمتن کي وساري سگهبو؟ آغا بدرالدين درانيءَ جي خدمتن کي نظر انداز ڪري سگهبو؟ مولانا چشتيءَ جي نيڪين کي ڇڏي سگهبو؟ اهڙيءَ طرح هت ڪئين ڪونڌر، سورهيه ۽ سرويچ پيدا آهن، جن کي سلام آهي، جن پنهنجي تن، من ۽ ڌن سان سنڌ ۽ سنڌ وارن جي خدمت ڪئي، انهن کي ڪير وساري سگهندو؟

مون اول عرض ڪيو هو ته شڪارپور کي پنهنجي انوکيت آهي، هتي جا ماڻهو مٺا ۽ قرب وارا آهن، اهي پنهنجي گفتار ۾، عمل ۽ آچار ۾ قرب ڏين ۽ قرب وٺن، ۽ قرب ۾ يا ته کهيو ڇڏين يا ٻئي کي خريد ڪيو ڇڏين. منهنجن هنن دورن ۾ شڪارپور وارن مون کي ايترو ته قرب ڏنو آهي جو مون کي خريد ڪري ورتو اٿن. آءٌ دراصل نئين ضلعي جو رهاڪو آهيان. اسين لاڙ جا ماڻهو ته قرب ۾ پاڻ قربان ڪري ڇڏيندا آهيون. نئون اسان جي سنڌ جو ۽ پاڪستان جو ثقافت جي لحاظ کان مرڪزي شهر جي حيثيت رکي ٿو، پر شڪارپور ڪنهن به صورت ۾ نئين کان گهٽ نه آهي. هت اهي نشان آهن، جيڪي اها سانيڀر رکندا اچن ته هت سنڌ ۽ سنڌ وارن سان ڌار ڌار دورن ۾ ڇا ڇا وهيو واپرايو، ڪين ڪهڙا ڪهڙا سک ڏنا ويا يا ڪنهن ڪنهن سائن عقوبتون ڪيون، ڪنهن ڪنهن سندن آدريساءُ ڪيو؛

انهيءَ لحاظ سان شڪارپور ۾ نئين ۾ مون کي گهڻي هڪ جهڙائي نظر ايندي آهي. ٻنهي شهرن ۾ اهي آثار، اهي يادگار، اهي ماڳ ۽ مڪان موجود آهن، جيڪي تاريخ جي ڌار ڌار دورن جا داستان پنهنجي دٻيل دفينن ۾ ڍڪيو اچن.

سائين منهنجا، سنڌ جي سڀني شهرن جي ڊاڪيومنٽيشن ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. هن شهر جي سلسلي ۾ آئون هن ضلعي جي نوجوان ڊپٽي ڪمشنر محترم قلي بخش رند جو ڌيان ڇڪائيندي عرض ڪندس ته شڪارپور شهر يا ضلعي جي خدمت جي سلسلي ۾ سڀ کان اهم قدم هي کڻڻ گهرجي ته ”شڪارپور ثقافتي ۽ تاريخي سوسائٽي“ فوراً قائم ڪئي وڃي. هن نموني جي سوسائٽيون سانگهڙ ۽ دادو ضلعن ۾ قائم ٿي چڪيون آهن. منهنجي ناقص خيالن موجب اهو نهايت ئي ضروري آهي ته ”شڪارپور ڪلچرل اينڊ هسٽاريڪل سوسائٽي“ ناهي ڀڙين ڀرين شڪارپور ۾ ميوزيم جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو وڃي. هن لاءِ ڳالهيون گهٽ ۽ عملي قدم جي گهڻي ضرورت آهي. هن ميوزيم ۾ شڪارپور واسين کان سندن دفينن ۾ پوريل شيون هٿ ڪري رکيون وڃن. هي ڪم، مون کي گهڻي اميد آهي ته جيڪڏهن هتي جو جوان سال ڊپٽي ڪمشنر محترم قلي بخس رند هٿ ۾ کڻندو، ته ضرور پورو ٿيندو. جڏهن ميوزيم ناهڻ لاءِ اوهين ذهني طور تيار ٿي وڃو ته پوءِ هن شهر جي تاريخ، ثقافت، فن ۽ فنڪارن وغيره جي ڊاڪيومنٽيشن تي ڪم شروع ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ يا ميوزيم کي سجائڻ جي سلسلي ۾ جيڪڏهن سنڌالاجي جي خدمتن جي ضرورت پيئي ته اسان جو يونٽ اوهان جي حڪم تي هر وقت اچي حاضر ٿيندو ۽ اوهان جي سڏ تي اچي سڏ ڏيندو.

پيارا قلي بخش صاحب! اوهان جي هن ضلعي يعني شڪارپور ۾ ڪافي علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرمايو آهي. اوهان جي هن شهر ۾ ڪافي

خزانو آهي، پر آءُ اوهان کي ٻڌائيندس عرض ڪندس ته اهو سڀ سرمايو اهو خزانو هتان نڪرندو وڃي. ڪافي سڪا، قلمي نسخا، تلوارون، ڇاپي ڪتاب ۽ ٻيو سامان هتان نڪري ويو آهي. ڪافي قلمي نخسا صندوقن ۾ سڙي ويا آهن. هتان ڪجهه مفاصلي تي غوثپور ۾ سيد الله جيوائي شاه جو وڏو ڪتب خانو هو. منهنجي مرحوم سان خط و ڪتابت هئي. مون جڏهن جنوري ١٩٨٢ع ۾ اهو ڪتب خانو وڃي ڏٺو ته منهنجي حيرت جي حد نه رهي. شاهه صاحب الله کي پيارو ٿي ويو. سندن خزاني جي پٽيان ڪنهن به سار سنڀار ڪانه لڌي ۽ شاهه صاحب جو گڏ ڪيل سرمايو تباهه ٿي ويو، ۽ باقي جيڪي شيون وڃي بچيون آهن، اهي به جيڪڏهن اهڙيءَ طرح رهيون ته هڪ ٻن برساتن کان پوءِ اهي به تباه ٿي وينديون ۽ مرحوم شاهه صاحب جي محنت جو ڪو به نالو نشان نه رهندو. مناسب آهي ته سنڌي ليکڪ يادرگار ڪاميٽي وارا سنڌالاجيءَ جي تعاون سان هن ضلعي ۾ جيڪي به لائبريريون آهن، انهن ۾ موجود ڪتابن جون مائڪرو فلمون ٺهرائڻ ۾ مدد ڪن تہ جيئن اهو سرمايو مائڪروفلم ۽ مائڪروفش جي صورت ۾ محفوظ رهجي وڃي.

ساٿيو! اسان وٽ تازو ڊينمارڪ کان هڪ مائي مسزليزٽ سنڌ جي ٽيڪسٽائيل تي تحقيق ڪرڻ آئي هئي، آن کي ٿرپارڪر ضلعي ۾ موڪليو ويو هو. آن ٻڌايو ته ٿرپارڪر ضلعي جون ڪافي جهونيون شيون هن کي لنڊن؛ پئرس، ۽ آمريڪا جي شاپنگ سينٽرن ۾ وڪري لاءِ نظر آيون. هن جي چوڻ موجب هتان جون شيون ٻاهر وڃي رهيون آهن. شڪارپور مان به ڪيتريون شيون نڪري ويئون آهن. هتان جا ڪي سڪا آمريڪا پهچي ويا آهن. انهيءَ ڪري اهو نہ فقط شڪارپور وارن جوفرض آهي ته هتي جي سرمائي کي سنڀالين، پر اسان مان هر هڪ جو فرض آهي ته انهيءَ خزاني جي سار سنڀال لاءِ اوهان جي مدد ڪريون.

آئون اهو به عرض ڪندس ته هتي جي فن ۽ فنڪارن ڪي سنڀاليو. جنوري ١٩٨٢ع ۾ سومرن جي پاڙي واري مسجد ۽ ان جي سامهون امام باڙه ۾ رکيل تازيو ڏسڻ جو مون کي موقعو نصيب ٿيو. جنهن ڪاريگر اهو ٺاهيو هو، تنهن فخرسان پي چيو ته سائين هن شهر ۾ فقط آئون اڪيلو ڪاريگر نه آهيان، هت مون جهڙا ڪئين ڪاريگر آهن، جيڪي رنبيءَ جي ڪم ۾ ماهر آهن.

منهنجي راءِ موجب اهڙن سڀني فنڪارن جا انٽرويو هتي جا مقامي ماڻهو رڪارڊ ڪن. اهو ڪم سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي وارا ڪن يا تجويز ڪيل ميوزيم ڪميٽي طرفان اهو ڪم ٿئي. جيڪڏهن اوهين مقامي طور اهو ڪم ڪري نه سگهيا ته به خير آهي، سنڌالاجيءَ طرفان آهستي آهستي اهو ڪم ٿي رهيو آهي، پر اُن ۾ اسان کي وقت لڳندو.

آئون هن شهر جي سلسلي ۾ آخري عرض ڪندس ته هن شهر دنيا جي وڻج واپار ۾ به وڏو ڪم ڪيو آهي. هت سينٽرل بئنڪ آف ايشيا جي شاخ هوندي هئي، تنهن مان ثابت آهي ته هن شهر جي مشرق ڏوڙي مغرب جي ملڪن سان واپاري ڏي- وٺ ٿيندي هئي، پر پنهنجي ذاتي مشاهدي ۽ تجربي جي بنياد تي آئون عرض ڪندس ته مون کي شڪارپور جا ڪي سيٺيون جنيوا ۾ مليا ته ڪي قاهره ۾. اهڙيءَ طرح روم، جنيوا ۽ اٽليءَ جي فلارينس شهر ۽ عهدن تي ڪي شڪارپوري واپاري مون کي مليا هئا. جيتوڻيڪ شڪارپور جي واپارين جو زور بلخ، بخارا، سمرقند، ايران، بصره ۽ بغداد طرف گهڻو هو، پر ”سنڌ ورڪي“ سيٺين ۾ حيدرآباد، سيوهڻ، مانجهند ۽ ٻين شهرن سان گڏ شڪارپور جا سيٺيون جاوا، سوماٽرا، جاپان، هونولولو، رنگون، منيلا، بئنگڪاڪ ۽ فيجي ٻيٽن تائين به پهچي چڪا هئا.

محترم قلي بخش صاحب! شڪارپور تي ڊاڪيومنٽيشن ڪرائڻ لاءِ انهن سڀني موضوعن ڪي هٿ ۾ کڻڻو پوندو. انهن سڀني پهلوئن

تي ڪم ڪرڻو پوندو ۽ شڪارپور جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تاريخ تڏهن مڪمل ٿي سگهندي جڏهن اهو سارو مواد گڏ ڪري سگهبو؛ انهيءَ مواد کان سواءِ هيءَ ساري محنت اڌوري هوندي، هيءَ ساري تاريخ نامڪمل هوندي. پر تنهن هوندي به اوهان کي جس هجي جو اوهان هن شهر جي قديم داستان کي دهرايو آهي، اوهان شاهي باغ واري رونق کي وري ورجايو آهي. اوهان وسري ويل ڳالهيون ياد ڏياريون آهن ۽ شاهي باغ مان وڇڙي ويلن کي وري ملايو آهي. ڏڻي تعاليٰ اوهان کي خوش رکي، آباد رکي، اوهان کي وڏائي، ويجهائي، اوهين جت به هجو آباد هجو، خوش هجو، شادمان هجو.

آئون اوهان جو، شڪارپور واسين جو، محترم غوث بخش مهر جو، خاص طرح بزرگ سياستدان آغا غلام نبي صاحب جو شڪرگذار آهيان، جو اوهان مون کي غور سان ٻڌو ۽ مون کي عزت بخشيو.

ڪريم بخش خالد

# شڪارپور جي ثقافت

شڪارپور جي طبعي بيهڪ چِٽڪ سنڌ جي سرير ۾ اک جيان آهي. اک دور بين هجي، حقيقت شناس هجي، ڀلي ۽ بري جي تميز ڪري، عدل و انصاف جو يقين ڏياري، همت و عمل جو عڪس ڏيکاري، ان ۾ حيا ۽ شرم هجي، ڪافيه شناس هجي، ڏاڍ ۽ جبر تي نظر ڪري، ڏک ۽ سک جو سنيهو ڏئي، ٽڪير ۽ ٽتساه جو آئينو هجي، عشق ۽ عقل جي غمازي ڪري، حسن جي حشمت ۽ ماتر پوميءَ سان محبت جي مانواري ماسري جي آشڪار هجي. اهڙي اک ئي دل جي صحيح ڪيفيت جو اولڙو يا سرنامو پيش ڪري ٿي. Face is Index of Mind انهيءَ ڪري ئي چوندا آهن.

ڏسبو ته آدرشي انسان جا اهي ئي اوصاف آهن ۽ اهي تمدني زندگيءَ جا اهڃاڻ پڻ آهن، جنهن کي اسان ڪلچر چئون ٿا. ۽ اهو شڪارپور جو ڪلچر آهي، جنهن جو سنڌ جي سوڀياوان سڀيتا سان سرس سبنڌ ٿيو آهي.

هيءُ علائقو برپٽ بيابان هو يا جهنگ ۽ شڪارگاهه، مٽيادار مٽي هئي، جنهن جي خمير ۾ خدائي خزانا لڪيل هئا، جيڪي زمان ۽ مڪان جي گردش موجب ظاهر ٿيندا رهيا، چمڪيا، مهڪيا، روشن ٿيا، ماڻهن جي قلب ۽ ذهن کي منور ڪيائون ۽ وري پاڪ پوتر ماءُ جي هنج ۾ آرامي ٿيا.

صدين جو سماچار، ساعتن ۾ سموئڻ لاءِ سلڇڻائپ ۽ ڏاهپ ضرور آهي، ۽ ايجاز ۽ اختصار، منڍ ۽ پڇاڙيءَ جي وچين منزل جو اهڙو

رنگت ۽ ٻولين جي اختلاف ۽ رنگا رنگي، عجيب منظر پيش ڪندي هئي. اردو زبان جي لغوي معنيٰ کي خيال ۾ رکندي چئي سگهجي ٿو تہ شڪارپور جي قديم بازار ۾، هڪ اهڙي گاڏڙ زبان ٻ- ڳالهائي ويندي هئي، جيڪا فارسي، سنڌي ۽ ٻين مقامي ٻولين جو مرڪب هئي ۽ ضرورت آهر ڳالهائي ويندي هئي. ”ڪليات خادم“ ۾ اهڙا اشارا ملن ٿا. ان کي ڪنهن قوميت، ثقافت، ملڪ ۽ ماڻهن جي پشت پناهي يا سرپرستي حاصل نہ هئي. هندو مسلم ظاهري طور بہ جدا طبقا نظر ايندا هئا، پر منجهن اختلاف بدران اخلاق گهڻو نظر ايندو هو.

شهر جي چوگرد ديوار ۾ اٺ دروازا هوندا هئا، جتان قافلا داخل ٿيندا هئا ۽ ڪاروبار پوري ٿيڻ کانپوءِ، قافلا سراءِ ۾ آرام ڪندا هئا. انهن دروازن جي نالن کي، هڪ لوڪ گيت ۾ ترتيب ڏئي، شڪارپور جي خوشحالي ۽ آسودگيءَ جو هن طرح ذڪر ڪيو ويو آهي:-

لکيءَ لک اُپايا، هزاريءَ هنيا،
هاٿيءَ جي همٿ سان، خانپوريءَ کنيا،
سوي در سائو ٿيو، نوشهرو نئون،
ڪرن در ڪوڙو ٿيو، واڳڻو در وريو.

اهو فقط واپار ئي نہ هو، جنهن سببان شڪارپور جي ثقافت چوڏس چوڏار پکڙجي ويئي، پر دنيا سان گڏ دين ڌرم جي اصولن ۽ تعليم جو ڦهلاءُ بہ قابل ذڪر آهي.

هن شهر ۽ آسپاس ضلعي جي حدن ۾ اهڙا بزرگ عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا، جن نہ فقط انساني دکن دردن جو راڳ آلاپيو، پر دردمنديءَ سان دکن جو دارون بہ ڏسيو ۽ پرسڪون ۽ اطمينان بخش زندگي بسر ڪرڻ جا لاثاني گر ٻڌايا. انهن بزرگن ۽ صوفي دانشورن جا داستان تذڪرن ۾ آيل آهن. اهڙيطرح تعليمي ماهر، راڳ جا

رسيا، حڪمت ۾ پڙ ۽ نشر و اشاعت ۾ اول، ڪسرت جا ڪوڏيا ۽ ميدان جا مانجهي ماڻهو، هن شهر ۾ پيدا ٿيا ۽ پنهنجون آدرشي روايتون ڇڏي ويا. حقيقت ۾ شڪارپور، اتر ڏکڻ ۽ پورب پڇم جي ثقافت جو سنگم آهي. ماڻهن جي مٺي ۽ سوادي ٻولي، آزاديءَ جي تحريڪن ۾ سندن ڪردار ۽ پاڻ ۾ گڏجي رهڻ جو سليقو، اڄ به اهڙي طرح ظاهر آهي، جيڪو صديون اڳ سندن امتيازي خصوصيت هئي. نفاست پسندي، فطرت جي مناظر مان لطف اندوزي، سير و سياحت ۾ دلچسپي، ڪاڌ خوراڪ ۽ سونهن سوڀيا ۾ پنهنجو نـرالـو شان ۽ فنون لطيف سان دلچسپي سندن ڪردار جون خوبيون آهن.

هي محلات نما عمارتون ۽ شهر جي چوگرد باغ باغيچن ۽ راندين جي ميدانن، ناٽڪ منڊلين ۽ راڳ جي ماندن مان به سندن روح جي پاڪيزگيءَ ۽ قدرت جي نعمتن ماڻڻ جو ثبوت ملي ٿو.

ساميءَ جا سلوڪ هجن يا خادم جي تخيل جون بلند پروازيـون، عارف "صنعت" جي شاعري هجي يا علوي بزرگن جو عارفانو ڪلام، سچل جو سوز هجي يا بيدل بادشاه جون بره ٻڙڇيون؛ عالمن جا وعظ هجن يا پاڻهه لائن ۾ پستڪ پڙهڻ جي تات، سڀني سرگرمين ۾ دين ۽ دنيا جي ڀلائي ۽ بهتري جو عنصر ڪار فرما پئي رهيو.

اڄڪلهه تهذيب ۽ ڪلچر بابت گهڻو گفتگو ڪيو پيو وڃـي. پر بڪئي ۽ ڏڪئي جو ڪهڙو ڪلچر آهي. مان ان پيڙا مان گـذري چڪو آهيان. اسانوٽ مثل مشهور آهي ته آن آهي، ته ايمان آهي. هيءَ سنڌي چوڻي ڪيتري تـه جامع ۽ معنيٰ خيز آهي! ڇاڪ قرآن مجيد جي هڪ دعائيه آيت جو نچوڙ آهي- ربنا آتنا في الدنيا حسنة وفـي الاخرة حسنة وقنا عذاب النار - پهريائين دنيا جي ڀلائي آهي، پوءِ آخرت جي ڀلائي ۽ آخر ۾ حساب ڪتاب. ان ڪري ڪمزورن کي ڪانئر ٿيڻ نه گهرجي ۽ هيڻن کي هيڻائن سان هيءَ حقيقت هنداڻ گهرجـي ته ضعيفي ۽ ڪمزوري سندن مقدر ناهي. هنن کـي سچل سائين جـي

سچي قول- تہ شاهاڻو شملو سر تي رکي اڳتي وڌ ، تـي عمل ڪرڻ جڳائي- عزت نفس ۽ خود داري، انسان وٽ الله جي امانت ۽ سندس "احسن تقويم" ۾ تخليق جو پيش منظر آهي- ان ڪري ڪيس "لا" جي انڪاري اقرار ڪانپوء، الا الله جي اثباتي عهد تي پختو ۽ پڪو رهي، پنهنجي لائحہ عمل جو يقين ڪرڻ گهرجي.

شڪارپور هينئر نئين دور ۾ داخل ٿي رهيو آهـــي. خدا جون نعمتون ۽ رحمتون انهن ماڻهن تي وڏ ڦڙي وانگر وسنديون رهن، جن هن پسمانده علائقي جي ترقيء بابت، تاريخ جي پس منظر ۾ پروگرام بڻايا. هي آسودگيء ۽ شادابيء جو سمو، هڪ طـرف مهلت ۽ موقعو آهي، تہ اسان سجاڳ ٿي، پنهنجي زندگيء جو ثبوت ڏيون. اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن تاريخ سان پنهنجو پيوند پختو جوڙيندا سي، ۽ مستقبل تي ڪليل اک رکي، عمل پيهم جي راه اختيار ڪندا سي.

پروفيسر غلام احمد بدوي

# شڪارپور جي تاريخ جو جائزو

شڪارپور جو شهر پنهنجي عظمت جو دعويدار رهيو آهي. هيءُ شهر زماني جي انقلابن جو شڪار ٿيل آهي، اڄ کان تقريباً چاليهه سال اڳ هڪ پر رونق ۽ باوقار شهر هو. هيءُ شهر صدين تائين افغانستان، ايران، سمرقند ۽ بخارا جي تجارت جو مرڪز رهيو هو. اتان جيڪي قافلا ايندا هئا، سي هتي اچي منزل انداز ٿيندا هئا ۽ هتان ئي هندستان جي طرف ڪوچ ڪندا هئا. تجارتي مرڪز هئڻ سبب شڪارپور جي شهرت پري پري تائين پکڙجي ويئي هئي. اڄ به اها ڪاروان سراء ( قلعو قافلو ) پنهنجي شڪسته حال ۾ زماني جي ناپائداري تي نوح خواني ڪري رهيو آهي. اڄ صرف هڪ ديوار نشانيءَ جي طور تي رهي آهي. باقي سموري قلعو تي ماڻهن قبضو ڪري ان تاريخي قلعي کي پائمال ڪري ڇڏيو آهي. شايد ڪجهه عرصي کان پوء باقي بچيل نشان به زمين دوز ٿي پنهنجي باني وانگر هميشه لاء معدوم ٿي ويندا. انقلاب زمانه جي هيءَ عجيب ڪرشمه سازي آهي، بي ثبات شيء جو اهو انجام ٿيندو آهي. قرآن پاڪ ۾ ان جي وضاحت ڪيتري نه صداقت ڀري آهي:

تلڪ الايام ندا ولها بين‌اللناس

شڪارپور جي شهر جي ايراضي تقريباً چار صديون اڳ هڪ گهاٽو جهنگ هئي. سنڌو درياه جي متواتر سيلابن سبب هميشه زير آب رهندي هئي. پوسل جي ڪري ساوڪ ۽ وڻ خود بخود پيدا ٿي پوندا هئا، جنهن ڪري هن خطي هڪ وسيع جهنگل جي صورت اختيار ڪئي هئي. وقت جي حاڪمن ان وسيع جهنگ کي

پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجو شڪار گاه ٺاهيو. ڪنهن ڪي کهڙي خبر ته اڳتي هلي هڪ جهنگل هڪ عظيم شهر جي صورت اختيار ڪندو. شڪارپور جي مشهور فارسي گو شاعر محمد عارف "صنعت" هن مردم خيز زمين جي توصيف ۾ اشعار قلمبند ڪيا آهن. انهن مان هڪ غزل ڏجي ٿو:

خـوانند هست جنت اکبر شکارپور
و از هست در بهشت نکوتر شکارپور
احرام طوف کعبهء کــوی بتان شوخ
بسـتند حاجیان حرم در شکـــارپـور
ای طایفان کعبهء صد حج اکبـراست
باسعی عمره کــردن بـر در شکارپور
از نـــور عارض رخ خـــوبان مـاهرو
چون بزم انجم است منور شکارپـــور
با مردم بهارت کهل الجواهـــر است
در چشم خـاکپای سمنبر شکارپـــور
از قند شهد خندهء شیریـــن لبان مصر
بـــردند کاروان ز شکـر شکمارپـــور
"صنعت" برنگ بلبل خوشخوان به وصف یار
آمـــد بخـوش آدای سخنور شکـــارپـــور

## تاريخي پس منظر

عباسي خاندان مان هڪ شهزادو سلطان احمد عباسي، مصر جي انقلاب کان تنگ ٿي، هڪ جماعت سان بلوچستان جي رستي سنڌ ۾ وارد ٿيو ۽ ڪوٽ ڪانجي جي مضافات ۾ عارضي طرح قيام پذير ٿيو.

ان علائقي جو هڪ هندو حاڪم راجا راءِ دهونگ هو، جنهن عربن جي قيام کي چڱو نہ سمجهيو ۽ تلوار جو زور آزمائڻ گهريو. مگر سندس ڪوبہ چارو نہ هلي سگهيو، ۽ سلطان سان صلح ڪري ڪيس پنهنجي ڌيءَ نڪاح ۾ ڏنائين. سنڌ ۾ عربن جو قيام پهريائين موجود هيو، جنهن ڪري ڪوٽ ڪانجي جي نزديڪ عربن جي چڱي رياست قائم ٿي ويئي. سلطان کي هڪ فرزند تولد ٿيو، جنهن جو نالو هن ابن احمد رکيو جو والد جي وفات کان پوءِ هو جماعت جو سردار بڻيو، ۽ پنهنجي مامي راءِ جڪري جي ڌيءَ سان شادي ڪيائين. ان مان کيس فرزند تولد ٿيو، جنهن جو نالو هن عبدالقاهر رکيو. ان جي نالي پنيان ڪاهر ٻيلو مشهور ٿيو. سندس فرزند امير فتح الله، جو ڪم سن نوجوان هيو، اتان هجرت ڪري، سيوهڻ جي نزديڪ لڪي جي ڪوهستاني علائق ۾ مقيم ٿيو. اتي کيس گجر قوم تڪليف ڏيڻ لڳي؛ جن کي هن سيکت ڏني. سندس وفات کان پوءِ امير چنو خان مسند نشين ٿيو، جنهن بهادريءَ سان پنهنجي وڏن جي علائقي کي واپس حاصل ڪيو. سندس بهادري کي ڏسي وڏا وڏا رئيس سندس اطاعت قبول ڪندا رهيا، جن مان ڪوريجا، چنا، سهتا ۽ ابڙا رئيس مکيہ هيا. کيس ٻہ فرزند ٿيا، جن مان مهدي پنهنجي والد جو جا نشين ٿيو، ۽ سندس ننڍو ڀاءُ دائود فقر جي سجاده تي ويٺو. ٻنهي ڀائرن پنهنجي مرتبہ کي بخوشي قبول ڪيو. هيءُ معاهدو امير مهدي جي زندگيءَ تائين رهيو. محمد دائود جي زندگي ۾ مهدي جو انتقال ٿيو، جنهنڪري هو امارت سان گڏ فقر جو بہ وارث بڻيو. مگر امير مهدي جو فرزند ابراهيم معروف بہ ڪلهوڙو امارت جيلاءِ دعوي پيش ڪئي. ڪلهوڙي، مروت کي بالائي طاق رکي مستقل فساد جو بنياد رکيو. انهيءَ ڪري عباسين ۾ تفريق پيدا ٿي، جا اڳتي هلي وڏي بربادي جو سبب بڻي. اهڙي حالتون ڏسي امير دائود خان وطن ترڪ ڪري هڪ دوست ۽ عقيدت مند وڏيري جهانگي خان وٽ لنگهي ويو، جنهن کيس پنهنجي علائق مان حصو ڏنو. وفات کان پوءِ سندس

فرزند امير محمود جانشين ٿيو. سندس اولاد ”دائود پوٽا“ سڏائڻ لڳي. امير دائود خان ثاني پنهنجي سموري زندگي عبادت الاهي ۾ گذاري. سندس اولاد مان امير بهادر خان اول دائود پوٽن ۾ وڏي قوت ۽ طاقت وارو هو. هن ”ونجي“ کان هجرت ڪري وڏيري وليداد ابڙي جي دعوت تي سندس ڳوٺ ۾ قيام ڪيو؛ جتي هن کي وڏيري وليداد ترائي ابڙه جي جاگير جو حصو ڏنو. ان خاندان مان امير فيروز خان دائود پوٽه قوم کي وڏي ترقي جي منزل تي پهچايو.

## امير بهادر خان ثاني

امير فيروز خان جي وفات کان پوء سندس فرزند امير بهادر خان ثاني دائود پوٽن جو رئيس بڻيو. ان وقت عجيب افراتفري هئي. ان پرآشوب دور ۾ ارغون ۽ ترخانن جو خاتمو ٿي چڪو هيو، ۽ سنڌ جو الحاق سلطنت مغليه سان هيو. بکر ۾ مغليه حڪومت طرفان گورنر مقرر ٿي ايندا رهيا، جن کي ملڪي مسائل سان ڪابه دلچسپي نه هئي، جنهن ڪري امن ۽ سلامتي ختم ٿي ويئي. بهادر خان جا تعلقات ترائي جي ابڙن سان خوشگوار رهي نه سگهيا؛ انڪري فيصلو ڪيائين، ته اتان هجرت ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ ڪوشش ڪيائين، ته اهڙي زمين جو قطعه حاصل ڪجي، جيڪو ڪنهن جي طاقت جي اثر کان آزاد هجي. ان سلسلي ۾ سبي جي نواب مرزا خان ترين وٽ ويو، جنهن کيس عزت ڏيئي، خانپور ۽ لکي جي وچين جهنگل وارو وسيع رقبه بطور جاگير ڏنو. اهڙي طرح امير موصوف ترائي ابڙي کان هجرت ڪري ان جهنگل کي صاف ڪري منتقل ٿيو. ان سلسلي ۾ سندس مدد پنهون خان ڪئي. هي جهنگل لکي ڳوٺ جي قريب هو، جنهن کي مهر قوم پنهنجو شڪارگاه بڻايو هو. اهو شڪارگاه پنهنجي هٿان ويندو ڏسي هو دائود پوٽن سان حسد ڪرڻ لڳا. ان رقابت اڳتي هلي جنگ جي صورت اختيار ڪئي.

سنڌ گزيٽيئر جي مطابق مهر قوم نو مسلم هئا. اوباوڙي (ضلع سکر)

جي طرف مهر خاندان مان هڪ شخص "جئسر" شاه بيگ ارغون جي ملازمت ۾ گهڙيو، مگر ڪن سياسي سببن ڪري باغي ٿي لکي جي طرف ڀڄي نڪتو. "جئسر" جي موت کان پوءِ سندس ٻن پٽن: عاقل ۽ بکر آهستہ آهستہ پنهنجي طاقت وڌائي، ۽ سڄن خان مهر جي مدد سان لکيءَ تي قبضو ڪيو. پراڻي لکيءَ جي ويجهو نئين لکي جي نالي هڪ بستي آباد ڪيائين ۽ هڪ قلعو تعمير ڪرايائين. سڄن خان هڪ ٻي بستي " مورو مهر" جي نالي سان آباد ڪئي. عاقل خان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ شير خان مهر لکي جو حاڪم بڻيو، جو دائود پوٽن جو بدترين دشمن هو، جنهن نہ ٿي چاهيو تہ شڪارگاه تي ٻين جو قبضو ٿئي. انهيءَ ڪري هو دائود پوٽن کي تڪليف ڏيڻ لڳو. دائود پوٽن تنگ ٿي، ان وقت جي هڪ خدا رسيده بزرگ حضرت محمد ابراهيم شاه کي دانهن ڏني، جيڪو اُچ شريف جي جيلاني بزرگن جو مريد هو ۽ لکيءَ جي نزديڪ اچي رهيو هو. سندس مزار مبارڪ لکيءَ جي اوڀر طرف وزيرآباد ڳوٺ لڳ آهي. هو مهرن ۽ دائود پوٽن جو مرشد پڻ هيو. دائود پوٽا سندس خدمت ۾ حاضر ٿي کيس مهرن جي زيادتي کان آگاه ڪندا رهيا. هن شير خان کي سڌي هدايت ڪئي، مگر هو باز نہ آيو. پير صاحب کي امير مهرن جي ڪوئنس کان آگاه ڪيو. پير صاحب مهرن کي گهڻو سمجهايو، پر هو نہ مڙيا. آخر پير صاحب دائود پوٽن کي دعا ڪندي چيو، تہ الله تعاليٰ توهان کي ڪاميابي ڏيندو. جڏهن ان ڳالهہ جي خبر شير خان کي پئي تہ لشڪر وٺي اچانڪ دائود پوٽن تي حملو ڪيائين، مگر دائود پوٽا خبردار ٿي ويا هئا. هنن پنهنجي مختصر جماعت سان فولاد واه وٽ مهرن جو مقابلو ڪيو، جنهن ۾ شير خان مارجي ويو. امير بهادر خان مسرور ٿي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. مخدوم صاحب کيس دعا ڪئي، ۽ ان شڪارگاه ۾ هڪ شهر آباد ڪرڻ جي ترغيب ڏني. مخدوم صاحب خود گهوڙي تي سوار ٿي شڪارگاه ۾ آيو. جتي

اڄ شڪارپور آباد آهي، ان ڪان ٻاهر حاجي لطيف شاه جي مزار مبارڪ واري مسجد جي پرسان زمين ۾ هڪ ميخ کوڙي، اُن جو رسمي افتتاح ڪيو ۽ دعا ڪئي. ان بزرگ جي دعا سان شڪارپور هميشه آباد رهي آهي.

## شڪارپور جي تعمير

مرشد جي حڪم جي تعميل ڪندي امير بهادر خان جهنگ کي ڪٽائڻ شروع ڪرايو. صفائي ڪان پوءِ هڪ چڱي بستي وجود ۾ اچي ويئي. انهيءَ شڪارگاه جي نسبت سان نئين بستي کي شڪارپور نالو ڏنو ويو. اليگزينڊر برنس جي تحقيق جي مطابق شڪارپور جو سنگ بنياد سال ١٠٢٦ هجري ۾ رکيو ويو. هن اينوڊومني(Anno Domini) (فرينچ فوجي آفيسر) کي هڪ خط ۾ لکيو هيو، ته هن حاجي فقيرالله صاحب علوي رح جي مسجد ۾ هڪ ڪتبو ڏٺو؛ جنهن مان شڪارپور جي تعمير جي تاريخ هڪ لفظ "غوڪ" مان نڪري ٿي. غوڪ جي معني ڏيڏر آهي. شايد شهر جي تعمير ٿيڻ وقت اتي ڏيڏر جو آواز پئي، ان لفظ کي ابجد جي حساب ۾ آندو ويو، ته ان جا عدد ١٠٢٦ نڪتا. آهو سال به ١٠٢٦ھ هيو، يعني ١٦١٧ عيسوي. جيئن ته اليگزينڊر برنس اهو ڪتبو پنهنجي اکين سان ڏٺو هو، ان ڪري سندس ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ گهرجي. ان وقت مغليه حڪومت جي تخت تي شهنشاه جهانگير رونق افروز هو. شهر ترقي ڪندو رهيو؛ مگر لکي جي مهرن کي اها ڳالهه ڪٽڪندي رهي؛ ۽ گذريل شڪست کين بدلو وٺڻ لاءِ پڙڪايو. شير خان ڪان پوءِ ڪريمڏنو خان مهرن جو رئيس بڻيو. دائود پوٽا نهايت خاموشيءَ سان شهر جي ترقي ۾ مشغول هئا ته مهرن سندن بيٺل فصلن کي تباه ڪرڻ سان اڳرائيءَ جو آغاز ڪيو. مهرن پنهنجو مال ۽ گهوڙا سندن فصل پيلڻ لاءِ زمينن ۾ ڇڏيا، جن پوک کي تباه ڪري ڇڏيو. امير بهادر خان، ڪريمڏنه خان کي ان حالتن کان باز رکڻ لاءِ چيو، مگر هن ان چوڻ

کي ٽاري ڇڏيو. هڪ دفعي جڏهن مهرن جا گهوڙا سندن زمينن ۾ آيا، تہ دائود پوٽن پن کي پڪڙي، انهن جا پڇ ۽ کن ڪٽي هڪلي ڇڏيا. ڪريمڏنہ ان کي ڏسي پنهنجي بيعزتي سمجهي، ۽ فوراً هڪ هزار ماڻهن سان شڪارپور تي حملي ڪرڻ لاءِ وڌيو. هوڏانهن امير بهادر خان گهڻي ڪوشش ڪئي تہ معاملو ٺري وڃي، مگر ڪريمڏنو لڙائي تي اٽل رهيو. امير پنهنجي مختصر جماعت سان شڪارپور کان ٻاهر موجوده چنڊ ڳوٺ کان ٿورو پري فولاد واه جي قريب پهتو.

خونريز لڙائي کان پوءِ مهرن کي شڪست آئي، ۽ رئيس ڪريمڏنو بہ جنگ ۾ مارجي ويو. امير بهادر خان هن جهڳڙي کي هميشه ختم ڪرڻ لاءِ لکي جي قلعہ کي فتح ڪري قبضو ڪيو. هن جنگ کان پوءِ مهرن جي طاقت هميشه لاءِ ختم ٿي ويئي. هاڻي دائود پوٽن جي قبضي ۾ اتر سنڌ جو ڪافي حصو اچي ويو ۽ شڪارپور هڪ علحده رياست بڻجي ويئي. لکيءَ جي قلعہ مان کيس ڪافي مال غنيمت هٿ لڳو، جنهن مان شڪارپور شهر جي چوگرد هڪ مضبوط مٽيءَ جو قلعہ تعمير ڪرائڻ شروع ڪيائين، جنهن ۾ آٺ دروازه بڻايا ويا، جي هن طرح آهن: ١- لکي دروازه (اتان لکيءَ جي طرف رستو ويو ٿي)؛ ٢- هزاري دروازه ( فوج جي ڇانوڻي هئي) ٣- هاٿي دروازه ( هيءُ ڪشاده دروازه هيو ) ۴- خانپوري دروازه ( خانپور جي رستي طرف ) ۵- ڪرن دروازه ( ڪرن شهر جي طرف ) ٦- نوشهره دروازه ( هي دروازه ڳوٺ نوشهره ابڙو جي طرف ڏانهن هيو ) ٧- واڳڻو دروازه ( وڳڻ ڳوٺ ڏانهن ) ٨- سيوي دروازه ( هتان سبيءَ جي طرف شاهراه ٿي ويئي ). قلعہ جا ڪجهہ نشان هزاري دروازه ۽ هاٿي دروازه جي وچ ۾ ١٩۴٠ع تائين موجود هئا. شڪارپور جو سرڪيولر روڊ جو شهر جي گرد آهي، اهو ان جاءِ تي آهي، جتي قلعي جي چوگرد وڏي خندق هئي. انگريزن ان کي مٽيءَ سان پُرائي، ان تي رستو بڻائي ڇڏيو.

بهادر خان جي آخري ايام ۾ سبي جو نواب مرزا خان

سخت بيمار ٿـي پيو. هن پنهنجي پٽ بختيار خـان کـي حڪومت جـــون واڳون ڏيـڻ لاءِ ناعاقبت انديشيءَ کان ڪم ورتـــو، ۽ بختيار کان پڇيائين ته تنهنجا ڪهڙا دشمن آهن؟ بختيار يارهن سردارن جا نالا ڏنا. نواب انهن کي وڏي سفاڪي سان شهيد ڪرايو. رعيت سندس خلاف ٿي اٿي. بختيار خان ان بغاوت کان پريشان ٿي، سڀيءَ کان ڀڄي شڪارپور ۾ امير بهادر خان وٽ آيو. امير سندس پيءُ جي گذريل احسان کي ياد ڪندي، سندس مرحبا ڪئي، ۽ پنهنجي رياست جو هڪ حصو خانپور نزديڪ کيس ڏنو؛ جنهن کي هن پنهنجي نالي پٺيان بختيارپور نالو ڏنو. هتي رهي هي سبي کـي وري حاصل ڪرڻ جي تياري ڪندو رهيو. آخر انهن کي شڪست ڏيئي هن سبيءَ تي قبضو ڪري ورتو. هاڻي سندس نظر شڪارپور جي شادابي تي پئي.

محسن ڪش ٿي، امير بهادر جي وفات کان پوءِ سندس ڪم سن پٽ امير محمد مبارڪ خان جي ننڍي عمر جـو ناجائز فائدو وٺـي، شڪارپور تي حملو ڪيائين. امير مبارڪ ٻيو رستو نه ڏسي اچ جي قادري درگاه جي طرف رجوع ٿيو. ان وقت مسند تي حضرت مخدوم شيخ حامد محمد گنج بخش ثاني هو، جو ان معاملي لاءِ شڪارپور آيو، ۽ بختيار کي باز رهڻ لاءِ چيائين؛ مگر هن تي ڪو به اثر نه ٿيو. خونريزي کان بچڻ لاءِ امير وطن کي ڇڏي ميرپور جـي پرسان ننڍ ميران شاه (موجوده گهوٽڪي) جي زميندار جهان خـان وٽ لٿو، جنهن کيس ميرپور ماٿيلي جـــو علائقو جاگير طور ڏنـــو. ان هوندي به ڪاٽنس شڪارپور آبائي وطن نه وسري سگهيو.

مغل شهنشاه بهادر شاه اول جي زماني ۾ سندس فرزند معزالدين جهاندار شاه ملتان ۽ سنڌ جو گورنـر مقرر ٿيو. امير مبارڪ شهزادي کي صورت حال کان آگاه ڪيو. اتفاق سان ديره غازي خان جـي نواب غازي خان بغاوت ڪئي. ان کي سيڪت جو ڪم ڏيڻ شهزادي امير مبارڪ تي رکيو، جنهن وڏي خوبيءَ سان غازي خان کي شڪست

ڏني. شهزادو ان خدمت کان بي حد خوش ٿيو. امير مبارڪ کيس وجهہ وٺي بختيار جي زيادتن کان آگاه ڪيو. اهو ٻڌي شهزادي بختيار تي لشڪر ڪشي جو حڪم ڏنو. خانپور جي نزديڪ شاهي لشڪر ۽ بختيار جو مقابلو ٿيو، جنهن ۾ بختيار مارجي ويو. ان جي لاش کي شهزادي جي سامهون آندو ويو. جنهن حڪم ڏنو تہ ان احسان فراموش جي لاش جا چار ٽڪر ڪري، هڪ هڪ ٽڪر بختيارپور، خانپور، شڪارپور ۽ ٻکر جي قلعن جي دروازن تي لٽڪائي ڇڏيو. ان کانپوءِ شڪارپور وري امير مبارڪ جي تحويل ۾ آئي.

سنڌ جي هيٺين حصہ ۾ ڪلهوڙا زور وٺندا رهيا. سنڌن سردار يار محمد ڪلهوڙي شهزادي معزالدين جي رضا کي هٿ ڪري دهلي جي دربار مان هيٺين سنڌ جي نوابي ۽ خدا يار خان جو لقب حاصل ڪري ورتو. هاڻي سندس نگاه دائود پوٽن جي آزاد حڪومت تي پئي، ۽ امير مبارڪ خان جي خلاف لشڪر وٺي شڪارپور تي حملو ڪيو. امير مبارڪ مجبور ٿي مقابلي لاءِ نڪتو. آخر لڙائي صلح ۾ ختم ٿي. يار محمد جي ١٧١٨ع ۾ وفات ڪرڻ کان پوءِ سندس پٽ نور محمد مسند نشين ٿيو. هن دهلي جي حڪومت کان شڪارپور جي جاگير جي سند حاصل ڪئي، ۽ امير مبارڪ کان شڪارپور جي حاصل ڪرڻ جي طلب ڪيئي. امير ان بيجا طلب کي ٺڪرائي ڇڏيو. ميان نور محمد لشڪر وٺي شڪارپور تي ان وقت حملو ڪيو، جنهن وقت امير مبارڪ پنهنجي لائق فرزند امير محمد صادق کي پنهنجي زندگي ۾ جانشين ڪري رهيو هو. ان جشن جي موقعي تي هن حملي کي وڏي همت سان پسپا ڪري ڇڏيو. اوچتو سنہ ١٧٢٦ع ۾ امير مبارڪ خان وفات ڪئي. کيس پنهنجي آبائي قبرستان نزديڪ اسٽوئرٽ گنج، پراڻي سٽي بازار واري مقام ۾ مدفون ڪيو ويو.

## امير محمد صادق خان اول

امير محمد صادق خان مسند تي ويهڻ شرط سنه ۱۷۲٦ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي ڪي سفارت موڪلي، جنهن ۾ هن عزازت جي تعلقات کي استوار ڪرڻ لاءِ مشوره ڏنو. مگر نور محمد خان نوجوان جي آرزو کي نڪرائي ڇڏيو، ۽ هڪ وڏي فوج پنهنجي ڀاءُ محمد خان ڪلهوڙي جي نگراني ۾ موڪلي ڏني. امير صادق حالتن جو جائزه ورتو. کيس پلائي ان ۾ نظر آئي، ته شڪارپور کي ڇڏي، پنهنجي اهل عيال سان وڃي خانپور جي قلعه ۾ رهي. اتي به کيس آرام سان رهڻ نه ڏنو ويو. امير صادق محمد اتان لڏي ”بيٽ دبلي“ ديري غازي خان ۾ وڃي رهيو. ميان، مير شهداد خان جي ماتحت اوڏانهن هڪ فوج موڪلي. امير صادق محمد جي ان ڪسمپرسي جي حالت ۾ آچ شريف جي بزرگ حضرت مخدوم شيخ عبدالقادر کيس آچ ۾ گهرائي ورتو. اهڙي طرح ڪلهوڙن کي ”بيٽ دبلي“ به هٿ آيو. حضرت مخدوم سيد عبدالقادر گيلاني ميان نور محمد کي سفارت موڪلي، جنهن مخدوم صاحب جي استدعا کي منظور ڪري، دائود پوٽن جي پويان پوڻ ڇڏي ڏنو. امير صادق خان ملتان جي حاڪم نواب حيات الله خان کي پنهنجي حالت پڌائي. نواب موصوف امير محمد صادق کي پنهنجي علائقي مان چودهري جو حصو بطور جاگير ۾ ڏنو. امير اتي هڪ نئون شهر ”الله آباد“ جي نالي سان آباد ڪيو، جو اڳتي هلي رياست بهاول پور جو شهر بڻيو. اتي به ميان نور محمد کيس آرام سان رهڻ نه ڏنو.

## نادر شاهه جو حملو

ايران جو بادشاهه نادر شاهه سنه ۱۷۳۹ع ۾ ”قندار ۽ ڪابل“ کي فتح ڪندو، هندوستان ۾ آيو. لاهور کي فتح ڪري، دهلي جي طرف وڌيو. دهلي فتح ڪري، مال غنيمت هٿ ڪري، دهليءَ کي تباه

ڪري، ۲۱ نومبر ۱۷۳۹ع تي هو ڪابل پهتو. اتان وري هن نور محمد ڪلهوڙي کي خط لکيو ته وڃي ساڻس ڪابل ۾ ملي، ميان ان تي اختلاف ڪيو. نادر شاهه غصي ۾ اچي، ميان کي سيکت ڏيڻ لاءِ سنڌ ڏانهن وڌيو. امير صادق محمد کي جڏهن نادر شاهه جي اچڻ جي خبر پئي، تڏهن ساڻس ديري اسماعيل خان ۾ وڃي مليو. نادر شاهه امير جو غمگين داستان ٻڌي، کيس دلاسو ڏنو. نادر شاهه لاڙڪاڻي پهتو ته ميان خدا آباد کي ڇڏي عمر ڪوٽ ۾ وڃي نڪتو. نادرشاهه به اتي پهتو. مجبور ٿي هن پاڻ کي نادر شاهه جي حوالي ڪيو. ميان ڏن ۾ تمام گهڻي دولت ڏني، معافي ورتي. نادر شاهه سنڌ کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو.

۱- نور محمد خان ڪلهوڙي کي ٺٽو ۽ هيٺين سنڌ ڏني.

۲- شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ سيوستان امير صادق محمد کي ڏنو.

۳- محبت خان بلوچ کي سنڌ جو اهو حصو ڏنو، جيڪو بلوچستان جي سرحد لڳ هو. يعني ناڙي وارو علائقو.

امير صادق محمد ان فيصلي تي خوش ٿيو، ۽ عيال وٺي اچي شڪارپور ۾ رهيو. بهاولپور ۾ پنهنجي پٽ بهاول خان کي قائم مقام مقرر ڪيائين. ميان نور محمد پنهنجي حالت درست ڪري، نادر شاهه جي مقرر ڪيل عيوضي مرزا عسڪري سان ساز باز ٿي، شڪارپور تي حملو ڪيو. امير صادق محمد خان پيو ڪو به چارو نه ڏسي بهاولپور پنهنجي پٽ کي ڪمڪ لاءِ لکيو، ۽ قلعي جا ات ئي دروازه مضبوط ڪري؛ ويهي رهيو. آخر حالتن کي دگرگون ڏسي، قضا تي راضي ٿي، جنگ جو ارادو ڪيو. جنگ کان اڳ هڪ روايت موجب حرم جي ناموس ۽ غيرت جي جذبي کان امير صادق محمد پنهنجي حرم جون، عورتون قتل ڪري، سندن لاشن کي هڪ کوهه ۾ وجهي، انهن جي مٿان سندن زيور ۽ جواهر پڪيڙي ڇڏيا. جتي هيءَ قتل عام ٿيو، ان جاءِ کي ”ماهو“ سڏيو ويو. اڄ به اهو کوهه ۽

محلو ان نالي سان مشهور آهي. ڪفن سر سان ٻڌي، پنهنجي ساٿين مير محمد خان چوڙو، صاحب خان ۽ اسحاق پنوهر سان گڏ قلعه جو دروازو کولي، ٻاهر نڪتو. امير صادق محمد خان ۽ ان جــي ساٿين مرزا عسڪري جي لشڪر جو وڏي بي جگريؑ سان مقابلو ڪيو، ۽ کيس اڳتي وڌڻ نه ڏنو. مگر شام جو اوچتو امير محمد صادق کــي بندوق جي هڪ گولي لڳي، جنهن کان هو غيرتمند مجاهد ڪري پيو ۽ جان بحق ٿيو. قلعي جا دروازا بند ٿيا. سندس شهادت جــو ٻڌي، فتح محمد جکراڻي اڪيلي سر ٻاهر نڪتو. هاڻي اڙائي نئين سر شروع ٿي. سخت مقابلي کان پوءِ مرزا عسڪري کي شڪست ملي، ۽ سردار طهماسپ جا ٻئي ڪن ڪٽجي وياء امير بهاول خان جنگ جــي فتح کان پوءِ پهتو، جنهن پنهنجي والد جــي ميت کــي پنهنجي آبائــي قبرستان ۾ دفــن ڪيو. ان کر کــان فارغ ٿي، امير بهاول خــان، دستبردار ٿي، واپس چو دهري هليو ويو. جتي هن مستقل سڪونت اختيار ڪئي، ان کي "بهاولپور" جــي نالي سان سڏيو ويــو. اميــر صادق محمد خان جي شهادت سنه ١٧٤٦ع ۾ ٿي. ٿوري ڏي عرصي ۾ نادر شاه پنهنجي سردارن هٿان قتل ٿي ويو ۽ طهماسپ خان ۽ مرزا عسڪري ايران واپس وياء شڪارپور وري ڪلهوڙن جــي هٿ آئي. بهرحال امير صادق محمد جــي شهادت کان پوءِ دائــود پوٽن کــان شڪارپور هميشه لاءِ نڪري ويئي.

## شڪارپور افغانن جي قبضي ۾

نادر شاهه جي وفات کان پوءِ ايران جي وسيع سلطنت جو شيرازو منتشر ٿي ويو. سندس فوج جي سالار احمد خان افغان پنهنجي وطن جي آزادي جو اعلان ڪيو، ۽ ابدالي جي لقب سان تخت تي ويٺو. هن وهڻ سان فتوحات کي وڌائڻ شروع ڪيو. قلات جو مير نصيرخان ۽ سنڌ جو ميان نور محمد ڪلهوڙو پڻ بغاوت ۾ شامل ٿياء احمد شاه

ابدالي جي فوج سنڌ تي ڪاهي آئي. مير نصير سنڌ جهاي نه سگهيو، ۽ ريگستان ڏانهن پڇي ويو، جتي هن وفات ڪئي. هن فتح بعد سنڌ احمد شاهه ابدالي جي هٿ اچي ويئي. هن ڪثير رقم حاصل ڪري سنڌ ڪين واپس ڏني. البت بکر ۽ شڪارپور کي افغانستان سان ملائي ڇڏيو، ۽ شڪارپور ۾ پنهنجي طرفان نواب صديق خان کي نواب مقرر ڪري ويو. احمد شاه وقت بوقت شڪارپور ايندو رهندو هو. پاڻيپٽ جي لڙائي تي ڪوچ ڪرڻ کان پهريائين شڪارپور جي بزرگ حضرت فقير الله علوي جي خدمت ۾ حاضر ٿي فتح لاءِ دعا گهرايائين. ميان نور محمد ۽ سندس فرزند غلام شاه ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن ۾ ڪشيدگي شروع ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪلهوڙن جي خاندان جي آخرين تاجدار ميان عبدالنبي کان ٽالپرن جي سردار مير فتح علي خان سنڌ کي فتح ڪري ورتو. احمد شاه ابدالي جي وفات کان پوءِ سندس فرزند تيمور شاه تخت تي ويٺو. ان جو ابتدائي دور بغاوت ۽ سورش جي ختم ڪرڻ ۾ گذريو. سندس وفات کان پوءِ پنهنجي پوٽن اٺ فرزند ڇڏي ويو، جن جو تخت تان جهڳڙو شروع ٿيو. ڀائرن جي ڪشمڪش مان مير غلام علي ٽالپر فائدو ورتي، مير سهراب جي مدد سان شڪارپور تي قبضو ڪيو.

شاه شجاع سن ١٢٢١ هجري ۾ پهريون ڀيرو وڏي شان سان شڪارپور ۾ آيو. (سندس ذڪر منشي عطا محمد مرزا پنهنجي تصنيف "تازه نواي معارڪ" ۾ تفصيل سان ڪيو آهي) ۽ شاهي باغ ۾ اچي لٿو. هتي ڪيس پٽ تيمور شاه تولد ٿيو، جنهن جي جشن جي خوشيءَ ۾ ٽي ڏينهن شڪارپور ۾ نوبت وڳي ۽ چراغ روشن ٿيا. مير غلام علي، شاه شجاع کي مقرر ٿيل رقم ۽ تحفا ڏنا ته هو وطن واپس وڃي. پر سندس ڀاءُ فتح خان جو قبضو ٿي چڪو هو. ١٢٣٤ھ ۾ مير ڪرم علي خان جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سندس جاءِ تي مير مراد علي خان تخت نشين ٿيو. ان زماني ۾ شاه شجاع انگريزن جي پناه ۾ هيو ۽ حڪومت

جي هوس ۾ بي آرام هيو. ان خيال کان هن سنڌ جي طرف رخ رکيو ۽ موقعي ملڻ جي تاڪ ۾ رهيو. مير مراد علي خان سنڌس شان ۽ شوڪت سان آجيان ڪئي، هو پراڻي ڪليڪٽري جي ميدان تي لٿو، جتي جنگ لاءِ سامان گڏ ڪندو رهيو. ميرن سنڌس سمورو خرچ برداشت تي ڪيو. مير مراد علي خان جي وفات کان پوءِ سيد ڪاظم شڪارپور جو ناظم مقرر ٿيو، جنهن خيرپور ۽ حيدرآباد جي ميرن کي اطلاع ڏنو، تہ شاه شجاع شڪارپور جو مالڪ بڻجي ويٺو آهي، ميرن مشوره ڪرڻ کان پوءِ صلاح ڪئي تہ شاه شجاع کي شڪارپور مان هڪالي ڪڍجي. شاه کي جڏهن ان ڳالهہ جي خبر پئي، تہ ڏاڍو بگڙيو ۽ سيد ڪاظم کي حڪومت کان برطرف ڪري، ان جي جاءِ تي بهادر خان کوکر کي شڪارپور جو نواب مقرر ڪيو.

## ڪرڙي جي جنگ

سيد ڪاظم جي برطرفي سبب مير نور محمد جنگ جي لاءِ مجبوراً احڪام جاري ڪيا. سيد ڪاظم حيدرآباد جي ميرن ۾ وڏو تاءُ پيدا ڪيو هو. مرڪزي حڪومت کي خلاف ڏسي، خيرپور جو حاڪم مير رستم خان شاهہ شجاع جي خلاف تي بيٺو. مير ڪاظم پنهنجي پاءُ ۽ پين ڪامورن کي شڪارپور ڇڏي اچڻ لاءِ چوائي موڪليو. مير محمد عالم خان مري شاهہ شجاع جي سخت مخالفت ڪئي ۽ گوسڙجي تي ڪاهي قرلٽ شروع ڪئي. هن حالت شاهہ شجاع کي وڏي غصي ۾ آندو هو. وري جو عالم خان جي شهادت جي بدلي وڃڻ لاءِ سنڌس پٽ جهان خان گوسڙي تي ڪاهي ويو، ۽ شاهہ شجاع مقرر ڪيل نواب هدايت الله کي ماري وڌو، تہ شاه شجاع بيتاب ٿي اٿيو. هن پنهنجي سپهہ سالار سمندر خان کي حڪم ڏنو، تہ سڄي فوج کي تحرڪ ۾ آڻي ۽ ميرن کي ان جي سزا ڏي.

هوڏانهن ميرن طرفان بہ فوج تيار ٿي. خيرپور کان روهڙي پهتي، جنهن ۾ سيد ڪاظم بہ شامل هيو. هيءَ فوج سکر ۾ موجوده سينٽرل

جهل واري ميدان ۾ خيمه زن ٿي. هن ميدان کي ڪرڙي وارو ميدان سڏيو ويندو هو. شاه شجاع جي سپهه سالار آدم شاه جي ٽڪري هينان اچي ترسيو، ۽ پنهنجون به توبون مٿي ٽڪري تي پهچايئي، انهن جو رخ ٽالپرن جي ڇانوڻيءَ ڏانهن ڪري، انهن مان اوچتو باهه وسائڻ شروع ڪئي. سيد غلام مرتضي شاه دشمنن جي مقابلي لاءِ اڳتي وڌيو ۽ نهايت دليريءَ سان وڙهندي مارجي ويو. اهڙي طرح جهان خان ۽ سيد ڪاظم شاه ۽ ٻيا ڪيترا دلاور ميدان جنگ ۾ شهيد ٿي ويا. اهڙي طرح ٽالپرن کي شڪست آئي. ڪئپٽن گولڊ سمڊ لکي ٿو، ته سيد ڪاظم جي شهادت واري رات آسمان تان تارا ڪرندا نظر آيا هئا. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سيد ڪاظم پنهنجي وقت جو نيڪ شخص ۽ ديني علوم جو ماهر هو. سندس وفات تي شڪارپور جي عوام کي سخت صدمو پهتو هو. هن لڙائي کان پوءِ ٽالپرن ۾ طاقت نه رهي. سيني لاڙڪاڻي ۾ گڏ ٿي صلاح ڪئي ته مقابلي جي بدران صلح ڪجي. مير، حضرت پير نظام الدين سرهندي جي طرف رجوع ٿيا، ڇاڪاڻ ته ابدالي خاندان سندس معتقد هو. پير صاحب ان ڳالهه کي چڱو سمجهي شاه شجاع وٽ پهتو. شاه حقيقت ٻڌي خاموش ٿي ويو، ۽ ميرن ڏانهن پنهنجا به وڪيل محمد شريف ۽ قاضي محمد حسن موڪليا. فيصلو اهو ٿيو ته تازي جنگ جي ڇٽي چار لک روپيا، ٥ سؤ آن ۽ هڪ لک رپيا سردارن کي ڏنا وڃن. ميرن اها ڳالهه قبول ڪئي. شاه شجاع اهو مال هٿ ڪري قنڌار روانو ٿيو.

## انگريزن جي چال ۽ سنڌ جي فتح

انگريزن سنڌ ۾ واپار جي خيال سان نه بلڪ حڪومت ڪرڻ جي ارادي سان آيا. ظاهري طرح واپار جو نمونو اختيار ڪيائون. ١٨٣٠ع ۾ انگلنڊ جي بادشاهه ڪي سوکڙيون راجا رنجيت سنگهه ڏانهن موڪليون. اهو ڪم سر اليگزينڊر برنس کي سونپيو ويو. هن

ڪمشنر ڪيپٽن پرنگل کي مقرر ڪيو ويو. ان دوران سنڌ ۾ عجيب افراتفري جو دور پيدا ٿيو. انگريز سرڪار کي انتظام رکڻ لاءِ سخت اقدام ڪرڻا پيا، جنهن کان شڪارپور ضلعو زياده متاثر ٿيو. آخر سنه ١٨٨٣ع ۾ شڪارپور ضلعي جو هيڊ ڪواٽرسکر منتقل ڪيو ويو. آخر سنه ١٩٠١ع ۾ شڪارپور جي ضلعي حيثيت ختم ڪئي وئي. شڪارپور شهر جي ايراضي ٤٨٧ چورس ميل هئي. سن ١٧٧٢ع ۾ سندس آدمشماري ٧٣٤٣٨٣ هئي. شڪارپور جيئن ته ضلع هيڊڪوارٽر ٿي رهيو، ان ڪري تيزيءَ سان ترقي ڪندو رهيو. بهترين باغن سان گڏ سٺا رستا ٺاهيا ويا. هيءُ شهر ٽرنڪ روڊ تي هئڻ ڪري جيڪب آباد، ڪشمور، سکر ۽ لاڙڪاڻي سان ڳنڍيل آهي. ريلوي لائين هئڻ ڪري ٻڙاهن ملڪن ۽ شهرن سان وڻج، واپار ۽ سفرجون سهولتون پيدا ٿيون. شڪارپور کان ١٨ ميلن جي فاصلي تي درياه سنڌ موجزن آهي. چمن بند وچ ۾ آهي. هيءُ شهر سمنڊ جي سطح کان ١٩٤ فوٽ مٿي آهي. شهر جي ٻاهران واهه وهن ٿا، جيئن سنڌ واهه، بيگاري ۽ رئيس واهه. زمين نهايت پلي آهي، ان ڪري گهڻي انداز ۾ اناج ۽ ميوا پيدا ٿين ٿا. هتي هندن جي اڪثريت واپاري طبقي تي مشتمل هئي، جي ٻڙاهن ملڪن کان ڪمائي، شڪارپور ۾ اچي خرچ ڪندا هئا. ان ڪري بهترين بنگلا ۽ محلات جوڙيائون. ان سان گڏ ڪيترائي خيراتي ڪم ڪيائون، جن مان راءِ بهادر اوڌو داس اسپتال، چيلاسنگ سيتلداس ڪاليج، ڌرم سيا، شڪارپور ايڪيڊمي، واڌومل مارڪيٽ وغيره.

سنه ١٨٥٥ع ۾ شڪارپور ميونسپالٽي جوڙي وئي، ۽ بهترين سينيٽري تدبيرون عمل ۾ آيون. انڊر گرائونڊ سينيٽري جوڙي وئي، جنهن ڪري شهر صاف ۽ سٺرو ٿي رهيو. گورنمينٽ هاءِ اسڪول سنه ١٨٧٢ع ۾ شروع ڪيو ويو. واپار جي متعلق مٿي ذڪر ڪيو اٿم، ته هتي جي واپارين جو ٻاهرين ملڪن سان واپار هلندو هو. وڻج

واپار جي شين ۾ جواهرات، قيمتي دوائون، ڪيمخاب ڪابل ۽ قنڌار جو سڪل ميوو شامل هئا. هتان جي سياسي مدبرن، جهڙوڪ: سر غلام حسين هدايت الله، خانبهادر الله بخش سومرو وغيره ملڪ جي وڏي خدمت ڪئي. وڏن وڪيلن ۾ ميان محمد حسين، ديوان بهادر مرلي در، ميان محمد شعبان وغيره مشهور ٿيا. ڪيترا بزرگ خيرپور ميرس جا وزير ٿي رهيا، جن ۾ خانبهادر قادر داد خان مرحوم، شيخ صادق علي خان ۽ آغا گل حسن جا نالا اچي وڃن ٿا. ڪتب فروش منشي پوڪر داس جي خدمتن کي وساري نه ٿو سگهجي. سنڌس درجو لکنو جي ڪتب فروش منشي نولڪشور جيان هو. مسلمان پبلشر مولوي محمد عظيم جون خدمتون به ساراهڻ جوڳيون آهن.

شڪارپور جي مردم خيز زمين جيئن بيا عظيم شخص پيدا ڪيا، تيئن عظيم شاعر، اديب ۽ علماءَ به پيدا ڪيا، جن جي سخنوري ڪان اڄ به سنڌ معمور آهي.

هن عظيم شهر هزارين انقلاب ڏٺا ۽ سٺا آهن. اڄڪي وري نهيو ۽ نهي وري اڄڙيو. دنيا ۾ شهرت رکندڙ هي شهر هينئر ڪسمپرسي جي حالت ۾ آهي. سنڌس سيئي رونقون برباد ٿي ويون آهن. مگر جيئن ته هن شهر سان هڪ خدا رسيده نيڪ بزرگ حضرت مخدوم محمد ابراهيم شاه جيلاني رحمت الله جون دعائون شامل حال آهن، انهيءَ ڪري اميد آهي ته وري پنهنجي اوج تي ايندو ۽ ان ۾ وري آهائي رونق ۽ خوشحالي ايندي. اڄ وري شڪارپور ضلعي جي حيثيت ۾ اچي ويو آهي. انشاءَ الله تعاليٰ ترقيءَ جي طرف گامزن رهندو.

**ماخذات:-**


١- تاريخ تحفته الڪرام فارسي، جلد سوم مصنف مير علي شير قانع.

٢- شڪارپور (دائود پوٽن جي تسلط هيٺ) مقالو.
مقالہ نگار: پروفيسر لطف الله بدوي.

٣- تاريخ ڪلهوڙه- غلام رسول مهر.

٤- نواب محمد صادق عباسي مقالہ-
مقالہ نگار: مرحوم پروفيسر لطف‌الله بدوي.

٥- شاه شجاع‌الملڪ قسط اول مقالہ- (مهراڻ سہماهي)
مقالہ نگار:- پروفيسر لطف‌الله بدوي.

٦- تاريخ سنڌ (انگريزي) مرزا قليچ بيگ.

٧- تازه نواي معارڪہ (فارسي) مصنف منشي مرزا عطا محمد شڪارپور.

٨- تذڪره لطفي ۽ تاريخ ادبيات سنڌ جلد ٻيو:
مرحوم لطف‌الله بدوي.

٩- صبح صادق اردو: مولانا عزيزالرحمان بهاولپوري.

Gazetter of the province of Sind. by E. H. AITKEN. -١٠

An Historical Memoirs on Shikarpoor, by Captain F. G. Gold Smid. -١١

A Comprehensive History of Sind during British Period. by Lutfullah Badvi. -١٢

The Imperial Gazetter of India. by W.W.Hunter. Vol: XII, 1887. -١٣

Gazetter of Province of Sind. by J W. Smyth. -١٤

ڊاڪٽر عطامحمد حامي

# ڪرڙي جو داستان

شڪارپور جي شهر، زماني جا وڏا انقلاب ڏٺا، ۽ ان ۾ ڪيترين ئي جنگيون لڳيون. شڪارپور سان تعلق رکندڙ جنگين مان ڪرڙي واري جنگ تمام مشهور آهي، جيڪا خيرپور جي ميرن ۽ شاه شجاع جـي وچ ۾ لڳي. انهيءَ جڳ مشهور جنگ متعلق پير محمد راشد جـي خليفي ميان نبي بخش لغاري جو ڪيڏارو سنڌ جـي رزميه شاعري ۾ وڏي اهميت جو حامل آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائي کان پوءِ اهـو ڪيڏارو رزميه شاعري جو شاهڪار ليکجي ٿو. هن ۾ خليفي صاحب سنڌ جي جوڌن جوانن جي وڏي تعريف ڪئي آهي. هو سنڌ جي پهلوانن جي دليري ۽ جرات تـي فخر ڪري ٿو، ۽ خيرپور جي لشڪر جي سپهه سالار غلام مرتضيٰ شاه لاءِ چئي ٿو ڏئي:

١- سو مٿر مرڪي ميرن، ملهه جنهن جو مرتضيٰ

٢- هي گل گولي شاهه پرڪا ڪارڻ پوکيو.

خليفي نبي بخش لغاري جي ڪيڏاري کان سواءِ خيرپور جي هڪ عظيم شاعر آخوند محمد عالم به فارسي زبان ۾ هڪ مثنوي لکي آهي، جنهن ۾ هن سنڌ جي بهادرن جي وڏي تعريف ڪئي آهي. انهن ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ ڪرڙيءَ جي جنگ جو هڪ سهڻو نقشو چٽيو ويو آهي.

خليفي نبي بخش جي ڪيڏاري ۾ غلام مرتضيٰ شاهاڻي ۽ جهان خان مري کان سواءِ ٻين پهلوانن جو نالي وار ذڪر ڪونهي ۽ نـه وري جنگ جو تفصيل ئي ڏنو ويو آهي. هن شاه عبداللطيف جي ڪيڏاري

جو تتبع ڪيو آهي. شاه صاحب به ڪربلا ۾ امامن جو نالو وٺي پهلوانن جي دوبدو لڙائي جو ذڪر ڪيو آهي. ۽ جنگ جو ڪوبه تفصيل ڪون ڏنو آهي. خليفي صاحب به ڪرڙي جي جنگ جي تفصيل ڏيڻ جي بدران سنڌي بهادرن جي شجاعت جو داد ڏنو آهي.

آخوند محمد عالم ڪرڙي واري جنگ جي مثنوي ۾ شاه شجاع ۽ ميرن جي لشڪر جو ذڪر ڪيو آهي. هن مثنوي جي خصوصيت اها آهي جو هن ۾ ٻنهي لشڪرن جي وڙهڻ جي تصوير ڪڍي وئي آهي ۽ ڪجهه وڏيڪ پهلوانن جا نالا ڏنا آهن، جن مان غلام مرتضيٰ شاه، جهان خان، سيد ڪاظم شاه، سيد زين‌العابدين شاه ۽ جلال خان مري مشهور آهن.

مٿي ذڪر ڪيل شاعرن کان سواءِ هڪ ٽئين شاعر ميان آنڌل فقير ماڇيءَ جو ڪلام به هٿ آيو آهي، جيڪو سنڌي بيتن جي صورت ۾ آهي. هن ۾ ننڍا وڏا ڪل ٣٦ بيت آهن، ۽ هرهڪ بيت ۾ ٻن، ٽن کان ويهه پنجويهه مصراعون آهن. ميان آنڌل فقير اصل ۾ ڳوٺ ٽنڊي شاه تعلقي ڪوٽ ڏجي جو ويٺل هو. سندس اهو ڪلام محمد پناه ولد محمد عالم ماڇي ساڪن ڳوٺ چاڙهه تعلقي روهڙي جو نقل ڪيل آهي. ڪتابت جي تاريخ ٢١- ربيع‌الثاني ١٣٢٠هجري آهي. اهو نسخو راقم‌الحروف ڳولي شاه شاهاڻي جي خاندان مان سائين حيدر شاه وٽان ٨- جون ١٩٧٦ع تي نقل ڪيو هو.

ميان آنڌل فقير جي ڪلام جي خصوصيت اها آهي، جو هن سنڌ جي قديم شاعرن وانگر پهرئين بيت ۾ الله، رسول، اهلبيت ۽ صحابه ڪرام جي تعريف کان پوءِ شاه شجاع جو ذڪر ڪيو آهي. هن اهو ڪلام ڪرڙي جي جنگ کان هڪ سال پوءِ يعني ١٢٤٩ هجري ۾ لکيو آهي:

سپاهه سان رنجيت سنگهه وٽ پهچي ٿو؛ جيڪو ڪيس ريهي ريهي ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ قيد ۾ ٿو رکي ۽ هن ڪان ڪوهنور هيرو ڦري ٿو وٺي. نيٺ هو انگريزن جي مدد سان سکن جي قيد مان ڇڇي ٿو نڪري، ۽ شڪارپور پهچي ٿو وڃي. ان ڪان پوءِ هو ٻه ٽي سال هتي رهي ٿو پوي، ۽ ميرن جي رعايا کي تنگ ٿو ڪري. حيدرآباد ۽ خيرپور جا مير هن جي ظلم ۽ بدافعالي جي ڪري ڏاڍا تنگ ٿا ٿين ۽ شاه شجاع مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. هوڏانهن عظيم خان به سنڌ تي چڙهي ٿو اچي. عظيم خان ۽ مير، مصلحت ڪري هن کي سنڌ مان نڪرڻ تي مجبور ٿا ڪن. هو ٻيو حيلو نه ڏسي درازن جي درويشائي دربار ۾ ٿو اچي ۽ پنهنجا ٻار ٻچا اُتي رهائي پاڻ جيسلمير وڃي ٿو. اتان وري لڌيانه ۾ فرنگين وٽ فريادي ٿي ٿو وڃي. ڪجهه سالن ڪان پوءِ هن کي وطن جي سڪ ستائي ٿي ۽ پنهنجي اميرن سان صلاح ڪري واپس ٿو ٿئي، ۽ شڪارپور اچي ميرن کي عرض ٿو ڪري ته هو پنجاه ڏينهن ڪن سندن مهمان ٿي رهندو ۽ پوءِ هتان قنڌار تي چڙهائي ڪندو:

مڪائين ميرن ڏي بيشڪ لکي بيان،
ته اٿم ڪاه قنڌار تي جاتي تخت ڇڏيم طولان،
پنجاهي ڏينهن جي آهيان مير سنڌو مهمان،
اهو ڪرعدل احسان، ته پيليان ڪوٽ قنڌارجو.

ميرن شاه شجاع جي وڏي خاطر تواضع ڪئي ۽ مهمان نوازي جا فرض بجا آندا. شڪارپور جي آسپاس وارو علائقو ڪيس مهماني طور ڏنو ويو. الله جي قدرت هو پي اڻ ڪوٺيو مهمان هو. وڃڻ جي وائي نٿي ڪيائين. ان مهينا گذري ويا، هن جا پنجاه ڏينهن پورا نه ٿيا. اٿلندو مير رستم خان ڪان بکر جي قلعي جي گهر ڪيائين:

اٺ مهينا گذري ويا اڃا پورو ٿيو نه پنجاهه،
دعويٰ منجهه درياهه، ڪيائين ڪوٽ بکر جي.

شاه شجاع جي بيجا دعوائن ۽ رعايا تي ظلم ۽ زبردستي ڏسي ميرن کي ڏاڍو غصو آيو. خيرپور ۽ حيدرآباد جي ميرن طرفان شڪارپور تي به نواب، عالم خان مري ۽ سيد ڪاظم شاه مقرر ٿيل هيا. شاه شجاع پنهي کي ڪڍي ڇڏيو. انهن ڳالهين کان متاثر ٿي فقير عالم خان مري ڪجهه فوجي دستن سان چڙهي آيو. گوسڙجي جي پرسان شاه شجاع جي هڪ فوجي سالار حاجي هدايت الله سان سندس مقابلو ٿي پيو ۽ هو مارجي ويو. عالم خان مري جي شهادت جي خبر ٻڌي سندس پٽ جهان خان چڙهي آيو، ۽ حاجي هدايت‌الله کي قتل ڪيائين. ان ڪانپوءِ ميرن جو لشڪر سکر ۾ واري ٽڙ تي اچي منزل انداز ٿيو. وڏي لڙائي لڳي. شاه شجاع جي طرفان سمندرخان پٺاڻ جو لشڪر وٺي آيو ۽ آدم شاه جي ٽڪريءَ تي توبون نصب ڪرايائين، جن جي ميرن جي لشڪر کي خبر ئي ڪانه هئي. سنڌي بهادرن تلوار جا وڏا جوهر ڏيکاريا، پر چوري نصب ڪيل توبن کين وڏو نقصان رسايو؛ ۽ ڪيترائي ڪونڌر ڪسي ويا، جن ۾ آغا ڪاظم‌شاه، غلام مرتضيٰ شاهه، جهان خان، جلال خان، ابراهيم خان ۽ گل‌حسن خان مري جا نالا ذڪر جي قابل آهن.

آنڌل فقير جي ڪلام ۾ ڪرڙي جي جنگ جو تمام گهڻو تفصيل ملي ٿو وڃي، ۽ ڪيترن ئي سنڌي بهادرن جي نالن جو پتو ٿو پوي. ايترو تفصيل ڪنهن به ڪلام يا تاريخ جي ڪتابن ۾ نٿو ملي. حاجي هدايت‌الله واري معرڪي ۾ خبر پوي ٿي ته هن سان گڏ الهداد خان افغان به هيو. هوڏانهن عالم خان مري سان گڏ وري علي‌مردان خان، رحيم خان کوسي، چاڪر خان، لقمان خان؛ احمد خان، باقر خان، پياري خان ۽ جنگو خان جا نالا ملن ٿا. اهي نالا ڪنهن جي به ڪلام

جئن بناور بازيون ڪري سڀ پڙ سوپارو،
تنهن روح آتي رت چاڻ ڪئي جنهن جي ارڻ استارو،
اتي اوتارو عزرائيل اچي اڏيو.

وري سمندر خان جي لشڪر کي به داد ڏيندي چوي ٿو:

هوڏنهن افغانن جي آڙد سان هو سرڪردو سمندر،
تنهن سان پليٿباز پٺاڻ هئا سڀ دراني لشڪر،
تن جوانن کي جنگ جو هو ڏاڍو هٿ هنر،
ڪيئون گهٽي باه بندوق جي ٿيو مچي مچ منگر،

غلام مرتضيٰ شاهه جي جنگ تي نڪرڻ جو نمونو ملاحظه ڪيو:

ٻڌي خبر شاه غلام مرتضيٰ غازي ڪاندي ۽ جي ڪڪمل،
سو مانجهي مل محمود جان هو ارڏو ساڻ عمل،
رستم ۽ بهرام جان هي دانهه دست آچل،
تنهن جي سئنين سينگاري وڏا مٿي تازن تل،
زينان روپي سون جون بناتي بخمل،
هنا هزارين تي پيا موتين ساڻ مڙهيل،
سريون نقطا سون جا ڪانئن ساڻ ڪڙيل،
مکٿهارا موسي رنگي لعل رتل،
لوند لعل لگام سي جن تي سونهن سونا قل،
پيا گرداگرد جڙاؤ ٿيا جوهر مٿي جُهل،
دنبالن تي دمچيون پيا چاندي برج چٽيل،
گل ميخن گلزار ڪيا ۽ گاديون برت پَريل،
تن تي ڪشيا بالا تنگ بناوَ سان طرح وڏي تجمل،
ساز سمالا سون جا تن ڪيا مشعل وانگ منڊل،
تن جي درشن ۽ ديدار تي ٿيا ملڪ رجوع مؤڪل،
تازي طنبيلن مئون چڙيا بحري ٻتل،

شتابيءَ سان شاه چڙهيو مانجهي تهين مهل،
جنهن جو ڏاڪو ڏرتيءَ تي هو منجهه قنڌار ۽ ڪابل،
پلڪ نہ ترسيو پير سو جوان نہ ڏني جهل،
جئن موج منجهان درياه جي آٿلي پوي آٿل،
ڪيائين پيل پٺاڻ تي سپ اُڙد رکي آهل،
گڙ گڙ گاڏين تي ٿليا ٿي توفن ڪي ٿل،
اچن سيهي داروءَ جا پريا قطار يا ڪرهل،
نفيلان ۽ نوبتان چوڏس چنگ وچن چئنچل،
جهجهي جهانءِ جهورڪئي جرسن ڪئي جا ٻُل،
شرنائن سرود ڪيا ڪن ڪرنايون ڪرگِل،
اڏري افلاطون جا هليا جال جبل.

مطلب تہ فني ۽ تاريخي لحاظ کان آندل فقير جو اهو ڪلام تمام قيمتي، ۽ سنڌي رزميہ شاعريءَ جو شاهڪار آهي؛ جنهن ۾ شاهہ شجاع الملڪ ۽ ڪرڙي جي جنگ جو تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪلام ۾ رزميہ شاعري جون سموريون خصوصيتون موجود آهن.

پروفيسر سيد محمد سليم
ترجمو ۽ واڌارو:- امين الله علوي

# شڪارپور جي قيام جو بنياد

## (ڇا شڪارپور جي قيام جي موجوده تاريخ صحيح آهي؟)

[ هي مقالو ”جشن شڪارپور ١٩٨٢ع“ جي موقعي تي اردو ۾ پڙهيو ويو. پروفيسر امين الله علوي ان جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي، ۽ ڪجهه واڌارا به ڪيا اٿس. مقالي نگار وڏي محنت ۽ تحقيق کانپوءِ هي مقالو لکيو آهي؛ پر مقالي نگار جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن، انهن سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو. بهرحال هي مقالو شڪارپور جي قيام جي تحقيق بابت اسان جو ڌيان ڇڪائي ٿو.]— مرتب

عباسي نسل جي ٻن شاخن سنڌ جي مٿان حڪومت ڪئي آهي: هڪ شاخ ڪلهوڙن جي آهي ۽ ٻي دائود پوٽن جي. شڪارپور شهر جو بنياد دائود پوٽن رکيو آهي. اهي ٻئي اوسي پاسي جي علائقن جا حاڪم هئا. ڪجهه عرصي بعد سندن باهمي رقابتن شدت اختيار ڪئي ۽ ڪلهوڙن اڳتي وڌي شڪارپور تي قبضو ڪري ورتو. دائود پوٽن کي مجبوراً هتان نڪرڻو پيو ۽ هنن سنڌ کي ڇڏي ملتان جي ويجهو هڪ جديد رياست جو بنياد رکيو، جيڪا صدين تائين قائم رهي. سنڌ ۾ موجوده شڪارپور شهر جو قيام هنن جو هڪ دائمي يادگار آهي.

شڪارپور شهر جي قيام جي تاريخ انگريزن جي مرتب ڪيل گزيٽيئر (١٩٠٦ع) ۾ ١٦١٧ع درج ڪيل آهي. در اصل سڀ کان پهريائين هن تاريخ جو ذڪر ڪئپٽن اليگزينڊر برنس (Captain Alexander Burns) پنهنجي سفرنامي ۾ ڪيو آهي. هو ١٨٢٨ع ۾ قنڌار جي رستي بخارا ڏانهن ويندي شڪارپور مان لنگهيو هيو، ۽

انوقت ڪيس ان تاريخ جي خبر پئي. هو لکي ٿو ته "شڪارپور جي قيام جي تاريخ ١٠٢٦ﻫ مطابق ١٦١٧ع آهي. لکيدر جي پاهران حاجي فقيرالله علوي رح جي مسجد ۾ هڪ ڪتبو موجود آهي، جنهن تي فارسي لفظ "غوڪ" درج آهي ۽ ابجد جي حساب سان انهن حرفن جو تعداد ١٠٢٦ﻫ (١٦١٧ع) ٿئي ٿو ۽ اها ان شهر جي قيام جي تاريخ آهي.

(A Voyage to Bukhara, by Captain Alexander Burns)

هي بيان سنڌ گزيٽيئر اختيار ڪيو ۽ انوقت کان هي بيان عام ٿي ويو. ان کان پوء سڀني مؤرخين ۽ مصنفين ان تاريخ کي بيان ڪرڻ شروع ڪيو.

ڪئپٽن برنس جو هي بيان مشڪوڪ آهي. انکي تسليم ڪرڻ سان گهڻيون ئي مشڪلاتون وارد ٿين ٿيون ۽ ڪيتريون ئي الجهنون پيش اچن ٿيون. هن مقالي ۾ اسان انهن اعتراضن ۽ مشڪلاتن تي ڪجهه تفصيل سان گفتگو ڪريون ٿا:

١- پاڪستان ۽ هندوستان ۾ اسلامي دور متعلق هزارين ڪتبا موجود آهن. ڪجهه قرآني آيتن جي صورت ۾ آهن ته ڪجهه اشعار ۾ ۽ بعض نثري مضمون آهن. تحرير مان ڪاتب جو اهو مقصد واضح طور تي معلوم ٿي وڃي ٿو، جنهن لاء اها تاريخ لکيل هوندي آهي. مگر ڪئپٽن برنس جو بيان ڪيل ڪتبو بلڪل نرالو آهي. ان ۾ صرف هڪ لفظ "غوڪ" درج آهي، جنهن جي نه اڳيان ڪجهه لکيل آهي نه پويان. ان مان ڪا به خبر نٿي پوي ته هي ڪتبو ڪهڙي مقصد لاء لکيو ويو آهي ۽ ڪنهن لکيو آهي؟ هيءَ تاريخ ان مسجد جي قيام جي آهي يا شهر جي قيام جي؟ صرف هڪ لفظ "غوڪ" مان اها ڳالهه واضح نٿي ٿئي. هن نوعيت جو ٻيو ڪو به ڪتبو ٻڌڻ ۾ نه آيو آهي.

٢- جيڪڏهن هي ڪتبو شهر جي قيام متعلق هيو، ته پوءِ شهر جي قلعي جي دروازي تي نصب ٿيل هجي ها. دائود پوٽن جو قلعو ان مقام تي هيو، جنهن جاءِ تي اڄ بوڙن بازار لڳ سومره محلو واقع آهي. اتي اڃا تائين اهو کوه "ماهو" جي نالي سان موجود آهي، جنهن ۾ دائود پوٽن پنهنجي خواتين کي هٿن سان قتل ڪري وڌو هيو، ۽ ڪلهوڙن سان مڙسيءَ سان وڙهندي ٻاهر نڪري ويا هيا.

٣- يا ته وري هي ڪتبو شهر جي جامع مسجد جي اندر نصب ٿيل هجي ها. لکيدر جي جامع مسجد موجوده صورت ۾ ته سعادت خان پٺاڻ جي ٺهرايل آهي، مگر هتي پراڻي وقت کان هڪ مسجد قائم هئي.

٤- هن ڪتبي جو حاجي فقيرالله شاه علويرحہ جي لکيدر جي ٻاهران واري مسجد، جنهنکي اڄ ڪلهه حاجي لطيف شاه جي مسجد چئجي ٿو اندر هجڻ تعجب خيز آهي. حاجي فقيرالله شاه علوي ١١٥٠ھ ۾ جلال آباد (افغانستان) کان شڪارپور آيو. هتي هي سوال پيدا ٿو ٿئي ته ١٠٢٦ھ کان ١١٥٠ھ تائين سوا سو سال تائين هي ڪتبو ڪٿي رهيو؟ ۽ پوءِ ڪنهن ڪٿي اچي انکي هن مسجد ۾ نصب ڪيو؟

٥- دائود پوٽن جا بزرگ (اجداد) استوارت گنج (جنهن کي اڄ ڪاله استول گنج چئجي ٿو) ۾ هڪ ننڍي مسجد جي متصل هڪ بند جاءِ ۾ دفن ٿيل آهن ۽ انهن جي قبرن تي به ڪوئي ڪتبو نصب ٿيل نه آهي. ان مان چا هي سمجهيو وڃي ته ان زماني ۾ هتي ڪتبي نويسيءَ جو رواج ئي ڪين هيو. هڪ ٻيو سوال اهو به پيدا ٿو ٿئي، ته ڪئپٽن برنس جي اچڻ کان اڳ به ڪنهن شخص هي ڪتبو ڏٺو؟

٦- شاهجهان بادشاه جي زماني ۾ (١٦٢٨ع کان ١٦٥٨ع) محمود بن امير بلخي هندوستان جي سير لاءِ آيو هيو. واپس ويندي هو

ٿن مهينن تائين سکر (بکر) ۾ مقيم رهيو. هتي هن هڪ حڪيم ڪان پنهنجو علاج به ڪرايو هيو. هو پوءِ قنڌار جي رستي بلخ ويو. ليڪن هن پنهنجي سفرنامي بنام ”بحرالاسرار سفر نامہ هندو سيلان“ ۾ شڪارپور جو ذڪر نہ ڪيو آهي. هي سفرنامو ڪراچي مان ١٩٨٠ع ۾ شايع ٿيو آهي.

٧- مؤرخ ڪبير مير غلام علي آزاد بلگرامي چئن سالن تائين ١٧٢٩ع کان ١٧٣٤ع- بکر ۽ سيوستان (سيوهڻ) جو وقائع نويس ٿي رهيو. مگر هن پنهنجي مشهور ڪتاب ”ماثرالڪرام“ ۾ شڪارپور جي ان ڪتبي جو ذڪر نہ ڪيو آهي.

٨- ڪلهوڙا دور جو مؤرخ باغ علي خائف آهي. هن ”نامهءِ نغز“ جي نالي سان سنڌ جي منظوم تاريخ لکي آهي (١١٥٥ھ/١٧٤٢ع) هن ان ڪتبي جو ذڪر نہ ڪيو آهي.

٩- ڪلهوڙا دور جو سڀ کان وڏو مؤرخ مير علي شير قانع ٺٽوي آهي. هن ”تحفةالڪرام“ جي نالي سان سنہ ١١٨١ھ/١٧٦٧ع ۾ سنڌ جي تاريخ لکي آهي. ان ۾ شڪارپور جو ذڪر موجود آهي، مگر هن ڪتبي جو ذڪر نہ آهي.

١٠- بهاولپور ۾ دائود پوٽن پنهنجي تاريخ ”مرات عباسيہ“ نالي لالا دولت راءِ ولد عزت راءِ کان ١٨٠٠ع لکرائي، جيڪا ١٨٥٠ع ۾ طبع ٿي، ان ۾ شڪارپور جو تفصيل سان ذڪر ٿيل آهي، مگر ان ۾ نہ شڪارپور جي قيام جي تاريخ درج ٿيل آهي، ۽ نہ ئي وري ان ڪتبي جو ذڪر موجود آهي.

١١- بهاولپور ۾ ٻي تاريخ ” جواهر عباسيہ“ تحرير ڪئي وئي آهي، جنهن جو مصنف محمد اعظم بن محمد صالح آهي. هن ۾ بہ نہ شڪارپور جي قيام جي تاريخ جو ذڪر ٿيل آهي ۽ نہ ئي وري

ڪتبي جو ذڪر آهي. ان ڳالهه جي عدم موجودگي اهو ثابت ڪري ٿي ته خود عباسي دائود پوٽن کي به نه شهر جي قيام جي تاريخ معلوم هئي ۽ نه ئي وري ڪتبي جو حال معلوم هيو. هي سڀ ماڻهو ڪئپٽن برنس کان اڳ ۾ ٿي گذريا آهن ۽ انهن مان ڪنهن به مذڪور ڪتبي جو ذڪر ڪين ڪيو آهي. ڪئپٽن برنس کان پوءِ به ڪو ڪو اهڙو شخص نه ٿو ملي، جيڪو ان ڳالهه جو اقرار ڪندو هجي ته ها مان به اهو ڪتبو ڏٺو آهي.

١٢- لطف‌الله سورتي ڪرنل اسڪيز (Colonal Skyes) سان گڏ سفر ڪندي ١٨٣٥ع ۾ شڪارپور آيو هيو. هن پنهنجي سفر جا مشاهدا:

"سنڌ جو سفر" (An Autobiography of Lutfullah) جي نالي سان قلمبند ڪيا. هي سفرنامو لنڊن مان ١٨٥٧ع ۾ شايع ٿيل آهي. هن شڪارپور جا حالات به لکيا آهن، مگر هن ڪتبي جو ذڪر نه ڪيو آهي.

١٣- شاه شجاع الملڪ کي ڪابل جي تخت تي "گراند انڊس آرمي" (Grand Indus Army) سان گڏ ڪئپٽن اسٽوڪ (Captain Eastwick) ١٨٣٧ع ۾ شڪارپور پهتو ۽ هتي قيام ڪيائين. موجوده ڳاڙهو بنگلو (سيشن ڪورٽ واري بلڊنگ) سندس ئي نهرايل آهي. هن سنڌ جي متعلق هڪ ڪتاب:

(Dry Leaves from the young Egypt) جي نالي سان لکيو، جنهن جا سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ڇپيل ترجما "نئين مصر جا پراڻا ورق" ۽ "عبرت ڪده سنڌ" موجود آهن. ان ڪتاب ۾ به شڪارپور جو احوال ملي ٿو، مگر هن ڪتبي جو ذڪر نه ٿو ملي.

١٤- سنڌ تي انگريزي قبضي کان پوءِ ڪئپٽن گولڊسمڊ (Captain Goldsmid) شڪارپور جي حالات متعلق Memoirs on Shikarpur نالي هڪ دستاويز تيار ڪيو، جنهن جي تياريءَ ۾ هن سچو مواد شڪارپور جي ٻن معزز اهل علم شهرين مير عبدالاحد علوي ڪاردار (مختياڪار) لکي ۽ مرزا عطا محمد کان حاصل ڪيو. ليڪن شڪارپور جي قيام جي تاريخ هن ڪئپٽن برنس کان ورتي، جنهن جو هن صاف ذڪر ڪيو آهي. هي پهريون موقعو آهي جو شڪارپور جي تاريخ ڪنهن تاريخي ڪتاب ۾ لکي وئي. سنڌ گزيٽيئر به هيءَ تاريخ ڪئپٽن گولڊ سمڊ جي تاريخي دستاويز "سرگذشت شڪارپور" تان ورتي آهي ۽ اهڙي طرح اها تاريخ يعني ١٠٢٦ھ مشهور ٿي وئي.

١٥- مير عبدالاحد علوي ڪاردار لکي پنهنجي مرتب ڪيل دستاويز ۾ ڪنهن تاريخ جو ذڪر نه ڪيو آهي. نه ته گولڊ سمڊ انجو حوالو به ضرور ڏئي ها. مير عبدالاحد علوي حاجي فقيرالله علوي رحه جو پوٽو آهي. گويا انکي به خبر نه هئي ته سندس ڏاڏي جي مسجد ۾ ڪوئي ڪتبو لڳل آهي.

١٦ مرزا عطا محمد شڪارپوريءَ به پنهنجي مرتب ڪيل دستاويز "تازه نوائے معارڪ" ۾ ڪنهن تاريخ جو ذڪر نه ڪيو آهي، ورنه گولڊ سمڊ به انجو ضرور حوالو ڏئي ها. مرزا عطا محمد ان دور جي وڏي اهم شخصيت هئي. هو شاه شجاع الملڪ جو مير منشي به ٿي رهيو هيو ۽ ڪابل جي جنگ ۾ به اتي موجود هيو. ان کان پوءِ هو شڪارپور جي ڪليڪٽر جي دفتر ۾ مير منشي ٿي رهيو. سندس تاليف ڪيل افغانستان جي جنگ متعلق ڪتاب "تازه نواء معارڪ" مرقوم ١٢٧١ھ/١٨٥٥ع سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

مرزا صاحب هڪ ٻئي هنڌ به شڪارپور جي قيام جي تاريخ ۽ ان ڪتبي کان لا علمي ظاهر ڪئي آهي. شڪارپور جي شيخ برادريءَ

جو شجرهٔ نسب معروف صحافي شيخ علاءُالدين نيازيءَ وٽ موجود آهي، جيڪو مرزا عطا محمد جي قلم جو لکيل آهي. هن ۾ مرزا صاحب لکي ٿو ته "استورٽ صاحب ٻڌائي ٿو ته شڪارپور جي قيام جي تاريخ ١٠٢٦ھ آهي". انکان پوءِ مرزا صاحب نه انجي تصديق ٿو ڪري ۽ نه ئي وري ترديد. انجي معنيٰ اها آهي ته هو خود انکان واقف نه آهي ۽ سڄو اعتماد مسٽر استورٽ تي ڪيو اٿس.

١٧- خدا داد خان ميرن جي آخري زماني ۽ انگريزن جي ابتدائي دور ۾ مير منشي يعني (Chief Secretary) هيو ۽ سکر جو رهواسي هيو. هن آخري زماني ۾ سنڌ جي تاريخ "لب تاريخ سنڌ" ١٣١٨ھ/١٩٠٠ع ۾ لکي آهي؛ جنهن ۾ شڪارپور جو چڱو ڀلو ذڪر ٿيل آهي. مگر هو به ان ڪتبي جو ذڪر نه ٿو ڪري.

١٨- مرزا قليچ بيگ سنڌ جو مشهور اهل قلم آهي. هن ڪتاب "قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" لکيو آهي. شڪارپور جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو، ته "دائود جي اٺين پيڙهي مان بهادر خان هو، جنهن کي اورنگزيب بادشاهه وٽان لکي ۽ خانپور جاگير تي مليا. انهن جو آباوڙي جي مهرن جي سردار شير خان سان تڪرار ٿيو، جنهن لکي ڪسي پنهنجي هٿ ڪئي. طرفين جي وچ ۾ سخت جنگ ۽ دائود پوٽن فتح ڪري لکي موٽائي ورتي. پوءِ انهيءَ فتح جي يادگيريءَ لاءِ شڪارگاه جو جهنگ ويرائي ميدان صفا ڪرائي، اتي شهر ٻڌايائون ۽ انهيءَ جو نالو شڪارپور رکيائون. اهو سال سن ١٠٢٦ھ (سن ١٦١٧ع) هو جو فارسي لفظ "غوڪ" مان نڪري ٿو، جنهن جي معنيٰ ڏيڏر آهي، ۽ اهو شهر جي لکي دروازي واري حاجي فقيرالله رحه واريءَ مسجد جي هڪڙي پهڻ تي اڪريل آهي". (قديم سنڌ ص: ٢٦٥ - ٢٦٦) مرزا قليچ بيگ جي بيان جو پهريون حصو ته درست آهي. ليڪن آخري جملو ان جي ابتڙ آهي. جيڪڏهن هيءَ جاگير اورنگزيب عطا ڪئي هئي ته پوءِ اهو سن ١٠٢٦ھ ڪيئن ٿي

سگهي ٿو. ڇو ته اورنگزيب تـہ انوقت تائين ڄايو ئـي ڪين هيو. اورنگزيب جي پيدائش جي تاريخ ١٠٢٨ھ آهي. هو ١٠٦٨ھ ۾ تخت

"آفتاب عالم تاب" "آفتاب عالم تابم"

نشين ٿيو ۽ ١١١٨ھ هن وفات ڪئي. ائين ٿو لڳي ته مرزا قليچ بيگ

" آفتاب عالم تاب من"

شروعاتي جملا تـہ تاريخ جي اتباع ۾ لکي ڇڏيا ۽ آخري جملا هـن سنڌ گزيٽيئر جي پيرويءَ ۾ تحرير ڪيا. ان ڪري هو پاڻ تضاد جو شڪار ٿي ويو.

١٩- پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور جي مئگزين "تخلستان" ١٩٥٥ع ۾ شڪارپور جي تاريخ تـي هڪ مضمون " شڪارپور دائود پوٽن جي تسلط هيٺ " لکيو آهي. هو صاحب تحرير ڪري ٿو ته " افسوس آهي جـو هي تاريخي ڪتبو هينئر باقي نہ رهيو آهي. وقت بوقت مسجد جي نئين سر تعمير سبب هيءُ ڪتبہ شايد گهڻو وقت اڳي ضايع ٿي چڪو آهي". (ص: ٩)

مطلب ته ايترا سارا مؤرخ ۽ شڪارپور جا رهواسي ڪنهن ڪتبي جي وجود کان واقف نہ آهن. خبر نہ آهي تہ ڪئپٽن برنس اهو ڪتبو ڪاٿي ڏٺو ۽ اها ڳالهہ ظاهر آهي ته انهن معزز مؤرخن جي مقابلي ۾ گهمندڙ فرنگي سياحن جي ڳالهہ ڪيترو وزن رکي سگهي ٿي.

اڄ ڪلهہ حاجي لطيف شاه جـي مسجد ۾ محراب جـي مٿان سيمينٽ سان لفظ "غوڪ" لکيل موجود آهي. ان مان ڪنهن بـہ شخص کي غلط فهميءَ جو شڪار نہ ٿيڻ کپي. ون يونٽ قائم ٿيڻ کانپوءِ ١٩٥٥ع ۾ سرڪاري طور تي حاجي لطيف شاه جـي مسجد جي مرمت ٿي هئي. انوقت مسجد جومتولي مونوٽ آيو هيو ۽ مون ئي کيس گزيٽيئر جي عبارت پڙهائي هئي جنهن بعد ۾ مسجد جـي محراب مٿان لفظ " غوڪ " (١٠٢٦ھ) ڪنده ڪرايو آهي ۽ اها منهنجي سامهون جي ڳالهہ آهي.

٢٠- داخلي تاريخي شهادت به ان تاريخ کي قبول نٿي ڪري. بهادر خان دائودپوٽو شڪارپور جوباني آهي. يعني هو ١٠٢٦ه ۾ زنده هيو ۽ حڪمران به هيو. سندس وفات متعلق مؤرخ لکن ٿا، ته جنهن زماني ۾ شهزادي معزالدين جي طرفان بختاور خان کي سيوي (سبي) ۽ بکر جي حڪمراني ملي ته هن شڪارپور جي دائود پوٽن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. ان زماني ۾ بهادر خان جو انتقال ٿيو. (تاريخ ڪلهوڙا جلد اول از مولانا غلام رسول مهر ص: ١١٧). بهادر خان جو پٽ مبارڪ خان بختاور خان جي خلاف شڪايت ڪٺي شهزادي معزالدين وٽ ملتان پهتو. اها سن ١١١٣ه/١٧٠١ع آهي (مرآت عباسيه ص: ٩٨ ۽ جواهر عباسيه ص: ٨٢) ان تي قياس ڪندي اها ڳالهه چئي سگهجي ٿي ته بهادر خان جي وفات ١١١١ه/١٧٠٠ع ۾ ٿي آهي. انجي معنيٰ اها ٿي ته بهادر خان ١٠٢٦ه کان ١١١١ه تائين ٨٥ سال حڪومت ڪئي ۽ ان لحاظ کان سندس عمر ته شايد هڪ سو سال کان به وڌيڪ هوندي. دنيا ۾ سڀ کان گهٽي ۾ گهٽي حڪومت ڪرڻ جي مدت پنجاه سال آهي. اڪبر بادشاه ۽ اورنگزيب عالمگير پنجاه پنجاه سالن تائين حڪومت ڪئي آهي. پنجاسي سالن تائين حڪومت ڪرڻ جي مدت جو رڪارڊ دنيا جي تاريخ ۾ موجود نه آهي. هيءَ سڄي دشواري انڪري پيش اچي رهي آهي، ته ڪئپٽن برنس هڪ متعين سن درج ڪري ڇڏيو آهي ۽ هيڏي ساري مشڪلات پيدا ڪئي آهي. جيڪڏهن سندس بيان کي حذف ڪري ڇڏجي ته پوءِ تاريخ جون سڀ ڪڙيون سڌي طرح ملي وڃن ٿيون.

٢١- سڀ تاريخون متفق آهن ته بهادر خان دائود پوٽي شڪارپور وسائڻ لاءِ زمين بختيار خان جي والد مرزا خان پنيءَ کان ورتي هئي، جيڪو ان زماني ۾ بکر ۽ سيويءَ جو ناظم هيو. هي عهدو کيس شهزاده معزالدين ڏنو هيو. جيڪو ان وقت ملتان جي صوبي جو حاڪم هيو. شهزادو معزالدين بهادر شاه اول جو پٽ ۽ اورنگزيب عالمگير

جو پوٽو هيو. معزالدين ١٠٧١ﮪ مطابق ١٦٦١ع ۾ ڄائو ته عالمگير جي زماني ۾ هو ملتان جو حاڪم سن ١١٠٦ﮪ/٩٥-١٦٩٤ع ۾ ٿيو. (The Later Mughals, by Irwin. Page 203) بعد ۾ هو معزالدين جهاندار شاه جي نالي سان دهليءَ جي تخت تي ويٺو. (٢٥- ١١٢٤ﮪ/١٣-١٧١٢ع) بختاور خان سان جنگ جو ذڪر قومي تاريخ ۾ بہ ملي ٿو ( ڏسو ماثر عالمگيري ص: ٤٣٢ سن ١١١٢ﮪ، تاريخ خافي خان جلد ٻيو ص: ٤٦٢ سن ١١١٢ ﮪ).

هن بيان جي روشنيءَ ۾ اها ڳالھہ واضع ٿي وڃي ٿي تہ شڪارپور جو قيام شهزادي معزالدين جي ملتان جي حاڪم مقرر ھئڻ کان بعد ممڪن ٿي سگهي ٿو. ١١٠٦ﮪ/١٦٩٤ع کان بعد ۽ اسان اهو ثابت ڪري چڪا آهيون تہ بهادر خان جي وفات ١١١١ﮪ/١٧٠٠ع ۾ ٿي آهي. انڪري شڪارپور جو قيام ١١٠٦-١١١١ﮪ يعني١٦٩٤ع جي وچ ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو.

٢٢- وڌيڪ مزيدار ڳالھہ اها آهي، تہ هڪ ٻي ڪتاب "A Voyage on Indus" ۾ برنس خود لکي ٿو تہ "سنڌونديءَ جي ساڄي پاسي شڪارپور ضلع ۾ مسلمان دائود پوٽن جو هڪ قبيلو آهي. اورنگزيب جي ابتداعي دور ۾ ڪين اتي حڪمراني حاصل ٿي."

(A Voyage Indus by Alexander Burns, Karachi 1973)

هي ڪتاب ١٨٣٢ع ۾ يعني بخارا جي سفرنامي کان چار سال بعد ۾ ۾ لکيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ دائود پوٽن جي حڪومت کي هو اورنگزيب جي زماني ۾ ٻڌائي ٿو، حالانڪ بخارا جي سفرنامي هو ١٠٢٦ﮪ جو زمانو ٻڌائي ٿو، جيڪو اورنگزيب جي ڏاڏي جهانگير جو زمانو آهي. ڇهن سالن بعد ۾ ڪيس اهو بہ ياد نہ رهيو تہ اڳ ۾ مان ڇا لکي چڪو آهيان. دروغ گورا حافظہ نہ باشد

**اضافا:-**

١- ڪلهوڙن ۽ دائود پوٽن جي وڏن مان جنهن بزرگ سنڌ ۾ باقاعده اميريءَ جو منصب حاصل ڪيو ۽ چام جو لقب مليس، اهو "امير چني خان" آهي. سندس شجرو "مرآة دولت عباسيه" ۽ "جواهر عباسيه" ۾ هن طرح درج ٿيل آهي:

محمد چيني خان بن بهلا خان (بهاءُالله خان) بن تهل خان (فتح‌الله خان) بن سنڪراسي خان (سڪندر خان) بن ڪاهر خان (عبدالقاهر) بن ابن خان (ابو النصر خان) بن سلطان احمد ثاني بن سلطان شاه مزمل بن سلطان عقيل بن سلطان سهيل بن سلطان ياسين بن خليفو احمد اول مستنصر بالله بن خليفه شاه محمد بن خليفه سلطان ابوالفضل بن سلطان ابو جعفر عبدالله بن خليفه محمد امين بن خليفه سلطان هارون‌الرشيد بن خليفه محمد مهدي بن خليفه ابو جعفر منصور بن محمد بن علي بن عبدالله حضرت عباس رض.... (تاريخ سنڌ ڪلهوڙه دور جلد اول ١٩٥٨ع اردو. غلام رسول مهر ص: ٤٨-٤٩) محمد چيني خان کي ٻه پٽ هئا، ١- محمد مهدي ٢- محمد دائود. سندس وفات کانپوءِ وصيت مطابق خانداني ترار ۽ دستار محمد مهديءَ جي حوالي ڪئي وئي، جنهن جي اولاد ڪلهوڙا آهن ۽ حمائل شريف تسبيح ۽ مصلو محمد دائود خان جي حوالي ٿي، جنهن جا پويان دائود پوٽا آهن.

٢- سر اليگزينڊر برنس ١٦ مئي ١٨٠٥ع ۾ انگلستان ۾ پيدا ٿيو سورهن سالن جي عمر ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ملازمت ۾ داخل ٿيو. ١٨٢٣ع ۾ کيس سورت بندر موڪليو ويو. ۽ ١٨٢٥ع ۾ ڪڇ تبديل ڪيو ويو. ١٨٣٠ع ۾ راجا رنجيت سنگهه جي دربار ۾ ويو. ۽ ١٨٣٢ع ۾ کيس حڪومت هند جي سفارش تي سنڌ جي ايراضيءَ جي مطالعي ۽ تحقيقات تي مامور ڪيو ويو. شمالي هندوستان،

افغانستان، بخارا ۽ ايران جي سياحت تفصيل سان ڪيائين. سنڌ جي اميرن سان مهراڻ جي تفصيلي سروي لاءِ حيدرآباد ۾ مذاڪرات ڪيائين. ١٨٣٦ع ۾ تجارتي وفد جو سربراه ٿي روس جي اندروني حالتن کي پرکڻ لاءِ پڻ ويو. ١٨٤١ع تائين ڪابل ۾ انگريزن جي سياسي نمائنده جي حيثيت ۾ رهيو. برنس کي سنڌ، هند، افغانستان، ۽ ايران جي شهرن جي جاگرافي ۽ تاريخ جو وسيع مطالعو هيو، تنهن ڪري ہہ ٽي ڪتاب لکيائين.

1- A Voyage to Bukhara (1828).
2- A Voyage on Indus (1832).
3- Memoirs of Kabul (1842).

(تازه نواي معارڪ تاليف منشي عطا محمد مرزا شڪارپوري. تصحيح حاشيو ۽ تعليق عبدالحي حبيبي افغاني ١٩٥٩ع ص: ٨٨٨-٨٨٩).

٣- مرزا عطا محمد شڪارپوريءَ پنهنجي ڪتاب تازه نواي معارڪ ۾ اسٽوئرٽ گنج بازار (اسٽول گنج بازار) جي بنياد تي هڪ بيت لکيو آهي:

بنا ڪرد بازار اسٽورٽ گنج
که يا بند مردم ازو نفع و رنج
(ص: ٧٤٥)

مسٽر اسٽورٽ انوقت شڪارپور ضلع جو ڪليڪٽر هيو. سندس نالي سان اناج منڊي بازار اڃا تائين سڏجڻ ۾ اچي ٿي (مرزا عطا محمد منشي شڪارپوري مضمون احقر راقم الرحيم سيپٽمبر- آڪٽوبر ١٩٧٤ع ص: ٢٨)

٤- لطف الله سورتي مالوه (گجرات) جو باشندو هيو ۽ گجرات ۾ رهيل انگريز عملدارن کي فارسي پڙهائيندو هيو. نومبر ١٨٣٨ع ۾ ڪپتان ايسٽوڪ لطف الله کي سنڌ ۾ انگريزي ريزيڊنٽ ڪرنل

سرپاتنجر جو نائب مقرر ڪيو ويو. ڪپتان ايسٽوڪ لطف‌الله کي گڏ سنڌ هلڻ جي آڇ ڪئي، جا هن قبول ڪئي. ڪپتان ايسٽوڪ پنهنجو منشي ۽ فارسيءَ جو استاد مقرر ڪري پاڻ سان گڏ سنڌ ۾ وٺي آيو. لطف‌الله سنڌ ۾ پنهنجي آمد ۽ هتي پنهنجي قيام واري زماني جا تاثرات پنهنجي هڪ خودنوشت سوانح ۾ قلمبند ڪيا، جيڪي بعد ۾ ڪئپٽن ايسٽوڪ ڇاهي نوڪي انگريزي زبان ۾ "Autobiography of Lutfullah" جي نالي سان شايع ڪرايا. هن ڪتاب جا سنڌ ۾ قيام واري عرصي سان تعلق رکندڙ صفحا "سنڌي ادبي بورڊ" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي شايع ڪيا آهن. (سنڌ جو سفر: لطف‌الله جي خود نوشت سوانح تان: مترجم قادر بخش نظاماڻي. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ ١٩٧٠ع ملاحظه ڪيو پيش لفظ).

٥- شاه شجاع (١٨٠٣-١٨٤٢ع) احمد شاه ابداليءَ جو پوٽو آهي. هن محمود شاه (وفات ١٨١٩ع) پنهنجي ڀاءُ کي برطرف ڪري ڪابل جي تخت تي ويٺو مگر ناڪام ثابت ٿيو. ١٨٠٩ع ۾ بارڪزئين کيس شڪست ڏني ۽ هو لڌياڻه ۾ انگريزن جو پنشن بردار ٿي رهڻ لڳو. ١٨٣٩ع ۾ انگريزن جڏهن افغانستان تي حملو ڪيو تہ شاه شجاع انگريز فوج سان گڏ ڪابل ويو ۽ انهن جي مدد سان پيهر ڪابل جو تخت ماڻيائين، مگر ٻن سالن بعد افغانن اميردوست محمد خان (١٧٩٣-١٨٦٣ع) جي پٽ اڪبر خان جي قيادت ۾ بغاوت ڪئي. انگريزن جي ساڍا سورهن هزار فوج مان فقط هڪ شخص زنده سلامت واپس هندوستان پهتو، ۽ شاه شجاع کي قتل ڪيو ويو.

هڪ شعر ان واقعي ڏانهن نشاندهي ڪري ٿو:

شهيد خنجر قاتل شدم چو شاه شجاع
زمن خون بنويسد داستان مرا.

باقر شاه فقيه سندس تاريخ وفات هن طرح چئي آهي:

هاتفم گفت: آه و نالـه بـرار
شمع دولت بصبحدم گل شـد
(١٣٥٠-٨٨٦=١٢٥٨هه)

شاه شجاع سندکي بہ کافي ڦري ڪاڌو. ( تـازه نـواي معارڪ: تعليقات ص: ٩٣٦-٩٣٧--اردو انسائيڪلو پيڊيا فيروز سنز ١٩٦٨ع ص: ٦٧٤ ۽ ٨٨٣ )

٦- (Edward Back House Eastwick) ايڊورڊ بيڪ هائوس ايسٽوڪ ١٨١٤ع ۾ پيدا ٿيو. چارٽـر هائـوس ڪاليج ۽ آڪسفورڊ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. ١٨٣٦ع ۾ گرانڊ انڊس آرمـي سان سنڌ ۾ آيو. ايران ۽ سنڌ جي تاريخ جو تفصيلي مطالعو ڪيو هيائين. سنڌي زبان ۾ هڪ لغت پڻ لکي هيائين. هنجو هڪ ڪتاب Dry Leaves from young Egypt ١٨٩٤ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ ١٨٣٩ع ۾ سنڌ ۾ جيڪي حالتون هيون، تن جي چٽي تصوير ڏني وئي آهي ۽ ڏيکاريو ويو آهي تہ ڪيئن نہ ڪوڙين تهمتن جي بنياد تي ميرن سان ڏني وائٽي ارهہ زورائي ڪئي وئي هئي. ١٨٦٠ع ۾ تهران ۾ سفارتي عهدي تي فائز ٿيو. بعد ۾ هندوستان ۾ سيڪريٽري داخلا جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. ڪيترن ئي ڪتابن جهڙوڪ گلستان، انوار سهيلي باغ و بهار وغيره جو انگريزي زبان ۾ ترجمو ڪيائين. سن ١٨٨٣ع ۾ وفات ڪيائين ( تازه نواي معارڪ تعليقات ص: ٩٤٧— نئين مصر جا پراڻا ورق سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٣ع ص: ٦ - ٧)

٧- ڪئپٽن گولڊ سمڊ (Captain Goldsmid) جيڪو پوء ميجر ٿيو، انگريزن جـي اوائلي دور ۾ سنڌ جـو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ تعليم کاتي جو آفيسر انچارج مقرر ٿي آيو هيو. هن شڪارپور جـي تاريخ جاگرافي، ثقافت، سياسي ۽ اقتصادي حالات بابت تفصيل سان ياد داشت "Memoirs on Shikarpur" نامو تحرير ڪيو جنهن کي ١٨٥٥ ۾

جي ناني سان شايع ڪرايو ويو. "سال ١٨٦٠ع ۾ هن صاحب جي بي لوث محنت ۽ زبردست ڪوشش سان ١٧٠ صفحن تي مشتمل هڪ مستند ۽ شاندار؛ "سنڌي گرامر" ٨×١٢ انچن جي سائيز ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو، جنهنکي هن وقت به سنڌيءَ جو هڪ مڪمل ۽ معتبر گرامر ڪري تسليم ڪيو وڃي ٿو." (سنڌي ساهت ۽ مشهور مستشرقين از حبيب الله مولا بخش پنو ١٩٧٣ع ص: ٦٩)

٨- مير عبدالاحد بن مولانا حامدالحق بن شاه فقيرالله علويءَ رحه جي ولادت ١٢٣٩ھ ۾ ٿي. سندس ولادت تي حضرت سيد محمد شجاع لکوي رحه هڪ قطعه لکيو.

بصاحبزاده آن حامدالحق
خدائے پاک باحسان بو باجود
بعلم و باعمل چون جد کامل
عطا کرده طويل العمر مولود
قوي بخت و قوي طالع قوي رائے
خدايم او چون نوح افزود
بحرمت احمد و پاران و آلش
دعايم قبول آورد معبود
شجاعا سال ميلادش بفرما
ضياء الحق زهے مولود مسعود

١٢ھ ٣٩

(بياض مير حامدالحق ص: ١٧)

١٢٤٣ھ ۾ ڪيس آخوند عبداللطيف جي هٿان درس جي ابتدا ڪرائي وئي. ان ڪان علاوه سندس استادن ۾ سندس خانداني بزرگ ۽ ملا صاحبڏنو (وفات ١٢٥٥ھ ڪانپوءِ) مشهور آهن. جلدئي فارسي ۽ عربي علوم جو ماهر ٿي ويو. سندس طريقت جو سلسلو چشتيه سليمانيه آهي. حضرت

خواجہ سليمان تونسويءرحہ (١١٨٤-١٢٦٤ھ) جي هڪ خليفي حضرت مولانا احمد علي انصاري رحہ المعروف **بعرب صاحب** جي هٿ تي بيعت ڪئي هئائين، جيڪو سندس خاندان جي ڪيترن ئي اهل علم حضرات جو مرشد هيو. تمام وڏو عالمہ فاضل ۽ عارف بالله شخص هيو. شادي بہ علوي خاندان مان ڪئي هئائين. سندس وفات ١٢٩٦ھ ۾ ٿي ۽ مزار مبارڪ لاڙڪاڻي نزد وليد ڳوٺ ۾ آهي. مولانا عبدالاحد صاحب اڃا ويهن سالن جو مس ٿيو، تہ سندس والد بزرگوار ١٢٥٩ھ ۾ رحلت ڪئي. انهيءَ زماني ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. جن مختلف خاندانن ۽ ماڻهن جون جاگيرون ۽ پٽداريون انگريز سرڪار سلاميءَ بعد بحال ڪيون انهن ۾ علوي خاندان بہ شامل آهي. انگريزن سنڌ جي معزز خاندانن جي عالم فاضل شخصن کي مختلف عهدن تي فائز ڪيو. مولانا ميرعبدالاحد علويءَ کي بہ ڪاردار يعني مختياڪار جو عهدو ڏنو ويو. هو مختلف شهرن ۾ جهڙوڪ نوشهرو فيروز، هالا وغيره ۾ان عهدي تي فائز رهيو. هالا جي مخدومن سان اڻبڻت ٿيڻ ڪري هن ڪاردار جي عهدي تان استعيفا ڏيئي باقي وقت شڪارپور ۾ زمينداري ۾ گذاريائين. هن فارسيءَ ۾ لکيءَ جي تاريخ لکي ۽ ان قلمي مسودي تان ميجر گولڊ سمڊ تمام گهڻو استفادو ڪيو، جنهن جو اعتراف هن "Memoirs on Shikarpur" ۾ ڪيو آهي. ڪيس بہ پٽ مير جمال الدين (١٨٦١--١٩٤٧ع) ۽ ڪمال الدين (١٨٦٣-١٩٣٧ع) نالي تولد ٿياہ سندس ٻہ پوٽا ميان بدرالدين (ولادت ١٩٠٣ع) ۽ ميان نورالدين (ولادت ١٩٠٦ع) پنهنجي اولاد سميت اڃا تائين حال حيات آهن.

مير عبدالاحد علويءَ جو هڪ قلمي بياض ٦٩٦ اوراق تي ٻن جلدن تي مشتمل سندس پوٽي ميان نورالدين علوي صاحب وٽ موجود آهي، جنهن ۾ مختلف شعراء جو ڪلام، نثر جا نندا ڪتاب اوراد، وظائف ۽ طب جا نسخا لکيل آهن. سنڌ جي بزرگن ۽ عالمن

سان سندس قلمي ڏيٺ ويٺ هئي؛ انهن مان مير سيد اڪبرعلي لکوي، سيد احمد علي لکوي، مرزا عطا محمد منشي شڪارپوري، حضرت خواجہ نظام الدين سرهندي رحہ (١٢٠٤-١٢٧٣ھ) مخدوم محمد صالح وزير آبادي ۽ لنواري جي بزرگ حضرت خواجہ محمد سعيد مڪي (١٢٦٤-١٣٢٤ھ) جا نالا قابل ذڪر آهن.

مير عبدالاحد علويءَ جي وفات ١٣١١ھ مطابق ١٨٩٤ع ۾ ٿي وفات جي تاريخ جو مادو "چراغ مسجد" ۽ "انتخاب اهل خرد" مان

١٨ ٩٤ع

نڪري ٿو. سندس نماز جنازه سنڌ جي، تحريڪ آزاديءَ جي، مشهور بزرگ مولانا تاج محمود امروٽيءَ پڙهائي. ڪيس سنڌ واه پرسان پٽيءَ جي مشهور قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. پاڻ "مجمع محمدي" شڪارپور برانچ جو وائيس پريزيڊنٽ تي رهيو. (بياض مولانا مير حامد الحق علوي رحہ. بياض مولانا مير عبدالاحد علوي. نخلستان ١٩٥٥ع گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور ميگزين. Memoirs on Shikarpur 1855 by Major Goldsmid. تاريخ سنڌ ڪلهوڙا عهد: غلام رسول مهر ١٩٥٨ع جلد اول سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ماهنامو نئين زندگي سيپٽمبر ١٩٦٠ع) شجره نرينہ علوي خاندان شڪارپور: مير جمال الدين علوي.

نوٽ: احقر راقم هت اهو چاڻڻ مناسب سمجهي ٿو تہ پروفيسر سليم صاحب ڪان "مير عبدالاحد علوي ڪاردار لکي" لکندي ڪجهہ ڀل ٿي وئي آهي. ڪپتان گولڊ سمٿ پنهنجي تحرير ڪيل "سرگذشت شڪارپور" Memoirs on Shikarpur ۾ مير عبدالاحد علويءَ کي ٻن هنڌن تي حواشيءَ ۾ آندو آهي.

"Mss. Abdul Ahad Alawi" & "Mss. Account of Lakhi, by Kardar. Abdul Ahad Alawi.": Page 7 & 9 Bombay Govt: Records. ۽ ساڳئي ڪتاب جي ٻي جلد

۾ لکيءَ جي نامور شهرين ۾ آغا مغل عبدالصمد کي لکيءَ جو ڪاردار (مختيارڪار) ڪري لکيو اٿـن. يعني مير عبدالاحد علوي صاحب انوقت ڪاردار جي عهدي تي فائز هيو، پر لکيءَ جو ڪاردار نہ هيو. جڏهن هن لکيءَ جو تاريخي دستاويز لکيو هيو. افسوس جو ان ڪتاب جو ڪو بہ قلمي نسخو سندس پوين وٽ موجود نہ آهي.

٩- مرزا عطا محمد شڪارپوريءَ جا وڏا اصل ۾ سنڌ جـا قديم رهاڪو آهـن ۽ ذات جا ٻگهيا آهن. سندس وڏي ڏاڏي جو نالو حافظ ميان ٽتو آهي. سندس نسب جو سلسلو پنجين پيڙهيءَ سان ميان ٽتي سان ملي ٿو: عطا محمد ولد شاه محمد ولد عبدالرحيم ولد حاجي محمد علي ولد حافظ ميان سليمان ولد آخوند ميان ٽتو.

حافظ محمد ميان سليمان ١٠٠٣ھ ۾ ڄائو. پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ حافظ ڪلام‌الله هيو. حرمين شريفين جـي زيارت کـان مشرف ٿي شڪارپور لڳ خانپور ۾ سڪونت پذيـر ٿيو سندس پٽ حاجي محمد علي جيڪو "ميان عليءَ" جي نالي سان مشهور هيو، سو بـہ پنهنجي زماني جو وڏو عالم ۽ فاضل شخص ٿي گذريو آهي. سنڌ جي حڪمرانن کيس سندس پيءُ جي مرڻ کانپوءِ خانپور شهر جـو قاضي مقرر ڪيو هيو. کيس بـہ پٽ ميان عبدالرحمان ۽ ميان عبدالرحيم نالي ڄاوا، جن اڏ پلاڻ ڪري شڪارپور وسائي.

ميان عبدالرحيم ٻارهين صدي هجري سن هڪ عالم بزرگ ٿـي گذريو آهي. هو حضرت حاجي فقيرالله شاه علوي رحہ (وفات ٣ صفر ١١٩٥ھ) جو دوست هيو. حضرت حاجي صاحب رحہ کيس برخوردار ڪري سڏيندو هيو. جڏهن شڪارپور افغاني حڪومت جـي ماتحت هئي، تڏهن احمد شاه ابدالي (وفات -١١٨٦ھ) جـي وزير اعظم شاه ولي خان؛ ميان عبدالرحيم جي نالي (گذران لاءِ ) گيهہ ۽ ڪڻڪ جو اٿو ١٧٦٢ع ۾ مقرر ڪيو هيو. مرزا عطامحمد جو والد بزرگوار

ميان شاه محمد بہ عالم فاضل ۽ قرآن مجيد جو حافظ هيو. ميرزا عطا محمد منشي سن ١٢٠٠ھ ڌاري شڪارپور ۾ ڄائو. هن تعليم پنهنجي والد بزرگوار ۽ شهر جي وڏن مدرسن خصوصاً حضرت حاجي فقيرالله شاه علوي رحہ جي مدرسي ۽ قاضين جي مدرسي مان حاصل ڪئي. ميرزا عطا محمد جوانيءَ کان شڪارپور ۾ منشي گيري ڪندو هيو ۽ حاڪمن سان اٿندو ويهندو هيو. ان زماني جي فارسي زبان ۾ انشاپردازي ۽ مضمون نگاريءَ ۾ وڏي پهچ هيس.

سندس مامو شير محمد خيرپور جي اميرن جو درباري هيو ۽ ميرن جي طرفان افغانن جي دربار ۾ سفارت ۽ وڪالت جي عهدي تي فائز هيو. جڏهن ١٢٢٥ هجريءَ ۾ شاه محمود ( بن تيمور شاه ) افغاني سلطنت جي تخت تي ويٺو، تہ ان جي جشن ۾ شرڪت لاءَ حيدرآباد جي ميرن طرفان سيد اسماعيل شاه ( ١٢٥٠ھ کان بعد فوت ٿيل ) ۽ خيرپور جي ميرن طرفان شير محمد خان بہ پنهنجي ڀائٽي مرزا عطامحمد سان گڏ ڪابل ويو جتي کين تحفن سان نوازيو ويو. ١٢٣٥ هجري سن ۾ ميرزا عطا محمد شڪارپور ۾ شاه شجاع بن تيمور شاه بادشاه جو منشي هيو ۽ شاه موصوف جي شڪارپور ۾ قيام دوران هو شاهي فرمان لکندو هيو ۽ سنڌ جي ميرن ڏانهن شڪارپور جي ڳوٺن جي ماليات ادا ڪرڻ لاءِ شاهي سياسي رقعا تحرير ڪندو هيو ١٢٣٧ هجريءَ ۾ هن مرزا عطا محمد خان قنڌاريءَ (جنهن جي نالي سان اڄ بہ ”ڪڙي عطا محمد خان محلو“ موجود آهي) وٽ منشي گيريءَ جو شغل انجام ڏنو. ملا مومن خان غلزئي شڪارپور جي نيابت کان معزول ٿيڻ وقت پنهنجي دوست ميرزا عطا محمد شڪارپوريءَ کي قنڌار هلڻ جي دعوت ڏني پر کيس والدين اجازت نہ ڏني.

ڪجهہ مهينن کان پوءِ والدين جي اجازت سان قنڌار روانو ٿيو، جيتوڻيڪ انوقت شڪارپور جي نائب سردار رحمدل خان کيس ملازمت ڪرڻ لاءِ گهڻوئي زور ڀريو. هن اتي قنڌار ۾ وڏيون نوازشون

ڏنيون، ڪيس عاليشان پوشاڪون ڏنيون ويون ۽ سندس سهڻي مهمان نوازي ڪئي وئي. ملا مومن جي احسانن ڪيس نوڙائي ڇڏيو. هن قنڌار جي وڏن بزرگن ۽ اوليائن جون زيارتون ڪيون ۽ اهل علم سان علمي صحبتون ڪري مستفيد ٿيو. سردار شير دل خان ڪيس مختيارڪاريءَ وارو عهدو ڏنو، جنهن تي هو ٻه سال فائز رهيو ۽ بقول سندس "مختيارڪاريءَ جي دوران هڪ دينار به بيجا صرف نه ڪيم." ڪيس هتي ئي شايد افغانستان جي سردارن ۽ حڪمرانن طرفان ميرزا جو لقب مليو. ميرزا لفظ جي معنيٰ آهي صاحبزادو. ١٢٣٨هجري سن ۾ شاه شجاع ۽ بروچن جي وچ ۾ سکر ۾ جنگ لڳي. انوقت شڪارپور جو گورنر ۽ حاڪم سيد ڪاظم شاه ولد سيد اسماعيل شاه ميرن جي طرفان مقرر ٿيل هيو. هن ميرزا عطامحمد کي جنگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ چيو، پر جيئن ته عطامحمد صاحب شاه شجاع جو اڳ ۾ منشي ٿي رهيو هيو، انڪري هن سيد ڪاظم شاه کي هي لفظ چئي جان ڇڏائي. "هر قلم کي هر مضمون لاءِ استعمال نه ڪبو آهي ۽ سڀني قلمن کان ڪم جدا جدا ورتبو آهي. باز جو ڪم بدڪ کان ٿي نه سگهندو ۽ هل طوطي وانگر بولي نه سگهندي آهي. منهنجو ڪم قلم وهائڻ آهي ۽ هي معاملو تلوار هلائڻ جو آهي. اسان فقره نويسن جي لاءِ قلم جو متو ئي ڪافي آهي نه ناحق مسلمانن جي خونريزي. هي ڪهڙي ملت ۾ جائز آهي؟ جيڪڏهن جهاد هجي ها ته به فڪر نه هيو. هن جنگ ۾ دنيا ۽ آخرت جي خساري کانسواءِ ٻيو ڇا حاصل ٿيندو؟"

انگريزن جي دور ۾ ميرزا عطامحمد صاحب ڪليڪٽر جو دفتر دار پڻ ٿي رهيو ۽ انهيءَ زماني ۾ شڪارپور ضلع جي ڪليڪٽر جناب ايسٽوڪ کيس سنڌ جي تاريخ لکڻ تي آماده ڪيو. سندس تاليفات ۽ تصنيفات مان ٻن تاريخي ڪتابن جي خبر پوي ٿي.

## ١- تاريخ تـازه نواي معارك:

هي سندس معرڪ عالي تصنيف آهي. ١٢٠٥هه کان ١٢٦٨هه تائين سنڌ ۽ افغانستان جــي سياسي، ثقافتي، تاريخي ۽ سماجي چشمديده واقعات کي کولي بيان ڪيو اٿس. سنڌي ادبي بورڊ هن ڪتاب کي ١٩٥٩ع ۾ شايع ڪرايو آهي. تعليقات، حواشي ۽ مقدمو عبدالحي حبيبي جو لکيل آهي. ۽ سڄو ڪتاب ١١١٦ صفحن تي مشتمل آهي.

## ٢- خزايــن سنڌ:

هن ڪتاب ۾ ١٢٦١ هجري ۾ چارلس نيپئر ۽ بروچن جي وچ ۾ ٿيندڙ جنگين جو احوال ڏنل آهي. ڪتاب جــو واحد نسخو برٽش ميوزيم جي O. R سيڪشن ۾ موجود آهــي. سندس ذڪر برٽش ميوزيم جي ١٨٩١ع واري شايع ٿيل فهرست ۾ موجود آهي. افسوس جو سنڌ جي تاريخ جو هي نادر نسخو اجــا تائين قلمي صورت ۾ پيو آهي. هن جي شايع ٿيڻ سان سنڌ جي تاريخ ۾ غير معمولي اضافو اچي سگهي ٿو.

سندس انتقال ١٢٨٠هه مطابق ١٨٦٣ع اندر ٿيل آهي. ڪيس ٦ پٽ ١- ميرزا محمد حسن ٢- مرزا رحمت‌الله ٣- عبدالله ٤- قــادر بخش ٥- عبدالحڪيم ٦- عبدالرسول ناالي ڇاواه.

(تاريخ تازه نواء معارڪ، مقدمو، تعليقات ۽ حــواشي عبدالحي حبيبي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ١٩٥٩ع—١٨٨٨ع. History of Allienation in Sind V. II. تذڪره مخاديم کهڙه قلمي فارسي تاليف الله بخش مخدوم—ماهنامو الرحيم حيدرآباد سيپٽمبر—آڪٽومبر ١٩٧٤ع — ماهنامه رياض ش ٧ ج ٣ جولاء ١٩٥٤ع.

(Bombay Records: Memoirs on Shikarpur. Capt. Goldsmid 1855.

١٠- شيخ برادري شڪارپور جو شجره نسب درگاهي شيخن جي شاخ جي هڪ عالم ۽ فاضل شخص حاجي شيخ صاحبداد ولد شيخ مهر عليءَ جو لکيل آهي. هو عربي، فارسي اردو، پشتو، پنجابي ۽ سنڌي زبانن جو ماهر هيو. انگريزي ۽ترڪي زبان کان به سٺو واقف هيو. هو طبع زاد شاعر ۽ مشهور انشا پرداز هيو. ١٨٥٠ع ۾ ڄائو ۽ ١٩٣٦ع ٨٦ ورهن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. ڪافي عرصو حڪومت جي مختلف شعبن ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. بحرين ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني طرفان مترجم جا فرائض به انجام ڏنائين. عراق، عرب، ايران کان علاوه سنڌ، بلوچستان ۽ هندوستان جي به ڪافي سياحت ڪيائين. حڪيم اجمل خان سان گهري دوستي هيس. بغداد ۾ يوناني طب ۾ حڪيم قادري کان مستفيد ٿيو. تمام حليم ۽ خوش خلق هيو. سڄي عمر وظيفه خواني ۽ اولياء الله جي زيارت ڪرڻ ۾ گذاريائين. سندس تصنيفات مان طب ۾ ”فرهنگ قادري“ ۽ ”تسهيل العلاج“ ۽ انشاء ۾ ”انشا سنڌي“ مشهور آهن. ڪجهه وقت صحافت سان به وابسته رهيو. مير علينواز علويءَ (١٨٥۴-١٩٢٠) سان تمام گهاٽي دوستي هيس، جو سندس وفات تي هڪ طويل قطعو فارسيءَ ۾ لکيو هئائين. ڪيس به نينگر حاجي نصيرالدين ۽ مظفرالدين (لاولد) ڇاواه هينئر سندس لائق پوٽو علاءُالدين نيازي (صحافي) پنهنجن ٽن پٽن معراج‌الدين، صلاح‌الدين ۽ جلال‌الدين سميت حال حيات آهي.

تاج محمد صحرائي

# شڪارپور هڪ تهذيب جو مرڪز

جيڪڏهن اسان سنڌو ۽ فرات دجلا جي قديم ماٿرين جي پراڻي تهذيب جو ويهي مطالعو ڪريون، ته اسانکي بخوبي معلوم ٿيندو، ته ڪي پراڻيون شاهراهون انهن ٻنهي سڀيتائن کي ڳنڍيندڙ ۽ ملائيندڙ هيون. انهن شاهراهن تي جيڪي پراڻا شهر آباد هـوا، انهن مان فقط ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا شهر ڪنهن نه ڪنهن حالت ۾ زنده آهن. باقي ٻيا سڀ زماني جي دستدرازين ۽ قدرتي خورد برد سبب تباه ٿي، ڪنڊرن جي صورت ۾ رهجي ويا آهن. آر، سوسا، نينوا، تهران، بابل، همدان، ڪرمان، اصفهان، قنڌار، سبي، موهـن جـو دڙو، سيوهڻ ۽ نيرون وغيره وغيره. انهن شاهراهن تي وسندڙ ۽ آباد شهر هـوا، جتان قافلن جا قافلا گذرندا هوا. قنڌار، ڪوئيٽا، قلات کان جيڪي قافـلا سنڌ ۾ داخل ٿيندا هوا، اهي قافلا بولان لڪ اڪري، سوي، جهڏير جي دڙي وٽان لنگهي، شڪارپور کان ٿيندا پوءِ موهن جي دڙي تائين پهچندا هوا. جتان پوءِ لحم جي دڙي، ماڙڪ ناري، موندرو مرڪپور کان ٿيندا سيوهڻ (سوستان) ڏانهن ويندا هوا. سيوهڻ کـانپوءِ انهن قافلن کي لڪي ۽ نيرون ڀهاڙن واري قطار جو اولهه وارو پاسو ڏيئي لنگهڻو پوندو هو. سيوهڻ کان ۱۲ ميل پري جهانگارن وٽ اهو رستو ٻن شاخن ۾ ڦٽندو هو. هڪ شاخ ڪائي، نهنگ (نئنگ) کان لاهوت تائين ويندي هئي. ٻي شاخ وري دنب ٻني ٻنڌڙي، چورلي، ڪرچات ۽ ٿاڻي عارب کان ڪلاچي جي ڪن مٿان لنگهي، لاهوت، لس ٻيلي وٽان ٿيندي، مڪران جي حدن ۾ سمنڊ جي ڪناري مٿان جبلن جي قطارن جي ڀرپان هلندي آر تائين ٿي ويئي. سنڌ ۾ ان شاهراه تـي جيڪي مکيه چو واٽا شهر هوا، انهن ۾ هڪ شڪارپور وٽ ڪو دڙو،

سيوهڻ ۽ ڪرچات هوا. انهن حقيقتن تان پڙدي کڻڻ لاءِ وقت ۽ پيسي
جي ضرورت آهي، مگر يقين اٿم ته مستقبل ۾ ٿيندڙ کوجنائون ۽
کوٽائيون اهي ۽ اهڙي قسم جا پيا انڪشاف ضرور ڪنديون.

بهرحال هن وقت جيڪو شڪارپور جو شهر سنڌ جي نقشي تي
هڪ ضلعي هيڊ ڪوارٽر طور ڏيکاريل آهي، سو دائود پوٽن سن ١٦١٧ع
مطابق ١٠٢٦هه ۾ ٻڌايو هو. مگر تعجب ۾ وجهندڙ هي ڳالهه آهي ته
سنڌ جي ٽن مشهور تاريخن، فتح (چچ) نامي کي ڇڏي ڪري ٻه،
تاريخ معصومي (١٠٤٥هه)، مظهر شاهجهاني (١٠٤٤هه) ۽
تحفته‌الڪرام (١١٨١هه) ۾ شڪارپور جو ڪو خاص ذڪر يا احوال
ڪونه آندو ويو آهي. البت شمس‌العلماءُ ميرزا قليچ بيگ مرحوم
پنهنجي تصنيف قديم سنڌ ۾ شڪارپور جو احوال قدري تفصيل سان
لکيو آهي. جتي هاٿي شهر آهي، اتي ڪنهن زماني ۾ وڏا ٻيلا هوندا
هوا، ۽ داؤد خان ڪلهوڙن جي ڏاڏي کي اهو هنڌ مليل هو. داؤد خان
جي انهن پيڙهي ۾ امير بهادر خان مغل شهنشاه اورنگزيب عالمگير جي
ڏينهن ۾ جهنگ وڍائي، ميدان صاف ڪرائي، اتي شهر ٻڌايو، ۽ ان جو
نالو شڪارپور رکيائين. اهو سال ١٠٢٦هه (١٦١٧ع) هو، جو فارسي
لفظ ”غوڪ“ مان ٺهو نڪري؛ جنهن جي معنيٰ ڏيڏر آهي. اهو لفظ
شهر جي لکي در واري مسجد جي هڪ پهڻ تي اڪريل آهي. ان
مسجد شريف کي حاجي فقيرالله ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي.

شهر کي هڪ اوچي عالم پناه ڏنل هئي ۽ چئني طرفن کان هڪ
اونهي کاهي. شهر کي اٺ دروازا هوا، جن جا نالا هوا: لکي در،
هزاريدر، هاٿي در، سوي در، واڳڻو در، ڪرن در، خانپوري در ۽
نوشهرو در. انهن دروازن مان گهڻو ڪري، درن تي نالن رکيل شهرن
يا ڳوٺن ڏانهن رستا ويندا هوا، جن مان لکي ۽ سوي تمام مشهور
شهر هوا.

شڪارپور تان مهرن داؤد پوٽن، ڪلهوڙن، پنوهرن ۽ پٺاڻن جي

وچ ۾ ڪافي وقت تائين چڪتاڻ ۽ لڙايون هلنديون رهيون. آخر اهو شهر ٽالپرن ۽ فرنگين جي ١٨٤٢ع واري عهدنامي مطابق انگريزن جي قبضي ۾ آيو ۽ اتي انگريزن چانوڻي تعمير ڪرائي، پنهنجو لشڪر رهايو. انگريزن جي چانوڻين ويجهو جيڪي به ڪاروباري ۽ واپاري مرڪز وجود ۾ آيا انهن سڀني کي صدر بازار ڪري سڏيو ويو آهي. اهڙي طرح سنڌ ۾ ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور ۽ سيوهڻ شهرن ۾ صدر بازاريون ٺهيون ۽ جي اڄ تائين ساڳئي نالي سان سڏبيون اچن ٿيون. انگريزن جي عملداري هيٺ سنڌ ۾ ٽي ضلعا ٺاهيا ويا، جن مان هڪ شڪارپور هو. شڪارپور جو پهريون پولٽيڪل ايجنٽ ڪپتن ڪڪ پوپ هو، جنهن صاحب جي ايامڪاري ۾ شهر جي رونق وڌندي رهي. شڪارپور جو پويون (شايد) پولٽيڪل ايجنٽ يا ڪليڪٽر ڪرنل ميهو (Mayhew) هو. هن صاحب کي ڊگهي ڏاڙهي هوندي هئي. ان تي سوار ٿي سفر ڪرڻ جو شوقين هو. سنڌي ۽ بلوچي زبانون تمام سولائي سان ڳالهائي ويندو هو. هن صاحب بابت ڪيترين ئي حڪايتون مشهور آهن. هڪ ڀيري اڪيلي سر گهمندو ڦرندو وڃي زرخيل جي ٻيلي (تعلقو ڳڙهي ياسين) ۾ نڪتو. اتي مالوندن پاٿاريدارن هن کي چور سمجهي، ڪٽي ٻڌو ۽ خوب مرمت ۽ ملامت ڪيائونس. آخر پاڻ کي واتهڙو سڏائي قسما قسمي تي آزاد ٿيو. شڪارپور پهچڻ شرط وٺ وٺان ۽ پڪڙ ڌڪڙ شروع ڪري ڏنائين ۽ ٻن ڇئن ڏينهن اندر ٻيلو چورن ۽ پاٿاريدارن کان خالي ٿي ويو. هن صاحب جي اهڙي نموني سان ڇمڙا پوشي سبب شڪارپور ضلعي ۾ چور، پاٿاريدار ۽ ظالم وڏيرن لاءِ گويا جيل ۽ مصيبت جا پروانا ٻي ڦريا. ڪيترن ته سنڌ جي زمين کي ئي خيرآباد چئي وڃي پنجاب ۾ پناهه ورتي. ١٩٠١ع ۾ شڪارپور ضلع جي حيثيت ختم ڪئي وئي. ضلع جا هيڊ ڪوارٽر سکر ڏانهن منتقل ڪيا ويا. مگر ان هوندي به شڪارپور شهر پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا، علم ۽ ادب، وڻج

جهلي، شهر جي ڪشادين سڙڪن تي سير لاءِ نڪرندا هوا. لکيدر تي مسلمان توڙي هندو ڊگها پهراڻ ۽ چولا پائي، هيٺ تي ريشمي يا سوٽي گوڏيون ۽ ڌوتيون پهري، هٿن ۾ گجين ۾ رابيل ۽ گــلاب جون ڪنڊيون پائي، ٽهلندا هوا. ان وقت لکي در تي چا بهارون ۽ هبڪارون هيون. اڄ اڪيون انهن نظارن جي ڏسڻ لاءِ سڪن ٿيون. اونهاري جي چاليهي ۾ سنڌ واه تي چٽڪ ميلو لڳو پيو هوندو هو. ڏاڪڻين تــي وهنجڻ وارن جا هجوم. ٻار - ٻڍا، جــوان، مرد ۽ عورتن لاءِ خــاص گهاٽ ٺهيل هوا. اڄ اهي سڀ بندر بازاريون اجار ٿيون نظر اچن. نه دوڪان، نه مال متاع، نه گوشت نه سبزيون، نه انب نه ڪارڪان، نه ماڻهو ۽ نه وري ماڻهن جي هٿن ۾ ٿيوب، ٻارن جي پٺين تــي ٻڌل ٽنبيون يا ڪدو. الائي ڪهڙو واءُ لڳو؛ نه تــه باغن ۾ گلڪاريــون هيون ۽ ماڻهن ۾ وضعداريون. شڪارپور جا انب خاص ڪري پتاشو انب ته پنهنجو مٽ پاڻ هو. شڪارپورين جــو ڪاٺ ۽ پاڻ اڄ تائين ملڪان ملڪ مشهور آهي. جاين تي چن ۽ گوڻ جي ڪپهه مان ٺهيل ڳچ جو هنر، ڪاٺ جي درن، درين، شهتيرن ۽ ٿنڀن ۽ ڇتين تــي اڪريل گلڪاريون، ڊزائينون هن وقت به شايد ئــي ڪنهن شهر ۾ نظر ايندايون.

راءِ بهادر اڏوداس تــاراچند جــي ٺهرايل اسپتال، ان وقت سڄي سنڌ ۾ واحد مثالي صحت ۽ شفا گهر هو؛ جنهن ۾ مريضن لاءِ وندر، کاڌي پيتي ۽ دوا درمل جو سمورو بندوبست مفت ٿيندو هو. صبح جو ميون جون ٽوڪريون ۽ شام جو کير جون گهاگهريون بيمارن ۽ انهن جي پرگهور لهڻ وارن ۾ بنا پائي پيسي ورهايون وينديون هيون. اسپتال جي هرهڪ ملازم وڏي خواه ننڍي لاءِ رهائش جــو بندوبست هو. اهڙي بندوبست ۽ انتظام هوندي به ان سرگهواسي پنهنجو نالــو اسپتال ۾ داخل ٿيڻ واري ڏاڪڻ ۾ لکارائي ڇڏيو هو؛ ۽ اسپتال ۾ جيڪو گهڙندو هو ان جا پير ڇٺو، قدم ڇٺو بوٽ ڇٺو يا چاکڙيون

زبان تي عام هو، ۽ ديسي صاحب جي نوڪري ان عشق ۾ ختم ٿي ويئي. ٻئي طرف شڪارپور جي هڪ وڏي محسن ۽ انسان دوست سان مختيار بيگم جا ناز ۽ انداز، دلبرايون ۽ دلربايون يا دلفريبيون ۽ وقت سر قربانيون به وساري نه ٿيون سگهجن. مختيار بيگم جو غزل، "جاجا رے مين تم سے نهين بولون" اڄ به ڪن عمر رسيده صاحبن جي ڪنن ۾ ٻرندو هوندو. شڪارپورين جو حسن ۽ نزاڪت الله! الله! ان نزاڪت ۽ نفاست ۾ اضافي لاءِ وري جدا جدا بازاريون هيون، جتي روزانو هزارن روپين جو واپار ۽ ڪاروبار هلندو هو. صرافڪي بزار، چوڙيگر بازار، ڪپڙي بازار، بوٽن بازار، ڪاغذي بازار، نندي بازار ۽ تاريخي يادگار ڪاٺ جي سھٽي ڇت سان ڍڪيل ڍڪ بزار مشهور هيون. ان ڪانسواءِ اناج، ميوو، سبزي، گوشت ۽ مڇي مارڪيٽ ۽ بازاريون به گهڻ جهڙيون هيون. اسٽوئرٽ گنج وٽ به انبوه ماڻهن جا خريد ۽ فروخت ۾ رڌل رهندا هوا. امن ۽ سلامتي جي خيال کان وري شهر جي هرهڪ دروازي وٽ پوليس گهاٽ ٺهيل هوا، جيڪي هن وقت ڀڃي ۽ ڀري ويا آهن.

شڪارپور جو شهر وڏو مردم خيز شهر به ٿي رهيو آهي؛ جن مان ڪي اهڙا اهل دل ۽ قدردان به هوا، جن کي فنون لطيفه سان خاص لڳاءُ ۽ شغف هو، ۽ علم موسيقي سان بيحد رغبت هوندي هين. انهن صاحبن جي ڪوشش سان شاهي باغ جي اوريان، بيگاري جي ڪناري تي، ٻڙ ۽ پيپل جي صدين پراڻن وڻن جي پر پاسي هڪ شاندار ڊراما ۽ ناٽڪ سڀا ٿيئٽر ٺهيل هو ۽ اڄ به موجود آهي، ان ۾ پاڪستان کان اڳ، هولي جي ڏڻ واري موقعي تي سڄن کان ڏهن ڏينهن تائين راڳ رنگ جون رس ڀريون محفلون لڳنديون هيون، جن کي هوليءَ جا هاندا ڪري سڏيندا هوا. سنڌ ۽ هند جا مشهور گويا ۽ ڳائڻا گهرايا ويندا هوا، جن مان ڪن جا نالا اڄ تائين مونکي ياد آهن. هندن مان پنڊت ڀاسڪارا، ٻنورڌن، اومڪرناٿ ۽ نارائڻ وياس؛ مسلمانن مان

خانصاحب مبارڪ علي، عاشق علي، بڙي غلام علي خان، ببو خان ۽ سيندو خان جــا نالا ذڪر جي قابل آهــن. ڳائڻين مان ڪجن، عنايت ٻائي ۽ مختيار بيگم جا نالا ياد اٿم. اهو به ياد اٿم، ته ڪجن بيگم جي ديدار لاءِ مون وڏا وس ڪيا هوا، ۽ مس وڃي ڪامياب ٿيو هوس. انهن جي ڳايل غزلن مان هڪ غزل، ”ناز والے نياز کيا جانين“ اڄ به ياد اٿم. فنڪارن جي رهائش جو بندوبست باغن جي اندر بنگلن ۾ ڪيو ويندو هو ۽ انهن جـــي خاطر تواضع ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي ويندي هئي. آخر ۾ انهن سڀني کي تمام فراخدليءَ سان نذر نياز پيش ڪري، رخصت ڪيو ويندو هو. سنڌ جو اهو واحد شهر هو، جنهن ۾ اهي هاندا لڳندا هوا. اهو شڪارپور شهر جي هرڪنهن قسم جـــي تونگري ۽ شاهوڪاري کان علاوه فن پروري جو به ثبوت آهي.

ٻي طرف هن شهر ڪيترا الله وارا عالم، اهل- نظر اديب، اهل- وطن، مدبر، اهل- قلم ۽ ڪامورا به پيدا ڪيا. جهڙوڪ: حضرت شاه فقيرالله علوي، ملا اويس شڪارپوري، ٻائي چين راءِ لنڊ (سامي)، محمد عارف صنعت، آغا غلام نبي پٺاڻ صوفي، فقير غلام علي مسرور، مرحــوم عثمان علي انصاري، مرحــوم لطف‌الله بدوي، سردار شيخ محمد بخش ”ڪوجهي“ خــانصاحب محمد دائم، سر غــلام حسين هدايت‌الله، خان بهادر الله بخش سومرو شهيد، مولوي عبدالڪريم چشتي ۽ راءِ بهادر اڌوداس تــاراچند جا نالا ذڪر جــي قابل آهن. مرحوم حاجي محمد سليمان ميمڻ سنڌ واهه تي هڪ مسجد ۽ ان سان گــڏ هڪ بنگلو ۽ ڏاڪڻ تعمير ڪرايا. ساڳئي وقت شڪارپور ۾ مسٽر محمد شعبان ۽ مسٽر محمد حسين وڏي نالي وارا وڪيل ٿــي گذريا آهن، ۽ هندن مان وري مسٽر پوچسنگهه ۽ ديوان بهادر مرليڌر تــه سنڌ ۽ هند ۾ مڃيل وڪيل سمجهيا ويندا هئا. سنه ١٩١١ع جــي ڳالهه آهي، جڏهن روهڙي تعلقي جي ٿمنهين ڳوٺ ۾ ڌاڙو لڳو هو. ان وقت سکر جو پوليس ڪمانڊي اومني صاحب هو. سکر، لاڙڪاڻي،

شڪارپور ۽ خيرپور جي هلندي پچندي وارن سيني زميندارن کي گهرايو ويو ۽ انهن کي ايستائين نه ڇڏيو ويو، جيستائين ڏاڙيل گرفتار نه ٿيا. جوابدارن پاران ديوان مرليڌر وڪيل ڪيو ويو، جنهن صاحب جي آڏي پڇا ڪيس جون ڌڄڙيون ۽ ٽڪڙيون اڏائي ڇڏيون، ۽ سڀ جوابدار باعزت آزاد ٿي ويا. اهي هوا شڪارپور جا وڪيل صاحبان.

مٿي لکي آيو آهيان، ته شڪارپور جو شهر هڪ چوواٽي تي، هڪ قتل ۽ ناهموار دڙي مٿان ٻڌل آهي. هن شهر جو واپار اوير ۾ چين ۽ جپان تائين، وچ ايشيا ۾ ڪابل، قنڌار، سمرقند، بخارا، تاشقند. تهران ۽ بغداد تائين، اولهه ۾ روم، پيرس ۽ اسپين تائين هلندو هو. ان ڪانسواء اتر - اوير ۾ آفريڪا، سلون وغيره تائين هلندو هو. جنسن ۾ اناج، ريشمي ۽ سوٽي ڪپڙو، تازو ۽ سڪو ميوو، سون، جواهر ۽ عاج مشهور آهن. اڄ به دنيا جي اڪثر وڏن وڏن شهرن ۾ شڪارپوري واپارين جون ڪوٺيون ۽ بازاريون آهن، ۽ منجهن پنهنجن لاء ساڳي مروت، محبت ۽ لحاظ تمام اتم درجي تائين موجود آهي. ڪيترن ملڪن جي نظام حڪومت جي تبديل ٿيڻ سبب شڪارپور جي سيٺين وٽ پراڻن نوٽن جون پيريل ڳوٺيون رهجي ويون ۽ اهو سڪو بدلجي نه سگهيو. ان نقصان هوندي به هنن پنهنجو واپاري پيشو نه ڇڏيو آهي. شڪارپور جي واپارين جو سمورو ڪاروبار ۽ ڏيتي ليتي هنڊين رستي هلندي رهي آهي، چاڪاڻ ته ان ۾ جوکم گهٽ آهي.

هتي اها ڳالهه واضح ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، ته سنڌ ۾ ٻه شڪارپوريون آهن. ميان يار محمد ڪلهوڙي سامتائين واري علائقي ۾ قيصر خان پنوهر کان شڪارپور پنوهرڪي جو ڳوٺ فتح ڪري، اتي هڪ عاليشان شهر تعمير ڪرايو هو. ميان صاحب کي مغل شهنشاه اورنگزيب عالمگير وٽان ١٧٠١ع سن ۾ خدا يار خان جو لقب عطا ٿيو. ان لقب پٺيان شڪارپور پنوهرڪي جو نالو خدا آباد

رکيو ويو. اهو شهر هن وقت هڪ ڳوٺڙي جـي صورت ۾، پنهنجي بادشاهي مسجد ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي شاندار مقبري سميت ٽن چئن ميلن ۾ ڪنبڙن جــي صورت ۾ دادو ضلع ۾ واقع آهي. هن شڪارپور جنهن متعلق اها روايت به آهــي ته پير سلطان ابراهيم شاه جـي دعا سان مشهور شهر جـي صورت اختيار ڪئي، شڪارپـور پنوهرڪي سان ڪوبه تعلق نه آهي.

ٻي ڳالهه ته استاد سينڌو خان، پنهنجن سوٽن جمال خان ۽ ڳامڻ خان سان هندوستان مان لڏي اچي شڪارپور ۾ رهيو هو. سنڌ جو مشهور ڳويو ۽ منهنجو محسن استاد منظور علي خان مرحوم جو ان خاندان سان تعلق آهي، ۽ استاد سينڌو خان سندس استاد هو.

هڪ ٻي ڳالهه به چوڻ تمام ضروري سمجهان ٿو، ته اسان جـي تاريخ اسان جي فاتحن لکي آهي. فاتح هميشه پنهنجي نقطه نگاه کان پنهنجن مفادن کي سامهون رکي، لکندو آهي، جنهن ۾ مفتوح کـــي هميشه ڪريل ۽ گهٽ ڪري ڏيکاريو ويندو آهي. اڄ جـي سنڌ ۾ رهندڙ نوجوان کي پنهنجي تاريخ جا ورق پاڻ ڳــولڻ، سمجهڻ ۽ لکڻ گهرجن. مون کي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ته شڪارپور جـي عوام کي عموماً ۽ نوجوان کي خصوصاً پنهنجي ابائي عظمت ۽ ورثي جي زيان جو احساس ٿيو آهي ۽ تمام شدت سان اڀريو آهي. ان ڪري کيس عرض ڪندس تـــه شڪارپور شهر جــون جيڪي قديم باقيات (Remains) بچيون آهــن آئينده انهن کــي فلم ۾ محفوظ ڪري؛ جهڙوڪ: پراڻا دروازا، قافلي سراءِ، گچ ۽ ڪاٺ جي اڪر جو فن، ڪتبا، مسجدون، ٻيون عبادت ۽ تفريح جون جايون. اهي سڀ فلم ۾ آڻيو؛ ۽ جيڪي پيرسن رهجي ويـا آهن، انهن جـا انٽرويــو وٺــي ٽيپ ڪريو.

شهر جي سيٺي پراڻن خاندانن جي فردن سان لهه وچڙ ۾ اچو، ۽

انهن کان انهن جي صلاحيتن مطابق ڪم ورتو. مون کي اميد آهي ته سرڪاري عملدار به اوهان جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندا، ته جئن شهر وري به هڪ ڀيرو نفاست ۽ نزاڪت، ڏيک ۽ ويک، ڪائڻ، پيڻ، گهمڻ ۽ ڦرڻ، حسن ۽ جمال، خوبين ۽ نيڪين ۽ سڀ ڪان وڌيڪ ته شڪارپور جو معاشرو خدا شناس ۽ انسان دوست بڻجي وڃي. مان دعاگو آهيان.

## حوالا


١- مائڪ پٿاوالا: هسٽاريڪل جاگرافي آف سنڌ
٢- غلام رسول مهر: تاريخ سنڌ، ڪلهوڙا دور ( ٢ جلد )
٣- مير علي شير قانع: تحفة الڪرام
٤- محمود الحسن صديقي: هسٽري آف دي ارغونس ۽ ترخانس
٥- مرزا قليچ بيگ: قديم سنڌ - ان جا شهر ۽ ماڻهو
٦- سيد سبط حسن: ماضي کے مزار ( پاکستان تهذيب کا ارتقا )
٧- رحيمداد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ
٨- ايچ. ٽي. سورلي: گزيٽيئر آف سنڌ
٩- ايم. اي ڪهڙو: اي اسٽوري آف سفرنگس آف سنڌ
١٠- پير علي محمد راشدي: ذاتي معلومات، يادگيريون، ڪچهريون وغيره

انيس انصاري

# شڪارپور جيئڻ مون ڏٺي

شڪارپور سان منهن جو نينهن ڪو نئون نه آهي. اهو ناتو اڄ ڪان ونيءَ اڌ صديءَ اڳ تائين ڦهليل آهي. شڪارپور جو اوج به ڏٺم ته، سندس تباهي به اکين آڏو آهي، ۽ ان جي نئين سر اسرڻ جو مشاهدو پڻ ماڻي رهيو آهيان.

شڪارپور جي قدامت ۽ تاريخ لکڻ ڪم آهي ڄاڻن جو. البت پنجاه سال اڳ شڪارپور جيئڻ مون ڏٺي، تنهن جو بيان هيٺ ڏيان ٿو.

شڪارپور کي يا ته ڪنهن جي نظر لڳي يا ڪنهن ڪار- زباني پٽ پاراتو ڏني، هن سوڀياوان سندريءَ جي سونهن ۽ ساک کي ختم ڪري ڇڏيو. شڪارپور اڳين شڪارپور نه آهي. هيءَ آهي: سندس پاڇو!

ننڍڙي هوندي وڏڙن سان اڪثر پيو هتي اچڻ ٿيندو هو. سڙڪون ۽ رستا اڃا ايترا ڪونه اسريا هئا. اچ وڃ جو مکيه ذريعو ريل گاڏي هئي. ريل به ان وقت ريل هئي: صاف ۽ سٿري سندس انجڻيون ڪيڏي نه جاه جلال واريون هيون ان زماني ۾: ڪاريون ڪاريون ڪٽ، راڪاس وانگر گوڙ ۽ گجڪار ڪنديون وات مان دونهن جا ڪڪر ڪڍنديون، دلين سان گڏ پليٽ فارم ڏڪائينديون اچي اسٽيشن تي بيهنديون هيون. ان وقت جون اسٽيشنون به صاف ۽ سٿريون هونديون هيون. هر اسٽيشن تي فانوسن جي قطار هوندي هئي، جن تي ان وقت جي تقاضا موجب سنڌي، هندي، گرمکي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾

عام جام پيا هوندا هوا. ان کان سواءِ سلطان ڪوٽ جــي طرف جا آبخورا ۽ شڪارپور جون چلڪٽيون گهگهيون ٻه ماڻهو خريد ڪري گهر کڻي ويندا هوا. وڏا گاڏي مان لهڻ ئي نه ڏيندا هوا، پر مطلوب شيءِ گاڏي ۾ ويٺي ئي ملندي هئي. رانديڪو مليو، گويا قارون جو خزانو هٿ آيو!

مٺائي ته هونءَ ئي شڪارپور جي مشهور هئي؛ پــر مٺائيءَ سان نهيل انب، صوف، ڏاڙهون، ڪيلي جون ڦريون رڪ اسٽيشن تي آني آني ملنديون هيون. وات ۾ وجهه ته ڪيوڙي جــي خوشبوءِ سان دل کلي پوندي هئي.

رڪ مان گاڏي هلي ته اکيون وري شڪارپور لاءِ آسائتيون هونديون هيون. شڪارپور جي پليٽ فارم تان لهي دروازي مان ٻاهر نڪتاسين مس، ته ڏاڍي سر ۾: هڪڙو هاٿيدر جــو، آهي ڪو لکيدر جو، هلندو ڪو هزاري در، ٻٽڻ ۾ پيو ايندو هــو. اهــي ٽانگي وارا هوندا هوا، جي سوارين کي پيا سڏيندا هوا. اسان وري واجهه وجهندا هواسين: چڪڙن لاءِ. ان زماني ۾ ٽانگن سان گڏ ٻه ٽي چڪڙا بــه اسٽيشن تي موجود هوندا هوا. چڪڙو، هڪ قسم جــو ڍڪيل گاڏو هو، جنهن ۾ سوزڪي وانگر ڊيگهه ۾ ٻــه ويهڻ لاءِ تختا هوندا هوا، جنهن ۾ ڇهه کن ماڻهو ويهي سگهندا هوا. چڪڙي جو در پٺئين پاسي هوندو هو؛ ۽ دريون پاسن ۾.

چڪڙي کي ڏاند هلائيندا هوا. چڪڙي هلائڻ وارو اڳيان ويهندو هو، جنهن جي نظر چڪڙي ۾ اندر پئجي نه سگهندي هئي. چڪڙو هاڻي ميوزيم ۾ رکڻ لاءِ ٻه ملڻ محال آهي.

ان ڏينهن ۾ شڪارپور ٻه شڪارپور هئي: ملڪان ملڪ مشهور سندس واپاري پري پري تائين ڦهليل هوا. سندن هنڊيون پيون هلنديون هيون. ڪمائيندا ٻاهر هوا ۽ کائيندا هوا شڪارپور ۾!

جي مٿان تات رکي ڍڪي وئي آهي. هيءَ بازار به ان وقت اوچ تي هئي. هن ئي بزار ۾ ڪتب فروش پوڪرداس ۽ سنس جو دوڪان هو، ۽ اتي ئي مسلمان ناشر محمد عظيم ۽ سنس جا ڪتاب خانا هوا.

اسٽول، اشٽول يا اسٽوئرٽ گنج هڪ ئي جاءِ جا جدا جدا نالا آهن. هي وري آهي ڍڪ بازار جي ڇيڙي تي. هتي ئي اناج منڊي ۽ سبزي منڊي آهي. اسٽول ۾ پٺاڻن جا فالودي جا دڪان هوندا هوا، جن کي فلوسو سڏيو ويندو هو. وڏن وڏن پيالن ۾ فالودو وجهي ان ۾ ڪٽيل برف وجهي مٿس وجهندا هوا شربت جي لار. ڪانڌ سان فرحت اچي ويندي هئي. اسٽول ۾ ئي گوشت ۽ مڇي مارڪيٽ آهي.

هاٿيدر تي مٺائي به ملندي هئي، پر هتان جا پڪوڙا ڏاڍا مشهور هوندا هوا: خاص طرح پوري رنگ جون ڪچوڙيون، جي مانهه يا ميدي مان ٺاهيندا هوا: چڪ هٿبو هو ته چڻ وجي مکڻ ۾ پوندو هو. جي پڪوڙا ۽ ڪچوڙيمون ڪافي پري پري کان ماڻهو وٺڻ ايندا هوا.

اج جي پلازا ان وقت جي ”هري ولڀ ٽاڪيز“ هئي. ان جي ٻاهران وڏي نالي ۽ سڙڪ جي ڪناري هاشم شيدي ڪباب ٺاهيندو هو. لوه جي سگريءَ ۾ ٽانڊا پچاري ان تي ڪباب گرم ڪندو هو سگريءَ جي ٽن طرفن کان رکيل هوندا هوا پيڙها ۽ پڪيون سرون. هڪ طرف ٿيٹيءَ ۾ پڪا پڪايا قلڪا پيا هوندا هوا. ڏکي همي ڪباب جي سيخ ۽ ڏکي قلڪو. آني ۾ ڍؤ. غريب غربو کائي اٿندو هو. هاشم ڪبابيءَ جي بنايل ڪباب جهڙو ڪباب مان اج تائين ڪين کاڌو آهي.

شاهي باغ جي رستي تي ايندو هو. ”هانبو“، جو هاڻي افشان سئنيما آهي. هتي هر سال وڏا وڏا گويا ايندا هوا. اسان جي زماني ۾ نارائڻ وياس، ٻڙي غلام علي خان ۽ پٽوردن جو نالو ڪافي مشهور هو.

شڪارپور جا رهواسي پڪي راڳ جا شوقين هوندا هوا. چانڻ ٻـــه
جهجهي رکندا هوا.

شاهي باغ جو ان وقت اوج هو. شام ٿي نه آهي ته ماڻهن جـون
ٻحيرون باغ ڏانهن روان دوان نظر ايندڀون هيون. ڪي ماڻهو ٽانگن
تي سوار هوندا هوا، ته ڪي چوچاڪين بگين تي. غريب غربو وچٿو
هٿ ۾ ڪنيو پنڌ ٿي پنڌ وچي پڄندو هو. شاهي باغ ۾ ڀانت ڀانت جا
گل ۽ انيڪ قسمن جا وڻ هوندا هوا. چپر سان ڍڪيل ٻارا ٻخمل جي
ڏيک ڏيندا هوا، جن تي ڦوهارن مان نڪتل بوندون موتين وانگر پيون
جرڪنديون هيون.

شاهي باغ ۾ وري ميريويدر پيويلن ڏسڻ وٽان آهي. ڪاٺ جـي
نهيل گاٿڪ طرز تعمير تي ٺيل هي اڏاوت ساڳ جي ڪاٺ مان نهيل
آهي. هي پيويلين ڪئپٽن پائنن فلپ ڊزائين ڪئي هئـي. ان وقت
شڪارپور جو اڪٽنگ ڪليڪٽر ميجر آر آر واليس هو. هن عمارت
جي پيڙه جو پٿر ٢٤مئي ١٨٧١ ۾ رکيو ويو هو، ۽ ساڳي سال سپٽمبر
١٨٧١ ۾ هيءَ جاءِ جڙي راس ٿي هئي. ان وقت ڪرنل سـر ڊبليو
ميريويدر سنڌ جو ڪمشنر هو. هن عمارت جي تازي مرمت ٿي آهي،
پر ان مرمت سندس اصلي سونهن سوپيا ناس ڪري ڇڏي آهي. هن جو
فرش، جو ننڍين سهڻين سرن سان ڊزائين ٿي نهيل هو ۽ اڃا مضبوط هو،
تنهن کي ختم ڪري مٿس موزيڪ لڳايو ويو آهي. هـن جـي نازڪ
سهڻن ڪنگرن تي بجليءَ جا وڏا گلوب هڻي هن جي جمالياتي حسن
کي تباه ڪيو ويو آهي. اڳي ساري عمارت جو رنگ گهرو ناسي هو،
مگر هاڻي هن جي لهواري ڇت تي جدا جدا رنگ هڻي سندس سونهن
ختم ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي به هڪ سؤ ڏهه سالن جي هي جهوني
عمارت پنهن جو ڪنڌ فخر سان ڪنيو بيٺي آهي.

شڪارپور جي سونهن گرمين ۾ سميٽجي وري سنڌ واه تي ايندي
هئي. گهران ڪجهه ڏوڪڙ ڪٺا هوا. باقي ضرورتون سنڌ واه پوريون

ڪندو هو. گرمين ۾ هتي اڌ ميل ۾ بزار لڳندي هئي، جنهن ۾ هر قسم جو وکر هميشه حاضر هوندو هو. لٽا لاهي دڪاندار جي حوالي ڪيا ويندا هئا. ڪانئس انگوڇو، تنبو، ڪدو مسواڙ تي ملي ويندا هوا. پوءِ نڪري پئبو هو لاٽ تي ريل واري پل ڪان لاٽ پئي اچي ماڇين واري پڪ سري پل وٽ پهچبو هو. تڙ گهٽ ۾ بک به ڏاڍي لڳندي هئي. ٻاهر نڪري نانوائي وٽ ماني کائي ڪجهه ڏوڪا ۽ ڪجهه انب وٺي وري وڃبو هو لاٽ تي سارو ڏينهن تفريح ڪري ٽانگن ۾ چڙهي اچي لکيدر تي ليکو ڪبو هو ته هي سارو مزو انين آني جي اندر هوندو هو. وري جي يارن دوستن سان پروگرام نهيو، ته رهئي سوا ۾ نيرن منجهند ۽ انبن جا ڍير ملي پوندا هوا.

سنڌ واه سان وڏراه به واه جو هوندي هئي. سندس ڪناري تي وري ڪن شوقينن بنگلا نهرائي ڇڏيا هوا. شام جو جنهن ۾ وڃي آرام ڪندا هوا. هندن لاءِ مندر۽ مسلمانن لاءِ مسجد به سنڌ واه جي ڪپ تي نهيل هوا. هڪ هنڌ پڪ سرو زنانو گهاٽ نهيل هو، جنهن جي چوڌاري پڪين سرن جون وڏيون ديوارون ڪڙيون ڪيل هونديون هيون. موريون جن مان پاڻي اندر ويندو هو، تن کي سنهيون ڇاريون لڳل هونديون هيون، ته جيئن بي ستري نه ٿئي. زناني ۽ مردانه گهاٽن جون ڏاڪڻيون سنڌ واه جي اڌ تائين نهيل هونديون هيون، جيئن وهنجڻ وارا آرام سان پاڻيءَ ۾ وهنجي سگهن. اهي ڏاڪڻيون اڻ تارن لاءِ غنيمت هونديون هيون، جن تي ويهي لوٽن سان مٿي ۽ بدن تي پاڻي پيا وجهندا هوا.

اڄ ساڳي سنڌ واه تي مٽي پئي اڏامي: نه اهي آهن بازارون نه اهي آهن گهاٽ. سرن تائين ماڻهن نه ڇڏيو. البت سنڌ جي ڪناري ان وقت جي مسجدن جا منارا دنيا جي بي ثباتيءَ جو اعلان ڪري رهيا آهن. شڪارپور ڏاڍو سٺو آهي ۽ شڪارپورين سانئس گڏ.

پروفيسر امين الله علوي

# شڪارپور جا صوفياء ڪرام

## (هڪ مختصر جائزو)

شڪارپور جـي سرسبز سر زمين شاداب ۽ سهاجهي زمين آهـي. سندس سگهنڊ ۽ سرهاڻ اهڙي ته من موهيندڙ آهي، جـو هر زماني ۾ نه صرف پنهنجي رهواسين کي، پر ٻاهرين کي به پنهنجو بنائي ڇڏيو اٿس. هن شهر ۾ ڪيترين ئي برگزيده هستيون، عالم ۽ فاضل، صوفـي ۽ عارف، شاعر ۽ اديب دفن ٿيل آهن. احقر راقم شڪارپور جي چند صوفي بزرگن جو ذڪر مختصر طور تي پيش ڪري ٿو.

### سلطان ابراهيم شاهه

تاريخ تي نظر ڊوڙائبي ته معلوم ٿيندو ته هن شهر جو بنياد به هڪ صوفي بزرگ پير سلطان ابراهيم شاهه رکيو. هو هڪ خدا رسيده بزرگ هو. لکيءَ جا مهر سندس مريد هئا ۽ دائود پوٽا به سندس، نهايت احترام ڪندا هئا. جڏهن مهرن ۽ دائود پوٽن جي وچ ۾ ڪشمڪش پيدا ٿي ته پير صاحب دائود پوٽن جـي چوڻ تي صلح صفائي ڪرائڻ جـي ڪوشش ڪئي پر مهرن وڏيرانه ذهنيت جو اظهار ڪندي انڪار ڪيو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ لڙائي لڳي جيڪا دائود پوٽن کٽي. مهرن جي شڪست کانپوءِ پير صاحب هڪ مقام تي ويهي فرمايو ته ”هتي هڪ شهر آبـاد هئڻ کپي جنهن کـي شڪارپور جـي نالي سان سڏجي. اهڙي طرح پير سلطان ابراهيم شاهه جـي دعائن سان هن شهر جـو بنياد رکيو ويو (۱).

ڪئپٽن گـولڊ سمڊ هڪ ٻـي هنڌ مير عبدالاحـد علوي، جيڪو

انوقت ڪاردار (مختيارڪار) جي عهدي تي فائز هيو، جـي هڪ قلمي نسخي جـو حوالو ڏيندي تحريـر ڪري ٿو تہ ”مهرن جـي شڪست کان پوءِ پير سلطان ابراهيم شاه وفات ڪري ويـو. سندس هڪ مريد خواب ۾ ڏٺو تہ پير صاحب هڪ کـوه مان رسي ۽ ڏول کان سواءِ پاڻي ڪڍي رهيو آهي. پوءِ مريد کي اشارو ڪندي چيائين تہ مان ۽ منهنجو دوست خضر (عليہ السلام) هن جاءِ تي هڪ شهر شڪارپور جي نالي سان آباد ڪرڻ گهرون ٿا، جيڪو اڳتي هلي هڪ وڏو شهر بڻجي ويندو. دائود پوٽن ان خواب کي عملي جامو پهرايو. (٢).

سلطان ابراهيم شاهہ جـي مزار لکيءَ جـي پرسان وزيـرآبـاد ڳوٺ ۾ آهي.

## سيد ميهر شاه غازي رح

سڀ کان اول جنهن شڪارپور جي صوفي بزرگ جو هتي ذڪر ڪبو، ان جو نالو حضرت ميهر شاه غازي رح آهي. هن بزرگ جـا وڏا اصل اُچ جا رهواسي هئا. هڪ روايت موجب سندس اجـداد مان شيخ جمال‌الدين خندان رو درويش خجندي سهروردي رح (متوفـي ٢٥ محرم سنہ ٧٠٠هہ) تمام مشهور بزرگ ٿي گذريو آهـي. سندس نسب جو سلسلو ويهين پيڙهـيءَ ۾ رسول اڪرم صلي‌الله عليہ وسلم جن جي هڪ مشهور صحابي حضرت ابوهريره رضہ سان ملي ٿو. هـن خلافت جو خرقو ۽ تبليغ جي اجازت حضرت غوث بهاؤالحق ملتاني رح (٥٦٦-٦٦٦هہ) ۽ سندس نينگر حضرت خواجہ صدرالدين ملتاني رح (وفات ٦٨٥هہ) کان حاصل ڪئي. (٣).

ٻـي مستند روايت مـولـوي امـان الله ”مفلح“ پنهنجي ڪتاب ”خزينة المفلح“ (جلد ٻيو) ۾ سيد نوازش علي شاه مرحوم کان نقل ڪئي آهي تہ: ”مخدوم فضل‌الدين لاڏلي بخاري رح جـي اولاد مان سيد سلطان‌العارفين سيد نور محمد رح پنهنجي ٽـن فرزندن

١- سيد مهر جيان عرف سيد مهر شاه غـازي ٢- سيد امير شاه ٣- سيد چتن شاه ۽ پنهنجي پاڻتي سيد اعتبار شاه ۽ پنهنجن ٻين مريـدن خادمن سان گڏ شڪارگاه ( موجوده شڪارپور ) ۾ اچ ڪان لڏي آيا. ان وقت اهو شڪارگاه مهر قوم جي ملڪيت هو ۽ شاه مهرن ڪان هڪ ٽڪر خريد ڪري پنهنجي خانقاه قائم ڪئي. پاڻ شريعت جـا صاحب ۽ معرفت جا ماڻڪ موتي هئا ۽ مختلف علوم جا ماهر ۽ عالم هئا. ڪيترن ئي ماڻهن کي واصل باالله ڪيائون. سيد چتن شاه وڃي نوشهره ابڙي ڳـوٺ ويٺو ۽ سيد اعتبار شاه حاجاڻن جي ڳوٺ لڳ سنڌ واه سڪونت اختيار ڪئي جتي سندن مـزارون اڄ به موجـود آهن. سيد ميهر شاه کي غازيءَ جو لقب ان ڪري مليو جـو جڏهن به مخالف ظالمن جـي مٿان چڙهـي ويندا هئا ته مٿن هميشه فتحياب ٿيندا هئا." هـن مان معلوم ٿيو ته سندن تعلق حضرت جلال‌الدين بخاري رح سان آهي ۽ خانداني صدري روايتون وڏيڪ مستند مڃيون وينديون آهـن جڏهن جو تاريخي طـرح سان ڪا ڳالهه ثابت نـه ڪئي وڃي.

شڪارپور جي بنياد پوڻ وقت به هي بزرگ حال حيات هيو. هن شهر جا رهواسي سندس تمام گهڻا معتقد هئا. سندس وفات جي صحيح تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي، مگر سندس خاندانـي روايتن موجب ڏهين صدي هجري سن جـي شروعات ٽيهن سالن انـدر سندس وفات ٿيل آهـي. (٤). سندس مزار مبارڪ ڳـڙهي ياسين روڊ جـي اوپـر طرف موجود آهي ۽ سندس نالي سان موسوم هڪ محلو به موجود آهي.

## خواجه عبدالرحمان تارڪ طريل رح

يارهين صدي هجريءَ جو ٻيو صوفي بزرگ حضرت خواجه نواب

عبدالرحمان تارڪ طريل رح آهي. معتبر ۽ باوثوق صدري روايتن موجب هو حضرت سلطان باهو رح (١٠٣٩-١١٠٢هه) جو پير پائي آهي. نوابي ڇڏي فقيري اختيار ڪيائين. اصل ۾ هو خراسان جي هڪ علائقي جو نواب هو ۽ پٺڪي جو طرو وڏو رکندو هو. تصوف جي چاشني چکڻ کان پوء پنهنجي حشمت واري پٺڪي جي طري کي ترڪ ڪري ڇڏيائين، جنهن ڪري ڪيس تارڪ طريل جو لقب مليو. پاڻ سلوڪ جي تڪميل سيد عبدالرحمان قادري دهلوي رح وٽ ڪيائين، ۽ ڪانئس فيض حاصل ڪري فيض رسان بڻجي ويو. پنهنجي مرشد جي حڪم موجب شڪارپور ۾ سڪونت پذير ٿيو. (د). ڪيس اولاد نه ٿي، ۽ سندس خلفاء مان سيد محمد شاه مشهور آهي، جيڪو سندس مزار جي اتر طرف هڪ مسجد جي ٻاهران دفن ٿيل آهي. سندس مزار شڪارپور جي وڏي ڍڪ بازار جي لڳ اوير طرف آهي. سندس مزار جا متولي جوٽيجا فقير پنهنجي ابن ڏاڏن کان ٿيندا اچن ٿا. سندس وفات اندازاً يارهين صدي هجري جي آخر يا ٻارهين صدي هجريءَ جي شروع ۾ ٿي.

## ٻارهين صدي هجري جا ڪجهه بزرگ

هن هجري صديءَ ۾ جيڪي مشهور صوفي بزرگ ٿي گذريا آهن، انهن مان سيد محمد تقي بخاري، حضرت منوچهر شاه غازي، حضرت شاه حسين بخاري، حضرت حاجي عبداللطيف شاه قادريءَ رح حضرت شاه فقيرالله علوي رح ۽ لڪيءَ جا نقشبندي سادات رحمةالله عليهم اجمعين قابل ذڪر آهن.

”تحفةالڪرام“ ۾ مير علي شير قانع ٺٽوي (١١٤٠-١٢٠٣هه) سيد محمد تقي بخاري رح لاء تحرير ڪري ٿو ته: ”شڪارپور جي ماڻهن مان سيد محمد تقي بخاري پنهنجي وقت“ جو صاحب ٿي رهي ويو آهي. عام خاص ماڻهن جو منجهس اعتقاد هوندو هيو. سندس پٽ

سيد ابوطالب ۽ سيد مير محمد اتي مشهور آهن. (٦). هنن صوفي بزرگن جون تربتون هزاريدر تي مسجد جي پوئتان هڪ حويليءَ اندر آهن. وفات جي تاريخ ڪتبي جي صورت ۾ اڪريل نہ آهي. سندن اولاد شڪارپور ۾ موجود آهي.

## سيد منوچهر شاه

ايران کان آيل صوفي بزرگ آهي. سندس مزار شڪارپور جي اتر ۾ مائڪرو ويو اسٽيشن ۽ ٽي وي بوسٽر جي پرسان جيڪب آباد روڊ تي موجود آهي. سندس مزار اندر هي ڪتبو لڳل آهي:

در آثار نبي مقبول سيد منچر شاه سنہ ١١٤٧هہ

رحمت الله ڪاشيگر هالائي

عوام ۾ هي بزرگ سيد منچر شاه غازي جي نالي سان مشهور آهي.

## حضرت شاه حسين بخاري رح

شڪارپور جي شاه حسين محلي ۾ ٻن بخاري صوفي بزرگن جون تربتون موجود آهن. حضرت شاه حسين ۽ حضرت مجتبيٰ شاه بخاري جيڪي پنهنجي دور جا نيڪ ۽ صالح ٻانها ٿي گذريا آهن. سندن مزار جي دروازي جي مٿان اڪريل قطعہ تاريخ هن طرح آهي.

بيانجا نگاه بزرگان بادب شام پگاه
اگر تو داري مشکل بخوان بخوش اخلاص
زيارتست بزرگان کفار تست گناه
درود و فاتحہ اخلاص تربت بخاري شاه
حسين از جهان رفت چون در بهشت
بتاريخ آن پير کامل حسين
يکي مجتبيٰ شاه عرفان بگو
دگر سيد بوالفضايل حسين

سنہ ١١٦٢هہ

## حضرت حاجي عبداللطيف شاه قادري رح

حضرت شاه فقيرالله علويءَ رحه جو دوست ۽ همشرب بزرگ هيو.
جڏهن حضرت شاه فقيرالله علوي شڪارپور ۾ سڪونت پذير ٿيو،
تڏهن شروع ۾ شهر کان ٻاهران لکي در جي ڏکڻ طرف هڪ خانقاه
جو بنياد رکيائين ۽ پرسان دستور موجب هڪ مسجد به ٺهرايائين، جيڪا
پوءِ اڳتي هلي حاجي فقيرالله علويءَ جي لکيدر واري مسجد مشهور
ٿي (٧). شهر ۾ قيام کان پوءِ حاجي صاحب جي اها مرضي هئي ته
کيس وفات کانپوءِ اتي ئي دفن ڪيو وڃي. سندس هڪ پيارو ۽
همشرب دوست حضرت حاجي عبداللطيف شاه قادريءَ رحه وٽس اچي
مهمان ٿيو ۽ قضا الاهيءَ سان بيمار ٿي گذاري ويو. حضرت حاجي
فقيرالله شاه علوي رحه ان حديث شريف تي عمل ڪيو " مومن اهو
آهي جيڪو پنهنجي ڀاءُ ۽ دوست لاءِ به اهو پسند ڪري جيڪو
پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو." سو پنهنجي وصيت ڪيل جاءِ تي
پنهنجي جگري دوست کي دفن ڪرايائين (٨). عام ماڻهن ۾ هي
بزرگ حاجي لطيف شاه قادريءَ جي نالي سان موسوم آهي. هو نهايت
نيڪ، زاهد، عابد، ذڪر الاهيءَ ۾ ٻڌل ۽ پر فيض معرفت جي کاڻ هو.

## حضرت شاه فقيرالله علوي رحه

هن دور جي ٻي اهم شخصيت شاه فقيرالله علوي رحه آهي. سندس
ولادت عبدالحي حبيبي افغانيءَ جي بقول ١١٠٠ هجري سن اندر ٿي
(٩). پنهنجي جمڻ جو هنڌ روتاس ۽ وطن حصارڪ ۽ جلال آباد لکيو
اٿس (١٠). سندس نسب جو سلسلو حضرت علي رضه جي فرزند محمد
بن حنيفه سان ملي ٿو. انهيءَ ڪري پاڻ کي حنفي، هاشمي، قريشي
۽ علوي ڪري لکيو اٿس (١١). ظاهري تعليم حضرت محمد صادق
ديندار کان پرايائين، جيڪو ننگرهار جي حصارڪ علائقي جو وڏو
عالم هيو (١٢). اڃا ٻارهن ٻارهن سالن جو مس هيو، ته سندس والد

بزرگوار هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. ان ڪانپوءِ سندس والده ماجده کيس پشاور جي هڪ ديني مدرسي ۾ تعليم لاءِ ويهاريو. ٢١ سالن جي عمر ۾ حضرت محمد مسعود پشاوري رحه (وفات ١١٣٤هه) وٽ باطني علم جي تحصيل لاءِ حاضر ٿيو. ٩ سال لڳاتار محنت کان پوءِ سندس مرشد کيس خلافت جو خرقو پارائي رخصت ڪيو. هن بعد ۾ پنهنجي مرشد جي پير طريقت حضرت محمد سعيد لاهوري رحه (وفات ١١٦٢هه) کان به باطني علم ۾ ١٣ سال کن استفادو ڪيو (١٣). سندس ڪافي عمر حرمين شريفين جي سفر ۾ صرف ٿي. هجري سن ١١٥٠ ڌاري شڪارپور سنڌ ۾ لڏي آيو، جتي، پنهنجي خانقاه قائم ڪيائين، جا پوءِ ساري وچ ايشيا جو وڏو روحاني مرڪز بڻي (١٤). حرمين شريفين ۾ هن شيخ عبدالقادر مفتي مڪي (وفات ١١٣٨هه)، مخدوم محمد حيات سنڌي رحه (وفات ١١٦٣هه)، محمد عمر مڪي رحه ۽ طيب خطيب ابن عمر ناشري شافعي رحه کان تفسير حديث، سلوڪ، اوراد، وظائف ۽ تصوف جي مختلف شاخن جي اجازت حاصل ڪئي (١٥). سنڌ مان وري مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (١١٠٤هه-١١٧٤هه) کان به انهن سڀني علمن ۽ فنن ۾ اجازت حاصل ڪيائين.

حاجي صاحب سان سنڌ، بلوچستان جي حڪمرانن جي ارادتمندانه عقيدت هئي. مير علي شير قانع معيار سالڪان طريقت ۾ لکي ٿو: "حاجي شاه فقير الله نقشبندي، جيڪو شيخ محمد سعيد بنوري لاهوريءَ جو مريد آهي، شڪارپور ۾ پنهنجي زماني جو هڪ عجيب فيض جو صاحب ۽ مهمان نواز ٿي گذريو آهي. احمد شاه افغاني سندس پٽ ۽ افغاني امير سندس تمام ارادتمند آهن." (١٧). ان وقت جي حڪمرانن ۾ افغانستان جي احمد شاه ابدالي، سندس پٽن ۽ وزيرن، قلات جي والي نصير خان بروهي، سنڌ جي ڪلهوڙا خاندان مان ميان نور محمد ۽ سندس پوٽي سرفرازخان جي حاجي صاحب رحه سان تمام گهڻي عقيدت هئي. مڪتوبات شاه فقيرالله علوي مان خبر پوي ٿي

۽ حاجي صاحب انهن حڪمرانن کي خدا ترسيءَ، اخلاقي درس، رعيت جي سار سنڀال لهڻ ۽ عرفان جي تلقين ڪئي آهي. مڪتوبات ۾ احمد شاه ابداليءَ (وفات ١١٨٦هه) ڏانهن ٤ خط، سندس وزير اعليٰ ولي خان ڏانهن ٻه خط، ولي عهد شهزادي سليمان ڏانهن ٤ خط، نصير خان بروهيءَ ڏانهن ٻه خط، محبت خان ڏانهن ٻه خط ۽ سنڌ جي حڪمران سرفراز خان ڏانهن ٢ خط ۽ ٺٽي جي گورنرن مان شيخ شڪرالله ۽ غلام محمد ڏانهن هڪ خط لکيل موجود آهي. ”مرهٽن جي خطري کان نجات ڏيارڻ لاءِ احمد شاه ابداليءَ شاه فقيرالله ۽ شاه ولي‌الله جي آمادگيءَ سان ساڻن جهاد جو عزم ڪيو ته شاه فقير الله ٻــي ابداليءَ کي انهيءَ مقصد لاءِ سنڌ جي حاڪمن ۽ نصير خــان بروهيءَ (وفات ١٢٠٨هه) کان لشڪر وٺــي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي (١٨).

مير علي شير قانع تحفة‌الڪرام ۾ رقمطراز آهي، ته ”عام ۽ خاص ماڻهو گهڻي عرصي کــان وٽس فيض لاءِ رجوع ڪندڙ آهن. ظاهري ۽ باطني تعليم کي نهايت جي حد تائين پهچائي ڇڏيــو اٿس. هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ۽ شبهو نه آهي، ته هي بزرگ حال جو صاحب ۽ چڱيءَ فضيلت جــو مالڪ آهي. اتي جا حڪمران سندس سخت ارادتمند آهن ۽ سندس خدمت ۾ مريديءَ جــو رستو رکندڙ آهن. سندس ڏيٺ ويٺ بادشاهن سان به آهي. امروزهيءَ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪري ٿو. ماڻهو ڏانهنس ڏاڍا رجوع آهــن“ (١٩) هن تبصري مان شاه فقيرالله علوي رح جي پوري شخصيت سامهون اچي ٿي.

مير نصير خان بروهيءَ جڏهن ١١٧٨هه ۾ احمد شاه ابداليءَ سان گڏ سکن جي خلاف ڇهن لڙاين ۾ جهاد ڪيو، ته هو شڪارپور کان ٿيندو درياه جي رستي کــان لاهور ويو. شڪارپور ۾ هن حاجي فقيرالله شاه علويءَ سان پڻ ملاقات ڪئي. نورمحمد گنجابي به ساڻس

ڳڌ هيو، جنهن پنهنجي مثنوي نما "جنگ نامہ" ۾ انجو ذڪر ڪيو آهي. "جڏهن نصير خان شڪارپور پهتو، تہ هن پڇيو تہ خدا جي عارفن مان ڪو هتي موجود آهي؛ جنهن جو نفس ڪانئس دور هجي ۽ هن پنهنجي سيني اميدن تان هٿ ڪنيو هجي. ماڻهن ڪيس ڇيو، تہ هاڻو؛ هتي هڪ خدا جو ولي آهي، جيڪو حرص و هوا ۽ نفس جو دشمن آهي ۽ آسمان بہ ان پاڪ زاد جهڙو هن شهر ۾ نہ ڏٺو آهي. سندس وعظ ۾ گوهر افشاني دلين ۾ پيهي ويندي آهي. لطف حق جو پاڇو مٿس آهي، ۽ بادشاه جو تخت سندس نزديڪ ادني مرتبي جو آهي. حق سان واصل ۽ عقل وارو آهي، چڱاين تي عمل ڪندڙ ۽ نيڪ و بد تي ڪامياب آهي. سندس دل نور الاهيءَ سان منور ۽ مخفي اسرار سان پُر آهي. سندس زبان تي حق کان سواءِ ڪوبہ ڪلمو نہ هوندو آهي. هو هميشه رڪوع ۽ سجدي ۾ هوندو آهي. سندس فڪر قيام ۽ قعود سان وابستہ آهي. سندس جان ۽ روح عرش جي باغ جا پکي آهن. سندس ظاهر شريعت جو مظهر ۽ باطن طريقت جي طريقي تي آهي".

اهو ٻڌي سخاوت جو هي ڪڪر (مير نصير خان) ان خدا جي وليءَ جي زيارت لاءِ روانو ٿيو. هن سندس ديدار سان اکين کي روشن ڪري، ڪانئس دعا طلب ڪئي. جهڙو ٻڌو هيائين، اهڙوئي ڪيس لڌائين. پيهر ڏسي يقين اچا وڌي ويس، جوان وليءَ جو در زائرين جو قبلو هيو، ۽ سندس دل پوشيده رازن جو خزانو هئي. پاڻ کان غائب رهي، حق سان حاضر رهندو هيو ۽ دنيا ۾ ڄڻ تہ ٻيو اويس قرني هيو.

ان زاهد (شاه فقيرالله علوي رحہ) کيس دعا ڪندي نصيحت ڪئي، تہ خدا تنهنجو معين ۽ مددگار هجي. جيڪڏهن دين جي طلب اٿي تہ دنيا کان منهن موڙ، ڇو تہ دنيا جي تمنا ۽ دين جو سودو هڪ سيني ۾ نہ ٿو سمائجي سگهي، ۽ هڪ دل ۾ بہ يار ماپي نہ ٿا سگهن؛ هڪ تير سان بہ شڪار ڪري نہ ٿا سگهجن. اخلاص سان اهل ڪرم

جي عادت پيدا ڪر ۽ بزرگيءَ سان هر طرف منهن موڙ. پين جي عيبن کان واقف ٿي ان جا عيب نه اگهاڙ، ڇو ته تون به بشر آهين ۽ پيا به بشر آهن، ۽ بشر جا گهڻا حروف شر آهن. سندن خطائن تي نظر نه ڪر؛ پوءِ جيڪڏهن تو سان ڪو وڙهندڙ مقابلي تي ايندو ته ڪيس حسرت کان سواءِ ڪجهه به هٿ نه ايندو. اهڙو بردبار به نه ٿيءُ، جو تنهنجي حڪم ۾ گهٽتائي اچي وڃي؛ ۽ نه وري اهڙي ڪاوڙ ڪر، جو اها تنهنجي عقل تي حاوي ٿي وڃي. عقل ۽ سمجهه ڏار ۽ مخلوق جي نگهباني ڪندي، پنهنجي رب کان ڊڄ.

(مير نصير) خان جڏهن سندس اهي ڳالهيون ٻڌيون، ته پنهنجي ڪئيءَ تي خاموش ٿي ويو، ۽ جيڪي ڪجهه هن چيس قبول ڪيائين. پوءِ ان عارف مرد ـ راه ڪيس دعا ڪئي (٢٠). حضرت حاجي صاحب رحـ کي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو ظاهري ديدار واري نسبت به حاصل هئي. پاڻ فرمائي ٿو ته "مون ذڪر نفي اثبات جي نسبت آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن کان بنا ڪنهن واسطي جي ظاهري طرح حاصل ڪئي. هڪ دفعي مون حضور عليه الصلوات والسلام کي شڪارپور جي پاڻ واري جامع مسجد ۾ رڪن يماني جي قريب ڏٺو ته هو پٽ کي ٽيڪ ڏيئي اوير ڏانهن منهن ڪري پلٿي ماري ويٺا هئا ۽ مان سندن گوڏن مبارڪن جي وچ ۾ ويٺو هوس ۽ پاڻ سڳورن مونکي لااله الاالله (نفي اثبات) جي تلقين ڪئي. (قطب الارشاد ص: ٤٥٥) اڳتي لکي ٿو ته "مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان جلال آباد جي پسگردائي حصارڪ ۾ قرآن شريف جي قرائت ٻڌي جڏهن ڇو پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن نماز ۾ هئا. (قطب الارشاد ص: ٤٤٧)

حضرت حاجي صاحب رح وٽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو وار مبارڪ به هو، جنهن جي برڪت ۽ ڪرامتن جو ذڪر هن

پنهنجي مڪتوبات ۾ تفصيل سان ڪيو آهي. انهن مان ڪن جو تعلق صرف شڪارپور سان آهي، انڪري اهي واقعات لکجن ٿا: پاڻ رقمطراز آهي ته "جڏهن کان هي وار مبارڪ منهنجي هٿن ۾ آيو آهي ته مون ڪڏهن به ڪا ڏکيائي نه ڏٺي ۽ اهو وار مبارڪ منهنجي مٿان ظاهر ۽ باطن ۾ هميشه خير، چڱائي، سکيائي ۽ برڪت ڪي قيرائيندو رهيو آهي. وار مبارڪ جي خوارق عادات جا ڪيترائي جديد فائدا آهن. انهن مان هڪ هي آهي ته هڪ دفعي شڪارپور ۾ اچي باه لڳي ۽ اڌ شهر يا ان کان ڪجهه گهٽ حصي کي ساڙي ڇڏيو. وار مبارڪ جي برڪت جي ڪري باه فقير جي گهر ڏانهن نه وڌي. اها باه جڏهن ڇپيءَ سان پڙڪو ڪائي آسمان تائين پهچي وئي ۽ هوا به گرم باه وانگر ساڙيندڙ بڻجي وئي ته اسان وار مبارڪ واري گهر ڏانهن قصد ڪيو. ان گهر جي چوڌاري گرم هوا هئي مگر اسان ان گهر ۾ معمولي حرارت به محسوس نه ڪئي ۽ اسانکي راحت ۽ فرحت نصيب ٿي. انهن ڪرامتن ۽ واقعات مان هڪ هي به آهي ته شڪارپور شهر تي اڪثر زماني جي گردش جا چڪ پيا آهن ۽ ڪيترن ئي ماڻهن اتان ڀڄڻ شروع ڪيو هو. هتان جي رهواسين کي مصيبتن جي نازل ٿيڻ وقت پنهنجو مال متاع ۽ زمينن و جاگيرن کي ڇڏي ساڳيو پراڻو رستو اختيار ڪرڻو پيو. جڏهن هي وار مبارڪ هتي آيو ته انهن (ماڻهن جي دلين) مان خوف هليو ويو ۽ هنن (شڪارپور ۾) وري سڪونت ۽ اقامت اختيار ڪرڻ شروع ڪئي. هن وار مبارڪ جي برڪت سان خوفناڪ مصيبتون ۽ تڪليفون ختم ٿي ويون ۽ اها ڳالهه ننڍن توڙي وڏن ۾ تمام مشهور ۽ معروف آهي." (مڪتوبات شاه فقيرالله علوي ص: ١٤٥ ۽ ١٤٩) افسوس جو اهو وار مبارڪ ١٨٨٠ع ۾ چورائجي ويو.

سنڌ جي عالمن مان مخدوم محمد معين ٺٽوي متوفي (١١٦١هه) سيد محمد موسيٰ شاه گهوٽڪي (وفات ١١٧٣هه)، مير مرتضيٰ سيوستاني، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، (متوفي ١١٦٦هه) ملا طيب ٺٽوي،

تاج محمد خوشنويس ننوي، محمد صلاح هالا ڪنڊي، محمد يعقوب هالا ڪنڊي، قبول محمد ۽ سيد محمد وفا لکوي سان سندس گهڻا تعلقات هئا. سندن وچ ۾ خط و ڪتابت به هلندي هئي.

سندس شاگردن مان راشديه خاندان جو جد اعليٰ سيد محمد راشد روضي ڌڻي (١١٧٠-١٢٣٣هه) ۽ سيد محمد وفا لکويءَ تمام گهڻا مشهور آهن.

حاجي فقيرالله شاه علوي کي طريقت جي ٣٣ سلسلن ۾ ڪماليت حاصل هئي، جن جو ذڪر هن پنهنجي ڪتاب قطب الارشاد ۾ تفصيل سان ڪيو آهي. سندس ڪرامتون اڪيچار آهن، سندس شعر عربي، فارسي پشتو ۽ اردو زبانن ۾ موجود آهي.

سندس تاليفات هي آهن:

### (١) براهين النجات من مصائب الدنيا والعرصات (عربي)

پروفيسر حميدالله پرنسپال گورنمينٽ ڪاليج چمن وٽ اصلي نسخو موجود آهي. احقر وٽ ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي آهي.

### (٢) فتح الجميل في مدراج التڪميل (عربي)

### (٣) فيوضات الالاهيۃ (عربي)

هن جو هڪ ناقص قلمي نسخو سنه ١٣١٣هه جو لکيل راقم الحروف وٽ موجود آهي.

### (٤) قطب الارشاد (عربي)

هن جو قلمي نسخو پشاور يونيورسٽي جي اسلاميه ڪاليج جي ڪتب خاني ۾ نمبر ٩٦٩ سان موجود آهي. هي ڪتاب ١٣١٦ ۽ ١٣٣٦هه ۾ به دفعا بمبئيءَ مان ڇپيو آهي. عبدالحي حبيبيءَ جي بقول قاهره مان به ڇپيو آهي. هينئر تازو اسلاميه ڪتب خانه ميزان مارڪيٽ ڪوئيٽه جي مالڪ عبدالڪريم ١٣١٦هه واري ڇپيل

نسخي تان فوٽو آفسٽ ڪراڻي ڇپايو آهي. ڪتاب جي تاليف جو سن ١١٩٠ھ آهي.

(د) **وثيقة الاڪابر** (عربي)

هن جو هڪ قلمي نسخو اسلاميه ڪاليج پشاور ۾ نمبر ٣٧٥ سان موجود آهي. ٻيو نسخو پير اسحاق جان سرهندي ميرپور خاص وٽ موجود آهي. اصل نسخو مرحوم شفيع احمد علوي صاحب وٽ هيو. هي ڪتاب ١١٦٥ھ ۾ لکيو ويو.

(٦) **فتوحات الغيبية في شرح عقائد الصوفية** (عربي)

هن جو هڪ قلمي نسخو پير حسام الدين راشدي صاحب وٽ ۽ هڪ نسخو ڪوئيٽه جي چشموي خاندان وٽ ١١٨١ھ جو لکيل موجود آهي. هن ڪتاب جي مقدمي ڪي پروفيسر سيد سعيدالله پشاور يونيورسٽي ايڊٽ ڪري Ph.d. جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

(٧) **قصيدة المبرورة** (عربي)

تاليف ١١٦٢ھ قطب الارشاد ڪتاب ۾ ٥٢٤ صفحي تي اندر ذڪر آهي.

(٨) **نهجة المسرورة في شرح قصيدة المبرورة** (عربي)

هن جو اصلي نسخو پروفيسر حميدالله چمن ڪاليج وٽ موجود آهي. احقر وٽ ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي آهي. ٻيو نسخو مرحوم نور احمد علوي جي گهر موجود آهي.

(٩) **ڪتاب الازهار في ثبوت الآثار** (عربي)

(١٠) **منتخب الاصول** اصول فقه ۾ (عربي)

(١١) **مڪتوبات شاه فقيرالله علوي** (عربي و فارسي)

سندس پرپوٽي مير علينواز علوي جي ڪوشش سان ١٩١٩ع ۾ لاهور ۾ ڇپيو.

(١٢) **طريق الارشاد في تكميل المؤمنين والاولاد** (فارسي)

هن ڪتاب جو قلمي نسخو پاڪستان ايران ڪلچرل سينٽر اسلام آباد جي گنج بخش لائبريريءَ ۾ موجود آهي. سال ١٩٨١ع ۾ ان کي مايل هرويءَ طرفان لکيل مقدمي ۽ فهرست سان وزارت اطلاعات ۽ ثقافت افغانستان شايع ڪيو آهي.

(١٣) **جواهر الاوراد** (فارسي)

(١٤) **محمود الاوراد** پنجابي زبان ۾ محمود ڪڇيءَ لاءِ لکيو ويو.

(١٥) **فوائد فقيرالله** (پشتو)

طب ۽ اوراد تاليف ١١٥٢ھ هن ڪتاب کي به افغانستان ۾ پروفيسر **رشاد** ڇپايو آهي.

(١٦) **شرح قصيدة بانت سعاد** (فارسي)

(١٧) **ملفوظات** ٣٣٢ صفحا.

ڪجهه وقت اڳ ڪوئيٽه ۾ حافظ خان محمد ڪاڪڙ وٽ هئي.

(١٨) **ملفوظات ۽ عمليات** ٥٣٤ صفحا.

(١٩) **مجربات اسراري** اوراد ۽ تعويذات (عربي)

(٢٠) **تجويد العارفين** (بحواله مکتوبات شاه فقيرالله علوي ص: ١٠٠)

(٢١) **ڪشف غطاءالعين لرؤية الاشارة في التشهدين** (عربي)

بحواله البشارة لاهل الاشارة مولانا مير علينواز علوي.

(٢٢) **فتاويٰ شاه فقيرالله** به جلد (عربي ۽ فارسي)

بحواله بياض جنگ مير حامدالحق علوي.

(٢٣) **ڪتاب الفقر** (فارسي)

پروفيسر حميدالله پرنسپال چمن ڪاليج وٽ ١٢٥٣ھ جو لکيل نسخو موجود آهي.

(٢٤) **دلائل النيرة في مذهب المتحيرة** (فارسي)

هن جو هڪ نسخو ١١٩٦ھ جو احقر وٽ ۽ هڪ نسخو

ڪتبخاني دانشگاه پنجاب ۾ ۴۰۹۹ نمبر سان موجود آهي.

(٢٥) **شرح ابيات مشڪل مثنوي** (فارسي) ٦٠٠ صفحات

هن ڪتاب جو هڪ نسخو ڪابل يونيورسٽيءَ ۾ ۽ هڪ نسخو ٽنڊي سائينداد جي سرهندي بزرگن جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

(٢٦) **ڪتاب جفر** (فارسي)

دانشگاه پنجاب جي شيراني مخطوطات ۾ هڪ علم جفر تي ڪتاب ١١٦٢هه ۾ فقيرالله بن عبدالرحمان جي نالي سان ٢١١٥/٥١٢٧ نمبر سان موجود آهي.

حضرت حاجي فقيرالله علوي رح جي نرينه اولاد جو تعداد ١٧ تائين آهي: ١- مولانا سراج‌الدين ٢- مولانا فيض الحق ٣- مولانا زين‌العابدين ٤- مولانا مصلح‌الدين ٥- مسيح‌العارفين مولانا حفظ‌الله ٦- مولانا دين محمد ٧- مولانا اهل الله ٨- مولانا فيض بخش ٩- مولانا دليل الحق ١٠- مولانا عبدالله ١١- مولانا حاضرالحق ١٢- مولانا نصيرالحق ١٣- مولانا نورالدين حسن ١٤- مير غياث‌الدين محمد ١٥- مولانا رفيع‌الحق ١٦- محمد طاهر ١٧- مولانا حامدالحق.

هنن مان ستن فرزندن جي اولاد حال حيات آهي. راقم‌الحروف جو تعلق مولانا مصلح‌الدين سان آهي.

هن صوفي بزرگ ٣- صفر ١١٩٥هه تي انتقال ڪيو. سندس مزار تي ڪتبو لڳل آهي، جيڪو هن طرح آهي:

ولـي و غوث خـدا حاجـي فقيرالله
شده بخلـد مـربع نشين الـي‌الابـد
وفاءِ و شب و تاريخ و وقت و سال وصال
بگو سيوم صـفر نصف ليلة احـمد

سنه ١١٩٥هه

## حضرت امين شاھ چشتي رح

چشتي طريقي جو مشھور بزرگ ٿي گذريو آھي. غالباً ١١ صدي ھجريءَ جي آخر جي پيدائش آھي ۽ وفات ٻارھين صدي ھجري سن ۾ ٿي اٿس. نھايت مستجاب الدعوات ھو. مولـوي عبدالڪريم چشتي مرحوم سندس لاءِ رقمطراز آھي تہ " ھي حضرت شڪارپور جي آباد ٿيڻ جـي ابتدا ۾ ھتي آيو ۽ گھڻي عرصي تائين ھتي رھيو ۽ ھت ئي وصال ڪيائين. ھي صاحب بخاري سيد ھو. وڏو عالم ۽ وڏو ڪامل ولـــي ۽ صاحب ڪرامت ھو. ھزارين ماڻھو ظاھري ۽ باطني علمـن جو فيض ڪائنس حاصل ڪري ويا. ڪلام الله جو حافظ ھو، صائم الدھر ۽ قائم الليل ھو. سلسلي چشتيہ صابري شاخ جو وڏو پير ھـو. عراق، شام، عرب ۽ حجاز جو سير ڪندي آخر ھت تشريف فرما ٿيو ھو." (اولياءِ اسلام تاليف مولـوي عبدالڪريم چشتي صابري ص: ٥١) مولانا عبدالڪريم چشتي مرحوم جو وڏو ڏاڏو خليفو مولانا عبدالڪريم "ڪرم" ولد حافظ صاحبڏنو جيڪو مولانا حفظ الله بن شاھ فقيرالله علوي جو دوست ھو، حضرت حافظ خواجہ امين شاھ چشتي بخاري رح جو خليفو ھو (٢١). سندس مزار مبارڪ شڪارپور مختيارڪاريءَ جي لڳ ڏڪڻ طرف مرجع عام و خاص آھي.

## ٽيرھين صدي ھجري جا بزرگ

ھن صديءَ ۾ ٽالپرن جـي دور جـــي ٦٠ سالن ۽ انگريزن جي شروعاتي ٤٠ سالن جو ذڪر ڪبو. ھن دور جي مکيہ صوفي بزرگن مـــان حضرت الف شاھ شھيد، مست علـي شاھ، سيد اول شاھ، سيـد واصل شاھ، سيد ولايت شاھ، خليفو محمد ڪاظم، خليفو ڪرم الله، حضرت ملا اويس احمد، حضرت پير خواجہ امير حيدر رحہ ۽ حضرت خواجہ پير نظام الدين سرھندي رح وغيرہ جا نالا قابل ذڪر آھن.

## الف شاهه شهيد ۽ مست علي شاهه

حضرت الف شاهه شهيد جو تعلق بخاري سادات سان آهي. مدرسي ۾ پڙهندو هو ۽ مست علي شاهه سان دوستي هوندي هيس. ٻنهي تي ذڪر الاهيءَ جو گهڻو جذبو هو. انوقت شهر جي رئيسن جنهن جي نالي سان شڪارپور جي اوپر طرف رئيس واهه به موجود آهي، جون جايون مدرسي جي پرسان هونديون هيون. الف شاهه کي رئيس وڏيرن جي هڪ ڇوڪريءَ سان مجازي رنگ چڙهي ويو. مجازي عشق جذب کي وڌائي ڇڏيو. رئيسن کي اها ڳالهه ڳري لڳي سو منصوبو ٺاهي شاهه صاحب کي دوکي سان ڳڙهي ياسين روڊ تي گهرائي، شهيد ڪرائي ڇڏيائونس. شاهه صاحب پنهنجي هم سبق سائيءَ کي خواب ۾ ٻڌايو ته ”مونکي ناحق قتل ڪري، دستيءَ واريءَ مسجد لڳ اڇليو ويو آهي. مونکي اتان ڪڍائي فلاڻي جاءِ تي دفن ڪرايو.“

ٻي ڏينهن شاهه صاحب کي ڪڍائي موجوده مدفن واري جاءِ تي نهايت عزت ۽ احترام سان دفن ڪيو ويو. حضرت الف شاهه شهيد جي مزار ڳڙهي ياسين روڊ تي نيپنور پرسان آهي.

مست علي شاهه کي به رئيسن مارائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن به ڪو شخص ڪيس مارڻ لاءِ ايندو هو، ته مست علي شاهه جي جسم کي ٽڪر ٽڪر ٿيل ڏسندو هو. اهڙي طرح حضرت الفشاهه شهيد جو دوست دشمنن کان محفوظ ۽ مامون رهيو. سندس مزار ميمڻ محلي ۾ موجود آهي (٢٢).

سيد الف شاهه شهيد کي دوکي سان مارائڻ رئيسن کي ڀٽ ٿي لڳي، ۽ اهڙا ته آتا ٿيا جو اتان لڏي وڃي شهر جي ٻي ڪنڊ تي ويٺا ۽ سندن جايون ۽ ماڙيون ويران ٿي ويون.

## سيد اول شاهه

اول شاهه ۽ جمن شاهه ٻئي حضرت مهدي شاهه جا پٽ هئا، جيڪو

مشهور عابد ۽ زاهد بزرگ ٿي گذريو آهي. اول شاهه جي نالي سان هڪ محلو به موسوم آهي. سڀني بزرگن جون قبرون لنگهن جي پاڙي ۾ آهن. ڏانهن منسوب ٿيل ڪيترين ئي روايتون مشهور آهن. سندن مزارن کان علاوه پنهنجي شاهه جي مزار به ويجهو ئي عوام جي زيارت گاهه آهي.

## سيد ولايت شاهه ۽ واصل شاهه

پنهي جو تعلق بخاري سادات سان آهي، ۽ ٻئي پاڻ ۾ سڳا ڀائر هئا. سيد ولايت شاهه نقشبندي طريقي جو شيخ هو. کيس فيض خواجه صفي الله سرهندي حديدوي ( ١١٤٩-١٢١٢هه ) کان حاصل ٿيو. ڪماليت ڪانپوءِ سندس مرشد قطب جهان خواجه صفي الله صاحب رحه کيس خلافت جو خرقو عطا ڪري شڪارپور ۾ پنهنجو مجاز بنائي ويهاريو (٢٣). سندس مزار شريف جماڻي هال جي اوپر طرف نل بس اسٽان جي پرسان موجود آهي. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته سيد واصل شاهه به فيض پنهنجي ڀاءُ جي مرشد خواجه صفي الله سرهندي رحه کان ئي حاصل ڪيو هجي، پر تاريخي ثابتي ملي نه سگهي آهي. سيد واصل شاهه جي مزار جماڻي هال جي ڏکڻ طرف هڪڙن جي محلي ۾ مرجع عام و خاص آهي. سندس نالي سان هڪ محلو به موسوم آهي.

انهن بزرگن کان علاوه ٻين صوفي بزرگن مثلاً پير طبيب شاهه ( هاٿيدر اندر ) پنج پير ( پنجن پيرن جي محلي ۾ ) پٽيءَ جي مقام ۾ جيئي شاهه ۽ قادر پير (صدر ۾) حاجن شاهه (ميراڻي محلا) باقرشاهه جيلاني (اناج مڏي) نظرشاهه(قاضي محلا) اسماعيل‌شاهه (سويدر) نبي‌شاهه ۽ گل‌شاهه (نبي شاهه محلا) ڪٽڪ شاهه (ريلوي اسٽيشن) وغيره جون مزارون به مشهور ۽ معروف آهن.

## خليفو محمد ڪاظم رحه

حضرت خواجه صفي‌الله مجددي رحه جي قديم صحبتن مان هڪ هو

حضرت مخدوم محمدابراهيم مڏئي رحہ جي وساطت سان مجددي بزرگ جو مريد ٿيو هو ۽ خلافت حاصل ڪري فيض الاهي جو مظهر بڻجي ويو. ڪتاب عمدة المقامات مان معلوم ٿو ٿئي ته مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جي پوٽي مخدوم محمد ابراهيم مڏئيءَ واري شڪارپور ۾ رهي درس تدريس جو شغل پڻ اختيار ڪيو آهي. شڪارپور ۾ مخدوم صاحب جي قيام دوران محمد ڪاظم وٽس ظاهري علم حاصل ڪرڻ ويندو هو. خليفي محمد ڪاظم پنهنجي مرشد جي وفات کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ مخدوم محمد ابراهيم صاحب جي خدمت ۾ ڪافي عرصو رهي فيض ياب ٿيو. بعد ۾ حرمين شريفين وڃي متبرڪ مقامات کان مشرف ٿي واپس پنهنجي وطن پهتو ۽ درس تدريس ۽ ذڪر فڪر ۾ زندگي بسرڪرڻ لڳو. حضرت فضل الله نقشبنديرحہ (١١٨٣-١٢٣٨هہ) جڏهن ٻيو دفعو حرمين شريفين ويو ته شڪارپور ۾ خليفي محمدڪاظم سندس صحبت اختيار ڪئي ۽ کانئس پڻ اجازت حاصل ڪيائين. سندس وفات ١٢٢٣هہ سن اندر ٿي، سندس قبر مبارڪ شڪارپور ۾ آهي.

(عمدةالمقامات ص: ٤٩٤-٤٩٥- مطبع لاهور ١٣٥٥هہ از مولانا فضل الله مجددي رحہ)

## خليفو ڪرم الله رحہ

شڪارپور جي سومره خاندان جي هڪ شاخ جو هي بزرگ مشهور ۽ معروف ٿي گذريو آهي. سندس والد بزرگوار حافظ محمد رمضان سومره به نيڪ ۽ عبادت گذار شخص هو. سندس ولادت جي صحيح تاريخ معلوم ٿي نه سگهي، ليڪن اندازاً ٻارهين صديءَ جي آخر يا تيرهين صدي هجري جي شروعات ۾ ٿي. ظاهري تعليم شهر جيمختلف مدرسن مان حاصل ڪيائين ۽ درازن جي فاروقي خاندان جو قادري سلسلي ۾ دست بعيت ٿيل هو. سندس مرشد جو نالو حضرت خواجہ نظر محمد رحہ (١٢٠١-١٢٥٢هہ) هو جنهن جي طريقت جو سلسلو حضرت سچل سرمست جي ڏاڏي ميان صاحبڏني (١١٠١-١١٩٢هہ)

سان ملي ٿو.

خليفو صاحب شروعات ۾ پنهنجو آبائي رنگريزيءَ وارو ڌنڌو ڪندو هو، پر پوءِ هڪ مدرسو قائم ڪري ظاهري ۽ باطني طالبن کي سبق ڏيندو هو. سندس ڪلام سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي زبان ۾ موجود آهي. سندس وفات ١٢٧١هه ۾ ٿي. هڪ شاعر ان جو قطعو هن طرح لکيو آهي: "بهشت يا فت زالله هاتفم گفتا"

١٢٧١هه

سندس مزار شاه حسين محلا خليفا گهٽيءَ ۾ موجود آهي، جنهن جو متولي محترم خليفو حڪيم حاجي لطف الله صاحب آهي.

## حضرت ملا اويس احمد "اويس"

هي صوفي بزرگ شڪارپور جو ويٺل هو ۽ ذات جو سومرو هو. ١٧٦٠ ڌاري تولد ٿيو. علم معقول ۽ منقول تي وڏي قدرت حاصل هيس. سندس سڄي عمر درس ۽ تدريس ۾ گذري. پڇاڙيءَ ۾ وڃي گوشه نشيني اختيار ڪيائين ۽ حياتيءَ جو باقي حصو خدا جي ياد ۾ گذاري ١٨٣٠ع مطابق ١٢٤٧هه سن ڌاري فوت ٿي ويو. ملا صاحبڏني "صاحب" (وفات ١٢٥٩هه) جو همعصر ۽ محمد عارف "صنعت" (١٨٠٠-١٨٤٩ع) جو استاد هو. قادري سلسلي سان منسلڪ هئڻ ڪري ڪيس سيدنا قطب رباني حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رح سان غايت درجي جي محبت ۽ انس هو. سندس وفات ڪانپوءِ ڪيس الف شاه شهيد جي مقبري جي پرسان دفن ڪيو.

## حضرت خواجه امير حيدر سرهندي رحه

شڪارپور جي بي سرهندي شاخ جو هي نقشبندي بزرگ تمام مشهور ۽ معروف ٿي گذريو آهي. سندس نسب جو سلسلو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحه تائين هن طرح ملي ٿو.

حضرت خواجہ امير حيدر بن فضل مجدد بن شيخ نـور مهدي بن شيخ محمد رضا بن شيخ محمد مهدي بن شيخ محمد صديق بـن خواجہ محمد معصوم بن امام رباني مجدد الف ثـاني شيخ احمد سرهندي رحہ (انساب الانجاب: مؤلف خواجہ محمد حسن جان سرهندي ص: ۴۱-۴۲) اصل ۾ سندس ڏاڏو ٻارهين صدي هجريءَ ۾ شڪارپور هجرت ڪري سڪونت پذير ٿيو. پوءِ سندس خاندان ڳڙهي ياسين لڳ ڳوٺ ٻـڏي وڃي ويٺو.*

ميرن جي دور ۾ وري خواجہ امير حيدر صاحب شڪارپور ۾ اچي ويٺو ۽ بـقول حضرت خواجہ محمد حسن جـان سرهندي رح جي تہ "حضرت امير حيدر صاحب عـلم ۽ عمل جـو صاحب هو ۽ سندس طبيعت ۾ جلالي هوندي هئي." (انساب الانجاب ص: ۴۲)

پير صاحب پنهنجي سڄي عمر پيري فقيريءَ ۾ گذاري. هو نهايت نيڪ، پرهيزگار ۽ متقي هو، ايتري قدر جو انگريز بہ سندس تمام گهڻي تعظيم ۽ تڪريم ڪندا هـئا. سندس سڄو وقت مريدن ۽ طالبن ڪـي ذڪر اذڪار جي تعليم ڏيندي ۽ تبليغ ۾ گذريو. ماڻهن جي بہ ڏانهس ڏاڍي رجوعات هوندي هئي. حياتيءَ جي پوين گهڙين ۾ ڪيس چار پٽ پير محمد عمر، پير محمد عثمان، غلام صديق ۽ غلام سرور نالي ڄـاوا جن مان اول الذڪر تـمام گهڻو مشهور ۽ معروف ٿي گـذريو آهـي. سندس پوٽي مرحوم پير عطا محي الدين جا بہ پٽ پير محمد بچل ۽ پير مقصود احمد پنهنجي اولاد سميت شڪارپور ۾ حال حيات آهن.

خواجہ امير حيدر صاحب جـو انتقال پر ملال ١٢٨٥هہ سن ۾ ٿيو.

---

* هي ڳوٺ پير ڳوٺ جي نالي سان موجود آهي. هتي هڪ عاليشان مسجد زبون حالت ۾، سرهندي بزرگن جا مقبرا ۽ مزارون موجود آهن. (م.ع.س)

سندس مزار شڪارپور کان ٥ ميل پري سندس آبائي ” پير ڳوٺ “ (سنڌ واه لڳ) عوام ۽ خاص جي زيارت گاه آهي. سندس وفات تي مرحوم منصور علي خان درانيءَ هڪ قطع تاريخ چئي آهي.

مير حيدر ڪه پير پيران بود — رفت زين دوسوئے باغ ـ قدم
آن شه نقشبند پير نژاد — کرد خالي دل و دماغ زدم
ابر رحمت سايه داري او — سوخت رق فلق بداغ الم
گفت هاتف بگوش اين مسکين — سال تاريخ او چراغ امم (٢٤)

١٢٨٥ھ

## حضرت خواجه پير نظام الدين سرهندي رحه

خواجه پير نظام الدين سرهندي رحه جي ولادت ١٢٠٤ھ ۾ پشاور ۾ ٿي. سندس ولادت جي تاريخ مخدوم محمد صالح وزيرآبادي جي هن بيت مان نڪري ٿي.

” چراغ از سال توليدش شمردم
بلي روشن چراغ باصفا بود “ (٢٥)

حضرت خواجه نظام الدين جو والد بزرگوار جڏهن پنهنجي ٻن پٽن (نظام الدين ۽ فدا محي الدين) سان ٻيهريون دفعو ١٢٠٥ھ ۾ شڪارپور آيو، ته انوقت شڪارپور جو گورنر نواب مولا داد افغان هو. هو سندس ڏاڍو معتقد هو ۽ حج جي سفر ۾ پڻ ساڻس همرڪاب هو (٢٦). ان کانپوءِ بزرگ خواجه غلام محي الدين پشاور موٽي ويو. جڏهن پشاور تي سکن جو غلبو ٿيو، ته بزرگ پنهنجي ٻنهي پٽن ۽ خاندان سميت ٻيهر سن ١٢٢١ھ (١٨٠٦ع) ۾ سنڌ ۾ آيو، ۽ سڪونت اختيار ڪيائين. سنڌ جي ميرن سندس گهڻي عزت ڪئي ۽ ڪيس ڪيترا هزار ايڪڙ زمين جاگير طور ڏني. خواجه غلام محي الدين ١٢٤٤ھ ۾ حيدرآباد ۾ گذاري ويو. سندس مزار مبارڪ حيدرآباد ۾

سرفراز ڪالونيءَ ۾ آهي. سندس مريد مخدوم محمد صالح وزيرآبادي سندس وفات تي انيڪ قطع تاريخون چيون آهن. ”قطب مانند خواجہ بيرنگ“ مان سندس تاريخ وفات ١٢٤٤ھ نڪري ٿي.

حضرت سيد احمد شهيد (١٢٠١-١٢٤٦ھ) جڏهن سکن سان جهاد لاءِ نڪتو تہ سنڌ ۾ بہ آيو. سيد صبغةالله شاهه راشدي (متوفي ١٢٤٦ھ) ۽ رائيپور جي سيدن جهاد ۾ سندس عملي مدد ڪئي. سرهندي پيرن مان حضرت نظام الدين ۽ فدا محي الدين پير ڳوٺ تعلقہ ڳڙهي ياسين ۾ سندس شاندار استقبال ڪيو ۽ مهمان نوازي ڪئي (٢٧). خواجہ پير نظام الدين صاحب جي نالي سندس هڪ خط بہ مليل آهي (٢٨). فدا محي الدين ( وفات ١٢٦٢ھ ) پنهنجي جاگير واقع پير ڳوٺ ۾ رهندو هو، جتي سندس مزار بہ موجود آهي، ان کان علاوه هڪ عاليشان مسجد شريف بہ سلف جو بهترين نشان آهي، جيڪا اڄ ڪلهہ نمازين کان بلڪل خالي آهي، ۽ نهايت زبون حالت ۾ آهي. خواجہ نظام الدين شڪارپور ۾ علويہ خاندان جي ڏنل مهمان سراءِ ۾ ئي قيام پذير رهيو. سندس وفات ١٢٧٣ھ سن ۾ رجب جي مهيني ۾ ٿي. مخدوم محمد صالح وزيرآبادي پنهنجي مرشد جي وفات تي ”قطع تاريخ ديوان صالح“ لکيو آهي، جنهن ۾ ڪل ٧٣ صفحا آهن. فارسيءَ ۾ ٧٦ ۽ عربيءَ ۾ ٣ قطعہ تاريخون آهن. ان ديوان جو ١٣١٣ھ جو لکيل هڪ نسخو ڳڙهي ياسين جي آغا بدرالدين خان دراني مرحوم جي ڪتبخاني ”ڪاشانہ ادب“ ۾ موجود آهي. هڪ قطع تاريخ هن طرح آهي.

به صالح ز تاريخ اوشد ندا    که مشکلکشا نقشبندي ولي (٢٩).

ڪيس ٿو پٽ ۽ ٻہ نياڻيون تولد ٿيون. انهن مان ڇهن پٽن جي اولاد شڪارپور، حبيب ڪوٽ، ڪرن ڳوٺ، ماڏلي ۽ راڏڻ ۾ رهي ٿي.

سندس تصانيف مان ڇئن جا نالا معلوم ٿي سگهيا آهن.

١- اسرار رموز نقشبنديہ.

٢- مخمس ڪريما

٣- قلمي بياض مملوڪه پير خليل احمد سرهنديءَ
٤- ڪتاب معدن الانوار و بياض ديگر تاليف ١٢٢٤هه
(آشيانه ادب ڳڙهي ياسين)

ڪيس نبي ڪريم ﷺ جن سان تمام گهڻي محبت هئي. سندس ڪيترين ئي نعمتون فارسي، عربي ۽ اردو زبانن ۾ موجود آهن.

انهن کان علاوه هڪ مناجات: خواجه بهاؤالدين نقشبندي رحه، امام رباني مجدد الف ثاني حضرت شيخ احمد سرهندي رحه ۽ خواجه غلام محمد معصوم ثاني رحه جي مدح ۾ طويل مخمس ۽ ٣ مخمس حافظ شيرازيءَ جي غزلن تي ڏهيل قلمي صورت ۾ موجود آهن. سندس هڪ نعت مان مثال طور ٿي شعر پيش ڪجن ٿا.

از لطف خاص و فضل عميم و ڪريم خويش
يک جرعهٔ چشانش تو از فيض عام گو

هرجا که وصف روئي منيرش شود بيان
والشمس ونجم را تو ييک سر تمام گو

صد جسم و جان و والد اموال و خانمان
بادا نثار بار گهش اي **نظام** گو (٣٠)

ڪئپٽن گولڊ سمڊ خواجه رحه لاءِ رقمطراز آهي ته ”نظام الدين هڪ ذهين معمر ماڻهو آهي. سندس ظرافت جي صلاحيت، شاعرانه تخيل ۽ منطقي تدريس جي طريقي ڪيس نمايان رکيو آهي. هو هڪ مقدس پير آهي“ (٣١). سندس مزار مبارڪ واقع لڪيدر تي سندس وفات جي قطع تاريخ هن طرح اڪريل آهي:

صبح شنبه به هفدم رجب — گفت خلد آشيان نظام الدين
**صالحا** سال رحلتش بشمار — بود قطب جهان نظام الدين.

---

١٢٦٣هه

# چوڏهين صدي هجريءَ جا بزرگ

## خليفو نصرالله

سڀ کان پهريائين خليفي نصرالله جو ذڪر اچي ٿو. هو خليفي ڪرم‌الله جو ننڍو ڀاءُ هو. ننڍي هوندي علم منقول ۽ معقول حاصل ڪري هو حضرت خواجه نظر محمد (١٢٠١-١٢٥٢هه) جو قادري سلسلي ۾ مريد ٿيو ۽ خلافت حاصل ڪيائين. هن پنهنجي آبائي ڌنڌي رنگريزيءَ کي ترڪ ڪري طب جي حصول ۾ لڳي ويو ۽ حڪمت ۾ چڱو نالو ڪڍيائين. پنهنجي ڀاءُ خليفي ڪرم‌الله جي وفات کان پوءِ پنهنجي مدرسي ۽ مطب کي اوج تي رسايو. سندس ڪتبخاني جي معائني دوران احقر راقم کي هڪ بياض ۾ سندس مريدن جا به ڪافي لکيل نالا نظر آيا.

هو نه صرف عالم فاضل پر هڪ صوفي بزرگ ۽ مشهور طبيب به ٿي گذريو آهي. سندس وفات ١٥ جماديالثاني ١٣٠٧هه مطابق ١٨٨٩ع ۾ ٿي. کيس پنهنجي ڀاءُ ڪرم‌الله خليفي جي پرسان دفن ڪيو ويو. کيس هڪ پٽ محمد ابراهيم چاڏو جنهن سندس انتقال کان پوءِ مدرسو، مطب ۽ گادي سنڀالي مگر هن به سنت ڏي ١٦ صفر ١٣١٥هه ۾ وفات ڪئي. هو عربي، فارسيءَ ۽ سنڌيءَ جو وڏو عالم ۽ فاضل بزرگ هو. کيس نرينه اولاد ڪين هئي تنهنڪري سندس ڀيٽيوو خليفو محمداڪرم (وفات ٢٧ ذوالحج ١٣٤٣هه) وارث ٿيو. هن جو تعلق ملتان جي پڪا ڪروڙ سومره خاندان سان هو. موجوده خليفي خاندان جا فرد سندس پوٽاڻ آهن.

## چشموي بزرگ

هن صديءَ ۾ خصوصاً ٻاهرين صوفي بزرگن جو شڪارپور تي گهڻو اثر رهيو، جن مان چشموي بزرگ مشهور آهن. چشموي بزرگن مان حضرت خواجه محمد عمر جان چشموي نقشبندي سلسلي جو

مشهور ۽ معروف بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس والد بزرگوار خواجہ فيض‌الحق چشموي رح (١٢٥٥-١٣١٨ھ) بہ تمام وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ سجاده نشين ٿيا. سياري جا ٦ مهينا شڪارپور ۾ اچي قيام ڪندا هئا ۽ ماڻهن کي الله جي ذڪر جي تلقين ۽ دين جي تبليغ ڪندا هئا. تقريباً ٤٠ حضرات کي خلافت جو خرقو پهرايائون. ١٢٨٨ هجري ۾ چشمہ ڳوٺ ۾ تولد ٿيا ۽ ١٣٦٠ هجري سن ۾ شڪارپور ۾ ئي رحلت فرمايائون. هتان جي ڪافي مخلوق ڪانئن فيض حاصل ڪيو. شهيد الله بخش سومرو ۽ حاجي مولابخش سومرو سندن مريد آهن. سندن فرزند حضرت عبدالحي جان چشموي (١٩٠١-١٩٦٨ع) ۽ احقر راقم جو مرشد حضرت آغا عبدالله جان هدوي (١٩٠٣-١٩٧٩ع) سندن خصوصي خلفاء مان هئا. هينئر گاديءَ تي سندن پوٽو حضرت آغا فخرالدين جان ويٺل آهي. مٿين سڀني بزرگن جون مزارون چشمہ ڳوٺ نزد ڪوئيٽہ پاور اسٽيشن روڊ ۾ موجود آهن (٣٢).

ٻين جن بزرگن جو شڪارپور ۾ گهڻو اثر هيو، اهي راڻيپور جا جيلاني سادات، مولانا عبدالغفور همايوني رح (١٢٦١-١٣٣٦ھ) ۽ حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رح (متوفي ١٩٢٩ع) جن آهن. مولانا امروٽي صاحب رح جي خلفاء مان وري مولوي نبي بخش عودوي (١٢٨٧ھ-١٣٧٠ھ) صوفي منش بزرگ ٿي گذريو آهي. نهايت عالم، عابد زاهد ۽ ذاڪر هو. سندس پٽ مولوي عبدالعلي سومرو (١٣١٧ھ-١٣٦٩ھ) تہ نهايت ڪشف ۽ ڪرامت جو صاحب هيو، ايستائين جو حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رح سندس لاءِ ائين فرمايو تہ "عبدالعلي باطن ۾ بلڪل مون جهڙو آهي" (٣٣). مولوي نبي بخش سومرو عودوي صاحب پنهنجي وڏن پٽن سميت پنهنجي آبائي قبرستان واقع ڪڙي عطامحمد ۾ دفن ٿيل آهي.

انهن بزرگن کان علاوه بيدل فقير، حضرت مولانا خواجہ محمدحسن جان

سرهندي رح ( ١٢٧٨-١٣٦٥هه ) ملتان جي سهروردي خاندان جي بزرگن جو به اثر هو. ايستائين جو خواجه محمد حسن جان سرهندي رح جي نالي سان هزاريدر جي متان هڪ مسجد به نهيل موجود آهي، جتي هو پنهنجي مريدن کي ذکر اذکار ۽ سلوڪ جا سبق ڏيندو هو. علاوه ازين سيد قطب علي شاه به مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي. حضرت مولانا اشرف علي ٿانوي رح ( ١٢٨٨--١٣٦٢ه. ) جو خليفه مجاز خليفو يارمحمد ( متوفي ٢٩ شوال ١٣٦١هه ) به نهايت متقي ۽ صوفي منش بزرگ ٿي گذريو آهي. فنا في المرشد هئا. پاڻ عابد، زاهد، صالح ۽ ذاڪر ۽ پرهيزگار هو. پنهنجي آبائي قبرستان ۾ دفن ٿيل آهن(٣٤).

آخر ۾ هڪ مجذوب بزرگ محمد شاه جو مختصر بيان ڪبو. لکي در تي ونگ وٽ گرمي توڙي سرديءَ ۾ هڪ مجذوب صوفي بزرگ محمد شاه نالي ويٺو هوندو هو. سندس صرف ستر ڍڪيل هوندو هو. هميشه چپ هوندو هو. پار ڪيس ڏاڍو تنگ ڪندا هئا. هڪ دفعي مولانا تاج محمود امروٽي صاحب حاجي محمد انعام صديقي بزاز جي دعوت تي شڪارپور آيو. جڏهن هو مجذوب محمد شاه جي پرسان لانگهائو ٿيو ، ته هو اٿي بيٺو ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائين ته ”سائين خدارا مونکي هتان بدلي ڪيو، جو ماڻهن مونکي سخت تنگ ڪيو آهي.“ حضرت امروٽي سندس اهي لفظ ٻڌي ڪاوڙجي ويو ۽ چيائينس ته ”بس ڪر تنهنجي بدلي بند آهي، تو کي هتي ئي مرڻو آهي. مون کي تون ماڻهن ۾ خامخواه خوارڪيو آهي“. واقعي ائين ٿيو، جيئن حضرت امروٽيءَ فرمايو هيو. اهو مجذوب ان ونگ وٽ ئي ڪافي عرصي کانپوءِ گذاري ويو، ۽ کيس جامع مسجد جي پرسان اوڀر طرف دفن ڪيو ويو (٣٥).

**حوالا**

(١) تاريخ سنڌ ڪلهوڙن جو عهد ( اردو ) جلد اول ص: ١١٧
مرتب غلام رسول مهر سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٨ع

(١) Memoirs on Shikarpur by Captain F. G. Goldsmid 1855 Page 7 نخلستان ١٩٥٥ع لطف الله بـدوي مضمون
"شڪارپور دائود پوٽن جي تسلط هيٺ"

(٢) ايضاً ص: ١١٨ ، ايضاً ص: ١٠

(٣) تاريخ آچ: محمد حفيظ الرحمان "حفيظ" ١٩٣١ع ص: ١٤٩ ۽ ١٥٠، خطہ پاک اوچ. مسعود حسن شهاب. اردو ايڪيڊمي بهاولپور ١٩٦٧ع. ص: ١٨٦ کان ١٨٨. (خزينةالمفلح) قلمي ص: ٣٨٨-٣٨٩ جلد ٢ تاليف مولوي امان الله "مفلح" مهر.

(٤) حضرت ميهر شاه جي پوين مان سيد نوازش علي شاه تازو وفات ڪري ويو آهي جنهن پنهنجي "ياد داشت مختصر" تحرير ڪئي آهي. ان مطابق انوقت جي حڪمرانن ميهر شاه کــي گهڻيون جاگيرون ۽ پٽداريون ڏنيون هيــون جيڪي ڪافــي عرصو خاندان ۾ هلنديون آيون پر پوء ختم ٿي ويون ۽ سندس پويان غريب مسڪين ٿــي ويــا. نوازش علي شاه جــو نينگر ڪنڊ ڪوٽ ڪاليج جي آفيس ۾اسسٽنٽ آهي ۽ سندس ڀائٽيو حبيب بئنڪ ۾ مئنيجر جي عهدي تي فائز آهي.

(٥) بحوالہ حضرت مولانا محمد اسماعيل عودوي ثــم شڪارپوري (١٨٩٦-١٩٧٠).

(٦) تحفةالڪرام سنڌي ترجمو، ڇاپو ٻيو ١٩٧٦ع، مترجم مخدوم اميراحمد، مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ص: ٣٤٢- ٣٤٣.

(٧) اها مسجد ساڳي مسجد آهــي، جنهن ۾ شڪارپور جــي قطعہ تاريخ جو ٻهڙ "غوڪ" اڪريل، ڪپتان ايليگزينڊر برنس کي بخارا ڏانهن ويندي نظر آيو هو، ۽ پوء سيني مؤرخين ان تاريخ کي پنهنجي حوالي ۾ ڪم آندو.

(٨) احقر راقمہ کي اهي باوثوق صدري روايتون پنهنجي وڏن کــان حاصل ٿيون آهن.

(۹) فارسي رسالہ سروش، ۱۵ مارچ ۱۹۵۸ع، ماهنامو نئين زندگي مئي ۱۹۵۸ع مضمون ترجمو شفيع احمد علوي ص: ۸، تذڪره صوفياء سنڌ. اعجازالحق قدوسي اردو ايڪيڊمي سنڌ ڪراچي ٻيو ڇاپو ۱۹۷۵ع ص: ۱۸۹، آريانا ڪابل جنوري فيبروري ۱۹۶۸ع مضمون شيخ فقيرالله حصارڪي جلال آبادي پروفيسر عبدالحي حبيبي ص: ۱

(۱۰) مڪتوبات شاه فقيرالله علوي. مڪتوب دوم ص: ۲۷

(۱۱) قطب‌الارشـاد ص: ۲ ح ۱ ، فتوحات الغيبية فـي شـرح عقائدالصوفية ص: ۱ براهين النجاة من مصائب الدنيا والعرصاة ص: ۲ ، مڪتوبات شـاه فقيرالله علوي ص: ۳، ۲۷، ۳۳، ۱۴۹، ۱۹۷ ۽ ۲۹۸، الوحيد ۱۹۳۶ع سنڌ آزاد نمبر ص: ۳۶، بياض جنگ مير حامدالحق بن شاه فقيرالله علوي ص: ۲۲-۲۳

(۱۲) وثيقة الاڪابر ص: ۲

(۱۳) قلمي بـياض مخدوم محمد عاقل بـن عبدالخالق عباسي ڪهڙوي (وفات ۱۲۹۳هه)

(۱۴) سروش فارسي ۱۵مارچ ۱۹۵۸ع، آريانا ڪابل جنوري فيبروري ۱۹۶۸ع مضمون شيخ فقير الله حصارڪي جلال آبادي. مرتب عبدالحي حبيبي ص: ۳، ماهنامو نئين زنـدگي مئي ۱۹۵۸ع مضمون ترجمو شفيع احمد علوي ص: ۸، تذڪره صوفياء سنڌ، اعجازالحق قدوسي. اردو ايڪيڊمي ڪراچي سـنڌ ٻيو ڇـاپو ۱۹۷۵ع ص: ۱۹۰

(۱۵) وثيقة الاڪابر ص: ۲، قـطب الارشـاد ص ۴۴۵ کـان ۶۴۴، مڪتوبات شاه فقيرالله علوي ص: ۳۱۶، ۳۱۸ ۽ ۳۱۹

(۱۶) ايضاً.

(۱۷) معيار سالڪان طريقت: مير علي شير قـانع ٺٽوي. هن ڪتاب جو قلمي نسخو برٽش ميوزم لنڊن ۾ (ADD ،21 ،589) نمبر

سان موجود آهي. (احقر راقم کي اهي سڀئي پير حسام الدين راشدي مرحوم تحرير ڪري موڪليون. جنهن لاءِ احقر سندن ٿورائتو آهي.)

(١٨) سروش فارسي ١٥ مارچ ١٩٥٨ع، آريانا ڪابل جنوري فيبروري ١٩٦٨ع مضمون شيخ فقير الله حصارکي جلال آبادي مرتب عبدالحي جيبي ص: ٤، ماهنامو نئين زندگي مئي ١٩٥٨ع مضمون ترجمو شفيع احمد علوي ص: ٩

(١٩) تحفة الڪرام فارسي جلد ٽيون ص: ١٣٤

(٢٠) جنگ نامه: نور محمد گنجابي مطبوع مئي ١٩٣٩ع ص: ٤٤ کان ٤٦ حاشيو ۽ تقريظ پروفيسر گندا سنگهه ريسرچ اسڪالر، سک هسٽري ريسرچ ڊپارٽمينٽ خالصا ڪاليج امرتسر مان ڇپائي پڌروڪيو. هن ڪتاب جوهڪ قلمي نسخو قلات جي شاهي ڪتب خاني ۾ موجود آهي ۽ ٻيا ٻه ڪيترائي نسخا مختلف ماڻهن وٽ موجود آهن. (بحواله بلوچستان ۾ فارسي شاعري ڊاڪٽر انعام الحق ڪوثر ١٩٦٨ع ص: ٥٣)

(٢١) پيغام مارچ ١٩٨٠ع مضمون لطف الله بدوي. "مولانا چشتيءَ جون ادبي ۽ تبليغي خدمتون" ص: ٧٢

(٢٢) بحواله پروفيسر امام بخش "عاصم".

(٢٣) عمدة المقامات از فضل الله مجددي طبع ١٣٥٥ھ ص: ٤٩٣

(٢٤) قلمي بياض پير مولانا فضل احمد سرهندي صاحب.

(٢٥) تڪمله مقالات الشعراء پير حسام الدين راشدي. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ مطبوع ١٩٥٨ع ص: ٦٥٨

(٢٦) تذڪره مشاهير سنڌ: دين محمد وفائي مطبوع ١٩٧٤ع ص ٢٥٦

(٢٧) سيد احمد شهيد: غلام رسول مهر ١٩٥٢ع ص: ٢٩٩

(٢٨) مڪتوبات احمد شهيد از مولانا جعفر ٿانيسري ص: ١٠٦
(٢٩) تمڪلہ مقالات الشعراء مرتب پير حسام الدين راشدي. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ مطبوع ١٩٥٨ع ص: ٦١٥
(٣٠) بياض پير نظام الدين سرهندي قلمي
(٣١) Memoirs on Shikarpur Capt. Goldsmid 1855 Page 45.
(٣٢) تذڪره صوفياء بلوچستان ڊاڪٽر انعام الحق ١٩٧٦ع ص: ١٧٣، ١٩٣
(٣٣) الرحيم سنڌي نومبر ڊسمبر ١٩٧٦ع ص: ١٣، ماهنامہ شريعت سوانح حيات نمبر ١٩٨١ع ص: ١٩٣
(٣٤) سہ ماهي مهراڻ سوانح نمبر ١٩٥٧ع ص: ١٦٦ ، ماهنامہ شريعت سوانح حيات نمبر ١٩٨١ع ص: ١٨٣
(٣٥) ماهوار الرحيم سنڌي نومبر ڊسمبر ١٩٨٠ع احقر راقم جو مضمون حضرت مولانا محمد اسماعيل عودوي ثم شڪارپوري صاحب ص: ١١

ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو

# شڪارپور جا عالم ۽ ديني مدرسا

سنڌ جي تاريخ ۾ ”شڪارپور“ جو نالو بين‌الاقوامي شهرت جو درجو رکي ٿو. هيءُ شهر سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ تجارتي عظمت سان گڏ علمي قنديلن سان روشن ٿي رهيو آهي، جتان لکين انسان علم و فضل جا چراغ روشن ڪندا پئي رهيا آهن.

هن شهر جي علمي تاريخ گهڻو پراڻي آهي، مگرزماني جي انقلابن سبب قيمتي سرمايه ضايع ٿي چڪو آهي. يعني ماضي جي ١٢٠ سالن جو پهريون علمي دور گم نامي ۾ معدوم ٿي ويو.

هن شهر جي علمي تاريخ سن ١١٥٠هه مطابق ١٧٣٧ع کان شروع ٿئي ٿي، جڏهن الحاج مولانا شاه فقيرالله علوي ”رح“ هن شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي، ۽ ديني مدرسو قائم ڪري، درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيو.

## (١) الحاج شاه فقيرالله علوي رح

١١٠٠هه – ١١٩٥هه شڪارپور جي علويه خاندان جو مؤرث اعليٰ شاه فقيرالله علوي تقريباً ١١٠٠هه مطابق ١٦٨٠ع ڌاري افغانستان جي ”جلال آباد“ علائقي ۾ ”حصارڪ“ جي حد ۽ ”شنوار“ جي پسگردائي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ”روتاس“ ۾ پيدا ٿيو.

هيءُ بزرگ ١١٥٠هه ۾ هجرت ڪري شڪارپور ۾ مستقل طور آباد ٿيو. هيءُ پنهنجي دور جو برگزيده عالم ۽ فاضل شخص هو. روحاني اعتبار سان سندس مرتبو نهايت بلند هو، سندس درگاه تي نه فقط عام ماڻهن جي رجوعات هئي، پر وقت جا تاجدار به هن دروازي

جو سلام پرينداهئا. *

## (٢) الحاج مولانا قائم الدين

مولانا حاجي قائم الدين، حاجي فقيرالله علوي جو مريد ۽ سندس مدرسي جو شاگرد هو. سڄي زندگي عبادت ۾ گذاريائين. هي پنهنجي دور جو سٺو شاعر به هو. شڪارپور شهر جي واڪاڻ ۽ پنهنجي مرشد جي تعريف ۾ ڪيترائي قصيدا قلمبند ڪيائين. هن ١١٧١ھ (١٧٥٨ع) ۾ وفات ڪئي (١).

## (٣) مولانا محمد اويس

مولانا محمد اويس شڪارپوري، حاجي فقيرالله جي مدرسي جو شاگرد هو. حياتي جو سمورو عرصو درس و تدريس ۾ گذاريائين. دنيا وارن سان سندس تعلقات تمام گهٽ هئا. هن تقريباً ١٢١٠ھ ۾ وفات ڪئي (٢).

## (٤) مولانا صاحبڏنو "صاحب" شڪارپوري

مولانا صاحبڏنو "صاحب" شڪارپوري، شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. حاجي فقيرالله علوي جو مريد ۽ سندس مدرسي جو فيض يافته مقتدر عالم هو. درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندو هو. سندس روزگار جو ذريعو

---

* هن بزرگ جو تفصيل سان احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي، تنهن ڪري هن مقالي مان بزرگ جو احوال ڪڍيو ويو آهي ته جيئن ورجاءُ نه ٿئي.

(١) تذڪره مشاهير سنڌ. مولانا دين محمد وفائي مرحوم ص: ١٥٧ ١٥٨ مطبوع س١٠٠ب حيدرآباد.

(٢) تذڪره لطفي جلد ٢ ص: ١٥٠ لطف الله بدوي مرحوم مطبوع ١٩٤٦ع شيام آفسيٽ پريس ڪراچي.

بہ ”مدرسو“ هوندو هو. پنهنجي دور جـو علامہ هو. شڪارپور ۾ ”قاضين جي مسجد جو پيش امام هو.“

شعر و شاعري ۾ اعليٰ مقام رکندو هو ۽ پنهنجو تخلص ”صاحب“ استعمال ڪندو هو. سندس ”ديوان“ مشهور آهـي. هن جـو ڪلام سنڌي ۽ فارسي زبانن ۾ آهي. علامہ صاحب تقريباً ١٢٥٥ه (١٨٣٥ع) ۾ وفات ڪئي (١).

## (٥) مولانا مير حفظالله علوي

حضرت شاه فقيرالله علوي جو پنجون نمبر فرزند هـو. حاجـي صاحب جي وفات کانپوءِ سن ١١٩٥ه سندس فرزند حضرت مولانا مير سراج‌الدين علوي مسند نشين ٿيو. ڪجھ عرصي کان پوءِ مولانا مير حفظ‌الله علوي جي حق ۾ دست بردار ٿي ويو. هـن بزرگ ١٢٣٦ه (١٨١٦ع) ۾ وصال ڪيو (٢).

## (٦) مولانا قاضي محمد صاحب

مولانا قاضي محمد صاحب شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي دور جو جيد عالم هو. بيحد پرهيزگار ۽ موحد انسان هو. مخدوم عبدالواحد عرف محمد احسان سيوستاني جو همعصر ۽ دوست هو. واقع نگارن جي لکڻ موجب ”مخدوم صاحب حضرت قلندر شهباز جي درگاه تي بہ ڪثرت سان حاضري ڀريندو هو. مولانا قاضي صاحب ڪيس طعني طور ”عابدالاوثان محمد احسان“ [يعني محمد احسان بت پرست] ڪري لکي موڪليو. مخدوم صاحب ان جي جواب ۾ تحرير فرمايو:

---

(١) تذڪره مشاهير سنڌ: ص ١٩٩ مولانا ديـن محمد وفائي مرحوم س١٠٠ب حيدرآباد سال ١٩٧٤ع تذڪره لطيفي جلد ٢ ص ١٤٧ مطبوع ١٩٤٦ع

(٢) پي- ايچ- ڊي ٿيسز ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو سال ١٩٧٨ع (سنڌالاجي حيدرآباد)

"نـہ ٿو سرڪي پيتي، نـہ ٿو آئي ڇٽ
ڪهين ٿـو انهن سان، جنهين پيتـا مٽ "

مولانا قاضي صاحب هيءُ جواب ٻڌي اضطراب ۾ اچي ويو، سندس جسم ۾ لرزش پيدا ٿي ويئي، ان وقت ڪانئس وڃي معافي ورتائين. هن ١٢٣٠هه (١٨١٠ع) وفات ڪئي (١).

## (٧) مولانا مير فخرالدين علوي

مولانا مير فخرالدين ولد مولانا مير حفظ الله علوي سن ١٢٢٥هه ۾ ڄاول ٿيو. هيءُ حاجي فقيرالله جو پوٽو هو. پنهنجي وقت جو جيد عالم ۽ عارف باالله هو. سندس متعلق بمبئي گورنمينٽ جي ڇپيل رڪارڊ ١٨٥٥ع باب ١٧ ص: ٤٤ تي وڏي عظمت سان بيان ڪيو ويو آهي. مولانا صاحب علم ادب ۽ حڪمت جو ڄاڻو هو. سندس شمار فارسي گو شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن ٣١- آڪٽوبر ١٨٥٤ع مطابق ١٢٧١هه ۾ رحلت ڪئي (٢).

## (٨) مولانا خليفو ڪرم الله "ڪرم"

مولانا خليفو ڪرم الله "ڪرم" ولد حافظ محمد رمضان سومرو پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ عربي زبان جو علامہ هو. "ڪهڙن جي مخدومن" کان ڪيس "خلافت" مليـي. خليفو صاحب سنـڌي، سرائڪي ۽ فارسي زبانن جو وڏو شاعر هو، سندس "ڪليات" مشهور آهي. هن ١٢٧١هه ۾ وفات ڪئي (٣).

---

(١) تذڪره مشاهير سنڌ. ص ٢١٢ مولانا ديـن محمد وفائي مرحوم س١٠ب حيدرآباد ١٩٧٤ع

(٢) پي- ايچ- ڊي ٿيسز ١٩٧٨ع ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو.

(٣) تذڪره لطفي جلد ٢- ص ٣٨٧ لطف الله بـدوي مرحوم مطبوع ١٩٤٩ع

## (٩) مولانا مير حامدالحق علوي

مولانا مير حامدالحق ولد شاه فقيرالله علوي تقريباً ١١٩٠ھ ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. ڇهن يا پنجن سالن جي ٻارائي آوستا ۾ سندس والد بزرگ ١١٩٥ھ ۾ رحلت ڪري ويو، جنهن ڪري سندس تعليم ۽ تربيت وڏن ڀائرن ۽ ڀائٽين جي سپرد رهي. هو سموري تعليم پنهنجي ڀائٽي مولانا شهاب‌الدين علوي کان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. هن ١٣- ذوالقعد ١٢٥٩ھ مطابق ١٨٤٢ع ۾ وفات ڪئي.

## (١٠) مولانا مير سراج‌الدين بن شاه فقيرالله علوي

مولانا مير سراج‌الدين علوي سموري تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

## (١١) مولانا مير فيض‌الحق علوي

مولانا مير فيض‌الحق ولد شاه فقيرالله علوي پنهنجي والد بزرگ وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

## (١٢) مولانا مير زين‌العابدين

مولانا مير زين‌العابدين ولد شاه فقيرالله علوي پنهنجي والد بزرگ وٽ تعليم حاصل ڪري دستار- فضيلت ٻڌي.

## (١٣) مولانا مير مصلح‌الدين علوي

مولانا مير مصلح‌الدين ولد شاه فقيرالله علوي پنهنجي خاندان ۾ وڏو جيد عالم ۽ خدا رسيده بزرگ هو. سموري تعليم والد بزرگ کان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

## (١٤) مولانا مير دين محمد علوي

مولانا مير دين محمد ولد شاه فقيرالله علوي پنهنجي تعليم والد بزرگ وٽ پوري ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

### (١٥) مولانا مير اهل الله علوي

مولانا مير اهل الله ولد شاه فقيرالله علوي پنهنجي تعليم والد بزرگ وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

### (١٦) مولانا مير فيض بخش علوي

مولانا مير فيض بخش ولد شاه فقيرالله علوي پنهنجي والد بزرگ وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

### (١٧) مولانا مير دليل الحق علوي

مولانا دليل الحق ولد شاه فقيرالله علوي سموري تعليم والد بزرگ وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

### (١٨) مولانا مير عبدالله علوي

مولانا مير عبدالله ولد شاه فقيرالله علوي پنهنجي تعليم والد بزرگ وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

### (١٩) مولانا مير حاضرالحق

مولانا مير حاضرالحق ولد شاه فقيرالله علوي پنهنجي والد بزرگ جي مدرسي مان تعليم حاصل ڪري تحصيل ڪيائين.

### (٢٠) مولانا نصيرالحق

مولانا مير نصيرالحق ولد شاه فقيرالله علوي، پنهنجي والد بزرگ جي مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

### (٢١) مولانا مير نورالدين حسن

مولانا مير نورالدين حسن ولد شاه فقيرالله علوي پنهنجي والد بزرگ جن وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

### (٢٢) مولانا مير رفيع الحق

مولانا مير رفيع الحق ولد شاه فقيرالله علوي، پنهنجي والد بزرگ

وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. *

## (۲۳) مولانا حافظ صاحبڏنو چشتي

چشتي خاندان جو مؤرث اعليٰ مولانا حافظ صاحبڏنو صاحب چشتي ابڙا قوم جي ڪماري پاڙي مان هو. هيءَ حضرت امين شاه چشتي جو خليفو ۽ پيارو مريد هو. چشتي طريقي سان منسلڪ رهڻ سبب "چشتي" لقب سان مشهور ٿيو. هيءَ بزرگ پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ عارف هو، سندس اولاد ۾ ڪيترائي عالم پيدا ٿيا. سندس فرزند مولانا عبدالڪريم "ڪرم" مير حفظ‌الله صاحب علوي جو همعصر هو. اهڙي تحريري شهادت ماهوار "پيغام" ڪراچي جي اشاعت ماه مارچ ۱۹۸۰ع ص ۴۷ تي موجود آهي، جيڪا مولانا عبدالڪريم چشتي جي تحرير سان وابسته آهي. (۱)

## (۲۴) مولانا شهاب‌الدين علوي

مولانا شهاب‌الدين ولد مولانا مير سراج‌الدين علوي حاجي فقيرالله جو پوٽو هو. هن پنهنجي تعليم پنهنجي ڏاڏي جي مدرسي ۾ حاصل ڪري فارغ ٿيو. مدرسي ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪندو رهيو. پنهنجي ننڍي چاچي مولانا حامدالحق علوي جو استاد هو. (۲)
(وفات ۱۲۳۶هه)

## (۲۵) مولانا احمدي صديقي

مولانا احمدي صديقي تقريباً ۱۲۲۳هه ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.

---

* به حواله طريق الارشاد مولاناشاه فقيرالله علوي (المتوفي ۱۱۹۵هه) هي قلمي نسخو حاجي امين الله علوي پروفيسر وٽ موجود آهي.

(۱)- ماهوار پيغام ڪراچي، ماه مارچ ۱۹۸۰ع ص ۴۷

(۲)- الحاج پروفيسر مير امين‌الله علوي.

پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ اهل‌الله هو. هن بزرگ سن ١٣٠٣ھ ۾ وفات ڪئي. (١).

## (٢٦) مولانا عبدالڪريم "ڪرم" چشتي

مولانا عبدالڪريم "ڪرم" چشتي المتوفي ١٢٤٠ھ ولد مولانا حافظ صاحبڏنو چشتي، پنهنجي سموري تعليم پنهنجي والد بزرگ جن وٽ حاصل ڪئي. هيءُ مولانا مير حفظ الله علوي جو همعصر هو.(٢)

## (٢٧) مولانا محمد عظيم صديقي

مولانا محمد عظيم ولد مولانا احمدي صديقي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي والد بزرگ وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. پاڻ اولاد وارو هو. پنهنجي والد بزرگ جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو. غالباً ١٢٩٥ھ ۾ فوت ٿيو. (٣).

## (٢٨) مولانا عبدالرحيم سالڪ مجذوب

مولانا عبدالرحيم ولد مولانا احمدي صديقي سالڪ مجذوب هو. سندس ولادت غالباً ١٢٥٤ھ ۾ شڪارپور ۾ ٿي. هن سموري تعليم والد بزرگ وٽ حاصل ڪري فارغ‌التحصيل ٿيو. چيو وڃي ٿو ته هن تقريباً ١٣١٥ھ ۾ وفات ڪئي. (٤).

## (٢٩) مولانا عبدالڪريم سومرو

مولانا عبدالڪريم سومرو (وفات ١٣٢٢ھ) شڪارپور جو مقتدر عالم هو، ۽ سيد قاضي بهادر علي شاه جو شاگرد هو. هن "وڪتوريه

---

(١)- گورنمينٽ C & S ڪاليج شڪارپور مخزن نخلستان ١٩٧١ع ص ٥٧ نذير احمد صديقي پروفيسر،

(٢)- ماهوار "پيغام" ڪراچي- ماه مارچ ١٩٨٠ ص ٤٧

(٣)- ايضاً

(٤)- ايضاً

جوبلي انسٽيٽيوٽ" شڪارپور ۾ تعليم حاصل ڪئي. (١)

## (٣٠) قاضي عبدالسلام

١٩٠٢ع ۾ "وڪٽوريه جوبلي انسٽيٽيوٽ شڪارپور" ۾ مدرس طــور مقرر ٿيو. هـــن بزرگ غالباً ١٣٢٨ھ مطابق ١٩١٠ع ۾ رحلت ڪئي. (٢).

## (٣١) سيد قاضي بهادرعلي شاه

مولانا قاضي بهادر علــي شاه ولد شاه جـــان محمد، خواجه سيد محمد گيسودُي- دراز چشتي قدس سره جي اولاد مـــان هڪ وڏو جيد عالم هو. سن ١٩٠٢ع ڌاري شڪارپور جـــي "وڪٽوريه جوبلــي انسٽيٽيوٽ" جــو مهتمم ۽ صدر مدرس مقرر ٿيو. سندس علم و فضل مان بيشمار عالمن فيض حاصل ڪيو. هن بزرگ ١٣٣٠ھ (١٩١٢ع) ۾ وفات ڪئي (٣).

## (٣٢) خواجه نظام‌الدين سرهندي رح

مولانا حضرت خواجه نظام‌الدين ولد حضرت خواجه غلام‌محي‌الدين سرهندي سن ١٢٠٤ھ ۾ پشاور ۾ تولد ٿيو. ميرن جي حڪومت جي دور ۾ حضرت خواجه غلام محي‌الدين صاحب پنهنجن ٻن نينگرن خواجه نظام‌الدين ۽ خواجه فدا محي‌الدين سان گڏجي حج جــي ارادي سان نڪتو. خواجه غلام محي‌الدين صاحب حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. ميرن سندن صاحبزادن کي ٢٥ هزار ايڪڙ جاگير ڏيئي ڪين شڪارپـــور ۾

---

(١) روزانه عبرت- ٢٩- آگسٽ ١٩٨٠ع مضمون مولانا پيرعبدالله سرهندي. ص ٤-٥

(٢)- روزانه عبرت- ٢٩- آگسٽ ١٩٨٠ع مضمون پير عبدالله سرهندي.

(٣)- ايضــاً + مهــراڻ سوانح نمبـــر ١٩٥٧ع ص ١١٠ مضمون مولوي عبدالڪريم چشتي.

رهايو، جتي علوي بزرگن ڪين رهائش جو انتظام ڪري ڏنو: ۽ هو هتي هميشه لاءِ مقيم ٿـي ويا. خواجه صاحب پنهنجي دور جـو جيد عالم ۽ خدا رسيده بزرگ هـــو. اردو ۽ فارسيءَ ۾ ڪيس اعليٰ درڪ حاصل هو، سندس تصنيفات مان ”اسرار- رموز نقشبنديه“ ۽ ”مخمس ڪريم“ قابل ذڪر آهن. هن بزرگ ٦٩ سالن جي عمر ۾ سن ١٢٧٣هه ۾ وفات ڪئي. سندس وفات تي مخدوم مولانا محمد صالح وزيرآبادي قطعات جو پورو ديوان تصنيف ڪيو، جنهن ۾ ٩٧ قطعات آهن، جن ۾ ١١١٥ بيت آهن (١).

## (٣٣) مولانا حافظ محمد حيات قريشي و صديقي

مولانا حافظ محمد حيات صديقي ولد مولانا احمدي صديقي، سن ١٢٦٥هه ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. سموري تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. ڪجهه وقت ”وڪٽوريه جوبلي انسٽيٽيوٽ شڪارپور“ ۾ مدرس مقرر ٿيو. ٿوري وقت ڪان پوءِ ملازمت ڪان آزاد ٿي، پنهنجي آبادي ”مدرسي“ (مطلباڻي مسجد جي پرسان) ڪٿين جي محله ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪندو هـو، ۽ ذريعه معاش چمڙي جي واپار تي هوندو هـوس. مولانا صاحب استادالعلماءَ جـــي حيثيت ۾ وڏي عزت جـــو مالڪ هو. سندس فيض مان ڪيترن ئي عالمن فيض پرايو. مولانا صاحب سن ١٣٤٠هه ۾ وفات ڪئي. (٢).

## (٣٤) مولانا محمد شريف صديقي

مولانا محمد شريف ولد مـولانا احمدي صـديقي تقريباً ١٢٧٠هه

---

(١)- تذڪره مشاهير سنڌ ص ٢٥٦ مولانا دين محمد وفائـي مطبوعه س-١-ب حيدرآباد سال ١٩٧٤ع

(٢)- شڪارپـور ڪاليج مخزن نخلستان ص ٧٥ مطبوعه ١٩٧١ع مضمون پروفيسر نذير احمد صديقي.

۾ تولد ٿيو. سموري تعليم والد بزرگ کان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. هن غالباً ١٣٤٤ھ ۾ وفات ڪئي. (١)

## (٣٥) مولانا محمد اڪرم صديقي

مولانا محمد اڪرم ولد مولانا احمدي صديقي تقريباً ١٢٦٠ھ ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي والد بزرگ وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ ٿيو. هن غالباً ١٣٢٥ھ ۾ وفات ڪئي. (٢).

## (٣٦) مولانا محمد ڪاظم صديقي

مولانا محمد ڪاظم ولد مولانا احمدي صديقي اٽڪل روھ سن ١٢٦٧ھ ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. سموري تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ حاصل ڪري، فارغ التحصيل ٿيو. هن غالباً ١٣٤٣ھ ۾ وفات ڪئي. (٣).

## (٣٧) مولانا نورالدين قريشي

هيءُ شڪارپور جو مقتدر عالم هو. نمود و نمائش کان دور پنهنجي پاڙي واري مسجد ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪندو هو. ڪيترن ئي عالمن وٽانئس فيض حاصل ڪيو. (٤).

## (٣٨) مولانا خليفو نصرالله سومرو

مولانا خليفو نصرالله ولد مولانا خليفو ڪرم الله "ڪرم" شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. سندس شمار جيد عالمن ۾ ٿئي ٿو. هن بزرگ

---

(١) گورنمينٽ C&S ڪاليج مخزن "نخلستان" ١٩٨٠ع ص ٥٧ مضمون نذير احمد صديقي پروفيسر.

(٢) ايضاً

(٣) ايضاً

(٤) ماهوار شريعت سکر "سوانح نمبر" آڪٽوبر ١٩٨١ع ص ١٧٣ مولوي عبدالوهاب چاچڙ

سن ١٢٩٠هه مطابق ١٨٧٦ع ۾ لا ولـــد وفات ڪئي، سندس تربت انصاري محلي ۾ آهي. (١).

## (٣٩) مولانا عبدالرحيم قريشي

مولانا عبدالرحيم قريشي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هن ابتدائي عربي ۽ فارسي جي تعليم پنهنجي چاچي مولانا نورالدين وٽ حاصل ڪئي، ان کان بعد شهداد ڪوٽ ۾ مولـــوي نورمحمد صاحب وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. حڪمت جي تعليم حيدرآباد جـي حڪيم مولانا عبدالرئوف صاحب وٽ حاصل ڪري ملتان ويو، جتي سندس حڪمت جي واڪاڻ پکڙجي ويئي. ان ڪري وڏن ماڻهن جي اثر و رسوخ سان اتي رهي پيو. هن سن ١٣٢٢هه مطابق ١٩٠٥ع ۾ رحلت ڪئي. (٢)

## (٤٠) مولانا مير عبدالاحد علوي

مولانا مير عبدالاحد ولد مولانـا مير حامدالحق علوي ٨- صفـر ١٢٣٩هه ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. سموري تعليم مولانا فقير صاحبڏنو "صاحب" وٽ حاصل ڪري، فـارغ التحصيل ٿيو. هـن ٦- ذوالقعد ١٣١١هه ۾ وفات ڪئي، سندس جنازي نماز حضرت مولانا تاج محمود امروٽي صاحب پڙهائي هئي. (٣).

## (٤١) مولانا عبدالصمد صديقي

مولانا عبدالصمد ولد مولانا حافظ محمد حيات صديقي جو فرزند هو ۽ شڪارپور ۾ سن ١٨٨٢ع ۾ پيدا ٿيو. ديني علم والـد بزرگ،

---

(١) تذڪره لطفي جلد ٢ ص ٣٨٧ لطف الله بدوي مرحوم

(٢) سنڌ جي طبي تاريخ- نياز همايوني.

(٣) ملفوظات: مولانا مير جمال الدين علوي ( هي نسخو الحاج پروفيسر امين الله علوي وٽ موجود آهي).

وٽ حاصل ڪيائين. ڳجهيءَ طرح انگريزي تعليم به حاصل ڪندو رهيو. دستار- فضيلت ڪان پوءِ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري وڏيڪ تعليم لاءِ بمبئي هليو ويو. ايم. اي جو امتحان فارسي زبان ۾ امتيازي حيثيت سان پاس ڪري "ڊاڙ واڙ ڪاليج" ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. تقسيم هندو پاڪ جي دور ۾ مهاجر جي حيثيت ۾ ڪراچي پهتو، جتي سنڌ مسلم ڪاليج ۾ ۽ بعد ۾ اسلاميه ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو. سال ١٩٥٧ع ۾ ٥٧ سالن جي عمر ۾ فوت ٿيو (١).

## (٤٢) مير محمد اسلم "اسلم" علوي

مولانا مير محمد اسلم ولد مير عبدالڪريم علوي شڪارپور ۾ تولد ٿيو. پنهنجي خانداني مدرسي ۾ فارغ التحصيل ٿيو پنهنجي دور جو عالم ۽ حڪيم هو. هن "طب" جي موضوع تي " اڪسير علوي " "آب - حيات" " قرابادين علوي" ۽ " تحفة العاشقين " ڪتاب تصنيف ڪيا. سنڌي ۽ فارسي زبانن جو شاعر هو، پنهنجو تخلص "اسلم" استعمال ڪندو هو. هن ١٩٠٣ع ۾ وفات ڪئي (٢).

## (٤٣) مولانا جهان خان دراني

مولانا جهان خان ولد خدا داد خان دراني شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. سندس نسب جو سلسلو نواب مولا داد خان دراني سان ملي ٿو. سنڌي ۽ انگريزي تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪيائين. هن عربي ۽ فارسي جي تعليم سکر ۾ ۽ ڪراچيءَ ۾ مولانا محمد صادق کڏي واري جي والد بزرگ مولانا عبيدالله صاحب وٽ حاصل ڪئي. ڪجهه وقت مولانا قاضي خان محمد شاه لودين وٽ به تعليم حاصل ڪيائين. فارغ التحصيل

---

(١) "نخلستان مخزن" C & S ڪاليج شڪارپور ١٩٨٠ع ص ٥٧ مضمون پروفيسر نذير احمد صديقي.

(٢) الحاج پروفيسر امين الله علوي.

تنهن کان پوءِ شڪارپور ۾ مدرسو قائم ڪري، درس و تدريس جو ڪم ڪندو رهيو. مولانا صاحب جو دسترخوان ڪشادو هوندو هو ۽ پاڻ اڪثر روزي ۾ رهندو هو. سڄي عمر تعليم ۽ تبليغ ۾ گذاريائين طريقت جي سلسلي ۾ خواجه عبدالرحمان جان سرهندي جو مريد هو. افغانستان جي بادشاه امير حبيب‌الله خان کيس گورنري جي آڇ ڪئي، مگر مولانا صاحب انڪار ڪيو. سندس علم و فضل مان سوين عالم مستفيض ٿيا. حضرت مولانا امروٽي صاحب به سندس علمي استعداد جو معترف هو. هن ١٠- اپريل ١٩١٣ع تي وفات ڪئي. سندس هڪ فرزند مولانا عبدالرحمان به عالم هو (١).

## (٩٤) مولانا مير عليمنواز علوي

مولانا مير علينواز ولد مولانا مير فخرالدين علوي سن ١٢٧٠ه مطابق ١٨٥٤ع ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. هيءُ شاه فقيرالله علوي جو پڙپوٽو هو. هن جي تعليم متعلق ڪنهن به اسڪول يـــا مدرسي ۾ حاصل ڪرڻ جـي خبر نٿي پوي. مگر هن پنهنجي تعليم هڪ افغان عالم آخوند زاده وٽ حاصل ڪئي. معقول ۽ منقول جـو جيد عالم هو. کيس شهرهء آفاق ڪتب خانو هو، سندس زندگي سماجي، سياسي، ثقافتي ۽ مذهبي عنصرن سان لاڳاپيل هئي. حڪمت جـي لحاظ سان کيس مسيح‌الزمان سڏيو ويندو هو. طب جي چاڻ ۾ يد طوليٰ رکندو هو. حڪيم حافظ محمد اجمل خان جو دوست هو جيڪو کيس سنڌ جو اجمل سڏيندو هو. مولانا مير صاحب محقق عالم هو. سندس تصنيفات ۾ "البشارة لاهل الا شارة" فقه حنفيه جي موضوع تي (عربي زبان ۾) ٢- "الصارم‌المسلول علي منڪر علم غيب‌الرسول" عربي زبان ۾ ٤ ضخيم جلدن ۾ ١٦٣٦ صفحن تي آهي ٣- طب جي موضوع تـي "بياض علوي" ۽ شعر و شاعري جـو مجموعو "ڪليات علوي" (جنهن کي نئين سر هن راقم الحروف ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد لاءِ

---

(١) سه ماهي مهراڻ ١٩٥٧ع سوانح نمبر ص

سال ١٩٧٩ع ۾ مرتب ڪيو آهي). ميـر صاحب عالمن، حڪيمن، اديبن، شاعرن ۽ وڏن ماڻهن جي حلقي ۾ اعليٰ مقام رکندو هو. سندس زندگي ۽ ڪلام تي هن راقم سال ١٩٧٨ع ۾ تحقيقي مقالو لکـي پي- ايچ- ڊي- ڪئي آهي. هـن عالم ٢٣- جماديالاول ١٣٣٨ھ (١٩٢٠ع) تي لا ولد وفات ڪئي (١).

## (٤٥) مولانا عبدالرحمان دراني

مولانا عبدالرحمان دراني ولد جهان خان دراني شڪارپور ۾ تولد ٿيـو. سموري تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. هيءُ جواني جي سن ۾ رحلت ڪري ويو. (٢).

## (٤٦) مولانا عبدالرحمان ميمڻ

مولانا عبدالرحمان ولد خليفو محمد بچل ميمڻ سن ١٨٧٩ع مطابق ١٢٩٩ھ ڌاري شڪارپور ۾ تولد ٿيو. هن پنهنجي تعليم مولانا مفتي حافظ محمد حيات قريشي و صديقي وٽ ۽ حضرت مولانـا عبدالغفور ”مفتون“ همايوني وٽ حاصل ڪئي. سن ١٣٣٠ھ (١٩١٢ع) ۾ مولانا قاضي سيد بهادر علي شاه جي وفات کان پوءِ ”وڪٽوريه جوبلي انسٽيٽيوٽ شڪارپور“ جـــو صـدر مدرس ۽ مهتمم مقرر ٿيو (٣).

---

(١) پي- ايچ- ڊي ٿيسز- ١٩٧٨ع ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو.
(٢) سه ماهي مهراڻ ١٩٥٧ع (سوانح نمبر)
(٣) غلام مصطفيٰ ميمڻ رٽائرڊ مختيارڪار- ( هن راقم الحروف کي سندس احوال قلمبند ڪرايو آهي. جنهن مولانا عبدالڪريم چشتي جي مضمون مطبوع سه ماهي مهراڻ سوانح نمبر ١٩٥٧ع تي تعجب ظاهر ڪندي ٻڌايو ته مولانا عبدالرحمان ١٢٩٩ھ ۾ ڪو نه ڄائو هـو پـر ١٢٨٠ھ مطابق ١٨٦٤ع ۾ تولد ٿيو هـو ۽ سن ١٩٢٠ع ۾ وفات ڪيائين. هيءُ مولانا، سندس چاچو آهي. (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو)

مولانا متعدد ڪتابن جو مصنف هو، جهڙوڪ: ”فضائل سيدالمرسلين“ (سنڌي) ” فضائل خلفاء راشدين “ ، ” مجموع فتاويٰ “ (فارسي) ۽ ۽ ” مجموع رسائل “ (عربي) وغيره. مولانا صاحب ربيع‌الاخر سال ۱۳۴۰ھ (۱۹۲۲ع) ۾ وفات ڪئي.

## (۴۷) مولانا غلام رسول چشتي

مولانا غلام رسول ولد خليفو پير محمد چشتي سن ۱۸۶۳ع ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. هيءُ مولانا حافظ صاحبڏنو چشتي جو پوٽو هو. عربي ۽ فارسي جي تعليم مولانا قاضي سيد بهادر علي شاه وٽ حاصل ڪري فارغ‌التحصيل ٿيو. دنيا ڏي ڳالهين ڏانهن سندس لاڙو ڪونه هو. نواب مدد خان جي مشهور جامع مسجد جو امام ۽ خطيب هو. شعر و شاعريءَ سان شغف رکندو هو. سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي زبانن ۾ سندس ڪلام موجود آهي. تخلص ”هاشم“ استعمال ڪندو هو. هن متعدد ڪتاب تصنيف ڪيا، انهن مان ” تنبيه المسلمين “ ” معراج نامو “ ۽ ” ميلاد نامو “ قابل ذڪر آهن. مولانا صاحب ۶۳ سالن جي ڄمار ۾ ۱۹۲۶ع ۾ (۱۳۴۴ھ) وفات ڪئي (۱).

## (۴۸) مولانا پير محمد عمر سرهندي

مولانا پير محمد عمر ولد خواجه امير حيدر سرهندي تقريباً ۱۳۶۵ع ۾ ”پير ڳوٺ“ تعلقه ڳڙهي ياسين ۾ پيدا ٿيو. مولانا قاضي سيد بهادر علي شاه وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. مولانا صاحب شڪارپور ميونسپل جو بنا مقابلي ميمبر منتخب ٿيندو رهيو. هن بزرگ ۱۲ شعبان ۱۳۵۳ھ مطابق ۱۹۳۴ع ۾ رحلت ڪئي (۲).

---

(۱) ســه ماهي مهراڻ ۱۹۵۷ع (سوانح نمبر) (تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق ” راز “ سومرو.

(۲) پير بچل صاحب سرهندي. (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو)

## (٤٩) مير صفي الله علوي

مولانا مير صفي الله ولد مير امين الله علوي تقريباً ١٨٨٦ع ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. عربي ۽ فارسي تعليم پنهنجي خانداني مدرسي ۾ حاصل ڪيائين. سنڌي تعليم ۾ فائينل امتحان پاس ڪري ابتدائي استاد مقرر ٿيو. سن ١٩٠١ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد مان تربيت جو ڪورس پورو ڪري آيو. سال ١٩٤١ ۾ ٥٥ سال پورا ڪري پينشن تي آيو. ساڳي سال ٣- ربيع الاول ١٣٦٠هه مطابق ١- اپريل ١٩٤٦ع تي رحلت ڪري ويو (١).

## (٥٠) مولانا عبدالحق ميمڻ

مولانا عبدالحق ولد خليفو محمد بچل ميمڻ سن ١٨٨٩ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم نادر واري اسڪول (موجوده قاضي محلہ پرائمري اسڪول) ۾ سنڌي فائنل تائين پڙهيو. عربي ۽ فارسي جي تعليم "وڪٽوريہ جوبلي انسٽيٽيوٽ شڪارپور" ۾ پنهنجي ڀاءُ مولانا عبدالرحيم صاحب وٽ حاصل ڪري ١٩٢٠ع ڌاري فارغ التحصيل ٿيو. مولانا صاحب ١٩٤٠ع ۾ وفات ڪئي. (٢)

## (٥١) مولانا خليفو يارمحمد قريشي

مولانا خليفو يارمحمد ولد حافظ مولوي عبدالحي قريشي شڪارپور ۾ تولد ٿيو. هن مولانا مفتي حافظ محمد حيات صديقي ۽ مولانا عبدالرحيم صاحب جن وٽ تعليم حاصل ڪئي ۽ فارغ التحصيل ٿيو. فارغ ٿيڻ بعد مسجد ۾ درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيائين.

---

١- الحاج پروفيسر امين الله علوي (تحقيق ڊاڪٽر "راز" سومرو)

٢- غلام مصطفيٰ ميمڻ رٽائرڊ مختيارڪار (تحقيق ڊاڪٽر "راز")

ڪيترن ئي جيد عالمن وٽانئس تحصيل ڪئي. مولانا صاحب ٢٩ شوال ١٣٦١هه تي وفات ڪئي (١).

## (٥٢) مولانا عبدالرحمان ميمڻ

مولانا عبدالرحمان ولد حافظ محمد اسماعيل ميمڻ سن ١٢٨٨ هه مطابق ١٨٧٨ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هن پنهنجي سموري تعليم مولانا مفتي محمد حيات صديقي وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو، هن ٨٠ سالن جي عمر ۾ سن ١٩٤٨ع مطابق ١٣٦٨هه ۾ وفات ڪئي (٢).

## (٥٣) مولانا مير جمال الدين علوي

مولانا مير جمال الدين ولد مولانا مير عبدالاحد علوي شڪارپور ۾ ٧ صفر ١٢٧٨هه ۾ تولد ٿيو. هو شهداد ڪوٽ جي عالم مولانا محمدصديق صاحب جن وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. هن ١١- ذوالحج ١٣٦٨هه (٢٦ آڪٽوبر ١٩٤٧ع) تي رحلت ڪئي (٣).

## (٥٤) مولانا نبي بخش سومرو

مولانا نبي بخش ولد غلام حسين سومرو تقريباً ١٨٧٠ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم مولانا عبدالغفور ”مفتون“ همايوني وٽ حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم مولانا عبدالله صاحب بنگل ديرو (لاڙڪاڻو) وٽ حاصل ڪري منڊڪوٽ ۾ خواجه غلام فريد جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. ڪجهه عرصي ڪان پوءِ پاڻيپت (هندستان) ۾ حضرت مولانا راغب الله صاحب ڪان تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. سال

---

١- ٽه ماهي مهراڻ ١٩٥٧ع سوانح نمبر ص ١٦٦ مضمون الاهي بخش اعوان.

٢- حاجي هدايت الله ميمڻ بوٽن وارو (تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو).

٥- پروفيسر امين الله علوي. (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو).

١٩٠٩ع ۾ حج بيت الله پڙهي آيو. فارغ ٿيڻ کان پوءِ شڪارپور ۾ "ڪنڀين جي محلي" ۾ مدرسو کولي درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. مولانا صاحب "جميعت العلماءَ" جو ميمبر هو. مولانا صاحب جيد عالم ۽ مفتي هو. سندس فتوي ڪي حرف آخر تسليم ڪيو ويندو هو. هن ١٩٥١ع ۾ وفات ڪئي (١).

## (٥٥) مولانا رحمت الله ميمڻ

مولانا رحمت الله ولد خليفو محمد بچل ميمڻ ١٣٠٤ھ مطابق ١٨٨٤ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. نادر واري اسڪول (موجوده قاضي محلا پرائمري اسڪول) مان فائينل امتحان پاس ڪيائين. عربي ۽ فارسي تعليم "وڪٽوريه جوبلي انسٽيٽيوٽ" شڪارپور ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ مولانا عبدالرحمان ميمڻ وٽ حاصل ڪيائين. ڪجهه وقت مولانا مير علينواز علوي وٽ به زير تعليم رهيو. سال ١٩١٥ع ۾ پنهنجي برادرم مولانا مرحوم وٽ فارغ التحصيل ٿيو. ان بعد درس و تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. چاليهه سال هن شغل و شغف سان پيوسته رهيو. مولانا صاحب ميونسپالٽي جو منتخب ميمبر ۽ وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو. هن سال ١٩٥٦ع مطابق ١٣٧٦ھ ۾ وفات ڪئي (٢).

## (٥٦) مولانا محمد اسماعيل سومرو

مولانا مفتي محمد اسماعيل ولد مولانا مفتي نبي بخش سومرو، سن ١٣١٥ھ مطابق ١٨٩٥ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هن سموري تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ حاصل ڪري سن ١٣٣٦ھ ۾ فارغ التحصيل

---

(١) ماهوار شريعت سکر. آڪٽوبر ١٩٨١ع ص ١٨٥ مولوي عبدالوهاب چاچڙ.

(٢) غلام مصطفي ميمڻ رٽائرڊ مختيارڪار (تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو)

ٿيو. ان بعد ديوبند ۽ علي ڳڙهہ ۾ تعليم حاصل ڪري ٻن سالن
کان پوءِ واپس آيو. مولانا صاحب معقول ۽ منقول جو جيد عالم هو.
فقه ۽ تفسير ۾ سڄي بر-صغير ۾ بيمثال هو. عربي ادب، عروض ۽
عربي شاعري ۾ عرب ملڪن ۾ بہ سندس ڪو ثاني ڪونہ هو. مولانا
صاحب ١١ ڪتابن جو مصنف هو، جن مان ٧ ڪتاب عربيءَ ۾ ۽
باقي اردو، فارسي ۽ سنڌي ۾ آهن. مولانا صاحب ٢٩ رمضان ١٣٩١ھ
مطابق ٢٩ نومبر ١٩٧٠ع تي رحلت ڪئي (١).

## (٥٧) مولانا عبدالحڪيم سومرو

استادالعلماء مولانا عبدالحڪيم ولد مولانا نور محمد سومرو سن
١٨٩٥ع ۾ ڳوٺ چوڌهيو سڏايو تعلقہ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. صغير
سنيءَ ۾ ئي پدري شفقت کان محروم رهيو. ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾
ورتائين. ان بعد عربي ۽ فارسي جي تعليم سومرائي مدرسي ۾ مولانا
عبدالقادر ۽ مولانا غلام رسول شيخ وٽ حاصل ڪري ديوبند هليو
ويو، جتي شيخ الهند علامہ محمودالحسن، مولانا حسين احمد مدني ۽
مولانا انور شاه ڪشميري وٽ زير تعليم رهي فارغ التحصيل ٿيو.
هندستان کان واپس اچڻ بعد ڪجهہ وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ رهيو، ان
کان پوءِ هجرت ڪري شڪارپور ۾ مقيم ٿيو، جتي سندس خاندان
آباد آهي. مختلف مدرسن ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪندو رهيو.
هيءُ راقم الحروف بہ سندن شاگرد رهيو آهي. مولانا صاحب ١٩٦١ع
۾ رحلت ڪئي (٢).

## (٥٨) مولانا عبدالعلي سومرو

مولانا عبدالعلي ولد مولانا مفتي نبي بخش سومرو سن ١٣١٧ھ
تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هن سموري تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ

---

(١) مولانا عبيدالله سومرو (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو)
(٢) مولانا عبدالحي سومرو (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو)

حاصل ڪئي. ١٩ سالن جي عمر ۾ سن ١٣٣٦ھ ۾ فارغ التحصيل ٿيو. درس و تدريس جي سلسلي ۾ ڳوٺ ”دليل پور“ تعلقہ ٺل ۾ مدرسو قائم ڪيائين. ١٩٣٤ع ۾ فريضهٔ حج ادا ڪيائين. ڇهو وڇي ٿو تہ حضور پاڪ ﷺ جن جي زيارت کان مستفيض ٿيو. هي نهايت پرهيزگار ۽ ڪشف ۽ ڪرامت جو صاحب هو. مولانا صاحب حڪمت جو بہ ڪم ڪندو هو. سال ١٣٦٩ھ (١٩٥٠ع) ۾ وفات ڪري ويو (١).

## (۵٩) مولانا خليفو عبدالغفور سومرو

مولانا خليفو عبدالغفور ولد خليفو محمد اڪرم سن ١٨٨٠ع (١٢٩٤ھ) ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. تعليم پنهنجي والد بزرگ کان حاصل ڪيائين. حڪمت جي تعليم پنهنجي مامي خليفي محمد ابراهيم ۽ حافظ محمد اجمل خانصاحب دهلوي کان ورتائين. دهليءَ کان واپس اچڻ کان پوءِ شڪارپور ۾ مدرسو قائم ڪيائين. خانداني روايت موجب حڪمت جو ڪم بہ ڪندو هو. هن بزرگ ٨٠ سالن جي عمر ۾ ١٩٦٠ع (١٣٨٠ھ) ۾ وفات ڪئي (٢).

## (٦٠) مولانا عبدالڪريم چشتي

مولانا عبدالڪريم ولد عبدالله ابڙو ”چشتي“ سن ١٣١٤ھ مطابق ١٨٩٦ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي قريبي عزيز مولانا غلام رسول چشتي وٽ حاصل ڪيائين. عربي ۽ فارسي جي وڌيڪ تعليم شڪارپور جي ”وڪٽوريا جوبلي انسٽيٽيوٽ“ ۾ مولانا عبدالرحمان ميمڻ وٽ حاصل ڪري ١٩١٧ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. فارغ ٿيڻ کانپوءِ ١٩١٧ع ۾ انڊين هوم رول ليگ ۾ شامل ٿيو. سن ١٩١٨ع ۾ ڪانگريس ۾ آيو. هن سال جي وچ ڌاري شڪارپور ۾

---

(١) مولانا عبيدالله سومرو (تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو)
(٢) مولانا صبغةالله سومرو حڪيم (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو)

"انجمن مجاهدين اسلام" قائم ڪيائين. ١٩١٩ع ۾ خلافت ڪاميٽي جو ميمبر ٿيو. ١٩٢٠ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. سن ١٩٢١ع ۾ شڪارپور ۾ مدرسو "محموديه عربيه" نالي قائم ڪيائين. ١٩٢٤ع ۾ "انجمن اشاعت اسلام شڪارپور" جو بنياد رکيائين. ان کان بعد تبليغ ۽ تنظيم جو ڪم ڪندو رهيو. سال ١٩٢٧ع کان ١٩٤٩ع تائين صحافت سان پيوسته رهيو. سن ١٩٥٠ع ۾ يارهين "سنڌي ادبي ڪانفرنس" ۾ "سحبان سنڌ" جو "خطاب" حاصل ڪيائين. ساڳي سال ۾ شڪارپور ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ پريزيڊنٽ ٿي رهيو. ان کان علاوه نيو ايرا هاء اسڪول (موجوده قاضي حبيب الله هاء اسڪول) شڪارپور جو چونڊيل صدر، "مدرسه عربيه محموديه" شڪارپور جو صدر، "انجمن اهل سنت" شڪارپور جو صدر، "انجمن طلباء شڪارپور" جو صدر، "جميعت العلماء اسلام شڪارپور" جو نائب صدر ۽ "جامع دينيه دارالهديٰ ٺيڙهي" جو نائب صدر ٿي رهيو. مولانا صاحب ٥٥ ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان ٧ فارسي ۾ ۽ باقي سنڌي زبان ۾ آهن. مولانا صاحب حياتي ۾ ٣ حج ڪيا. هن ٣١ مارچ ١٩٦٤ع تي وفات ڪئي (١).

## مولانا حافظ محمد عظيم ميمڻ

مولانا حافظ محمد عظيم ولد حاجي جمع خان ميمڻ سن ١٨٩٧ع ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم مدرسي ڏينهپور ۾ مولانا شيخ محمدصالح وٽ حاصل ڪيائين. ان بعد "وڪٽوريه جوبلي انسٽيٽيوٽ شڪارپور" ۾ زير تعليم رهيو. ڪجهه وقت کان پوء مولانا محمدهاشم نواب شاه واري وٽ تعليم حاصل ڪري سن ١٩٢٦ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. سال ١٩٢٧ع ۾ شڪارپور جي شاهي بازار ۾ ڪتابن جو دوڪان

---

١- سه ماهي مهراڻ ١٩٥٧ع ص ٢٤٠ مضمون شهاب الدين چشتي + ماهوار پيغام ڪراچي.

ڪوليائين. حاجي گدا علي خان مسجد ۾ ٢٦ سال درس تفسير ڏنائين. سال ١٩٥٢ع ۾ وفات ڪري ويو. سنڌس ڪتب خاني طرفان ڪيترائي ديني ڪتاب ڇپيا. (١)

## (٦٢) مولانا آخوند غلام حيدر سومرو

مولانا آخوند غلام حيدر ولد امام بخش سومرو سن ١٣- مارچ ١٨٩٩ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. سموري تعليم مولانا تاج محمود صاحب امروٽي وٽ حاصل ڪري سن ١٩٢٦ع ۾ فارغ‌التحصيل ٿيو. سال ١٩٢٧ع ۾ هن مولانا محمد علي جي مدرسي ۾ مدرس جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سال ١٩٢٩ع ۾ پنهنجو مدرسو "شيد ڪي کهي" (صديق ماڙي) محله ۾ قائم ڪيائين. مولانا صاحب حڪمت جو ڪم به ڪندو هو. طريقت جي سلسلي ۾ مولانا حماد‌الله هاليجوي جو مريد هو. باڳجي شريف جي بزرگن سان به سنڌس روحاني تعلق هوندو هو. هن ١- رمضان‌المبارڪ ١٣٩٥هه تي وفات ڪئي (٢).

## (٦٣) مولانا الاهي بخش اعوان

مولانا الاهي بخش ولد غوث بخش اعوان سن ١٩٠٠ع (١٣٢٠هه) ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هيءُ خاندان اصل پنجاب جو رهندڙ هو، ميرن جي دور ۾ شڪارپور ۾ اچي آباد ٿيو. مولانا صاحب سنڌي ۽ انگريزي تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي. ان بعد سکر ۾ انگريزي تعليم سان گڏ سلاوٽن جي مسجد واري مدرسي ۾ زير تعليم رهيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ امروٽ ۾ زير تعليم رهيو. ان کان پوءِ شڪارپور ۾ مولانا خليفو يارمحمد قريشي وٽ تعليم حاصل ڪري فارغ‌التحصيل ٿيو. ان کان پوءِ هندستان هليو ويو، جتي ديوبند ۾ مولانا اشرف علي

---

(١) حاجي هدايت‌الله ميمڻ بوٽن وارو (شڪارپور) تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو.

(٢) ماهوار شريعت آڪٽوبر ١٩٨١ع ص ٥٠، مولوي عبدالوهاب چاچڙ.

ٿانوي وٽ رهيو. حڪمت جي تعليم حڪيم حافظ محمد اجمل خانصاحب جي طبيه ڪاليج دهلي ۾ ورتائين، جتي سنڌس استاد نابينا حڪيم عبدالوهاب هو. واپس اچڻ کان پوءِ دواخانه کولي ڪم ڪندو رهيو ۽ مسجد ۾ صبح جو درس به ڏيندو هو. هن سن ١٩٦٤ع ۾ رحلت ڪئي (١).

## (٦٤) مولانا حافظ حڪيم فضل الله سومرو

الحاج مولانا حافظ فضل الله ولد ڏاتر ڏنو سومرو، سن ١٩٠٠ع تي شڪارپور ۾ تولد ٿيو. هن پنهنجي تعليم مولانا عبدالرحمان ميمڻ ۽ مولانا عبدالحڪيم وٽ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ مولانا صاحب ١٩٢٠ع ڌاري ”مدرسه اشرف العلوم“ قائم ڪيو، جتي مولانا عبدالحڪيم صدر مدرس مقرر ٿيو. مولانا صاحب ديوبند ۾ به زير تعليم رهيو. فارغ ٿيڻ کان پوءِ دهلي جي طبيه ڪاليج مان سند حاصل ڪري واپس آيو ۽ دواخانه کولي حڪمت جو ڪم شروع ڪيائين. هن ٧٢ سالن جي عمر ۾ ١٩٧٢ع ۾ وفات ڪئي. حڪمت جي فن ۾ بيمثال حڪيم ٿي گذريو آهي. مولانا اشرف علي ٿانوي جو خليفه مجاز هو (٢).

## (٦٥) مولانا عبدالڪريم ڪنڌر

مولانا عبدالڪريم ڪنڌر تقريباً ١٩٠٠ع ۾ ڪنڌر ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سموري تعليم ”مدرسه اشرف العلوم شڪارپور“ ۾ مولانا عبدالحڪيم وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. هيءُ سنياسي (ٽڙڪي) سڏبو هو. مولانا صاحب کي قرآن شريف جو عمل هوندو هو. سنڌس عام لنگر وڏي پيماني تي هلندو هو. هن ١٩٥٠ع ۾ شڪارپور ۾ وفات ڪئي (٣).

---

(١) تحريري بيان غلام سرور سومرو (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو)

(٢) حڪيم حاجي بشير احمد سومرو (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو)

(٣) حڪيم حاجي بشير احمد سومرو (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو)

## (٦٦) مولانا قاري فتح محمد پانيپتي

مولانا قاري فتح محمد ولد مولوي محمد اسماعيل تقريباً ١٩٠٠ع ۾ ”پاڻيپت“ ۾ پيدا ٿيو. هن سموري تعليم مولانا راغب الله پانيپتي کان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. تقسيم هند و پاڪ ۾ سال ١٩٤٨ع ۾ شڪارپور ۾ مقيم ٿيو. چوڙيگر بازار ۾ مدرسو قائم ڪري درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. قرآت جي فن ۾ سندس استاد مولانا قاري محي الاسلام هو، جو هن وقت مدينه منور ۾ رهي ٿو. مولانا صاحب ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف آهي (١). هيءُ عالم نابينا آهي.

## (٦٧) مولانا عبدالڪريم سومرو

مولانا عبدالڪريم ولد مولانا مفتي نبي بخش سومرو (اودي وارو) سن ١٣٢٠ھ ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم مولانا جهان خان دراني وٽ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ پنهنجي والد صاحب وٽ زير تعليم رهيو. ١٣٤٠ھ ۾ فارغ التحصيل ٿيو. حڪمت جي تعليم لاهور طبيه ڪاليج مان حاصل ڪيائين. درس و تدريس سان گڏ حڪمت جو به ڪم ڪندو رهيو. سال ١٩٦٥ع ۾ وفات ڪيائين (٢).

## (٦٨) مولانا عبدالستار چلو

مولانا عبدالستار ولد الهڏنو ڳوٺ ٽنڊو عليشير تعلقہ لکي ضلع شڪارپور ۾ ٽنڊو عليشير ۾ پيدا ٿيو. هن سموري تعليم مولانا عبدالغفور مهر وٽ ڳوٺ علي شاه جي مدرسي ۾ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. ان کان پوءِ ديوبند ۾ حضرت مولانا احمد حسين مدني وٽ

---

(١) پروفيسر مولانا محمد سليم خان. (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو) هيءُ عالم شاه فيصل مرحوم جي استدعا تي سعودي عرب ويو آهي.

(٢) مولانا عبيدالله سومرو حڪيم (تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو)

دوره حديث مڪمل ڪيائين. حڪمت جي تعليم دهلي جي طبيہ ڪاليج مان حاصل ڪري واپس آيو ۽ شڪارپور ۾ حڪمت جو ڪم شروع ڪيائين. سال ١٩٨٣ع ۾ وفات ڪيائين.

## (٦٩) مولانا خليفو فتح الله سومرو

مولانا خليفو فتح الله ولد مولانا خليفو عبدالغفور سومرو سن ١٩٠٤ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم والد بزرگ وٽ حاصل ڪيائين. عربي ۽ فارسي جي تعليم همايون جي مدرسي ۾ مولانا مفتي محمدابراهيم ياسيني وٽ حاصل ڪيائين ۽ "وڪٽوريہ جوبلي انسٽيٽيوٽ شڪارپور" ۾ سيد قاضي بهادرعلي شاه چشتي وٽ سال ١٩٣٠ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. خانداني روايت موجب حڪمت جو پيشو برقرار رکيائين. هن ١٩٦٣ع ۾ وفات ڪئي (١).

## (٧٠) مولانا حبيب الله سومرو

مولانا حبيب الله ولد مولانا مفتي نبي بخش (اودي وارو) سن ١٩٠٩ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هن سموري تعليم پنهنجي وڏي ڀاءُ مولانا محمد اسماعيل صاحب وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. ٤٥ سالن جي عمر ۾ سال ١٩٥٤ع ۾ وفات ڪيائين (٢).

## (٧١) مولانا پير غلام مجدد سرهندي

مولانا پير غلام مجدد ولد پير ضياء معصوم جان سرهندي سن ١٣٢٠هه ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم والد بزرگ وٽ حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم مولانا محمد هاشم صاحب ۽ خليفو يار محمد قريشي وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. سال ١٩٣٩ع ۾ مسجد

---

(١) مولانا حڪيم صبغت الله سومرو (تحقيق ڊاڪٽر "راز" سومرو)
(٢) مولانا عبيدالله سومرو (تحقيق ڊاڪٽر "راز" سومرو)

منزل ڳاهه سکر جي هلچل جي زماني ۾ هڪ انقلابي تقرير جي سلسلي ۾ ڪيس شهربدر ڪيو ويو، ڪجهه وقت ريگستان ۾ رهڻ کان پوءِ ماتلي ضلع بدين ۾ مقيم ٿيو. سال ١٩٤٠ ۾ حج تان موٽڻ بعد ماتليءَ ۾ اچي رهيو، جتي ١٣٩٠ھ (١٩٧٠ع) ۾ وفات ڪري ويو (١).

## (٤٢) مولانا الاهي بخش سومرو

مولانا الاهي بخش ولد محمد عمر سومرو سن ١٩١٢ع ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم نادر واري اسڪول (موجوده قاضي محله پرائمري اسڪول) ۾ حاصل ڪئي. عربي ۽ فارسي جي تعليم پنهنجي سوٽ مولانا عبدالعلي صاحب وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. حڪمت جي تعليم مولانا حڪيم قائم الدين صاحب وٽ حاصل ڪيائين. ذريعه معاش حڪمت تي هوندو هو، هن سلسلي ۾ محمد اباغ رستم، ۽ خانپور ۾ رهيو. سال ١٩٦٠ع ۾ رحلت ڪري ويو. مولانا صاحب سان راقم الحروف جا گهاٽا تعلقات هئا (٢).

## (٤٣) مولانا رحيم بخش سومرو

مولانا رحيم بخش ولد مولانا نور محمد سومرو ڳوٺ چوڏهيو سڏايو ۾ پيدا ٿيو. هن سموري تعليم "سومرائي مدرسه" ۾ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. سال ١٩٦٠ع شڪارپور ۾ وفات ڪيائين.

## (٤٤) مولانا قاضي عبدالغفور

مولانا سيد قاضي عبدالغفور ولد مولانا سيد قاضي بهادر علي شاه تقريباً سن ١٨٨٧ع ۾ تولد ٿيو. سموري تعليم والد بزرگ وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. سن ١٣٤٠ھ ۾ مولانا عبدالرحمان ميمڻ جي

(١) پير انيس احمد سرهندي (تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو)
(٢) مولانا عبيدالله سومرو (تحقيق ڊاڪٽر "راز" سومرو)

وفات کان پوءِ "وڪٽوريه جوبلي انسٽيٽيوٽ شڪارپور" جو ٽيون مهتمم مقرر ٿيو. پنهنجي دور جو جيد عالم هو. هن غالباً ١٩٥٧ع ۾ وفات ڪئي.

## (٧٥) مولانا محمد صالح شيخ

مولانا محمد صالح شيخ اصل ۾ هندو هو. صغير سنيءَ ۾ مسلمان ٿيو. سموري تعليم سومرائي مدرسي ۾ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. مولانا عبدالحڪيم ۽ مولانا رحيم بخش سومرو ٻئي هن مدرسي جا شاگرد هئا، جي سندس همعصر هئا. طريقت جي سلسلي ۾ مولانا حضرت امروٽي جو مريد هو. ڪجهه وقت شڪارپور ۾ مدرس ٿي رهيو ۽ ان کان پوءِ مدرسه دينپور ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪندو آيو. نهايت متوڪل ۽ پرهيزگار انسان هو.

## (٧٦) سيد مولانا فضل الرحمان ٽونڪي

مولانا سيد فضل الرحمان تقريباً سن ١٩٠٢ع ۾ ضلع هزاره تحصيل مانسره ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم هن پنهنجي وڏي ڀاءُ مولوي محمد اسماعيل کان حاصل ڪئي. ١٦ سالن جي عمر ۾ هن وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪلڪتي، بمبئي، اجمير ۽ پاڻيپٽ ۾ مولانا راغب الله صاحب وٽ رهيو. ان کان پوءِ رياست ٽونڪ ۾ آيو، جتي حڪيم مولانا برڪات احمد ٽونڪي وٽ تقريباً ١٩٣٥ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. فارغ ٿيڻ کان بعد ٽونڪ ۾ مدرسو قائم ڪيائين. سال ١٩٥٢ع ۾ هجرت ڪري شڪارپور آيو. سال ١٩٧٧ع ۾ وفات ڪيائين. مولانا صاحب غير شادي شده هو.

## (٧٧) مولانا پير نثار احمد سرهندي

مولانا پير نثار احمد ولد مولانا پير مجدد سرهندي سن ١٩٢٨ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هن سموري تعليم پنهنجي والد بزرگ ۽ مولانا

عبدالله صاحب وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. ( مولانا عبدالله صاحب زنده آهي ۽ ماتلي ۾ رهي ٿو.) مولانا صاحب سال ١٩٥٨ع ۾ فارغ ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي والد بزرگ جي قائم ڪيل مدرسه عربيه "انوارالعلوم مجددي" شڪارپور ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪندو رهيو. مولانا صاحب سال ١٩٧٤ع ۾ وفات ڪئي.

## (٧٨) مولانا مير حيدر علي علوي

مولانا مير حيدر علي (وفات ١٩٠٩ع) ولد مير حامدالحق علوي شڪارپور ۾ ١٢٥٢هه ۾ تولد ٿيو. پاڻ قرآن شريف جو حافظ هو، سندس نياڻيون به حافظالقرآن هيون، پنهنجي خاندان ۾ جيد عالم هو.

## (٧٩) مولانا خدا بخش قريشي

مولانا خدا بخش ولد مولانا عبدالرحيم قريشي، تقريباً ١٨٧٢ع ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. عربي ۽ فارسي جي تعليم مولانا والد بزرگ وٽ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. حڪمت جي تعليم به والد بزرگ وٽ حاصل ڪيائين. حڪمت جي سلسلي ۾ پنهنجي والد بزرگ سان گڏ ملتان ۾ رهجي ويو.

## زنده عالم

مقالي نگار زنده عالمن بابت به ٿورو احوال ڏنو هو، پر طوالت جي لحاظ کان اهو حصو ڪڍي، فقط نالا ڏجن ٿا.

١- مولانا حبيب‌الله ڪلهوڙو (ولادت ١٩٠٢ع)
٢- مولانا پير فضل احمد سرهندي (ولادت ١٩٠٧ع)
٣- مولانا عبدالله صديقي، خطيب جامع مسجد لکي در (ولادت ١٣٢١ه)
٥- مولانا محمد ابراهيم سومرو (ولادت ١٩١٠ع)
٦- مولانا قاري محمد مدني (ولادت ١٩١٠ع)

٧- مولانا محمد يوسف چنو (ولادت ١٩١٢ع)
٨- مولانا شير محمد سومرو (ولادت ١٩١٣ع)
٩- مولانا غلام مصطفيٰ مصلح منگي (ولادت ١٩١٨ع)
١٠- مولانا محمد شفيع الحسنين (ولادت ١٩١٩ع)
١١- مولانا عبدالڪريم بروهي (ولادت ١٩٢٠ع)
١٢- مولانا پروفيسر سيد محمد سليم (ولادت ١٩٢٣ع)
١٣- مولانا حافظ عبدالمجيد مورياڻي (ولادت ١٩٢٤ع)
١٤- مولانا حبيب‌الله سومرو (ولادت ١٩٢٥ع)
١٥- مولانا لطف‌الله سومرو (ولادت ١٩٢٩ع)
١٦- مولانا مظهرالدين سومرو (ولادت ١٩٣٠ع)
١٧- مولانا قاري نثار احمد (ولادت ١٩٣٧ع)
١٨- مولانا محمد رمضان قريشي (ولادت ١٩٣٠ع)
١٩- مولانا عبدالحي سومرو (ولادت ١٩٣٣ع)
٢٠- مولانا خليفو صبغت‌الله سومرو (ولادت ١٩٣٣ع)
٢١- مولانا مير محمد سهنڊڙو (ولادت ١٩٣٨ع)
٢٢- مولانا شفيع محمد مهر (ولادت ١٩٣٨ع)
٢٣- مولانا عبيدالله سومرو (ولادت ١٩٣٩ع)
٢٤- مولانا دلاور سهنڊڙو (ولادت ١٩٤٠ع)
٢٥- مولانا فيض محمد هڪڙو (ولادت ١٩٤٠ع)
٢٦- مولانا حبيب‌الله چنو (ولادت ١٩٤٣ع)
٢٧- مولانا شير محمد علوي (ولادت ١٩٤٣ع)
٢٨- مولانا غلام حسين لاشاري (ولادت ١٩٤٣ع)
٢٩- مولانا غلام رسول لهر (ولادت ١٩٤٣ع)
٣٠- مولانا عبدالغفور جتوئي (ولادت ١٩٤٤ع)
٣١- مولانا غلام مصطفيٰ پهوڙ (ولادت ١٩٤٦ع)
٣٢- مولانا نصرالله برڙو قادري (ولادت ١٩٤٦ع)

٣٣- مولانا غلام قادر پنهوار (ولادت ١٩٤٦ع)
٣٤- مولانا علي نواز بروهي (ولادت ١٩٤٧ع)
٣٥- مولانا قاري گل محمد ڪورائي (ولادت )
٣٦- مولانا نذير احمد چنو (ولادت ١٩٥١ع)
٣٧- مولانا علي حسن پرڙو (ولادت ١٩٥٦ع)
٣٨- مولانا عبدالحميد سومرو (ولادت ١٩٥٧)
٣٩- مولانا سلطان احمد سيٺار (ولادت ١٩٣٤ع) (مرتب)

## ديني مدرسا:

شڪارپور شهر قديم دور کان علم و فضل جو مرڪز رهندو پئي آيو آهي. هر دور جي عالمن مذهبي تعليم ۽ تبليغ ۾ پنهنجون زندگيون وقف ڪري ڇڏيون. هن مذهبي روايت کي زنده ۽ برقرار رکڻ لاءِ هي سلسلو اڄ تائين جاري رهندو اچي ٿو. شڪارپور ۾ ٻن قسمن جا مدرسا هلي رهيا آهن. ١- عربي ۽ فارسي تعليم جا دارالعلوم (٢) ناظره خواه حفظ القرآن لاءِ مخصوص دارالقرائات آهن.

### (١) مدرسه علويه

هيءُ مدرسو الحاج شاه فقيرالله علوي "رح" سن ١٧٣٧ع ۾ قائم ڪيو، جڏهن افغانستان مان هجرت ڪري شڪارپور ۾ مقيم ٿيو. هن مدرسي جو مهتمم به پاڻ هيو. (١)

### (٢) چشتي مدرسو

هيءُ مدرسو مولانا حافظ صاحبڏنو چشتي سن ١١٦٠هه ڌاري قائم ڪيو. هيءَ دارالعلوم "سندس پاڙي جي مسجد" ۾ قائم ڪيو ويو هو. هيءُ عالم حضرت امين‌شاه چشتي جو وڏو خليفو هو. هن مدرسي

---

(١) به روايت خاندان (پروفيسر امين الله علوي)

جو مهتمم به پاڻ هو (١).

## (٣) مدرسو مولانا صاحبڏنو

هيءُ مدرسو مولانا حافظ صاحبڏنو ”صاحب“ جي نالي منسوب آهي. هيءُ دارالفيض تقريباً ١٢٠٠هه ڌاري قائم ٿيو. جو ”قاضين جي مسجد“ ۾ هلايو ويندو هو. هيءُ عالم حاجي فقيرالله علوي جي مدرسي جو شاگرد هو. هن مدرسي جو مهتمم مولانا صاحب پاڻ هو (٢).

## (٤) مدرسو مولانا خليفو ڪرم الله ”ڪرم“ سومرو

هيءُ مدرسو مولانا خليفو ڪرم الله ”ڪرم“ جي نالي منسوب آهي. هيءُ مدرسو ”ڪتين جي محلي“ ۾ سن ١٢٣٠هه ڌاري قائم ٿيو (٣).

## (٥) مدرسہ احمدي

هيءُ مدرسو مولانا احمدي صديقي جي نالي منسوب آهي، هيءُ مدرسو تقريباً ١٢٥٨هه ۾ قائم ٿيو. مولانا صاحب جا سمورا فرزند هن مدرسي جا شاگرد هئا (٤).

## (٦) مدرسو نورالدين قريشي

هيءُ مدرسو مولانا نورالدين قريشي جي نالي سان منسوب آهي، جو تقريباً ١٢٥٨هه قائم ٿيو. هن مدرسي جو فارغ‌التحصيل شاگرد مولانا حڪيم عبدالرحيم قريشي مشهور آهي (٥).

---

(١) احوال صاحبڏنو چشتي: ماهوار پيغام ڪراچي. ماه مارچ ١٩٨٠ع ص ٢٧

(٢) تذڪره لطفي جلد ٢ ص ٣٨٧ لطف‌الله بدوي+ مهراڻ ٣ ماهي ٣/٢-١٩٦٤ع مضمون غلام‌محمد گرامي ص ٣٥٧

(٣) ايضاً

(٤) گورنمينٽ C&S ڪاليج مخزن ”نخلستان“ شڪارپور ١٩٧١ع ص ٥٧ مضمون پروفيسر نذير احمد صديقي.

(٥) سنڌ جي طبي تاريخ- نياز همايوني.

## (٧) مدرسو خليفو يارمحمد قريشي

هيءُ مدرسو مولانا خليفو يارمحمد قريشي جي نالي منسوب آهي. هيءُ مدرسو تقويباً ١٣٠٠هه ۾ قائم ٿيو. هن مدرسي جو مهتمم مولانا صاحب پاڻ هو (١).

## (٨) مدرسو جهان خان دراني

هيءُ جهان خان دراني تقريباً ١٨٩٢ع ۾ پنهنجي جاء تي قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم ۽ مدرس پاڻ هو (٢).

## [٩) مدرسو خليفو عبدالغفور سومرو

هيءُ مدرسو سن ١٣٢٠هه ۾ مولانا عبدالغفور صاحب سومرو قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم ۽ مدرس پاڻ هو (٣).

## (١٠) وڪٽوريه جوبلي انسٽيٽيوٽ

هيءُ عربي ۽ فارسي علمن جو گڏيل مدرسو، سن ١٩٠٢ع ۾ راڻي وڪٽوريه جي وفات بعد، سندس يادگيري قائم رکڻ لاءِ شڪارپور ميونسپل جي هندو ۽ مسلمان ميمبرن جي گڏيل فيصلي سان قائم ڪيو ويو. جتي هندو ۽ مسلمان عربي ۽ فارسي جي تعليم گڏجي وٺندا هئا. هن مدرسي جو پهريون مهتمم سيد قاضي بهادر علي شاه ولد سيد عبدالرحيم شاه هو. سن ١٩١٢ع ۾ سندس وفات بعد مولانا عبدالرحمان ميمڻ مهتمم مقرر ٿيو. سال ١٣٤٠هه ۾ سندس وفات بعد ٿيون مهتمم سيد قاضي عبدالغفور ولد سيد قاضي بهادر علي شاه مقرر ٿيو. هن مدرسي جو خرچ ميونسپل برداشت ڪندي هئي. هن مدرسي مان ڪيترائي

---

١- سه ماهي مهراڻ ١٩٥٧ع سوانح نمبر ص ١٦٦
٢- سه ماهي مهراڻ ١٩٥٧ع سوانح نمبر ص ٦٧
٣- مولانا حڪيم صبغت الله سومرو (تحقيق ڊاڪٽر ”راز“ سومرو)

مسلمان فارغ التحصيل ٿي نڪتا ۽ ان سان گڏ هندن به تعليم حاصل ڪئي جن مان ديوان پنڊت چترومل ۽ ديوان پنڊت گوڪل مل جا نالا قابل ذڪر آهن (١)

## (١١) مدرسه انوارالعلوم مجددي سرهندي

هيءُ مدرسو مولانا پير غلام مجدد سرهندي جي نالي سان منسوب آهي. هيءُ مدرسو سن ١٩١٧ع ڌاري شڪارپور ۾ (ريلوي اسٽيشن جي پرسان) قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم ۽ مدرس پاڻ هو (٢).

## (١٢) مدرسه شمس العلوم سرهندي

هيءُ مدرسو حضرت خواجه شمس الدين صاحب سرهندي جي نالي ڏانهن منسوب آهي. هن مدرسي جو بنياد سن ١٩١٨ع ۾ سرهندي محله هاٿي در شڪارپور ۾ رکيو ويو. هن مدرسي جو مهتمم مولانا پير فضل احمد سرهندي هو ۽ صدر مدرس مولانا محمد هاشم صاحب انصاري دادوي هو (٣).

## (١٣) مدرسه اشرف العلوم

هيءُ مدرسو حضرت مولانا اشرف علي ٿانوي جي نالي منسوب آهي. هن مدرسي جو باني مولوي محمد فضل الله صاحب سومرو هو، جنهن ١٩٢٠ع ۾ هن مدرسي جو بنياد رکيو، مهتمم به پاڻ هو ۽ اڄ تائين قائم آهي. (٤)

---

١- مولانا پير فضل احمد صاحب سرهندي (تحقيق ڊاڪٽر "راز" سومرو)
+ پير عبدالله سرهندي مضمون مطبوع روزانه عبرت ٢٩ آگسٽ ١٩٨٠ع
٢- پير انيس احمد سرهندي (تحقيق ڊاڪٽر "راز" سومرو)
٣- مولانا پير فضل احمد سرهندي (تحقيق ڊاڪٽر "راز" سومرو)
٤- حڪيم حاجي بشير احمد ولد مولوي محمد فضل الله سومرو (تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو)

## (١٤) مدرسه عربيه محموديه

هيءَ مدرسو سن ١٩٢١ع ۾ الحاج مولانا عبدالڪريم چشتي صاحب قائم ڪيو. ان جو مهتمم پاڻ هو (١).

## (١٥) مدرسو مولانا غلام حيدر سومرو

هيءَ مدرسو سن ١٩٢٩ع ۾ مولانا غلام حيدر صاحب سومرو "شيدڪي ڪوهي" پاڙي ۾ قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم مولانا صاحب پاڻ هو (٢).

## (١٦) مدرسه تعليم القرآن مصطفائيه

هيءَ مدرسو حضرت مولانا خليفو احمدالدين صاحب سن ١٩٤٥ع ۾ نل بس اسٽاپ شڪارپور جي پرسان قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم خليفو صاحب پاڻ هو. سندس وفات بعد مهتمم مولانا غلام رسول لهر آهي ۽ مولانا عبدالحميد سومرو مدرس آهي (٣).

## (١٧) مدرسه اشرفيه تعليم القرآن

هيءَ مدرسو مولانا قاري فتح محمد صاحب پانيپتي، چوڙيگر بازار ۾ سن ١٩٤٩ع ۾ قائم ڪيو. مرلانا صاحب نابينا هو. هن وقت مولانا صاحب سعودي عربيه حڪومت طرفان مدينه منور ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪري ٿو. هن وقت هن مدرسي ۾ حافظ نور محمد ۽ حافظ جان محمد مدرس آهن هن وقت مهتمم حاجي جان محمد آهي (٤).

---

(١) مهراڻ سوانح نمبر ١٩٥٧ع ص. ٢٤ مضمون شهاب الدين چشتي.

(٢) محترم غلام سرور سومرو تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو

(٣) محترم مولانا عبدالحي صاحب سومرو تحقيق ايضاً

(٤) پروفيسر مولانا محمد سليم تحقيق ايضاً

## (١٨) مدرسه الاسلام

هيءُ مدرسو ”پنج پير“ هاٿي در ڏسي واقع آهي. مولانا قاري فتح محمد صاحب پاڻيپتي سن ١٩٥٧ع ۾ قائم ڪيو. هيءُ مدرسو ”اشرفيه فيض القرآن“ جي شاخ آهي، جتي حافظ فضل علي صاحب مدرس آهي ۽ مهتمم حاجي محمد عمر صاحب تانن وارو آهي (١).

## (١٩) مدرسه عربيه دارالقران

هيءُ مدرسو ”موريائي محلہ“ شڪارپور ۾ مولانا حافظ عبدالمجيد موريائي سن ١٩٦٠ع ۾ قائم ڪيو آهي. مولانا صاحب پاڻ مهتمم آهي ۽ مولانا عبدالغفور جتوئي مدرس آهي (٢).

## (٢٠) مدرسه تعليم الاسلام

هيءُ مدرسو فيض علي شاه گهٽي لکي در شڪارپور ۾ واقع آهي هن مدرسي جو باني شيخ عبدالرحمان مهاجر آهي ۽ مهتمم محمدابراهيم آهي هن مدرسي ۾ حافظ محمد اسماعيل مدرس آهي ۽ سن ١٩٦١ع ۾ قائم ٿيو.

## (٢١) مدرسه عرفان القرآن

هيءُ مدرسو مولانا حافظ محمد رمضان قريشي سن ١٩٥٢ع ۾ لکي در جي اندران قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم پاڻ آهي ۽ مولوي محمد مراد پٺي ۽ حافظ گل محمد مهر مدرس آهن (٣).

---

(١) حافظ نور محمد تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو

(٢) مولانا حافظ عبدالمجيد موريائي تحقيق ايضاً

(٣) مولانا حافظ محمد رمضان قريشي تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو.

## (٢٢) مدرسه حماديه

هيءُ مدرسو حضرت مولانا حماداللہ صاحب هاليجوي جي نالي ڏانهن منسوب آهي. هيءُ مدرسو مولانا عبدالغفور ايراني سن ١٩٤٨ع ۾ نيو بس اسٽينڊ جي پرسان قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم سڪندر علي وڪيل آهي، ۽ مولانا غلام حسين لاشاري صدر مدرس آهي (١).

## (٢٣) مدرسه قاسم العلوم

هيءُ مدرسو سٽا بازار ۾ سبزي مارڪيٽ جي متصل واقع آهي. هيءُ مدرسو ١٩٦٢ع ۾ حاجي مظهر علي چينوٽي قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم پاڻ آهي ۽ حافظ ڪريم الله پانيپتي مدرس آهي (٢).

## (٢٤) مدرسه محمديه تعليم القرآن

هيءُ مدرسو نظام الدين ڳڙ ڳامي سن ٢٩- ڊسمبر ١٩٦٦ع ۾ چوڙيڪر بازار ۾ قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم مشتاق احمد علي ڳڙه وارو آهي. هن مدرسي ۾ حافظ نعمت الله پانيپتي مدرس آهي (٣).

## (٢٥) مدرسه قادريه احياءالعلوم

هيءُ مدرسو سکر روڊ شڪارپور ۾ واقع آهي. هيءُ مدرسو محترم مولانا عبدالحي صاحب سومرو سن ١٩٦٧ع ۾ قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم مولانا غلام قادر پهنوار آهي ۽ مولانا علي حسن مدرس آهي (٤).

---

(١) مولانا غلام حسين لاشاري تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو

(٢) پروفيسر عبدالحسيب ( تحقيق ايضاً )

(٣) مشتاق احمد (قفل وارو) علي ڳڙه وارو ( تحقيق ايضاً )

(٤) محترم مولانا عبدالحي صاحب سومرو ( تحقيق ايضاً )

## (٢٦) مدرسه تاج العلوم

هيءَ مدرسو سکر روڊ شڪارپور ۾ واقع آهي. هن مدرسي جو باني فقير عبدالعزيز کوسو آهي، جنهن سن ١٩٧١ع ۾ هيءَ مدرسو قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم مولانا سلطان احمد سيٺار ۽ مدرس مولانا فيض محمد هڪڙو آهي (١).

## (٢٧) مدرسه دارالقرآت

هيءَ مدرسو شيخ القراءَ قاري محمد علي صاحب مدني سال ١٩٧١ع ۾ شاهي باغ روڊ شڪارپور ۾ قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم ۽ مدرس قاري صاحب پاڻ آهي (٢).

## (٢٨) مدرسه حنفيه

هيءَ مدرسو قاري عبدالوهاب صاحب ميمڻ ڪرن در شڪارپور ۾ سال ١٩٧٣ع ۾ قائم ڪيو. مهتمم قاري صاحب پاڻ آهي ۽ صدر مدرس مولانا شفيع محمد مهر آهي (٣).

## (٢٩) مدرسه مدينه عربيه

هيءَ مدرسو انجمن انصار شيخ (علي ڳڙه) وارن طرفان سن ١٩٦٠ع ۾ هاٿي در تي قائم ڪيو ويو. هن مدرسي جو مهتمم نورالدين قفل وارو آهي ۽ حافظ نورمحمد ۽ حافظ نعمت الله مدرس آهن (٤).

## (٣٠) مدرسه شمس الهديٰ

هيءَ مدرسو فقير عبدالعزيز کوسو شڪارپور ريلوي اسٽيشن جي اوڀرندي طرف سکر جيڪب آباد روڊ جي پرسان قائم ڪيو. هن مدرسي

---

(١) مولانا عبدالحي سومرو (تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو
(٢) قاري محمد علي مدني " "
(٣) قاري عبدالوهاب ميمڻ " "
(٤) نورمحمد (پانيپتي) تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو.

جو مهتمم احمد علي بروهي ۽ مدرس مولانا غلام مصطفيٰ ڀهوڙ آهي (١).

## (٣١) مدرسه عربيه اسلاميه انوارالقرآن

هيءُ مدرسو محترم مولانا عبدالحي صاحب سومرو، سال ١٩٧٤ع ۾ محلہ ڪڙي عطامحمد خان ۾ قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم مولانا صاحب پاڻ آهي ۽ مدرس مولانا نهال الدين ميمڻ آهي (٢).

## (٣٢) مدرسه ضياءالقرآن

هيءُ مدرسو مولانا قاري نثار احمد منگي سال ١٩٧٥ع ۾ هزاريدر تي قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم ۽ مدرس پاڻ آهي (٣).

## (٣٣) مدرسه باب الهديٰ

هيءُ مدرسو پٺي محلہ صدر شڪارپور ۾ واقع آهي. هيءُ مدرسو مولانا مير محمد سهنڊڙو سن ١٩٧٦ع ۾ قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم پاڻ آهي ۽ مدرس به آهي (٤).

## (٣٤) مدرسه دارالعلم حبيبيه

هيءُ مدرسو فقير عبدالعزيز ڪوسو سن ١٩٧٧ع ۾ قائم ڪيو. هيءُ مدرسو ڪڙي عطامحمد خان ۾ واقع آهي. هن مدرسي جو مهتمم مولانا حبيب الله چنو آهي، مولانا نذير احمد چنو مدرس آهي (٥).

## (٣٥) مدرسه نقشبنديه

هيءُ مدرسو چشموي بزرگن طرفان خانچند آباد، شڪارپور ۾

---

(١) مولانا حاجي عبدالحي سومرو تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو
(٢) ايضاً " "
(٣) مولانا قاري نثار احمد منگي " "
(٤) مولانا ميرمحمد سهنڊڙو " "
(٥) مولانا حبيب الله چنو " "

سن ١٩٧٨ع ۾ قائم ٿيو. هن مدرسي جو مهتمم ۽ مدرس حاجي الهورايو فاروقي آهي (١).

## (٣٦) مدرسه غوثيه

هيءُ مدرسو درگاه حاجي لطيف شاه جيلاني جي پرسان واقع آهي. هيءُ مدرسو مولانا نصرالله قادري ١ - ذوالقعد ١٤٠٠هه مطابق ١٩٨٠ع ۾ قائم ڪيو. هن مدرسي جو مهتمم مولانا صاحب پاڻ آهي ۽ صدر مدرس مولانا قاري گل محمد ڪورائي نابينا آهي.

## (٣٧) مدرسه مفتاح العلوم

هيءُ مدرسو مولانا محمد يوسف چنو سال ١٩٨٠ع ڪنير محله، صديق ماڙي ۾ قائم ڪيو آهي. هن مدرسي جو مهتمم مولانا صاحب پاڻ آهي ۽ مدرس مولانا عبدالغفور چنو سندس فرزند آهي.

هن مقالي لکڻ لاءِ جيتوڻيڪ وقت تمام ٿورو ڏنو ويو. بند ڪمري ۾ ويهي تحقيق ڪرڻ جي برعڪس ڏيڍ مهينو مسلسل بلا ناغه شڪارپور جو گهر گهر ۽ گهٽي گهٽي ڪري "عالمن ۽ مدرسن" کي تلاش ڪندو رهيس. مان پنهنجي وسعت آهر جيڪي ڪجهه گڏ ڪيو آهي، سو پنهنجي جاءِ تي تحقيقي مواد ضرور آهي پر مڪمل باب جي دعويٰ ڪري نٿو سگهان. ممڪن آهي ته اڃا وڌيڪ علماءَ ۽ مدرسا هجن جن جو احوال ٻه سؤ سالن گذرڻ جي حالت ۾ دستياب ٿي نه سگهيو آهي.

---

(١) حاجي الهورايو فاروقي تحقيق ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو

خليل مورياڻي

# شڪارپور جون ڪجهہ سياسي شخصيتون

## شهيد الله بخش سومرو

سنڌ جي هر دلعزيز ۽ هڏ ڏوکي قومي اڳواڻ محترم الله بخش سومري سن ۱۹۰۰ع ۾ شڪارپور جي ناميار سومرا خاندان ۾ جنم ورتو. سندس والد محمد عمر مرحوم پنهنجي وقت جو مڃيل ۽ با اثر ٺيڪيدار هيو، جنهن پنهنجي صلاحيتن ۽ محنتن سان چڱو نالو ڪڍيو هيو. ٺيڪيداريءَ کان علاوه هن زمينن جا مقاطعا ڪٽي آخر ۾ جيڪب آباد ضلع ۾ ڪافي زمين خريد ڪري اتي چڱي زميندار جي حيثيت حاصل ڪري ورتي هئي.

الله بخش مرحوم پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ ۱۹۱۲ع ۾ هتان جي مشهور اسڪول هوپفل اڪيڊمي ۾ داخل ٿيو، جتي پڙهائي توڙي راندين ۾ چڱو نالو ڪڍيائين. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ تعليم ڇڏي، پنهنجي والد صاحب جو ٺيڪيداريءَ ۽ زمينداريءَ ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو. ذهين ۽ محنتي تہ اڳ ئي هيو. جلد ئي وقت جي عملدارن سان سٺا تعلقات قائم ڪري ويو، ۽ اهڙي طرح سندس دوستيءَ جو وسيع حلقو پيدا ٿيو. شروع کان ئي دل جو ڪشادو ۽ هٿ جو ڇوٽ هيو. يارن دوستن تي خرچ ڪرڻ کان علاوه علمي ۽ سماجي ادارن ۽ غريب شاگردن تي هٿ کولي خرچ ڪندو هو.

پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات ۱۹۲۳ع کان جيڪب آباد ميونسپالٽي ۽ ضلع لوڪلبورڊ سکر جي چونڊيل ميمبر جي حيثيت سان ڪيائين. ۱۹۲۶ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي آيو، جتي ڪائونسل جي ڪمن ڪارين ۾ دلچسپي وٺي ڪري ڪائونسل

جي ڪيترين ڪاميٽين جو ميمبر مقرر ٿيو. اهڙيءَ طرح کيس تجربي حاصل ڪرڻ جا ڪيترائي موقعا مليا. بمبئي کان سنڌ جي علحدگي تائين بمبئي ڪائونسل جو ميمبر رهندو آيو.

١٩٣٦ع ۾ سنڌ عاحده صوبي جــي حيثيت حاصل ڪئي. سنــڌ اسيمبلي قائم ٿي، ته ان جــو ميمبر چونڊجي آيو. ١٩٣٦ع ۾ اتحاد پارٽي قائم ٿي ۽ ان ۾ شامل ٿيو. مارچ ١٩٣٨ع ۾ بجيٽ اجلاس جي موقعي تي سر غلام حسين هدايت‌الله جي وزارت کي شڪست آئي ۽ نئين وزارت مرحوم الله بخش سومري جي سربراهي ۾ ٺهي.

سن ١٩٣٩ع جي وچ ڌاري، سکر جي مسجد منزل گاه واري مسئلي تان سنڌ ۾ هندو-مسلمان ڇڪتاڻ پيدا ٿي پئي؛ انهيءَ مسئلي سبب مسلم ليگ، الله بخش وزارت کي هندن ۽ ڪانگريس جي ميمبرن جي مدد سان شڪست ڏياري. ان کانپوءِ مير بنده علي خــان جــي سربراهي ۾ مسلم ليگ جي وزارت ٺهي، ۽ جلد ئي ناڪام ثابت ٿي، ۽ اسيمبليءَ ۾ شڪست کاڌي. ان بعد وري بـــه الله بخش سومري وزارت ٺاهي.

وزارت جي دوران الله بخش سومري جي اهم ڪارنامن مان هڪ ڪارنامو سنڌ جــي سياسي تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکيو ويندو، اهو هي ته هن صاحب، هندستان جي آزاديءَ جي چوٽيءَ جي اڳواڻ مولانا عبيدالله سنڌي جي ڪيترن سالن جي جلاوطني کي ختم ڪري، کيس سنڌ ۾ واپس اچڻ جي دعوت ڏني، نه صرف ايترو پر سندس آمد جي وقت وزير اعليٰ سنڌ جي حيثيت ۾ ڪراچي جي بندر تي سندس شاندار استقبال به ڪيو. انگريز سرڪار، مولانا سنڌي کي سنڌ ۾ آزاد ڏسي برداشت نه ڪري سگهي ۽ الله بخش جي انهي قدم کي سٺو نه سمجهي، ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ رهي.

الله بخش سومرو مرحوم بنيادي طور تي عملي سياست جو حامي هيو. سياست جي ميدان ۾ هر قدم گهڻي سوچ ۽ ويچار کانپوءِ کڻندو هيو ۽ عام مسلمان سياسي اڳواڻن وانگر وقتي لالچ ۽ جذبات جي وهڪري ۾ لڙهي نه ويندو هو. انهيءَ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن ڪانگريس طرفان "هندستان خالي ڪريو" جي تحريڪ شروع ٿي، ته انگريزن ڪانگريس مٿان سختي ڪرڻ شروع ڪئي. انهي سلسلي ۾ الله بخش ڪي فيصلو ڪرڻو هيو ته انگريزن جي پاليسيءَ موجب هندستان جي قومي آزادي لاءِ وڙهندڙن تي سختيون ڪري يا وزارت کي ڇڏي ڏي. اهو فيصلو سومري صاحب جي سياسي زندگيءَ ۾ هڪ اهم موڙ جي حيثيت حاصل ڪري ويو ۽ هن آخر پنهنجو فيصلو قوم پرستن جي حمايت ۾ ڪيو. هن انگريزن طرفان قوم پرستن تي سخت رويي خلاف احتجاج ڪندي، برطانيه سرڪار طرفان مليل خان بهادري ۽ او. بي. اي جو خطاب ٢٦ سيپٽمبر ١٩٤٢ع تي وائسراءِ هند کي هڪ خط لکي موٽائي موڪليا. انهيءَ خط جو ڪجهه حصو هن ريت آهي.

"اهو منهنجو ايمان آهي ته هندستاني آزادي حاصل ڪرڻ جو حق رکن ٿا. برطانيه سرڪار جي بيانن ۽ عمل مان اهو ثابت ٿي رهيو آهي، ته هو هندستان جي مختلف سياسي پارٽين کي نهڻ ۾ رڪاوٽون وجهي، ملڪ تي پنهنجو سامراجي تسلط قائم رکڻ گهرن ٿا. تازو برطانيه جي وزيراعظم مسٽر ونسٽن چرچل جي هائوس آف ڪامنس ۾ ڪيل تقرير هندستان جي سمجهدار ۽ قوم پرست ماڻهن ۾ نهايت نا اميدي پيدا ڪئي آهي. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته انگريزن کي آزادي ڏيڻ جو ڪوبه ارادو نه آهي. ان ڪري آءٌ اهڙي حڪومت طرفان ڏنل لقب پاڻ وٽ نٿو رکي سگهان ۽ موٽائي موڪليان ٿو."

١٠ آڪٽوبر ١٩٤٢ع تي گورنمينٽ هائوس ڪراچي مان هيٺيون اعلان اخبارن کي شايع ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو:

”هزايڪسيلنسي سنڌ جي گورنر، مسٽر الله بخش سان، سندس ورتل قدم تي بحث ڪيو آهي. ان جي روشني ۾، مسٽر الله بخش کي آگاهه ڪيو ويو ته هاڻي گورنر جو منجهس ڪوبه اعتماد نه رهيو آهي. ان ڪري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ سنه ١٩٣٥ع جي فقري ٥١ موجب کيس وزارت اعظميٰ کان موقوف ڪيو وڃي ٿو.“

اها خبر پوري هندستان ۾ جهنگل جي باه وانگر پکڙجي وئي ۽ ملڪ جي هر اخبار پهرين صفحي تي سرخي سان اها خبر شايع ڪئي. گورنر سنڌ جي هن قدم تي ”فري پريس جرنل“ هڪ ڊگهو ايڊيٽوريل لکيو جنهن جا آخري جملا هن ريت هئا:

”گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ سنه ١٩٣٥ع موجب وزير پنهنجي عهدي تي، گورنر جي خوشنودي سان ٽي رهي سگهن ٿا. هي ڪڏهن به ٽي نه ٽي سگهيو ته انگريز گورنر، الله بخش جي آزاديءَ جي جذبي کان خوشنود ٿي سگهي. اهوئي سبب هو، جو سنڌ ۾ جمهوريت الوداع ڪيو پوءِ آئيني سنڌس مدفن بڻيو ۽ سندس مدفن بہ نهايت خوشنما بڻيو.“

الله بخش سومرو مرحوم وزارت جي ڪرسي ڇڏڻ کان پوءِ اچي شڪارپور ۾ خالص سماجي ڪمن ۾ بغير ڪنهن امتياز جي ڀرپور حصو وٺڻ لڳو. شڪارپور جا شهري سندس ڪيل خدمتن کي وساري نٿا سگهن. خاص ڪري ١٩٢٨ع ۾ شڪارپور ۾ وبا جي منحوس بيماريءَ وقت ڪيل خدمت کي ۽ ٻوڏ جي دوران سندس قرباني کي جڏهن هن پنهنجي زمينن کي ٻوڙائي، شڪارپور شهر کي ٻوڏ کان بچائي شهرين، خاص ڪري غريبن جون دعائون حاصل ڪيون.

١٤ مئي ١٩٤٣ع جي منحوس صبح تي کنهن نيڪ ڪم جي سلسلي ۾ گهران نڪتو، ان جي تڪميل کان پوءِ ٽانگي تي واپس اچي رهيو هيو، ته فوجداري روڊ تي لڪي ويٺل ڪن دشمنن متس حملو ڪري گولين جو نشانو بڻائي شهيد ڪيو. الله بخش جي شهادت جي خبر شڪارپور ۾ ڪهرام پيدا ڪيو. پوري شهر هن المناڪ واقعي تي روئي ڏنو. ڪيس ساڳي ڏينهن تي پنهنجي اباڻي شهر شڪارپور ۾ هاٿي در جي اندران پنج پير جي مقام ۾ دفنايو ويو.

وقتي سياسي رنجشن، جذبات جي انڌي وهڪري ۾ سنڌ کان هڪ مخلص سياستدان، مدبر ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته هڪ اعليٰ انسان کسي ورتو، جنهن جو خال اڄ ڏينهن تائين پرجي نه سگهيو آهي. الله بخش مرحوم جي شهادت کي اٽڪل چاليهه سال گذري چڪا آهن، پر سندس ڪيل سياسي ۽ سماجي خدمتن کي اڄ به ياد ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ سندس ڪيل خدمتن کي سونهري اکرن سان لکيو ويندو.

## سر غلام حسين هدايت الله

سر غلام حسين، جنوري ١٨٧٨ع تي شڪارپور شهر ۾ جنم ورتو. سندس وڏن جو تعلق ڪشمير جي هندو خاندان سان هيو، جتان سندس والد صاحب لڏي اچي شڪارپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي. هتي ئي مسلمان ٿيو ۽ شڪارپور جي پٺاڻ خاندان مان شادي ڪيائين.

غلام حسين شيخ ننڍو ئي هيو ته، سندس والد صاحب فوت ٿي ويو. يتيميءَ جي حالت ۾ پڙهيو. غربت سبب سندس گهر ۾ بتي نه هجڻ ڪري، رات جو گهٽي ۾ ميونسپل جي فانوس هيٺان ويهي اسڪول جا سبق ياد ڪندو هيو. شروعاتي تعليم هتان جي هاءِ اسڪول

مان ونئي مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسي ڪراچي مان پاس ڪيائين. بي. اي جو امتحان ڊي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪري وڪالت پڙهڻ لاءِ بمبئي ويو. وڪالت جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد ۾ ١٩٠٥ع کان وڪالت ڪرڻ لڳو.

سندس سياسي زندگي جي شروعات حيدرآباد ميونسپالٽي جي چونڊيل ميمبر جي حيثيت سان ڪئي ۽ اڳتي هلي ساڳي ميونسپالٽي جو وائيس پريزيڊنٽ ٿيو. ١٩٠٩ع ۾ کيس حيدرآباد ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو وائيس پريزيڊنٽ به چونڊيو ويو.

سنه ١٩١٢ع ۾ حيدرآباد لوڪلبورڊ جي طرف کان بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي آيو، جتي سنڌ جي بمبئي کان جدا ٿيڻ کان ٿورو اڳ تائين ميمبر رهندو آيو. ١٩٢١ع ۾ هي صاحب بمبئي حڪومت ۾ لوڪل سيلف گورنمينٽ کاتي جو وزير مقرر ٿيو جتي ڪيترا سڌارا آندائين خاص ڪري سنڌ جي مسلمانن کي سندن آدم جي لحاظ سان لوڪلبورڊ ۾ نمائندگي وٺي ڏنائين. ١٩٢٦ع ۾ کيس برطانيه سرڪار طرفان ”سر“ (K.C) جو خطاب مليو.

١٩٢٨ع ۾ بمبئي سرڪار طرفان کيس ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. ١٩٣٢ع ۾ کيس بمبئي سرڪار جي مالي ميمبر جي ڪم ڪار جي چارج ملي. ١٩٣٣ع ۾ کيس نائيٽ ڪمانڊر اسٽار آف انڊيا K.C.S.I جو خطاب مليو.

١٩٣٠ع ۾ سخت بيماري جي باوجود لنڊن ۾ منعقد ٿيل گول ميز ڪانفرنس ۾ بمبئي سرڪار جي نمائندي طور شرڪت ڪيائين ۽ اتي سنڌ جي علحدگي واري ڪميٽي ۾ سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جي حمايت ۾ پردليل تقرير ڪيائين.

١٩٣٤ع ۾ سنڌ جي زميندارن جي عيوضي طور وائسراءِ هند جي مرڪزي ڪائونسل ۾ چونڊجي ويو ١٩٣٦ع ۾ جڏهن سنڌ کي بمبئي کان علحده ڪري نئين صوبي جي شڪل ڏني ويئي ۽ صوبي جي انتظام هلائڻ لاءِ هڪ سال لاءِ ائڊمنسٽريٽو ڪائونسل قائم ڪئي ويئي ته ان جو چيئرمين سر غلام حسين هدايت الله کي مقرر ڪيو ويو.

١٩٣٧ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ تي زميندارن جي سيٽ تي چونڊجي آيو. سنڌ جي گورنر سر لنسليٽ گرهام کيس تجربيڪار سياستدان سمجهي وزارت ناهڻ جي آڇ ڪئي. اهڙي طرح سنڌ جي پهرين وزارت ناهڻ جو شرف سر شيخ غلام حسين هدايت الله کي حاصل ٿيو ۽ سنڌ صوبي جو پهريون وزير اعليٰ ٿيو. مارچ ١٩٣٨ع ۾ سنڌ اسيمبلي جي بجيٽ واري اجلاس وقت اتحاد پارٽي جي طرفان سندس وزارت کي هڪ روپئي جي ڪٽ واري رٿ تي شڪست ڏني ويئي، ڪانئس پوءِ خانبهادر الله بخش سومري وزارت ناهي، ته ان ۾ سر غلام حسين کي وزير داخله جو عهدو مليو. جڏهن الله بخش جي وزارت کي مسجد منزل گاهه واري مسئلي تي شڪست آئي، ته هي صاحب ٻه ڪجهه وقت لاءِ وزارت کان ٻاهر رهيو.

سن ١٩٤١ع ۾ مير بنده علي خان جي وزارت کي شڪست ملي ته وري الله بخش سومري وزارت ناهي ان ۾ به سر غلام حسين کي وزير طور کنيو ويو. انگريز گورنر جڏهن محترم الله بخش سومري جي وزارت کي برطانيه سرڪار سان وفاداريءَ جي قسم جي پيچڪڙي ڪري ڊسمس ڪيو، ته سر غلام حسين کي وزارت ناهڻ لاءِ چيو ويو سندس وزارت پاڪستان ٺهڻ تائين قائم رهي.

١٤، آگسٽ ١٩٤٧ع تي پاڪستان قائم ٿيو، ته سر غلام حسين کي سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ڪيو ويو.

۴ آڪٽوبر ١٩۴٨ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪيائين، ۽ ان وقت تائين گورنر جي عهدي تي فائز رهيو.

مرحوم سر غلام حسين هدايت الله اٽڪل ٽيهه سال سنڌ جي سياست تي ڇانيل رهيو. هي صاحب سنڌ جي روايتي سياستدانن وانگر نه زميندار هيو ۽ نه وري سرمائيدار هو. صرف پنهنجي قابليت ۽ اڻٿڪ محنت سان تمام وڏي مقام تي پهتو. ايڏن اعليٰ عهدن تي پهچڻ کان پوء به منجهس غرور ۽ تڪبر پيدا نه ٿيو. پراڻن ۽ ذاتي دوستن سان پڇاڙي تائين نڀائيندو آيو.

## آنريبل خانبهادر ميان علي بخش

آنريبل ميان علي بخش شڪارپور جي مشهور علمي ۽ سياسي خاندان ۾ ان وقت جي قابل وڪيل ميان محمد حسين جي گهر ۾ ١٨٦۴ع ۾ پيدا ٿيو. سندس خاندان جو تعلق حيدرآباد دکن جي مشهور آصف جاه گهراڻي سان هيو، جتان کين پڇاڙيءَ تائين سياسي پينشن ۽ ٻيا مراعات ملندا رهندا هئا.

شڪارپور جي مشهور هاءِ اسڪول مان تعليم وٺي ڪانپوء سياسي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ قدم رکيائين. شروعات شڪارپور جي ميونسپالٽي ۾ چونڊيل ميمبر جي حيثيت سان ڪيائين. تقريباً اڌ صديءَ تائين ان جو ميمبر، وائيس پريزيڊنٽ ۽ پريزيڊنٽ رهيو. ميونسپالٽي ۾ پنهنجي ايام ڪاريءَ دوران ڪيترائي عام ڀلائي جا ڪم ڪيائين. ذاتي ڪوششون وٺي وڏي گهٽي پيچ ٻوڙ کان پوء ان وقت جي سرڪار کان مدد وٺي زير زمين برينج اسڪيم جو ڪم شروع ڪرايائين.

١٩١٩ع ۾ هندستان جي ڪائونسل آف اسٽيٽ ۾ سنڌ جي مسلمانن جي واحد نمائندي طور چونڊجي ويو ۽ هندستان جي ورهاڱي تائين ان جا ميمبر رهيو. اتي هو هميشه مسلمانن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندو

رهيو. سندس ڪوشش سان سنڌي مسلمانن کـي سرڪاري نوڪرين ۾ چڱو حصو ملڻ لڳو.

سندس خدمتن ۽ وفادارين جو اعتراف ڪندي برطانيه سرڪار کين ١٩٣٥ع ۾ خانبهادري جــو خطاب عطا ڪيو ۽ ١٩٣٩ع ۾ جارج ڇهين طرفان کيس سي- بي- اي جو خطاب مليو، جيڪو هندستان ۾ اهم اعزاز سمجهيو ويندو هيو.

آنريبل ميان علي بخش خوش اخلاق، دل جو سخي ۽ هڏ ڏوکي هيو. انهن خوبين جي ڪري شڪارپور جا شهري سندس تمام گهڻي عزت ڪندا هئا.

خانبهادر ميان علي بخش پنجاسي ورهين جــي عمر ۾ ٢١ ڊسمبر ١٩٤٩ع تي وفات ڪئي.

## ديوان بهادر مرليڌر پنجابي

جيئن هيءَ ڳالهه عام مشهور آهي ته جديد ڪراچي ڪي جمشيد نسروانجي ناهيو، تيئن ان ڳالهه ۾ به ڪو وڌاءُ ڪونهي ته شڪارپور شهر ڪي خوبصورت بنائڻ ۾ ديوان بهادر مرليڌر پنجابي جو وڏو هٿ هيو، هو صاحب ڪيترائي سال شڪارپور ميونسپالٽي جو پريزيڊنٽ تي رهيو. سندس ايامڪاري ۾ ئـي شهر جــو سڌارو ۽ واڌارو ٿيو. ڪيترائي پڪا رستا ٺهرايائين، اسڪول ۽ اسپتالون قائم ڪرايائين ۽ بين عام ڀلائي جي ڪمن جهڙوڪ شهر جي صفائي ۽ روشني وغيره جو انتظام ڪيائين. ديوان مرليڌر ڪي شهر جــي سونهن وڌائڻ ۽ سڌارڻ جي ڏاڍي لڳن هئي. سندس ڪوشش سان ئي باغ باغيچا لڳا ۽ شهر سندر بنجي ويو.

هن صاحب پنهنجي گهر واريءَ جي نالي ڪنيا پانشالا کولائي، جيڪا مائي گنگاديوي هلائيندي هئي.

ديوان مرليڌر نه صرف، سماج سڌارڪ هيو، پر پنهنجي وقت جو ناميارو وڪيل ٿي گذريو آهي. سندس هاڪ سڄي سنڌ ۾ هوندي هئي. سندس ڪامياب وڪالت جي اڄ به اهائي مچنا آهي. جو ڪنهن جي هوشيارپ ۽ ڏاهپ ڏسي ازخود وات مان نڪري ويندو آهي ته ”ڇڻ ته مرليڌر وڪيل آهين“.

مقامي سياست کان علاوه قومي آزاديءَ جي هلچل ۾ به چڱو حصو ورتائين. سنه ١٩١٧ع ۾ شڪارپور ۾ سنڌ پراونشل ڪانفرنس ٿي ته هي صاحب ان جو چيئرمين هو. ١٩١٨ع ۾ ڪراچي ۾ سنڌ پراونشل ڪانفرنس ٿي ته هن کي ان جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. انهي ڪانفرنس جو چيئرمين سنڌ جو مشهور سياستدان سيٺ هرچند راءِ وشنداس هو.

## حوالا


١- جنب گذاريم جن سين (جلد پهريون) جي. ايم. سيد

٢- اهي ڏينهن اهي شينهن (ڀاڱو پهريون) پير علي محمد راشدي

٣- روزانه مهراڻ حيدرآباد سالگره نمبر ١٩٦٢ع

٤- India's Nationalist No 1 " Mr. Allah Bux "
By- Jagat S. Bright.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# شڪارپور جا شاعر

شڪارپور وقت بوقت وڏا عالم فاضل ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن، جن مان شاعرن جو تذڪرو هت ڏنو پيو وڃي، جيڪي شاعر هجڻ سان گڏ وڏا عالم ۽ فاضل به هئا. انگريزن جي دؤر ۾ به شڪارپور ڪيترائي عالم، اديب، شاعر، تعليمي ماهر ۽ باڪمال سياسي ماڻهو پيدا ڪيا آهن.

## فارسي شاعر

### (۱) شاه فقيرالله علوي

وڏو عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس بزرگيءَ جي شهرت پري پري تائين پهتل هئي. ايتريقدر جو احمد شاه ابدالي به سندس معتقدن مان هو. ان جو پٽ تيمور شاه به سندس عقيدتمند هو. ميان سرفراز خان ڪلهوڙو شرعي مسئلن جي تصفيي لاءِ هميشه هن بزرگ ڏانهن رجوع ڪندو هو. سندس حياتيءَ جو احوال هڪ مضمون ۾ اچي چڪو آهي، انهيءَ ڪري هتي نه ٿو ڏنو وڃي. سندس فارسي شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

مصدر فيض کہ عالم را تر و تازه نمود
فی الحقیقت هست چون مرات در جسمِ شهود
سرمهء چشمهء عزيزان است خاک ميکده
ياوریء بخت فيروز است کاو اين کرد سود
لب اگر ترسا زد آن رند خراباتی بمی

جام و جـــان را نثار - جـــام می خواهد نمود
مست بـــا عقل آن چنان گردد که تا روز - جزا
جـــز رخ - دلبر نباشد دیگـــرش گفت و شنود
درد می بـــاید شفا، از صدق دل گرمي خـــوری
درد مندی گـــرچ در امراض بس مرهون بـــود
در دو عـــالم نیست جـــز میخانه دل را راحتی
روز شب درد می همی بـــاید ولی بـــا چنگ، رود
لطف بـــاشد با "فقیر" خویش گر از مکرست
در زمان خلوت از یادش کنی اي یـــار زود (١).

عربي شعر جو نمونو هن ريت آهي: جنهن ۾ نبي اڪرم صلي‌الله عليه وسلم جـــي ثنا ۽ صفت بيان ڪئي اٿس. قصيده مبروره تان ورتل آهي:

کنت حقيقة مجلة حاوية لنا ـ نحن مشقه منک باطنا وبنا درا

( توهان هڪ مجمل (غير ظاهر) حقيقت آهيو، جيڪا اسان جـــي مٿان حـــاوي آهي، ۽ اسان ظاهر توڙي باطن ۾ تـــوهان مان ڦٽي نڪتل آهيون.)

## (٢) حاجي قائم

حاجي فقيرالله علوي جو مريد هو، ۽ سندس ٺٽي مدرسي مان ديني تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. پارسي زبان جو شاعر هـــو. شڪارپـــور جـــي تعريف ۾ طويل قصيدو لکيو اٿس. سنه ١١٧١هه (١٧٥٧ع) ۾ وفات ڪيائين.

(١) مڪتوبات، ص ٢٨٧، بحواله مقالو: "حاجـــي فقيرالله علوي شڪارپوري"، لکيل عبدالحي حبيبي، مترجم: شفيع احمد علوي، نئين زندگي، مئي، ١٩٥٨ع، ص ١١-١٢.

## (٣) مير فخرالدين علوي

شاه فقيرالله علوي جي خاندان مان وڏو عالم ۽ فاضل ٿي گذريو آهي. هو شاه فقيرالله علويءَ جي پٽ شاه حفيظ الله جو فرزند هو. طب ۽ حڪمت ۾ به وڏي دسترس حاصل هئس. مير امام بخش جي زماني ۾ خيرپور رياست جو وزير هو. سرچارلس نيپئر به سندس اهائي عزت قائم رکي. خيرپورجي وزارت ڇڏڻ کان پوء خيرپور جي ڪورٽ ۾ برٽش گورنمينٽ جو وڪيل هو. آخر اها به ڇڏي اچي شڪارپور ۾ رهيو. کيس ڪتابن سان بيحد محبت هئي، ۽ ڪيترائي بي بها ڪتاب پنهنجي خانداني ڪتبخاني ۾ جمع ڪيائين. فارسي زبان جو بهترين شاعر به هو. ١٢٧٠ھ (١٨٥٤ع) ۾ وفات ڪيائين. (٢) سندس فارسي شعر جو نمونو ڏجي ٿو:

اے منور از جمالت ماه و مهر و مشتري
اے مکرم از وجودت منصب پيغمبري
گلشن ـ ايجاد را چون تو گلي نايد پديد
درميان ـ شش جهت از هرچه گويم بهتري
نزد رخسار ـ تو سر در جيب ابنائي چمن
پيش قد ـ دلکشت شرمنده سرو و غرغري
در بهارستان ـ حسني رونق حور و پري
برهمه خيل ـ رسل فرمان روا و سروري
گرشبي اي ماه ـ خوبان شمع جمع ما شوي
تا بد از لوح ـ جبينم طالع ـ نيک اختري.

---

(٢) سه ماهي الرحيم، مشاهير نمبر. مرتب: مولانا غلام مصطفي قاسمي، ١٩٦٧، ص ١٥٤.

## (٤) مير علي نواز علوي

مير فخرالدين جو فرزند هو. وڏو عالم، فاضل ۽ بلند پايه شاعر ٿي گذريو آهي. طب ۾ به سندس مرتبو نهايت بلند هو. فارسيءَ ۽ سنڌيءَ جو قادرالڪلام شاعر هو. ان کان سواءِ سرائڪي، اردو ۽ عربيءَ ۾ به سندس ڪلام ملي ٿو. سندس فارسي ڪلام نهايت پختو آهي. ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

بيا اي دلبرِ طناز بنما روي زيبا را
بر افگن از جمال روءِي خود نقاب دوتا را

—

رسيد موسمِ گل ترک کار بايد کرد
نظاره گل و روئي نگار بايد کرد
ز فيضِ الفتِ زنده دلان مشو مايوس
براه عشق بتان اختصار بايد کرد
بشعر گفتنِ "علوى" زبانِ فهم ترا
مثالِ سعدي و صائب شمار بايد کرد

—

از ابر زلف بر مه رويت نقاب چيست
بکشا ز رخ نقاب ز عاشق حجاب چيست
شد مقتبست ز نورِ جمالِ تو آفتاب
پس ماه را بحسن رحت انتساب چيست

تاز خورشيدِ رخت جانان نقاب الداختي
ماهرويان جهان را در حجاب انداختي
وه چه خوش فرمودئي اشعار در مدحِ رسول
خويش را علوي تو در شغلِ ثواب انداختي

## (٥) ملا صاحبڏنو "صاحب"

ملا صاحبڏنو به حاجي فقيرالله علويءَ جو معتقد هو ۽ شڪارپور

جو ويٺل هو ۽ درس ڏيندو هو ۽ آخري حياتيءَ ۾ قاضين جي مسجد ۾ پيش امام هو. سنڌي ۽ فارسي جو بلندپايه شاعر ٿي گذريو آهي، پر افسوس جو سندس سنڌي ڪلام مان فقط هڪ مدح ملي آهي. سندس فارسي ديوان به هو، پر اهو به زماني جي دستبرد کان محفوظ نه رهيو. ١٢٥٠هه (١٨٣٤ع) ڌاري وفات ڪيائين (١). سندس ٻن فارسي غزلن مان شعر هت ڏجن ٿا (٢):

دل خراب از غمت آباد کنم يا نه کنم،
جان غم ديده بدان شاد کنم يا نه کنم،
گشت آباد ز غمهاي تو ويرانه دلم
نام اين شهر غم آباد کنم يا نه کنم،
شاد از وصل تو از هجر تو ناشادم من،
شاد و ناشاد ز تو ياد کنم يا نه کنم،
سوخته عهد وفا ساختهء جور و جفا،
"صاحب" از وضع تو فرياد کنم يا نه کنم.

—

ان زماني که بزم هجر تو مهمان گردد
دلم زخون جگر در پي سامان گردد،
دفتر ابجد را صفر شمارد بحساب،
در دبستان غمت هرکه سبق خوان گردد.

### (٦) ملا اوديس

"صاحب" جو همعصر ۽ شڪارپور جو رهاڪو هو. هي صاحب به درس ڏيندو هو ۽ گوشه‌نشيني، توڪل ۽ قناعت سندس معمول هئا.

---

(١) تذڪره لطيفي ج ٢ ص ١٣١
(٢) ايضاً، ص ١٣١-١٣٢

فارسيءَ جو بلندپايہ شاعر هو، پر افسوس جو سندس ڪلام سواءِ هڪ نعتيہ مسدس جي نہ ٿو ملي. شڪارپور جي، شاعر ”صنعت“ بہ ساڳئي بحر ۾ مسدس لکيو آهي، پر ”اويس“ جي مسدس ۾ درد اثر ۽ مينا ج وڌيڪ آهي. مسدس جو هڪ بند مثال طور ڏجي ٿو:

دل از گردش گردون تا تو بتواني،
بنال بر در درگاهِ شاه جيلاني،
کہ وا رهي ز عنايات او ز حيراني،
بہ اعتقاد درست و بصدق ايقاني،
بگو بہ عجز کہ يا شاه قطب رباني،
اغث يا ايزد يا دستگير جيلاني.

## (٧) محمد عارف ”صنعت“

ٽالپرن جي دور ۾ شڪارپور ۾ فارسي ۽ سنڌي جو بلند پايہ شاعر ٿي گذريو آهي. ۱۱۶۶هہ (۱۸۵۱ع) ۾ وفات ڪيائين. ”صنعت“ ۽ ”عارف“ تخلص ڪندو هو. سندس مڪمل فارسي ديوان سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. سندس شعرجو استاد ”ملا صاحبڏنو“ هو، جنهن جو ذڪر مٿي آيو آهي. صنعت خيمہ دوزي جو ڪم ڪندو هو. هيٺين شعر ۾ انهيءَ ڌنڌي ڏانهن اشارو ملي ٿو:

اي خيمہ دوز ”صنعت“ بهر خيام دوست،
برتاب از رگِ جان رشتہ طناب را.

”صاحب“ جي شاگرديءَ جو اعتراف هن طرح ٿو ڪري:

گر نيست صاف صحبت آئينہ وار ”صاحب“
”صنعت“ مثال طوطي شکر زبان نہ بود

شعر ۾ ايڏي ترقي ڪيائين، جو سندس استاد به هن طرح واکاڻيو:

به شعر "صنعت" "صاحب" اگر تو دم بزني،
بخلق يـــاد دهـــي معجـزه مسيحـا را.

صنعت جي وڏي عمر هئي. ٽالپورن جي دور کان پوءِ به جيئرو رهيو. ان زماني ۾ سندس قدرداني وارو ڪونه هو، تنهنڪري گوشه نشينيءَ ۾ گذاريائين. سندس ڪريما جو ترجمو موجود آهي. سندس فارسي ديوان سندس فرزند محمد امين مرتب ڪرڻ شروع ڪيو هو، پر هو جواني ۾ ئي وفات ڪري ويو. اهو ڪم شاعر جي ٻئي فرزند عبدالخالق مڪمل ڪري شيخ عبدالمجيد وڪيل جي معرفت ڇپايو. "ديوان" ۾ غزلن کان سواءِ قصيدا ۽ مسدس به آهن. قصيدن مان قصيدو "هفت رنگ" نهايت بلندپايه جو آهي. ايراني شاعرن هن قسم جا قصيدا لکيا آهن، پر سنڌ مان هي فخر هن شاعر کي حاصل آهي. نظاميءَ "سڪندر نامه" ۾ سج اڀرڻ جا مختلف نظارا ڏنا آهن. اهڙي طرح "هفت رنگ" ۾ "صنعت" به نهايت ڪمال ڪاريگريءَ سان سج اڀرڻ جا مختلف نظارا ڏنا آهن. چوي ٿو:

سفيد: آختہ چون شمشير زرين خسرو خاور سفيد،
بر زمين سلطانِ انجم را فتاد افسر سفيد.
شد نگون اعلام رنگ از رايتِ داراي روم،
چونِ سفيدِ فيل يا زرين عماري شد پديد،
مادهِ فيلِ سيه بگريخت زين پيکر سفيد.
محملِ سيمين فتاد از ناقه عمده بزير،
هودجِ زرين چون بستند بر اشتر سفيد.

ملا اويس جي مسدس جي طرز تي، حضرت جيلانيءَ جي شان ۾ مسدس چئي اٿس، جيڪا هن طرح شروع ٿئي ٿي:

علي الصباح چو آفاق گشت نوراني،
بر استانِ شهنشاه قطب رباني،
نهادِ خسروي سيارگانِ پيشاني،
پس از اداي سجود و بصد ثناخواني،
به عجز گفتهِ زدست رنج وحرماني،
اغثءِ با ايزد يا دستگير جيلاني.

سندس غزل بلند پروازي، معني آفريني ۽ نازڪ خياليءَ جا مرقع آهن. سندس شعر نهايت فصيح، وڻندڙ ۽ پر اثر آهي. سندس غزلن ۾ تغزل جي فراواني آهي. هن تاجدار سخن پنهنجي شهر جي تعريف به ڪئي آهي. اهو شعر شروع ۾ اچي چڪو آهي.

## (٨) نظام الدين

پير نظام الدين سرهندي جي مزار لڪي در تي مشهور درگاه آهي، جو امام رباني مجدد الف ثاني جي خاندان مان آهي. سندس نسب جو سلسلو هن ريت آهي:

"شاه نظام الدين "نظام" بن شاه غلام محي الدين بن شاه غلام صادق بن خواجه غلام محمد معصوم بن خواجه محمد اسماعيل بن محمد صبغت الله بن خواجه محمد معصوم بن حضرت مجدد الف ثاني."

سندس احوال اڳ ۾ هڪ مضمون ۾ اچي چڪو آهي؛ انهيءَ ڪري هتي نه ٿو ڏنو وڃي.

پارسي زبان جو بلند پايه شاعر ۽ نثر نويس هو. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

از لعل شکر ريز تو شوري فتاده کو بکو
بادام چشمي من بگو، پسته دهان کيستي

مجنون کشي ليلي و شي بسيار شوخ و دلکشي
سر تا بپا چون آتشي از دودمان کيستي

—

خال سياه بر رخ آن نازنين نشست
هندو ببين بخانهٔ اسلام دين نشست

سندس هڪ مناجات جو مسدس به مليو آهي، جنهن مان ٻه بند ڏجن ٿا:

آنکه احکام جمله را صانوا،
از هوا و هوس همه بانوا.
بامانات دين، ماه فانوا،
در اداي حقوق مادانوا.
و علي التابعين هم کانوا،
لخيام السداد کالوتدي.
بر درت اي شه خجسته سير،
افتداه "نظام" دين بنگر.
نيست جز تو وسيله اش ديگر،
نعرها ميکند بشام و سحر.
استغيثو لعاجز مضطر،
شمروا ذيلکم الي مددي.

## (٩) زين العابدين شاهه

مير عبدالهاديؒ جي اولاد مان هو، جو اصل اصفهان جو ويٺل هو. جڏهن نادرشاهه اصفهان کي تاراج ڪيو، تڏهن ١١٥٠هه ۾ لڏي مدراس ۾ آيو. مشهور حڪيم هو. هڪ دفعي ميان نورمحمد ڪلهوڙو بيمار ٿي پيو. مدراس جي نواب سان ميان صاحب جا تعلقات هئا. ميان جي لکڻ تي نواب، مير صاحب کي سنڌ موڪليو، جنهن جي علاج سان ميان صاحب خوش ٿيو. ڪلهوڙن جي زور پرڻ تي

مير صاحب سنڌ ۾ رهي پيو. انهيءَ وچ ۾ مير صاحب جو فرزند ابراهيم شاهه سنڌ ۾ ملاقات ڪرڻ آيو، اهو به مستقل طرح سنڌ ۾ رهي پيو. ١١٩٣هه ۾ مير صاحب وفات ڪئي. ان کان پوءِ سندس پٽ ابراهيم شاهه (ولادت ١١٥٣هه) کي اهو عهدو ڏنو ويو. ٽالپرن جي زماني ۾ آغا ابراهيم شاهه اچا به اعليٰ عهدي تي رسيو. ١٢٢٢هه ۾ لاڙڪاڻي جي پسگردائيءَ ۾ وفات ڪيائين. کيس پنج پٽ هئا: آغا اسماعيل شاهه، آغا باقر شاهه، اسحاق شاهه، رضا شاهه ۽ حسين شاهه. انهن کي به ٽالپرن عهدا ڏنا. آغا اسماعيل شاهه ٻارهن سال سنڌ جي حڪومت طرفان ڪابل ۾ سفير هو. کيس ڇهه پٽ هئا: آغا زين‌العابدين شاهه، آغا ڪاظم شاهه، آغا تقي شاهه، آغا نقي شاهه، آغا صادق شاهه ۽ آغا ابراهيم شاهه. انهن کي به ٽالپرن عهدا ڏنا. آغا زين العابدين شاهه، آغا نقي شاهه ۽ آغا ڪاظم شاهه شڪارپور ۽ ڪراچيءَ جا صوبيدار ٿي رهيا.

آغا زين‌العابدين شاهه ڇهه سال ڪراچيءَ جو نواب هو ۽ ٻه سال شڪارپور جو نواب هو. شڪارپور جو شاعر ”صنعت“ سندس تعريف هن طرح ٿو ڪري:

امير سيد زين‌العابد عالي قدر،
که آسمان به پناهش گرفته دامان است.
امير سيد زين العابد روشن راءِ،
که نور حسن ز سيماي او درخشان است.

مير نصير خان جي اوائلي دؤر تائين شڪارپور جو نواب رهيو. فارسيءَ جو بلند پايه شاعر هو. سندس شعر ۾ رواني، نازڪ خيالي ۽ بلند پروازي موجود آهي. ”عابد“ تخلص ڪندو هو. نموني طور سندس ڪجهه شعر هت ڏجي ٿو:

در تبسم، بمن آن يار دميد افسون را،
برد از غمزه يکبار دل محزون را.

خواستم عرض دل زار نمایم بـا یـار،
کم نمو دم چو بدیدم رخ او مضمون را.
برد لیلي صنمي عقل و دل و دین از من،
ناصحا چند دهـي پند مـن مجنون را.
چـارهٔ عشق ز تـدبیـر طبیبـان نشـود،
عشق چیز یست کہ شیدا کند افلاطون را.
بادهـم جـان بتمناي وصـالش "عابـد"
باکـہ دربر کشم آن سرو قـد موزون را.

---

آن مه تابان کجا و عارض جانان کجا،
هر دو تابانند اما این کجا و آن کجا.
سنبل بستان و زلف عنبرین این نگار،
هر دو پیچانند اما این کجا و آن کجا.
چشم آهوي ختا و نرگس شوخ بتان،
هر دو فتانند اما این کجا و آن کجا.
لولوي سیراب عقد گوهر دندان یـار،
هر دو غلطانند اما این کجا و آن کجا.
ابر آذري رعد و دیدهٔ "عابـد" ز هجر،
هر دو گریانند اما این کجا و آن کجا.

آغا زین‌العابدین شاهہ ٢- جمادي الاول ١٢٢٨هہ تي وفات ڪئي ۽ حیدرآباد ۾ مدفون آهي. سندس اولاد اڃا تائین ٽنڊي اسماعیل (ٽنڊي آغا) ۾ رهي ٿو.

## (١٠) میر ڪاظم شاهہ

آغا زین‌العابدین جو پاٽ، میر ڪاظم شاهہ، میر مراد علي‌ءَ جي زماني ۾ شڪارپور جو نواب ٿي آیـو ۽ تیرهن سال نوابي هلایائین.

١٨٣٣ع ۾ جڏهن مير نور محمد حيدرآباد جو مير ٿيو ته اوچتو افغانستان جو معذول تاجدار "شاه شجاع" شڪارپور تـي ڪاهي آيو ۽ مير ڪاظم شاه کي معزول ڪري شڪارپور قبضي ۾ ڪيائين. مير ڪاظم شاه ٽالپرن ڏانهن اطلاع موڪليو، جن شجاع جي مقابلي لاءِ فوجون موڪليون. شڪارپور جي وچ تي لڙائي لڳي، جنهن ۾ ڪاظم شاه ۽ ٽالپرن جي فوج جو سردار گولي شاه شهيد تـي ويا، ۽ ٽالپرن کي شڪست آئي. ٽالپرن ٻارهن لک ڏيئي، "شجاع" سان ٺـاه ڪيو. ڪاظم شاه جي شهادت ١٢٤٩ھ ۾ واقع ٿي ۽ اتي ئي مدفون آهي. آخوند صاحبڏني سندس شهادت جي تاريخ هن طرح منظوم ڪئي آهي:

چون نداي ارجعي را شد مجيب
شـد شهيد و درافاني را گذشت.
دوستان را ديدها پرخـون گرفت،
خويشتن آسـوده‌ء درخلـد بهشت.
در شهادت نامِ نش دوران بخواند،
ميرمحمد ڪاظم از جانِ گذشت (١٢٤٩ھ)

مير ڪاظم شاه علم ۽ ادب جو وڏو سرپرست هو. آخوند صاحبڏنو سندس ثناخوانن مان هو. مير صاحب فارسيءَ جو بلند پايه شاعر هو. شڪارپور کيس ڏاڍو پسند هئي. هيٺين شعر ۾ شڪارپور جي تعريف ڪئي اٿس:

شڪارپور عجب جاي خوب رويانست،
مقام و منـزل و ماواي عندليبانست.
نه موسمِ گل فصلِ بهار باشد، ليک،
بهر طرف کـه نظر ميکنم، گلستانست.

سندس ٻيو شعر به نموني طور هت ڏجي ٿو:

آنکه کـه غمِ سيمبري داشته باشد،
از حال دل من خبري داشته باشد.

از بعد وفاتم چہ شود یار گر از لطف،
بر خاک مزارم گذري داشتہ باشد۔
دارم هوس وصل قدش کي بود آندم،
کاین نخل امیدم ثمري داشتہ باشد۔
سر خوش هم شب اینهم افغان کہ توداري
شاید بخیالش اثـري داشتہ باشـد۔

—

تو شبانہ مي نمائي ببرکہ بودي امشب،
کہ هنوز چشم مست اثـر خمار دارد۔

## (١١) خليفو ڪرم الله

خليفو ڪرم الله ولـد حافظ محمد رمضان شڪارپور ۾ خدا جو نيڪ ٻانهو ٿي گذريو آهي. ڪهڙن وارن مخدومن جو مريد هو. خلافت جي پڳ بہ اتان ئي ملي هيس. عربي ۽ فارسيءَ جـو وڏو عالم هـو. شروعات ۾ رنگريزيءَ جـو ڌنڌو ڪندو هو، جنهن جـي ڄاڻ سندس فارسي ڪلام مان بہ پوي ٿي. سنڌيءَ، سرائڪيءَ ۽ فارسيءَ ۾ شعرچيو اٿس. وڏيءَ عمر ۾، ١٢٧١ھ ڌاري وفات ڪيائين. ڪنهن شاعر سندس وفات جي تاريخ هن طرح لکي آهي:

”بهشت یافت ز الله ها تفا گفتا“ (١٢٧١ھ)

سندن فرزند نصرالله بـہ وڏو عالم هو، پر هو لاولد وفات ڪري ويو. سندن تربتون شڪارپور جي ”انصاري محلي“ ۾ آهـن. سندس ڪليات مان فارسي شعر گهڻو ضايع ٿي ويو آهي، تنهن هوندي بـہ ڪجهہ موجود آهي:

ساقیا جامي بده تا در صفـ رندان شوم،
فارغ از دنیا و دین یک لحظہ چون مستان شوم۔
این خیالي از ازل درسینہء مـن جـا گرفت،

عاقبت در عشق او افسانهٔ دوران شوم.
در گلويم مي نهد تيغِ جفا آن شوخ چشم،
کي بيابم اين چنين دولت که در مردان شوم.

جفا خوي جفا کاري بت - سرمست عياري،
دل آشوبي دل آزاري جفا جو اين چنين بايد.

مير علينواز علوي شڪارپوريءَ، ان جي جواب ۾ هڪ غزل لکيو، جو "مفرح القلوب" جي ٢٧- آڪٽوبر ١٩٢٨ع جي پرچي ۾ شايع ٿيو :

جان غمگين را روان در کوي جانان ميکنم،
از براي آنکه کار - عشق باجان ميکنم.
اشک خون آميز اندر خلق رسوا ميکند،
راز را در سينه هر چندانکه پنهان ميکنم.
چونک ديدم چهرهٔ پر نور قد - دلکشت،
خنده بر گل طعنه بر سرو - گلستان ميکنم.
اين غزل "علوي" جواب - آنکه ميگويد "رهي"،
عندليبم در بهاران شور و افغان ميکنم.

## (١٢) شير محمد قريشي

شڪارپور جو رهاڪو هو، ۽ جيڪب آباد ضلعي جي سول ڪورٽ ۾ منشي هو. آخر سرشتيدار ٿيو. حافظ جي هڪ مشهور غزل تي تضمين طور ان دور جي پارسي جي شاعر رسول بخش "رهي" هڪ مخمس لکيو هو:

اسير - حلقهٔ موي تو رستگارانند،
گداي گوشه کوي تو شهر يارانند.
ذليل عشق - جمال تو کامگارانند،
" غلام - نرگس - مست - تو تاجدارانند،
خراب بادهٔ لال تو هوشيارانند."

نه مـن به آفت ـ عشق ـ تو در بلايم و بس،
نه مـــن بحلقهء زلف تـــو مبتـلايم و بس.
نه من بنرگس ـ مست تو جان نـــدايم و بس،
” نه من بران گل ـ عارض غزل سرايم و بس،
که عندليب تو از هرطرف هزارانند.“

شيرمحمد ان جي جواب ۾ مخمس لکيو، جو اخبار ”مفرح القلوب“ جي ١٨ - اپريل ١٨٧٧ع جي پرچي ۾ ڇپيو. انجا ٻه بند ڏجن ٿا:

پيـاده منـــزل ـ عشق تـــو شهسوارانند،
عليل درد بـلائـــي تـــو خوشگوارانند.
ذليل طالب ـ ديدن تـو بخت يـــارانند،
” غلام ـ نرگس ـ مست ـ تـــو تاجدارانند،
خراب بادهء لال تو هوشيارانند.“

نه بار بار بگوئي تـــو مـــن در آيم بس،
بيـاد روشن روي تـــو در صـــدايم بس.
بجـــور ستم ز خوي تـــو در جفايم بس،
”نه من بر آن گل ـ عارض غزل سرايم بس،
که عندليب تو از هرطرف هزارانند.“

## (١٣) پير رفيع الدين

پير نظام الدين سرهندي جو فرزند هو. وقت جو وڏو با اثر ماڻهو هو. ميونسپل ڪميٽي جو ڪائونسلر ۽ ڪمشنر سنڌ جو ڪرسي نشين ٿـي رهيو. سن ١٩١٧ع ۾ وفات ڪيائين. واحـدبخش عاشق سندس وفات جي تاريخ هن طرح چئي آهي:

رفت ازجهان اعليٰ ضمير ـ سرهندي رفيع الدين پير

پارسي، سنڌي ۽ اردو ۾ شعرچيو اٿس. اردو ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي تعريف ڪندي چوي ٿو:

احمد محمد مصطفيٰ هي شافع - روز جـــزا
سردار انبيـــا كـــو ميرا سلام هي

پيغمبرون كـــا خـــاتم هي پيشوائي عالم
محبوب كبريا كو ميرا سلام هي

## (١٤) احمد

مرزا احمدعلي ”احمد“ بن محمدحسين اصل قلات جو ويٺل هو. قلات جي خان، مير خداداد خان، سان اختلاف ٿيڻ جي ڪري١٨٧٣ع ۾ لڏي جيڪب آباد ۾ اچي ويٺو ۽ پوءِ خيرپور جي والي ميرعلي مراد خان جي دربار سان وابسته ٿيو. ان وچ ۾ شڪارپور ۾ اچي ويٺو. ڏيڍ سال ٽالپرن سان وابسته رهي، انگريز سرڪار جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو ۽ انهي ڪري ٺٽي ۾ وڃي ويٺو. سندس خاندان جا ڪجھ افراد شڪارپور ۾ رهي پيا. ١٨٩٤ع ۾ خداداد خان معزول ٿيو ۽ مير محمود خان (المتوفي ١٩٣١) گاديءَ تي ويٺو. انهيءَ احمد علي کي گهرايو ۽ پاڻ وٽ عهدو ڏنائينس. سال کان پوءِ ٢- ذوالقعد ١٣١٢ھ (١٨٩٤ع) ۾ وفات ڪيائين ۽ ڪوئٽيا ۾ مدفون ٿيو.

فارسيءَ جو شاعر هو ۽ ”احمد“ تخلص ڪندو هو. ان وقت جي فارسي اخبار ”مفرح القلوب“ ۾ سندس شعر شايع ٿيندو هو. ١٦ نومبر ١٨٧٣ع (٢٥ رمضان ١٢٩٥ھ) جي پرچي ۾ جيڪو سندس شعرشايع ٿيو، ان ۾ ”سکنه قلات“ درج آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ان کانپوءِ سنڌ ۾ آيو. ١٣- آگسٽ ١٨٧٦ع (٢٢- رجب ١٢٩٣ھ) جي پرچي۾ جيڪو سندس شعرشايع ٿيو، ان مان معلوم ٿئيٿو ته هو خيرپور جي ٽالپرن جي نوڪري ۾ هو. ١٨- مارچ ١٨٧٧ع (١٢- ربيع الاول ١٢٩٤ھ) جي پرچي ۾ جيڪو سندس شعر شايع ٿيو، ان ۾ ”حال وارد شڪارپور“ لکيل آهي. هن مان سمجهجي ٿو ته هو ان وقت تائين

شڪارپور ۾ هو. ۱- سپٽمبر ۱۸۷۸ع ۽ ۵ جنوري ۱۸۷۹ع جي پرچن ۾ جيڪو شعر شايع ٿيو، ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ان وقت نوشهري فيروز ۾ لوڻ جو ناظر هو. يعني هو سيپٽمبر کان اڳ شڪارپور ڇڏي ويو هو. شڪارپور جي تعريف ۾ شعر لکيائين، جو ۱۴- نومبر ۱۸۸۰ع جي پرچي ۾ ڇپيو. اهو هي آهي:

بهشت روئ زمين گلشن شڪارپور است،
نگار خانۀ چين گلشن شڪارپور است.
بقصر هاي فراوان و گلرخان وفير،
بباغ خلد برين گلشن شڪارپور است،
اگر ز روضه مينو سواد گفتندي،
يقين شدم که همين گلشن شڪارپور است.
چه احتياج کند سوي گلشن "احمد"،
کسي که ساکن اين گلشن شڪارپور است.

سندس شعر جو نمونو ڏجي ٿو:

قامتش تا در قيام آمد، قيامت خواندمش،
خال رخسارش بديدم حرز جان ناميدائش.
اشک چشم تا روان شد بحر خون نامش فتاد،
آستينم پر ز خون شد گلستان ناميدنش.

---

از مني عشق تو مخمور و ز خود بيخبرم،
نازنينا بسر نرگس مست تو قسم
از فرق تو شب و روز بخود مي پيچم،
بخم گيسوي پر پيچ و شکست تو قسم.

## (١٥) والڍنو فقير

سندس والد جو نالو الھورايو ھو. سندس وڏو ڏاڏو طيب، حضرت شاھ فقيرالله علويءَ جو همعصر ۽ پاڙيسري ھو. ١٢٣١ھ يا ١٢٣٢ھ ڌاري سندس ولادت ٿي. ۽ ١٣٠٧ھ مطابق ١٨٨٩ع ۾ وفات ڪيائين. عربي ۽ فارسيءَ جي چڱي تعليم حاصل ڪئي ھئائين. ان کان سواءِ جفر ۽ نجوم ۾ به دسترس حاصل ھئس. ٺيڪيداري جو ڌنڌو ڪندو ھو. فارسي، سنڌي ۽ سرائڪي ۾ شعر چيو اٿس، جنھن ۾ تخلص "فقير" آندو اٿس. سندس ڪلام راقم‌الحروف مرتب ڪري رھيو آھي سنڌي ۾ علم عروض موجب غزل چيا اٿس، پر انھن ۾ ڪافي، جو رنگ به نظر اچي ٿو. سندس فارسي شعر جو نمونو ھيٺ ڏجي ٿو:

وقت سحر آمد پري مهتاب زيبا خنده رو،
چشمش چو آھو مست بود آشفته موي خوبرو.
خوشبوء نموده بسترم ھم خانه در ديوارھا
بشسته چون کنعان مه فرخنده پيکر ماھرو.
کردم سوال پيش آن گفتم که راز خود بگو،
از پسته لب ريزيد شکر گفت حال مو بمو.
گفتا که روزے چند بود در خاطرم فکري‌همين،
گيريم صحبت با وفا الفت به ايشان نيک خو.
گفتم که آورده ترا، گفتا که شوق خاطرم،
گفتم که چندے مدتے ما نيز دارم آرزو.
گفتا وصال- شهپري از دست- تو بد برتري،
بخت نموده ياوري کردم دماغت مشکبو.

—

اے ديد بين تو تاب- زلف و پيچ دلبري،
شرمنده رخت کرده چه گل بوي عنبري.

چون مار بسته حلقه‌بر خسار خود کمند،
در دام آوریده خوبان سروري.
با چشم سرخ ترک نظر باز بنگرد،
مدهوش مي نمايد شيداي افسري.
گرسرو ساز باز نهد الفت اي ”فقير“
ديگر حيات يابم از بنده پروري.

## (١٦) فقير احمد علي

سندس وڏا اصل شڪارپور جا ويٺل هئا، پر زماني جي گردش سبب سندس خاندان ڪڏهن روهڙي ۾ رهيو، ته ڪڏهن گهوٽڪي ۾. سندس ولادت ١٨٦٩ع ۾ ٿي ۽ ١٩١٧ع ۾ وفات ڪيائين سنڌي‌ماستر هو. آخري عمر ۾ پير گوٺ ۾ هيڊماستر هو، جتي غريب‌الوطن ٿي وفات ڪيائين. ١٩٠٩ع ۾ درازي درويش سائين سخي قبول محمد جو مريد ٿيو. سنڌي ۽ فارسي جو شعر چيو اٿس. سندس فارسي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

دلم از نور احديت بلي پر نور ميباشد،
ز اسم شه محمد سينه ام معمور ميباشد.
بود در حلق‌من طوق محبت پنجتن‌پاکان،
ز مهر چار يارانجسم من مستورميباشد.

## (١٧) مولانا غلامرسول عرف محمد هاشم

سندس بزرگوار جو نالو خليفو پيرمحمد هو، جيڪو شڪارپور جي بزرگ خواجه امين‌شاهه چشتي جي وڏي خليفي[1] صاحبڏني[2] چشتي جو پوٽو هو. مولوي غلام رسول صاحب جي ولادت شڪارپور ۾ ٢- مارچ ١٨٦٣ع تي ٿي. ابتدائي‌تعليم قاضي سيد بهادرعلي شاهه‌لودين

کان حاصل ڪيائين، جيڪو حضرت خواجه سيد گيسودراز چشتيءَ جي اولاد مان هو. پنهنجي استاد ۽ حضرت مولانا خليفي پير محمد چشتي جي مريدي به اختيار ڪيائين. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ نواب سخي مددخان جيجامع مسجد جو پيش امام ۽ خطيب ٿي رهيو. ان کان سواءِ حڪمت جو ڌنڌو به ڪندو هو. مولوي صاحب ٽيهٺ ورهين جي عمر ۾ ٢٧ جون ١٩٢٦ع تي وفات ڪئي.

مولوي صاحب کي علم و ادب ۽ شعر و شاعريءَ سان به گهري دلچسپي هئي. پند و نصيحت جي سلسلي ۾ قديم سنڌي نظم ۾ ٽي ڪتاب لکيائين، جهڙوڪ "تنبيه المسلمين" "معراج نامہ" ۽ "ميلاد نامہ". انهن کان سواءِ شعر جو مجموعو "مجموعہ ڪلام هاشم" پڻ يادگار ڇڏيو اٿس، جنهن ۾ سنڌي ۽ سرائڪي کان سواءِ فارسي ڪلام به آهي. تخلص "هاشم" ڪندو هو. سندس فارسي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

دلم کز شوقِ عشقِ یار شدمست،
تنم از مهر آن دلدار شدمست.

ازین میخانۂ پاکان چشیدند،
حبیب و مالک دینار شدمست.

ازین میخانۂ چشیده جرعہ مقصود،
اناالحق گفتہ و بردار شدمست.

بگردیدم همہ گلزارِ عالم،
بہ نظرِ من همہ گلزار شدمست.

اگر پرسي تو از "هاشم" حقیقت،
ازین مي خفتہ و بیدار شدمست.

## سنڌي شاعر
## ملا صاحبڏنو "صاحب"

سنڌي ۽ پارسي جو بلند پايہ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس پارسي شعر جو نمونو اڳ ۾ اچي چڪو آهي. سنڌيءَ ۾ ڇيل سندس اغثني جي مدح سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مقبول آهي، جيڪا سه حرفي جي صورت ۾ آهي. نموني طور شروعات جا ٻہ بند هيٺ ڏجن ٿا:

الف- اول اي سچا لهہ سار سونهان سيدا؛
مجتبيٰ مختيار مرسل، ماڙ ڪر يا محمدا؛
تو بنا ناهي ٽڳڻ، عاجز اٻوجهن، احمدا،
نور نرمل ڪر نظر، مان تي نبي نورالهدا؛
اغثني يا سيدا رس يا نبي خيرالبشر.
غور ڪر غمگين جو اي نور نافع نامور.

ب- پلا تون پروسو ارحم اڙٻن آڌار جي؛
تون نبين جو نبي آهين سچا سردار جي؛
رهبرا روشن ڪيو، آگي سڀو اسرار جي؛
لڱ ڏسڻ ڏاتار تنهنجي، تو سڪي سنسار جي؛
اغثني يا سيدا رس يا نبي خيرالبشر.
غور ڪر غمگين جو، اي نور نافع نامور.

هڪ مدح حضرت غوث اعظم جي ثنا ۾ بہ ڇٽي اٿس. ان ۾ بہ ساڳيون خصوصيتون موجود آهن. نموني طور هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو:

زمانو زبون ٿيو، وقت تيرهين سني؛
ظاهر دوستي بعد ڪن دشمني؛
ڪٿن قسم ڪوڙا ڪائن حق هٽي،
انهن آدمين ڪان رکين تون ڌٽي؛
پهچ پير در ماندگان دستگير!
مريدن مدد ڪر محي‌الدين مير!

سندس مولودن مان ٻه هڪ مولود هيٺ ڏجي ٿو. سندس مولود گهڻو ڪري علم عروض موجب آهن. هي مولود ٻه بحر هزج مثمن سالم تي آهي:

گهوريان جنسار جنت جا، گهوريان گلشن بهشتن جا
گهوريان سڀ عيش عالم جا، بنا ديدار ساجن جي
١- عجب لنؤ ڪا پرين لاتي، اٿئي ويٺي سندن واٽي
لڳي خوش ڪانه ٻي ڪائي، سوا محبت سپيرين جي
٢- من الله المولي فله الڪل، جنين سمجهو تنين حاصل
انهن آسان هرمشڪل، حمايت ساڻ هوتن جي.
٣- اها وائي شهر واسي؛ ٻره ۾ ڪو مرڻ باسي
سيد تن ڪئون ناهي پاسي، ثمر سوري سنباهن جي
٤- محل ماڙيون دنيا دولت؛ ۽ هي حجرا زيور و زينت
ايندا ڪم ڪين منجهه قيامت، پرين درسن ديکائن جي.
٥- چئي "صاحبڏنو" محبن، ڏنو دارون سندو دردن،
ٿيو وهمن کان خالي من، ٿيس آڏو عجيبن جي.

## محمد عارف "صنعت"

سنڌي ۽ پارسي جو بلند پايه شاعر هو. سندس پارسي شعر جو نمونو اڳ ۾ ئي اچي چڪو آهي. سنڌيءَ ۾ ڪريما جو ڪيل ترجمو مليو ٿو. ان مان نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

### فضيلت علم

لهي علم کان تو آدمي
نه دولت کنا ۽ نه خادمي
پنيان علم جي شمع جيئن ڳار پاڻ
جو علم ري مشڪل خدا جي سڃاڻ
سدا نرخ بالا رهي علم جو.

## ڀائي چين راءِ الڏ ”سامي“

بلند پايہ هندو و ويد انتي شاعر ڀائي چين راءِ (سامي) شڪارپور جي مردم خيز خطي ۾ تولد ٿيو. هو بچومل جو پٽ ۽ ذات جو لنڊ هو. سندس پيءُ جيئن تہ هڪ آسودو ماڻهو هو، تنهنڪري هو لاڏ ڪوڏ سان پليو. ان هوندي بہ سندس دل ننڍي هوندي کان ئي ساڌ سنگت ڏانهن مائل هئي. ڀوهہ جوانيءَ ۾ سندس ملاقات ويدانتي مهاپرش سوامي مينگهراج سان ٿي، جنهن جي سنگت کيس رڱي رتو ڪري ڇڏيو. سوامي مينگهراج پاڻيٺ هو؛ ۽ احمدپور (بهاولپور) جو وينل هو. سير سفر ڪندو اچي شڪارپور نڪتو هو، ۽ هاٿي در جي لڳ هيمنداس جي ٽڪاڻي ۾ رهندو هو. هو وڏو ودوان ۽ آتم گيان جو پنڊار هو. ڀائي چين راءِ ان گروءَ ۾ ايڏو تہ گم ٿي ويو، جو پاڻ ئي وساري ڇڏيائين؛ ۽ جيڪو بہ ڪلام چيائين ان ۾ پنهن جو نالو لڪائي پنهنجي گروءَ جو نالو ظاهر ڪيائين، ۽ ”سامي“ جو تخلص استعمال ڪندو رهيو.

اهڙو اچي ويراڳ لڳس، جو ٻارين ٻچين امرتسر هليو ويو؛ جتي ڪجهہ وقت رهي وري موٽي ماڳ آيو. موٽي اچڻ کان پوءِ هو آتم گيان سان مالا مال ٿي چڪو هو؛ پر هن زندگي اهڙي نموني گذارڻ شروع ڪئي، جيئن کيس لوڪ لکي نہ سگهي. هو ذات پات ۽ ڌرم جي ٻنڌڻن کان آجو ٿي چڪو هو. خلق جي خدمت لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏيائين. سؤ سال جي عمر ۾ ١٨٥٠ع ۾ چالاڻو ڪيائين. سندس نالي جي نسبت سان شڪارپور ۾ ”سامي شير“ محلو آهي.

ساميءَ سلوڪ چيا آهن، جي آتم جي گيان جي اپٽار ڪن ٿا؛ ويدانت کي نهايت وضاحت سان ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. صاف صاف چيو اٿس:

”ويدن“ جو ويچار سي سنڌي منجهه سڻايم:
هو جهان جي فاني هجڻ کي نهايت کولي بيان ڪري ٿو. جهان کي سپني جي سک سان ڀيٽ ڏئي چوي ٿو:-

”جيئن سک سپني جو، مرگهه ترشنا جو جل“

جيئن ته جهان فاني آهي، تنهنڪري پانهي کي هن جهان جي جنجال مان آزاد ٿي، مالڪ سان ملڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ ڪيس ساڌ سنگت اختيار ڪرڻ گرجي:

جنهنکي رنگ لڳو، سامي ساڌ سنگت جو،
اتي تنهن جي گهر مون اوديا بت ڀڳو،
ڪيائين صاف سمجهه سان، پڇو ۽ اڳو،
وڪٽي ڏور ڏٺو، سته مليو سروپ سان.

نهٺائيءَ ۽ نماڻيءَ تي به زور ڏنو اٿس. هڪ سلوڪ ۾ چوي ٿو:
هٺي هوڏ نه ڪر، مٺي محبوبن سان،
پيهين چڪيون ڏوءِ پائي، محبت مٺيون پر،
ته دوست تنهن جي در، پيهي اچي پاڻهي.

خدا جي خلق جي خدمت جي به ڏاڍي زوردار نموني تلقين ڪئي اٿس. ايتري قدر جو چوي ٿو ته شيوا لاءِ هر تڪليف ۽ لوڪ جا طعنا بر داشت ڪرڻ گهرجن:

شيوا منجهان جن، لڌو لعل اڻ ملهو،
سي سامي سڪ سچيءَ سان سدا شيواڪن،
لٺيون مڪان موچڙا، سيپئي سهن،
رتا رنگ رهن، اٿي پهر عجيب جي.

آتم گيام تڏهن حاصل ٿيندو، تڏهن ٻيائيءَ کي ٻاهر ڪيدي ڦٽو ڪبو:

فارسي ۽ هندي؛ سنت چون تا ڳالھ ھڪ،
سمجھي ڪو سامي چئي، ٻيائيءَ ٻنان ٻندي؛
چڙھي انهيءَ اڇ تــي، وٺي راھ رنـــدي؛
پــائي گيان گندي؛ سمھي سڪ‍ٽ سيج تــي.

مطلب تہ سندس سلوڪن ۾ ويدانت جــي سکيا، سادي ۽ سڌي سئين نموني سيڪاريل آھي. ھو پنھنجو مطلب اشارن، عناين ۽ تمثيلن ۾ بيان نہ ٿو ڪري. البت تشبيھون ۽ استعمارا استعمال ڪيا اٿس. سندس ٻولي سپڪ ۽ سلوڻي آھي.

## خليفو ڪرم الله

سنڌي ۽ پارسي زبانن جو قادرالڪلام شاعر ھو شعر جو نمونو اڳ ۾ اچي چڪو آھي. سنڌي زبان ۾ قديم نوع تي بيت ۽ ڪافيون بہ چيون اٿس تہ، علم عروض ۾ غزل بہ چيا اٿس. ان کانسواءِ ”مينا ۽ ڪانءُ“ جي نالي سان مناظرو بہ منظوم ڪيو اٿــس. سنڌي شاعريءَ مناظره جي صنف اڳتي ھلي تمام گھڻو مروج ٿي، پر قدامت جي لحاظ کان خليفه صاحب جي مناظره کي اوليت جو شرف حاصل آھي. قدامت کان سواءِ خليفه صاحب جي مناظري جو شعر نھايت پاڪيزه آھي. مينا مان سندس مطلب آھي پاڪيزه انسان؛ ۽ ڪانءَ مان مراد آھي نفس اماره.

خليفه صاحب جون ڪافيون دلڪش ۽ پراثر آھن. صنعت تجنيس حرفي ۽ نرم ۽ سپڪ لفظن ذريعي رنگيني ۽ رواني پيدا ڪرڻ جي چڱي ڪوشش ڪئي اٿس. نموني لاءِ ھڪ ڪافي ھيٺ ڏجي ٿي:

۱- وجھي جيءُ جنجل ۾ جيڏيون؛
سوٽان ھــوت ڪري ويــم ھيڏئون؛
لونءَ لـــونءِ ۾ ويـــو لائــي.

٢- وات وندرجي آهٖ تان ويندس؛
لوڙي لعل لڪن سان لهندس؛
پريــن پــار پـــڇــائي.
٣- ٻـاري ٻـاهہ ٻـرهہ مـحبن
سي مچ من مان ڪيئن وسامن
ويــــڙا درد دڪــــائـــي،
٤- ”ڪرمون“ ڪاڻماندو جنهنجي؛
مولا سي تہ محبت مـلائي؛
واحـــد وطـــن ورائـــي.

## والڏنو فقير

پارسي، سنڌي ۽ سرائڪي زبان جو ٻلندپايہ شاعر ٿي گذريو آهي. پارسي شعر جو نمونو اڳ ۾ اچي چڪو آهي. سنڌي ۾ علم عروض موجب غزل چيا اٿس، جي ڪافيءَ جي رنگ ۾ رڱيل آهن. يعني غزل ۾ ڪافيءَ وارو تسلسل غزل چئي سگهجي ٿو. سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جي شروعات حضرت سچل سرمست ڪئي، گل مـرحوم جي ديوان ۾ ڪجهہ مسلسل غزل ملن ٿا. مرزا قليچ بيگ جـا اڪثر مسلسل غزل آهن.

ميان والڏني غزل ۾ جيتوڻيڪ تسلسل رکيو آهي، تڏهن بہ تغزل جو پورو پورو لحاظ رکيو اٿس. سندس غزل ۾ حسن ۽ عشق، ۽ هجر ۽ وصال جو بيان فنائتي ۽ دلڪش انداز بيان سان آيل آهي. البت پارسي غزل جي روايت جي خلاف محبوب تي ميار نٿو رکي، پر وصل لاءِ واجهائيندي، نهايت نهٺائيءَ ۽ نماڻائيءَ سان ٻديون ٻخشائي ٿو. اها قديم سنڌي شعر جي روايت آهي. مطلب تہ جيتوڻيڪ سندس شعر جو قالب عروضي آهي، تڏهن بہ سندس شعر تي قديم سنڌي شعر جو اثر غالب آهي. نموني لاءِ سندس هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿو:

١- وڏو تہ آسرو دل کي، اڳڻ منهنجي پرين ايندا
دلاسو دل ڏتاريل کي ڏسڻ سان ئي اچي ڏيندا،
٢- وسن تا مينهن محبت جا وهن تا تار نيڻن کون
اتاري هن اجايل کـي پيالو پـر پياريندا.
٣- برهہ جي باهہ جا پڙڪا ڪڍن تا جوش لونءَ لونءَ ۾
مهر جو مينهن محبت سان وسيلو ٿي وسائيندا.
٤- بديون بدڪار جون ميٽي وڇوڙا ورهہ جا ريٽي
چريءَ جا چاڪ سڀ چيٽي چيهي چرڪان ڇڏيندا
٥- اميدان دل سنديون آخر "فقيرا" هو پڄائيندا
ملڻ جي ساز کي ڇيڙي، مٺي دلڙي جياريندا.

فقير صاحب جي اولاد مان عبدالوهاب ناظم سٺو شاعر ٿي گذريو، آهي، جنهن جو احوال پوءِ ايندو.

## محمد اڪرم

محمد اڪرم ولد آدم خان پٺاڻ شڪارپور جي محلي "ڪڙي عطا محمد" جو ويٺل هو. سندس والد، نواب عبدالغفور جي ڏينهن ۾ شڪارپور آيو. جيڪو ١٨٣٠ع ۾ افغان حڪومت جي طرفان شڪارپور جو نواب ٿي آيو. سندس ئي ڏينهن ۾ ميرن شڪارپور تـي ڪاهيو. محمد اڪرم جـي ولادت ١٨٤١ع ڌاري ٿـي. تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ پوليس جـي ملازمت اختيار ڪيائين، جتان ١٨٩٦ع ۾ رٽائر ڪيائين. سن ١٩٠٥ع ۾ وفـات ڪيائين.

محمد اڪرم سنـڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ۾ ڪافيون چيون آهـن، جن ۾ سوز ۽ درد آهي. فن موسيقيءَ ۾ ماهر هو، تنهنڪري سندس ڪلام ۾ روانـي ۽ شگفتگي پيـدا ٿـي آهي. سندس ڪلام جو موضوع تصوف آهي، جنهن کي هن جماليات جي رنگ ۾ رڱڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هڪ ڪافي هت ڏجي ٿي.

عشق تنهنجي ڪيو رنجور- محب تون ڪر ڪا ملڻ جي

١- درد حسن جي ڪيس ديواني- چاڪن ڪئي مان چور
ڪر ڪا يار ورڻ جي.

٢- باه بره جي ڪري ٿي پڙڪا- ساڙي جنهن ڪيو ڪلور
ڳالهه ڪرين ڪا دوست ڳنڍڻ جي.

٣- راتيون ڏينهان عشق تنهنجي جا- پلپل پون ٿا پور
پرٿون ڪريو ڪا ريت رکڻ جي.

٤- چوي "اڪرم" حڪم هاديءَ سان- حاصل ٿيندو حضور
رهت چڏي ڏي يار رسڻ جي.

محمد اڪرم جا مولود به ملن ٿا. سندس هڪ مولود مان ڪجهه بند هيٺ ڏجن ٿا:

سرور توکي سيدا! تو ساري ساهه سدار.
ٿئي توتان جان فدا، جنهنجو غورڪريو غمخوار.

١- جيئري جاني سي پسان، متا موچورا
سچا سونهارا! منهنجو غور ڪريو غمخوار.

٢- جڏيءَ جيڏا تو بنان، ڏکيءَ ڏک ڏنا!
محب! موٽ متا، منهنجو غور ڪريو غمخوار.

٣- هينئڙي منجهه حبيب جا، مگر مچ متا،
جيرا خوش جتا، منهنجو غور ڪريو غمخوار.

٤- عرض "اڪرم" تو ڪري، خاص دوست خدا،
جانب ٿيءَ نه جدا، منهنجو غور ڪريو غمخوار.

## مير محمد اسلم علوي

شڪارپور جي علوي خاندان مان هو. زندگيءَ جو آغاز استاد جي حيثيت سان ڪيائين. ملازمت سان گڏ طب جي خدمت به ڪيائين

حڪمت ۽ طب جي موضوع تي سنڌي زبان ۾ پنج گرانقدر ڪتاب لکيائين، جن ان دور ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. انهن ڪتابن جا نالا هي آهن: گلشن حڪمت، آب حيات، تحفةالعاشقين، قرابادين علوي ۽ اڪسير علوي. پويون ڪتاب ٩٠٠ صفحن تي مشتمل ضخيم ۽ باتصوير ڪتاب آهي، ۽ طبي ادب ۾ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. سندس اڪثر ڪتاب شڪارپور جي مشهور ڪتب فروش پوڪرداس ٽانورداس ڇپايا. ڪن ڪتابن جون ته ڏهه ڏهه ايڊيشنون به شايع ٿيون.

مير صاحب سنڌي ۾ شعر به چوندو هو، ۽ ”اسلم“ تخلص ڪندو هو. مير صفي الله ”فدا“ سندس شاگرد هو. ان دور جي شاعرن سان سندس شاعرانه نوڪ جهوڪ به هلندي هئي. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

طمع ڪي ڏي ترڪ، دنيا سان نه رک دل جو خيال
سي نه لهندا لعل ڪي، جي دل رکن دينار سان
مست متوالا تين ٿا، جڏ پسائي پاڻ تو
جيئن ڪليم‌الله بيخود، طور جي ديدار سان.

## قاضي محمد باقر ”راقم“

قاضي محمد باقر شڪارپور جو ويٺل هو، ۽ مير علي نواز علوي جو همعصر هو. سندس هڪ غزل مان ڪجهه شعر ڏجن ٿا، جيڪو هن محمد صديق جي جواب ۾ لکيو:

هاء جاني جي ملڻ لءِ، بيقراري رات هئي
وصل لءِ محبوب جي، اختر شماري رات هئي
اي ادا آءٌ ڪيئن ڪريان، هن بيقراري جو بيان
چڻڪ دردن جي سندم سر تي سراري رات هئي
واهه ”راقم“ يار هئين، صديق دم بدم تي چيو
”هجر ڪان الله اڪبر! قتل واري رات هئي.“

## شمس الدين قاضي

شمش الدين قاضي شڪارپور جو شاعر هو، ۽ سندس ڪلام "سند سڌار" ۾ ڇپجندو هو. سندس هڪ غزل مان ڪجهه شعر ڏجن ٿا:

منهنجو محبوب دل جاني، تهينجو مٽ نه ڪو ثاني
سندس هڪ نظر نوراني، قتيل دل جي دوا آهي
مٺا مشتاق کي مارڻ، ڪجهيون ڳالهيون ڪري ڳارڻ
سدا سورن اندر ساڙڻ، صفا جورو جفا آهي.

## يار محمد "قانع"

يار محمد "قانع" شڪارپور جو رهاڪو هو، ۽ سنڌي ماستر هو. آخوند عبدالقادر "بيدل" جو همعصر هو. سندس شعر جو نمونو ڏجي ٿو:

حال هيٺو سندم خدا ڄاڻي، ڪين دلدار بي وفا ڄاڻي
هجر جي گهاوَ هي وڏو گهائي، دوست هن درد جي دوا ڄاڻي
لاءِ گل جي روئان، کلن اغيار قدر بلبل جو زاغ ڇا ڄاڻي
ڇي ڪيئي ڏک فراق ۾ "قانع"، سي سيئي محب مه لقا ڄاڻي

## مير فيض محمد علوي

مير فيض محمد علوي، مير محمد اسلم علوي جو فرزند هو. سن ١٨٩٢ع ۾ سندس ولادت ٿي، ۽ ١٩٢٥ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪيائين. فنون لطيفه ۽ شعر و شاعريءَ سان دلچسپي هيس. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

جهلي تير مژگان جا، ٿيا زخم دل تي
مسيحا ڪو مرهم اچي ان تي لايو.
ڪيو ظلم عاشق تي ڪهڙو تا سائين
جڏهن تو ڏسان، منهن تڏهن تا لڪايو

ڏيو قول ” فيصل “ کي جانب ملڻ جو
ورق نام واليءَ، وصل جو ورايو.

## فقير احمد علي

سندس احوال پارسي شاعرن ۾ اچي چڪو آهي. سندس سنڌي شعر سادو سودو ۽ مانيٽو آهي. وڏي هام هڻڻ جي بجاءِ زهد ۽ عبادت جي تلقين ڏيندو نظر اچي ٿو.

طاعت- رحمان تون، جيسين جيئين دائم ڪريج
چو تہ صادر ٿيو مٿي فرمان ڪونوا راڪعون.

ان هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن رندي ۽ سرمستيءَ جي ڪيفيت طاري ٿيس ٿي:

ساقيا مهرون پيارج، پر ڪري جام- شراب
نا رهي پرواه جنت خوف نا دوزخ عذاب

فقير صاحب جي خاص خوبي اها آهي، جو اهو فطرت جي نظارن جي تصوير چٽڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي:

واه بهار عجب رنگ لايو؛ ٻهڪن چمن چوڌاري.
١- باغ بهاريا وڻ ٽڻ موريا، سبز صحن چوڌاري،
گل ڦل ٽڙيا خوب بسنتي هر هنڌ ٿي ٻهڪاري.
٢- جهولن جهمڪن گلڙا گهڻيئي خيرو ڪنڌهاري،
موتيو چنبيلي مگرو وه واهه ٽانگر ٽمڪي ٽاري.
٣- گل گلاب انگوري ڪيتڪ زعفران خوب بهاري،
ڪرنو واهه بنفشو پائين، عشق پيچ اناري.
٤- پٽ پهري ٿيا سبز لباسي، گاهن ڪئي گلزاري،
چيمو چل گنديري سائون، پتر ڇٻر چوڌاري.
٥- ڪيٽ پڪا ٿيا چوڌار آيون؛ جهار ٻوڙي جهلڪاري،
ڪنيون ڪانيائي هڻن گليلا هڪل ڪيو ٿا هاري.

## امام بخش "خادم"

حاجي امام بخش خادم سنه ١٨٥٨ع ۾ شڪارپور جي بدوي خاندان ۾ تولد ٿيو. سندس والد جو نالو محمد بچل هو. فائينل پاس ڪري سنڌي ماستر ٿيو، ۽ آخر ۾ هيڊ ماستر ٿي رٽائرڊ ڪيائين. ١٩١٨ع ۾ وفات ڪيائين. بلند پايه شاعر ۽ نثر نويس هو. اردو قصن تان "چار درويش"، "حاتم طائي" ۽ "الف ليله و اليل" ترجمو ڪري ڇپايائين. شعر ۾ قديم نوع ني بيت ۽ ڪافيون به چيائين. سندس ڪلام جو مجموعو "ڪليات خادم" جي نالي سان ڇپيو آهي. سندس شعر سادو ۽ گهڻي ڀاڱي خشڪ آهي. ان هوندي به ڪٿي ڪٿي رنگيني ۽ دلڪشي نظر اچي ٿي. نموني طور سندس ڪجهه اشعار هيٺ ڏجن ٿا:

اي صبا چو عجز سان هي حال دلبر يار کي.
سر رکي قدمن سڄڻ جي چؤ مٺي منٺار کي.
آهو نرگس نيڻ تنهنجا سڀ پسي ٿيامست خود؛
پٽ ڇڏيو اهو ڪٽي، نرگس ڇڏيو گلزار کي.
سال ٿيا سڪندي سڄڻ ساجن سگهيري سار لهه؛
اي طبيب قلب ڏي تون ڪا دوا بيمار کي.

## مير علي نواز علوي

پارسي، سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو بلند پايه شاعر ٿي گذريو آهي سندس پارسي شعر جو نمونو اڳ ۾ اچي چڪو آهي. سنڌي شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس.

سندس سنڌي بيت نهايت پختا ۽ برجسته آهن. سندس ڪافين ۾ رنگيني، رواني ۽ موسيقيت آهي. مضمون جي لحاظ کان سندس ڪافين ۾ تصوف ۽ جماليات جا مليل جهليل عنصر ملندا. سندس ڪافيءَ مان نمونو پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ سوز و گداز جي ڪيفيت دلگداز نموني

جيمونئيڪ عروضي شاعر هو، تاهن به قديم سنڌي شاعريءَ جي روايتن کي برقرار رکيو اٿس. قديم سنڌي ۽ هندي شاعرن، پنهنجا عشقيہ جذبات عورت جي زباني بيان ڪيا آهن. علويءَ به انهيءَ روايت کي برقرار رکيو آهي. مثال ملاحظہ فرمايو:

”پورهيت پنهنجي پاڻ کون پاسي، دم نہ ڪر پرين ڌار“

پارسيءَ شاعريءَ ۾ محبوب کي ظلم، خونخوار ۽ بين اهڙن نالن سان سڏيو ويو آهي؛ پر قديم سنڌي شاعر محبوب تي ڪا ميار ئي نہ ٿا ڏين. هو سڀ پنهنجوئي ڏوہ ٿا سمجهن. علوي به گهڻي ڀاڱي اها وات ورتي آهي. چوي ٿو:

جهندي ڪارڻ ڏک وچ جالان، خوشيان چوڙ ٻيئي غم پالان،
ساڳي لهسم يار سنڀالان، اوهو ننگي نينهن نڀاؤنداهي

دل کي ڏڍ ڏيئي کيس يار کون پاڪي نہ ٿيڻ ۽ نينهن نڀائڻ جي تلقين ڪندي چوي ٿو، تہ آخر تنهن جو محبوب تو کي ضرور ڳل لائيندو:

يار ڪنون نہ پاڪي ٿيوين، پالين پرت نون جا ڪون جيوين،
علوي ويک تون آخر ڪيوين، يار تينون ڳل لاؤنداهي.

سنڌي شاعر محبوب کي ميار نہ ٿا ڏين، پر پاڻ ۾ ڪا ڪوتاهي سمجهن ٿا. سچل سرمست محبوب کي التجا ٿو ڪري:

”پنهون ڏسي پاڻ ڏي، اڱڻ منهن جي آءُ“

علوي به اهڙي نموني چوي ٿو:

”اڱڻ علويءَ جي آءُ پيارا، پنهنجو تون پاڻ سجائي“

مينهن جي وسڻ ۽ ان ڪانپوءِ گلن ڦلن جي ڦٽڻ جو نقشو چٽڻ سنڌي شاعرن جو اڪثر موضوع رهيو آهي. علوي اهو نظارو هن طرح تو پيش ڪري:

۱- مينهن وڏا مانداڻ مچايا، ڪڪر ڪرم جا واحد وسايا
وڏ ڦڙي جي وسڪار لڳي.

۲- وڻن ٽڻن لائي ڏاڍي گلڪاري، گاهن جي وٽي ساوڪ ساري
گل ڦل جي گلزار لڳي.

۳- مغرا موتيا سوسن سنبل، ڏانگر ڏؤلرا جنگي جر ڦل
هر هڪ جي هيڪار لڳي.

علويءَ جي ڪلام ۾ تصوف جا نڪتا به ملن ٿا. صوفي، ظاهري علم کي پاڻ کان پري ڪري، عشق کي امام بنائين ٿا. علوي اهو خيال هن طرح بيان ڪيو آهي:

عشق نون هادي رهبر چاڙان، عشق امام بنائي هون.

حقيقت محمدي بابت پٽائي صاحب فرمايو آهي:

”احد احمد پاڻ ۾ وچان ميم فرق“

علوي انهيءَ عقيدي کي قرآن شريف جي آيت سان هن طرح بيان ڪيو آهي:

”الانسان سري دا اشارا، احمد احد هڪو سر سارا“

علويءَ ڪيترويئي نعتيه ڪلام چيو آهي؛ جيڪو جماليت جي رنگ ۾ رڱيل آهي:

حسن تنهنجي جي عجب آه ڪهاني جاني؛
تون آهين مظهر انور جاني.

۱- حسن تنهنجي جو مٽا محبوب نه مٽ ٿي مهتاب
سونهن تنهنجي جو سجڻ شمس نه ثاني جاني.

٢- جن انسان ملڪ حسن تنهنجي ڪيا حيران،
شال ماڻين تون سدا جوت جواني جاني.

٣- ما سوا تنهنجي سمائي نہ پيو خاطر ۾ خيال،
سڪ تنهنجي جي سڄڻ گل آهي ڳاني جاني.

٤- تنهنجو ديدار آهي درد منهنجي جو درمان،
وصل جي وارث ڪر فيض رساني جاني

٥- دور دلدار جيئڻ توريءَ آهي جنجال
بخش ڪونين ۾ تون قرب مڪاني جاني.

٦- عشق تنهنجي ڪيو علويءَ سان ازل ۾ احسان،
فيض تنهن جي ڪيو في الله ۾ فاني جاني.

حضرت مولوي عبدالغفور صاحب "مفتون" جي مشهور غزل، جي تتبع ۾ هي غزل لکيو اٿس، جيڪو در اصل حضور صلعم جن جي حسن جي ساراه ۾ آهي:

تنهنجي حسن سڄڻ حيران ڪيا؛ انسان هزارين مان نہ رڳو

١- تنهنجي شان برابر شاه نہ ڪو، تنهنجي سونهن برابر مٺ ماه نہ ڪو
تنهنجي خيال کان خالي، ساه نہ ڪو، خواهان هزارين مان نہ رڳو

٢- قرآن سراسر شان سندء، آ واصف خود رحمان سندء
پيو ڪهڙو ڪري ڪو بيان سندء، حيران هزارين مان نہ رڳو

٣- ٻڌا جاني جن ڪلام تنهنجا، ڪن سهسين سڪ مان سلام تنهنجا
ٿيا حلقہ بگوش غلام تنهنجا، سلطان هزارين مان نہ رڳو.

حضور صلعم جن جي ثنا ڪانسواء حضرت عليءَ، پنج تن پاڪ ۽ چئن يارن جي ساراه ۾ بہ ڪلام چيو اٿس. قصيدا چيا اٿس تہ مرثيا بہ چيا اٿس. مطلب تہ قديم ۽ جديد سنڌي شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس.

## مولوي غلام رسول

سندس احوال پارسي شاعرن ۾ اچي چڪو آهي. سنڌي شعر بيتن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. سندس هڪ ڪافي ڏجي ٿي، جنهن ۾ وڇوڙي جا ورلاپ ڏاڍي دلگداز انداز ۾ بيان ڪيا اٿس. سندس ڪلام تي تصوف جو عنصر غالب آهي. صنعت تجنيس حرفيءَ جي ذريعي ڪلام ۾ رنگيني ۽ رواني آڻڻ جي ڪوشش به ڪئي اٿس:

پسان پرينءَ جي پار ڪي، وائي اٿم وات
١- وره وڌو آ ونگي مونکي، وسريو ڏينهن ۽ رات
٢- درد دکايو دل ۾ دونهون ٿيو نفي اثبات.
٣- "هاشم" اڄ حال ڏسي وڃ، بره لڳي برسات.

## بهاول فقير

بهاول فقير شڪارپور جو وينل هو، ۽ سائين سخي قبول محمد دوم جو مريد هو. ايڪسائيز انسپيڪٽر ٿي رهيو، پر تصوف سان ٿانگهه رهندي آيس. ٢٠- سيپٽمبر ١٩٢٦ع تي وفات ڪيائين. سنڌي زبان جو شاعر هو. بيت ۽ ڪافيون چيون اٿس، جن ۾ تصوف جو رنگ غالب آهي. هڪ ڪافي نموني لاءِ ڏجي ٿي:

اي دل مان هاڻي ڇا ڪريان، پاڻهين تو نينهن لايو،
گهڙي پئينءَ تون گهيڙ ۾ پڇئي نه ڪنهن جو رايو.
١- اوچتي اڙجي وئينءَ، اڳ پوءِ نه سنڀاريو،
جنجال ۾ جند اڙائي، پنهن جو تو پاڻ وڃايو.
٢- تجلو حسن ڏيکاري، دلبر ڪيئن مک ڇپايو،
پئي پنج تون پاڻ ۾، قسمت تو ڪي رلايو.
٣- ڏکن جا ڏينهن آيا، سورن تم سک ڦٽايو،
هيءَ هيءَ تون چوندينءَ ڪنهن کي پاڻهي تو پاڻ ڦاسايو.
٤- جدا ٿيو جڏهن جاني، جوش جگر جلايو،

ڏيئي درد دل ۾ دلبر، رڻ ۾ توکي رلايو .
۵- وحدت ۾ گم ٿي بهاول، جڻ هئين نه ڪنهن جو ڄايو،
اهـــي سور سر تي سهبا، ڪڇڻ ٿيو ڪم اجايو .

## حبيب الله " خادم " —

حبيب‌الله " خادم " هن جو ڪافي ڪلام، قلمي بياض مان مليو آهي، جن مان معلوم ٿئي ٿو، ته هو مولانا تاج محمود صاحب امروٽيءَ جو صحبتي هو ۽ سندس تحريڪ جو هڪ سرگرم ڪارڪن هو: سندس زمانو ۱۹- صديءَ جي آخر ۽ ۲۰- صديءَ جي شروعات آهي. اهو به معلوم ٿئي ٿو، ته هو شڪارپور جو وينل هو. باوجود انتهائي ڪوشش جي سندس وڌيڪ احوال ملي نه سگهيو.

حبيب‌الله خادم مولود به چيا آهن، ته قومي نظم بـه چيا اٿس. جيتوڻيڪ سندس ڪلام ايڏو پختو نه آهي، تڏهن به ان ۾ رواني ۽ تاثر آهي. ڪلام جو نمونو:

### مولود

محمد مرسل‌عربي جنهن ليءِ ملڪ ٿيا مستان،
جنهن ليءِ ملڪ ٿيا مستان، حور پريون‌حيران .
۱- ســـردار سهڻي ڪي ايــڏو لقب لولاڪ جو،
مرسل معراج ويو، اهڙو شاهي‌نه ڪنهنجو شان .
۲- چار ڏي يـــار رسول جـــا سيئي سونهارا،
ڪيريئون ڪوٽ ڪفار جا قائم ڪيو قرآن .
۳- مرسل مٺي محمد تي چئو صلوا تون سلام .
ڪلمن ۾ ڪريم جـي آهي نبوت نشان .
۴- هادي " حبيب الله " کي پڄرو پاڪ پسائين،
اهو عرض آهي منهنجو احمد ڪر احسان .

خلافت تحريڪ ۽ هند جي آزاديءَ بابت ڪيترائي نظم چيا اٿس ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اجها ڪئي اسانجي خدا سو پ ساري،
هاريندين هند مون حڪومت هڃاري.
١- رهي شل شادان هميشه تا ب ترڪي،
ڏسي ڏوريئون جهندوجهادي، ڏڪي ويو ڏڪاري

## آخوند عبدالقادر ”بيدل“

شڪارپور جي پٺم خاندان مان هو. سندس والد جو نالو آخوند محمد پناه هو. ١٨٣٧ع ۾ سندس ولادت ٿي. عربي ۽ پارسي جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوء، سنڌي فائنل پاس ڪري، سنڌي ماستر ٿيو، ۽ هيڊ ماستر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. سنه ١٩٣٢ع ۾ وفات ڪيائين. ان دور جو بلند پايه شاعر هو. سندس شعر جو نمونو ڏجي ٿو:

آيو اڄ ناز سان نگار نگار - جان جاني مٿان نثار نثار
مشڪ ۾ بوء زلف جنهن جي جي- آهي مشهور منجهه تتار تتار

---

مژگان تنهنجي جون سٽان هن ۽ تير جو نمونو
ابرو تنهنجون ڪمان هن، شمشير جو نمونو
مخمور چشم تنهنجي، مجروح مون ڪي ڪيڙو
تيغ - اجل آ تنهنجي، تحرير جو نمونو
”بيدل“ تون حال موڪل، محبوب يار ڏي ڪو
هن ناله و فغان جي، تاثير جو نمونو.

## آغا صوفي

آغا غلام‌نبي المعروف به ”آغا صوفي“ ولد آغا گل حسن خان دراني شڪارپور ۾ سنه ١٨٨٩ع ۾ تولد ٿيو، ۽ ١٩٣٨ع ۾ وفات ڪيائين. سندس والد به شاعر هو، ۽ ”گلشن“ تخلص ڪندو هو. ابتدائي تعليم شڪارپور مان، ۽ ثانوي تعليم ڪراچي جي سنڌ مدرسته الاسلام مان حاصل ڪيائين. ان بعد خيرپور ميرس ۾ آيو، جتي

سندس والد نائب وزير هو. رياست سرڪار آغا صوفي مرحوم کي تعليمي ادارن جو سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيو. ڪجهہ وقت جي ملازمت کان پوءِ لاهور جي طبيہ ڪاليج ۾ ويو، ۽ اتان سند حاصل ڪري شڪارپور آيو؛ جتي پنهنجو شفاخانو کوليائين.

آغا صوفي درازي درگاه جو مريد هو، ۽ پنهن جي مرشد حضرت سخي قبول محمد ثانيءَ سان ڪملي عشق هوس. حضرت سچل سرمست جي ڪلام کان گهڻو متاثر هو. انهيءَ محبت ۽ عقيدت جو يادگار سندس ضخيم ڪتاب سچل سرمست آهي، جنهن ۾ حضرت سچل سرمست جي شعر، ان جي حسب نسب ۽ شان جي توصيف بيان ڪئي اٿس. جڏهن رياست جي ملازمت ۾ هو، تہ حضرت سخي قبول محمد جي زيارت لاءِ اڪثر ويندو هو، ۽ اتي پاڻ بہ راڳ چوندو هو. ان وقت جي رياست جي وزير خانبهادر محمد ابراهيم کي حضرت سخيءَ ڏانهن ماڻهن ۽ رياست جي ملازمن جي ايتري رجوعات ناگوار لڳي؛ جنهنڪري هن درگاه ۽ درگاه جي طالبن جي مخالفت شروع ڪئي، جنهن تي هڪ دفعي آغا صاحب ڪچهريءَ ۾ اچي ڳايو:

امیرن وزيرن ڪانهي ڪاڻ ڪائي،
ملنگ مست آهيون، اسان مرتضائي.

آغا مرحوم هڪ سٺو ڊرامہ نويس بہ هو. ڪيترائي ڊرامہ لکيائين، جن مان "شان اسلام"، "انقلاب يورپ"، "ڪاليج ڪا زمانہ" ۽ "دنيا دو رنگي" قابل ذڪر آهن. سندس ڪيترا ڊرامہ اسٽيج تي بہ آيا، ۽ عوام انهن کي ڏاڍو پسند ڪيو. رياست جي ملازمت جي دوران پارسي گرامر بہ ڇپايائين. ڊرامہ جي تاريخ تي "تاريخ ڊرامہ" نالي ڪتاب بہ لکيائين، جو اڃا ڇپيو نہ آهي.

آغا مرحوم کي شعر و شاعريءَ جو انتهائي شوق هو. ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ هن مشترڪ امتحان جي سوال ج

هئا. آغا مرحوم ڪين طرح ڏيندو هو، جنهن تي ٽيئي ڇڙا طبع آزمائي ڪندا هئا.

آغا مرحوم نعتيه ڪلام به تمام گهڻو چيو آهي. نموني طور هڪ نعت مان ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا، جن مان سندس عشق رسول جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. نعت غزل ۾ آهي، ۽ لطف اهو جو تغزل به برقرار رکيو اٿس:

اي صبا بهر - خدا آڻي خبر ڏي يار جي.
مه، لقا محبوب عربي دلربا دلدار جي.

١- ڪير اڪڙين سان ڪندو پيشواري يار جي،
بره جي بيمار ۾ طاقت نه آ رفتار جي.

٢- روز ريهان، يار ڪيهان، تو جدائيءَ کان ڪيان،
ڪير سڌ سهڻا لهي، تو بن مٺا بيمار جي.

## مير صفي الله "فدا" علوي

شاه فقير الله علوي جي اولاد مان هو، ۽ مير امين الله جو فرزند هو. ١٨٨٧ع ۾ سندس ولادت ٿي. سنڌي فائنل پاس ڪري، سنڌي استاد ٿيو. ان کان سواءِ پارسي ۽ عربي جي به چڱي تعليم حاصل ڪيائين. مارچ ١٩٣٩ع ۾ هيڊ ماستر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. ٢١ مارچ ١٩٤١ع تي وفات ڪيائين. پروفيسر امين الله علوي سندس پوٽو آهي. سنڌي زبان جو سٺو شاعر هو. سندس شعر ان وقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندو رهندو هو. علم عروض موجب غزل ۽ نظم چيا اٿس، ته ڪافيون ۽ ڏوهيڙا به. غزل ۾ تغزل به آهي، ته تصوف جو رنگ به ملي ٿو. سندس غزلن مان ڪجهه اشعار نموني طور ڏجن ٿا:

مٺا محبوب دل جاني اچي ڏس حال هيڻي جا
هجر کان هوت عاجز جي اکيان نت آب جاري آ

نماڻو يار توڻان ٿيو صدق قربان "فدا" جاڻي
ڪٿي تنهنجي ڳڻن جي ڳل، جنهين غمخوار ڳاري آ

---

يار هن غمگين جي هيءَ التجا دل تــــي ڌري
عين عينن سان لڙائي، پوءِ بي پرواه نه ٿــــي.
الف قد وڌ سروَ کان، غبغب تنهنجو آب حيات
لال لب سرخي سان لائي، پوءِ بي پرواه نه ٿي.

---

محب حــا ابــرو مثل، محراب منور جـــي ڏسي
ڪيئن نه عاشق سرجهڪائي، فڪر ارمان کي ڇڏي.
مـــــال ڪاري قهر ڪيو، مشتاق صادق واسطي
مرغ داڻو چوُ ڏسي، ڪيئن دام زندان کي ڇڏي.

## ڪريم ڏنو فقير

سندس اصل نالو ڪريم بخش هو، پــر سندس مرشد سائين سخي قبول محمد دوئم پيار وچان مٿس ڪريم ڏنو نالو رکيو. شڪارپور جي ان شيخ خاندان مان هو، جيڪو نازيءَ مان لڏي اچي شڪارپور ۾ ويٺو هو. شيخ محمد بخش ڪوجهي جو پيو نمبر ياءُ هو. بي. اي هو. جوانيءَ ۾ ڪراچي ۾ ١٦- نومبر ١٩٤٦ع تي وفات ڪيائين، جڏهن ڊي. پي. آءِ جو پي. اي هو. سنڌي زبان جو چڱو شاعر هو. ڪافيون ۽ بيت چيا اٿس، جن ۾ تصوف جا نقطا سمجهايا اٿس. نموني طــور سندس ٻه بيت هيٺ ڏجن ٿا:

١- هوت تنهنجي هنج ۾، پوءِ ڏونگر ڇو ڏورين،
و نحن اقرب اليه من حبل الوريد، منهن نا موڙين؛
قل هو الله، احدالله، الصمد، چت اندر چورين،
الله هـــو اورين؛ "ڪريم ڏنو" قلوب ۾.

عبدالمجيد هو. فائينل پاس ڪري، سول ڪورٽ ۾ عريضي نويسيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيس گهڻو عرصو جيڪب آباد ۾ رهڻو پيو. روزي نماز سان عشق هوس. پڇاڙيءَ واري وقت ۾ سڀ ڪجهه ڇڏي عبادات ۽ تصنيفات ۾ وقت صرف ڪيائين. ڪيترائي مذهبي ڪتاب لکيائين، جن مان ”حقوق الوالدين“، ”سورت يوسف“ ۽ ”ياسين“ جو تفسير قابل ذڪر آهن. ٢٤- سيپٽمبر ١٩٥٣ع تي وفات ڪيائين. بلند پايه اديب ۽ شاعر حبيب الله سندس فرزند آهي.

هو نه فقط سٺو نثر نويس هو، پر بلند پايه شاعر به هو. سندس اڪثر ڪلام بيتن ۾ آهي. ڪلام ۾ ناصحانه عنصر غالب آهي. هو بندي کي غفلت کان سجاڳ ڪري عبادات الاهي ڏانهن راغب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو:

١- هاري هلاء هر ڪي، جهڙ ڏسي نا جهج،
موڙها محبت مينهن ۾، پيرا ڏيئي پڄ،
ته اها آخر وڄ؛ تو تي چمڪي چانڊاٺا ڪري.

٢- لڳاء من مولا سان، ڇڏ ڪوڙا سڀ ڪسب؛
هردم هلي حال سان، رضا مٿي رب؛
تان حاصل ڪرين هيج مان، لاهوتي لقب؛
ته عاقل پسي عجب، آگهه ڪرين عام ڪي.

ان هوندي به هو فقط خشڪ ناصحانه وعظ نه ٿو ڪري؛ پر جماليات جي جلوي جو ذڪر به ڪري ٿو. يعني هن پنهنجي خشڪ ڪلام کي به حسن و عشق جي رنگينيءَ سان دلڪش ۽ دلچسپ بنايو آهي. محبوب جي فراق ۾ ڪيس سارينِدي، پنهنجي ڪيفيت جو ذڪر هن طرح ٿو ڪري:

١- اڄ سارينِدي سڄڻ ڪي، ڳوڙها پيا نه ڳڙي؛
ناهي آرام عجيب ريءَ، گهايل ڪي ته گهڙي؛
لالڻ اڄ لڙي، تہ وڃي سور سنڌا ڪيو.

٢- پسانـدي پنڌ پٺيج، پريان سندي پيچري؛
ويندي وقت واٽ جون، سختيون سڀ سهيج؛
ڪري صدقـو سرڪـي، رمي ات رسيج؛
مورڙون نا موٽيج؛ ملڻ ريءِ محبوب جـي.

٣- منهنجو محب مسڪين چئي، توسان جيءُ جڙيو؛
وجهي زنجير زلف جو، تو قربن سان ڪڙيو،
سورن منجهه سڙيو؛ تي ڏکيا ڏينهن گذاريان.

هن فطري نظارن کان متاثر ٿي، انهن کي دلڪش ۽ پر اثـر نموني بيان ڪيو آهي.

ويهي وڻن وچ ۾، طوطا تنوارين؛
ڪري مٺڙيون لاتيون، دلڙي ڏارين:
ڪمريون ڪو ڪارين؛ محبت سان مسڪين چوي.

سندس ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته رنگيني ۽ رواني پيدا ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي اٿس، جنهنڪري صنعت تجنيس حرفيءَ جو خاص خيال رکيو اٿس؛ ٻولي به نهايت سلوڻي ۽ سڀڪ ڪم آندي اٿس؛ ۽ عام فهم ٻولي ڪم آڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس.

## غلام علي ”مسرور“

شڪارپور جي بدوي خاندان ۾ ١٨٩٣ع ۾ تولد ٿيو. ١٩٠٨ع ۾ جڏهن هو اڃان مئترڪ پڙهي رهيو هو ته صوفين جي سنگت جو مٿس ايترو اثر پيو جو پڙهڻ ڇڏي، حضرت قادر بخش بيدل جي درگاهه تي روهڙي ۾ اچي معتڪف ٿيو. مائٽن جي زور ڀرڻ تي وري پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ ١٩١٠ع ۾ فائنل پاس ڪري؛ ٻه سـال تپيداريءَ جـي ٽريننگ حاصل ڪيائين، ٽريننگ واري زماني ۾ ٽنڊي جهانيان جـي صوفي درويش قطب شاه سان سندس عقيدت پيدا ٿي؛ پر هر حال ۾

پنهنجي روحاني رهبر حضرت قادربخش بيدل کان گهڙي به غافل نه رهيو. نوڪريءَ واري وقت ۾ به راڳ ويراڳ ۽ صوفين جي سنگت سندس روحاني غذا هئي. شڪارپور ۾ سندس اوتارو صوفين جو هڪ پر ڪيف مئخانو هو. ڪجهه وقت وري اهي محفلون ختم ڪري گوشه نشين ٿيو.

مسرور هڪ باعمل صوفي هو. هو ”هنيو ڏجي حبيب کي لڳ گڏجن لوڪ“ تي پوري طرح عامل هو. نوڪري ڪيائين، شادي، ڪيائين، اولاد جي پالنا لاءِ هر وجهه ڪوشش ورتائين ۽ زماني جي پريشانين کي مڙس ٿي منهن ڏنائين. هوڏانهن سندس رروحاني ڪيفيت اها هئي، جو:

”لڳي ميک نه اڪڙي هنئين جا هوتن“

ڪيس پنهنجي روحاني رهبر حضرت ”بيدل“ سان بيحد عشق هو. هو پنهنجي مرشد جي ديدار لاءِ ور ور، ڪري پيوايندوهو. ۽ چونڪي ڏيئي پنهنجي روح کي راحت رسائيندو هو. سندس آخري عمر جي هڪ چونڪي راقم جي پڌل آهي. اهو روح پرور نظارو مون کان ڪڏهن به نه وسرندو. چانڊوڪي رات هئي، هو پنهنجي محبوب ”بيدل“ ڏانهن منهن ڪري، بيدل جو ڪلام الاپي رهيو هو، ۽ سندس چانديءَ جهڙا اڇا وار چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ چمڪي نور جي ڌارائن جي ڏيکاري ڏيئي رهيا هئا. چهرو ٻهڪي رهيو هو؛ ۽ ان مان نور بکي رهيو هو. هو پنهنجي حال ۾ محو هو. سندس آواز ۾ سوز ۽ سر ۾ درد هو؛ جو سامعين کي مست بنائي رهيو هو، جيئن حضرت سچل سرمست ڌار نامه ۾ فرمايو آهي.

خوش ستاري بود اندر دست او؛

تا به آوزش همي شد مست او.

مستيش بگرفت هم رقصان شده؛
در مكان بيخودي بيجان شده.

١٩- آگسٽ ١٩٥٣ع تي ٽنڊيآدم جي پرسان هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ گذاري ويو، جتي نوڪريءَ جي سلسلي ۾ رهندو هو.

مسرور نه فقط هڪ صوفي شاعر هو، پر چڱو عالم به هو. انوقت جي بلندپايه شاعرن واصف، حاجي محمود "خادم" ۽ ٻين سان گهرا تعلقات هئس. جمعيت‌الشعراء ۽ جي مشاعرن ۽ ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪندو رهندو هو.

مسرور قديم نوع تي بيت ۽ ڪافيون به چيون آهن؛ ته علم‌عروض جي به ڪيترين ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس سندس "مسدس مسرور عرف هيرن جو هار" سنڌي زبان جي شاهڪار مسدس آهي، جنهن ۾ هن سولي، سلوڻي ٻولي ۽ دلڪش انداز بيان سان هدايت جا نڪتا واضع ڪيا آهن. هيءَ مسدس ڪيترو وقت انٽر جي سنڌي نصاب ۾ شامل هئي. سندس غزل اڪثر ڪافي نما آهن. يعني غزل جي ٽيڪنڪ ۾ ڪافيءَ جو رنگ پريو اٿس. ڪلام مان نموني طور ڪجهه اشعار ڏجن ٿا جن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته سندس ڪلام تي تصوف جو رنگ غالب آهي، ۽ سندس اشعار ۾ پختگي ۽ توانائي موجودآهي:

عرش اٿئون جو تڙجي نڪتو، شوم ته ڏهن شيطان ٿيو؛
هوڏ هٺايس هاڃي ۾ جو بندڙيل ۽ نافرمان ٿيو.
جنهن ۾ ڏمرجي ڏيهه ڏٺي، سو غفلت ۾ غلطان ٿيو؛
جنهن تي راز رباني سوئي سالڪ سرت سبحان ٿيو.
اشرف صورت آدم واري اعليٰ ان جو شان ٿيو،
توڙي پيدا پاڻ ڪيو ته به آڳي جو احسان ٿيو،
موحد وارو مشرب اعليٰ مردن جو ميدان ٿيو،
سانگو سر جو ڪين ڪري جو سورهيه سو سلطان ٿيو،

ڪين ڇڏيو "مسرور" ادب کي آخر تان انسان ٿيو،
الانسان ســـري وانا سره توڙي سر سبحان ٿيو.

هن مان معلوم ٿيندو ته هو اجائي هام نه ٿو هڻي؛ پر پنهنجي زبان تي ضابطو ڪندو اچي ٿو. جنهن معرفت جـي منزل ۾ آهي، اها ئي ڪيفيت بيان ڪري ٿو. سندس هيٺين شعر مان معلوم ٿيندو؛ ته هو حيرت جي منزل ۾ محو هو:

نه ڏينهن ڏٺو؛ نه رات ڇٽي، شمس قمر شهاب عجب
نه سردگرم ڦه ريت منٿي، نه جاڳ رهي نه خواب عجب
اهـــو ته عجيب ديس ڏٺم؛ ڪهڙي لقا لبيس ڏٺـــم
نه ريس اتي نه سيس ڏٺم؛ نواب نه ڪو جناب عجب

## واحد بخش "پرديسي"

ولد غازي خان قلپوٽو شڪارپور کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي ڳوٺ "چنڊ ڳوٺ" ۾ ١٨٩٦ع ۾ تولد ٿيو. سنڌي پرائمري استاد، هيڊ ماستر ۽ اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر تي رهيو. ١٩٥١ع ۾ رٽائرڊ ڪيائين. ٣١ مارچ ١٩٧٨ع تي سندس وفات ٿي. تعليمي ماهر، اديب ۽ شاعر هو. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڇڏي ويو يار ڇوريءَ کـي؛ نماڻي هن نـدوري کـي
ورائـج واڳـ گهوڙيءَ تي، وڇوڙي ۾ مرڻ ٿيندو
رکـي آهـي رمـز شاعر، ٿيندو پرديسي آ ظـاهر
جڏهن ماندو محب ماهر، پرين اچـي پيش پـو پوندو.

## ٻواڇند ڇابڙيا

سندس پيءُ جو نالو هوتچند هو. ماضي قريب ۾ شڪارپور جـو هڪ سنت ٿي گذريو آهي. چڱو شاعر هو. سلوڪ ۽ لوڪ گيت چيائين.

سندس ڪلام جو مجموعو ”پريمي پتر“ جي نالي سان ديوناگري لپي ۾ ڇپيل آهي. ٻھرين ڀاڱي ۾ ٦٠٠ سلوڪ ۽ ٤٣ گيت آهن، جن سان ٿورا هندي ۾ به آهن. سندس هڪ سلوڪ نموني طور ڏجي ٿو:

ڪر تون اها هاچ، منهن ۾ سکي سدا رهين،
گــولن جيئن رهــي، جنهن آه ڪئي گدائي؛
رام ملڻ جـــي راه، دل ۾ جنهن لائـــي،
وڃي پوندو جائي، ”بولا“ ڪونهي ترڪ ۾.

## غلام علي ”مخمور“ زيدي

غلام علي شاه ولد ابوالخير محمد رضا اڪبر جواد زيدي تخلص ”مخمور“ شڪارپور جو وينل هو. ٻي ڊپلو ڊي ۾ ڊرافٽسمئن هوندو هو؛ پڇاڙي واري وقت ۾ شڪارپور ۾ اوورسيئر هو. ١٠ جون ١٩٥٨ع تي وفات ڪيائين. وفات وقت اٽڪل ٥٤ سال عمر هئس. ”مخمور“ صاحب عربي، پارسي، هندي ۽ انگريزيءَ جو چڱو ڄاڻو هو. سندس مطالعو وسيع هو. مشرق ۽ مغرب جي مفڪرن جي افڪار کان بخوبي واقف هو؛ ته تصوف جي به تمام گهڻي معلومات هئس. آثار قديمه، اسلامي تاريخ ۽ ثقافت جو تمام گهرو مطالعو ڪيو هئائين. اعليٰ چترڪار ۽ ذاڪر به هو. سندس آواز مٺو ۽ پر اثر هوندو هو.

مخمور صاحب بلند پايه شاعر هجڻ سان گڏ سٺو نثر نويس به هو. اسلامي تاريخ تي ضخيم ڪتاب لکيا اٿس: جي اڃان تائين شايع نه ٿيا آهن. ان کان سواء ٻي انداز افسانا لکيا اٿس، جن مان ڪيترا اڃا غير مطبوع آهن. مخمور صاحب سنڌي کان سواء اُردو ۽ سرائڪيءَ ۾ به شعر چيو آهي. شعر چوڻ سان گڏ شاعرن جي تربيت به ڪيائين. سنڌي زبان جو مشهور شاعر محترم مظفر حسين جوش سندس شاگردن

مان آهي. جوش کان سواءِ مظهر سيوهاڻي به سندس شاگرد آهي. مخمور صاحب غزل توڙي نظم جو نهايت سٺو شاعر هو. سندس شعر پختہ ۽ برجستہ آهي. سندس شعر ۾ جدت آهي؛ رواني ۽ اثر انگيزي آهي؛ نازڪ خيالي ۽ بلند پروازي آهي پنهنجي شعر لاءِ پاڻ چيو اٿس:

پيچندا تہ چوندو شاعر شيرين زبان هان؛
شعرا جو سخن، سخن جو پروردگار هان.
مخمور مان تہ ڪجهہ بہ نہ هان مشت خاڪ هان،
شاعر پيا، مان شعرا جو خدمتگار هان.
مٺي جذبات لفظي آبگينن ۾ پريندو هان؛
چڙي اشعار تي مخمور ويندا هن پڙهڻ وارا.

سندس هڪ غزل مان ڪجهہ اشعار نموني طور ڏجن ٿا:

او سراپا حسن و خوبي دلربا او سر بلند
تو ڪرين حيران هر هڪ کي جمال دلپسند
ڪجهہ پيو مون وٽ نہ آهي بس الم غم درد دل
تو ر کان سيني ۾ هڪڙي دل اها پي دردمند
تون تخيل کان پري آهين گهڻو ٿي دور دور
تنهنجي منزل آ خيالن کان گهڻو بالا بلند

## محمد بخش "ڪوجهي"

سردار بهادر شيخ محمد بخش ولد الاهي بخش شڪارپور ۾ ١٨٩١ ع ۾ تولد ٿيو. سندس وڏا اصل پيا گ نازيءَ جا ويٺل هئا، جتان سندس ڏاڏو شيخ قادر بخش لڏي اچي شڪارپور ۾ ويٺو. هو منصف جي عهدي تي هو. الاهي بخش مرحوم ڊپٽي ڪليڪٽر تي رهيو. سردار بهادر محمد بخش ١٩١٢ع ۾ بمبئي جي ايلفنسٽن ڪاليج مان بي. اي

پاس ڪئي. ١٩١٧ع ۾ ايل.ايل.بي پاس ڪري، پهريائين نواب شاه جو ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ ٿيو، ۽ سال کان پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. اتان ترقي ڪري ڪليڪٽر ٿيو، جنهن عهدي تان ١٩٤٦ع ۾ رٽائر ڪيائين. ڪليڪٽري واري زماني ۾ کيس سردار بهادريءَ جو خطاب مليو. رٽائر ٿيڻ کانپوءِ سماجي ۽ تعليمي ڪمن ۾ دلچسپي وٺي، قوم ۽ وطن جي وڏي خدمت ڪيائين. انجمن حمايت اسلام جو بنياد وڌائين، جنهن جي ماتحت هينئر ڪيترا اسڪول ۽ ڪاليج آهن. سچل سرمست آرٽس ڪاليج جو بنياد ١٩٥٦ع ۾ ۽ ڪامرس ڪاليج جو بنياد ١٩٥٩ع ۾ وڌائين.

سردار بهادر سائين سخي قبول محمد جو مريد هو. مرشد سان انتهائي محبت هئس. مرشد جي به شفقت جي نظر هئس. پيار وچان مٿس ”ڪوجهي فقير“ نالو رکيائين ۽ کيس خلافت عطا ڪيائين. ”ڪوجهي فقير“ مرشد جي صحبت ۾ ڳائڻ وڄائڻ سکيو ۽ پڇاڙي تائين چونڪي ڏيندو رهيو. ڪوجهي فقير ٢٤- سيپٽمبر ١٩٥٩ع تي وفات ڪئي. سندس قبر سچل سرمست ڪاليج ۾ آهي.

ڪوجهي فقير سنڌي، سرائڪي ۽ پارسيءَ ۾ شعر چيو آهي. سندس شعر گهڻو مدحيه آهي. مرشد جي مدح کانسواءِ حضور ﷺ جنجي توصيف ۾ ڪيتروئي نعتيه ڪلام به چيو اٿس. ان کان سواءِ حضرت علي رضه ۽ حضرت غوث اعظم جي مدح ۾ به ڪيتروئي ڪلام چيو اٿس. ڪيترين ڪافين ۾ تصوف جا نڪتا بيان ٿيل آهن، ۽ ڪيترين ۾ وري حسن و عشق جو ذڪر به آهي. سندس ڪلام جيتوڻيڪ سادو آهي، تڏهن به ان ۾ رس ۽ رچاءُ آهي. نموني لاءِ هڪ ڪافي هيٺ ڏجي ٿي:

پيهر عشق بادل، وسڻ ڪاڻ آيو؛
برهه بوند لائي، ڪريو يار سعيو.

١- ڪري سر تريءَ تي، آيا جنگ جوڌا؛
هيءُ مستن جو ٽولو، پنڻ عشق آيو.
٢- رهي يــار ساقي، گتــو شال قائــم،
پري ڏي پيالو؛ پرت جـــو سوايو.
٣- چڙهي موج وحدت، لڙهيو غير سارو؛
ٽٽا دام دئيءَ جا، وڏو عشق پايو.
٤- ٽيو ســاه سرندو، ۽ تــن مــن تنبورو
آواز هوهو، رڳــ رڳـ مــان آيــو.
٥- هيڪر آهي پڙ ۾، ڪوجهيءَ پير پاتو،
مڙي ڪير هاٽي، سوليءَ آ سنباهو.

## سيد نواب علي شاه "نوراڻي"

نور علي شاه "نوراڻيءَ" جــو فرزند هــو، جيڪو پنهنجي ڏاڏي "دولت شاهه" جي درگاهه جو متولي ۽ شيعه اڳواڻ هو. شڪارپور ميونسپالٽي ۾ ناڪي منشي هــو. سٺو شاعر هو، ۽ شاعري ۾ ميــر صفي الله "فدا" جو شاگرد هــو. ١٩٥٠ع کان پوءِ وفات ڪيائين. سندس شعر جو نمونو ڏجي ٿو:

تنهنجي د ر جــو آهيان دربان صنم
تــوتــان جندڙي ڪيان، قربان صنم

١- هڪ ابرو جي تلوار هنيءِ، تکو تير وري پيــو ڌار ڪــيءِ،
ڦري دلڙي يڪدم وڌيءِ، هٽي ڦهري اهڙو ڪان صنم.

## عبدالوهاب "ناظم"

شڪارپور جو ويٺل هو، ۽ ميان "واليڏني فقير" جو پوٽو هــو. براج کاتي ۾ ڪلارڪ ۽ هيڊ ڪلارڪ ٿي رهيو. علم عروض جــي ماهر ۽ مشهور شاعر حاجي محمود خادم مرحوم سان سندس گهاٽــا

تعلقات هئا. خادم مرحوم کان اصلاح به وٺندو هو. ١٩٦٢ع ۾ ٥٠ ورهن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. غزل ۽ نظم ٻئي چيا اٿس. سندس هڪ نظم ڏجي ٿو:

توُن هرگز نه ڇڏ اي بشر اتفاق
ڪري ٿو بشر با ظفر اتفاق

١- توُن حاڪم هئين ملڪ ساري جو ڇو؟
هيو ڪجهه ته ٿو وٽ مگر اتفاق

٢- مٽائي جو هستي ڇڏي آ نفاق
ٿو ڏاري عدو جو جگر اتفاق

٣- ٻڌي جا ڪري قوم ٿئي تاجدار
رکي بادشاهي اثر اتفاق

٤- ملائي ٿو دل دوست دشمن سندي
ڪري تن کي شير و شڪر اتفاق

٥- گهرين جي ٿئي ملڪ ۾ ايڪتا
سدا رک توُن پيش نظر اتفاق.

٦- ويو ملڪ ويهڻ کان ”ناظم“ ادا
آ هر هند جهيڙو، نه پر اتفاق.

## نماڻو فقير

هيءَ شڪارپور جي هڪ هندو عورت هئي. سندس اصل نالو رکي ٻائي هو. پتيءَ جي چالاڻي کان پوءِ ويراڳ لڳس، ۽ درازن ۾ اچي سائين سخي قبول محمد جي مريدياڻي ٿي؛ جنهن مٿس مراڏو نالو ”نماڻو فقير“ رکيو؛ ۽ ان کان پوءِ انهيءَ نالي سان مشهور ٿي ويئي. سندس دل تي اهڙو ته يقين صادق ويٺو، جو درازا درگاهه تي هميشه لاءِ سڪونت اختيار ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ ان وقت جي سجاده نشين سخي قبول محمد ثالث جي اجازت سان هندستان هلي ويئي.

۽ ٻڙودا ۾ وچي پنهنجو مئخانو اڏيائين. ڪيترائي هندو مرد ۽ عورتون سندس شش ٿيا. اتي سن ١٩٥٢ع ۾ حضرت سچل سرمست جو رسالو مرتب ڪري، "عاشقي الهام" جي نالي سان شايع ڪيائين. ١٩٦٢ع ۾ وڏي عمر ۾ چالاڻو ڪيائين.

چڱي شاعره هئي. بيت ۽ ڪافيون چيون اٿس. سندس ڪلام سادو آهي، پر پراثر آهي. ان مان سندس خلوص ۽ پيار ظاهر ٿئي ٿو. مرشد جي هستيءَ ۾ گم هئي. هر هنڌ مرشد جي تعريف ۽ ساڻس عقيدت جو اظهار ڪيو اٿس. انڪانسواءِ سندس ڪلام ۾ تصوف جون تلقينون بہ مان ٿيون، جهڙوڪ: پاڻ سڃاڻ، وقت نہ وڃاءِ، ڪچ نہ ڪماءِ. سندس شاعريءَ تي حضرت سچل سر مست جو رنگ غالب آهي. سندس هڪ ڪافي نموني طور ڏجي ٿي:

اديون عشق نہ اٿو آسان؛ پرجهي پاڻ پير انهيءَ ميدان.

١. جيڪا سڪ سبق پڙهندي، دنيا کان سا منهن موڙيندي؛
طعنا تنڪا سر تي سهندي، جڪ ماري پل سچو جهان

٢- جيڪا عشق سان ناتو رکندي؛ هوش عقل سا سڀ ڇڏيندي؛
ڏاج ڏکن جو پلءِ پائيندي؛ پيا سڀ لاهي وهم گمان.

٣- سانگو لاهي سا سر ستيندي، "نماڻا" الله وٽ سرخرو ٿيندي،
"آيو" وڃائي، جهاتي اندر پائيندي؛ هڪ ڏسندي پڳوان.

## حاجي شير محمد چغدو

حاجي شيرمحمد چغدو ولد حاجي محمدصالح شڪارپور ۾ ١٨٨٠ع ۾ تولد ٿيو. سنڌي ماستر ٿي رهيو، جتان ١٩٣٢ع ۾ رٽائر ڪيائين. وڏي عمر ۾ ١٩٦٣ع ۾ وفات ڪيائين. سنڌي نثر ۽ نظم ۾ ١٢ کن ڪتاب لکيائين. سندس ڪلام علم عروض موجب آهي، ۽ صنايع ۽ بدايع سان مزين آهي. سندس هڪ غزل ۾ فقط هڪ نقطي وارا لفظ آهن، تہ

هڪ ۾ وري فقط ٻن نقطن وارا لفظ آهن. ٻن نقطن واري نظم مان نمونو ڏجي ٿو:

تعليم تي هر دم هلو، رستو سٺو ٻارو وٺو،
اسڪول ۾ ڪهڙو و چو، اهو سڌو رستو وٺو.
تاڪيد هيءَ دل تي رکو ۽ ياد ڪيو اي ٻالڪو،
سڌريل آهي اهو سٺو، اهو سڌو رستو وٺو.

فقط ٽنين نقطن واري غزل مان نمونو:

منا مون سان رفاقت رک، ۽ الفت سان ملو هردم،
نه ڪر ڪو خوف ۽ خطرو صداقت سان ملو هردم.

فقط هيٺين نقطن واري غزل جا ابيات:

چيم محبوب کي پيارا، رکج ساڃهه ڪا سڪايل جي،
سواليءَ کي دلاسي ۾ رکي، اچي ملو هردم.

نقطن کانسواءِ غزل مان اشعار:

مڪر احوال دل وارو، ۽ معلوم حال سارو،
اهو آ حال دک وارو، رحم ڪر ملو هردم.

ان غزل مان نمونو جنهن ۾ ڪو به گڏيل لفظ ڪونهي:

درد دل ۾ آ زرد آه، ڏي درد دل دارون دوان
اڄ آس به نه راس آه، ڏي ذوق لاءِ ذرڙي دوا

ان غزل مان نمونو جنهن جي پڙهڻ سان چپ چپ سان نه ملندو:

قاصد ڏي اڄ وصل جي وڌائي
چيائين شڪر ڪر تون دل سان سدائي

## قاضي گل محمد

قاضي گل محمد ماڙي تعلقي سکر ۾ ١٠- رمضان ١٣١٢ هه تي

عالمانہ گھر ۾ تولد ٿيو . سندس خاندان ڪيتري وقت کان ڳوٺ ۾ درس و تدريس جو سلسلو جاري رکندو آيو آهي . ۱۹۱۹ع ۾ فائينل پاس ڪري پهريائين ماستر ٿيو ، پوءِ ٽيپداري پاس ڪري ٽيپدار ۽ سپروائيزر ٿي رهيو . پينشن تي اچڻ کان پوءِ لڏي اچي شڪارپور ۾ رهيو . سنہ ۱۹۶۸ع ۾ وفات ڪيائين .

بيت ۽ ڪافيون چيون اٿس. سندس گهڻو ڪلام مدحيہ ۽ دعائيہ آهي. البت ڪجهہ واقعاتي بيت بہ چيا اٿس. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

۱- دهشت ڏوم درياه جـي ، جتي واڳن جا ولر ،
مڇيون مانگر ڪيترا ، پيا سوين آهـن سيسر ،
پيڙي هلاء پاجهہ سين ، تون پاڻ ڏٺـي پرور ،
اچي سولي ڪج سرور ، لانگهو لنگهائج لطف سان.

۲- ڏسي دهشت درياه جي ، اچي جـيءُ جهريو ،
ڪو جو قهر ڪن ۾ ، جتان و ٻو ڪونہ وريو ،
پيڙو ڪڍي پاجهہ سان ، ڪنڌيءَ پـر ڪيو ،
هن نـــڌر ڪـــي نيو ، سلامتيءَ سان سيدا .

## سوامي پرمانند

چرڪس مل جو پٽ هو ۽ اصل شڪارپور جو وينل هو. سندس پتا سکيو ستابو هو، ۽ ڪيترائي باغ هئس. هڪ باغ شڪارپور جـي لڳ نندي بيگاريءَ جي ڪناري تي سول ڪورٽ جي نزديڪ بـہ هئس. پرمانند جي دل ننديءَ هوندي کان ئي ساڌ سنگت ڏانهن مائل هوندي هئي. پيءُ جي مرتيي کان پوءِ شهر ڇـڏي نديءَ بيگاريءَ واري باغ ۾ جاهہ جـــوڙي آستان اڏي ويهي رهيو. مهني ۾ ٻہ دفعا گيارس جي موقعي تي ڪٿا ڪيرتن ڪندو هو، جنهن ۾ انيڪ ماڻهو پري پري کان ڪهي اچي ڀاڳ وٺندا هئا. ويدانيت تـــي جيڪي

## مير شفيع احمد "اوج" علوي

علوي خاندان مان هو، ۽ درمحمد علوي جو فرزند هو. عربي ۾ ايم. اي هو، ۽ انفرميشن کاتي ۾ آفيسر هو. ڪتابن گڏ ڪرڻ جو شوق عشق جي حد تائين هوس. سڄي حياتي مجرد گذاريائين. تمام سادي نموني گذاريندو هو. ۽ پگهارن جو تمام وڏو حصو ڪتابن خريد ڪرڻ تي خرچ ڪندو هو. مطالعو تمام وسيع هوس. سندس ڪيترائي علمي، تحقيقي ۽ تنقيدي مقالا مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيا. ١٩٧٣ع ۾ وفات ڪيائين. افسوس جو سندس گڏ ڪيل ڪتابن جو ذخيرو خردبرد ٿي ويو. مرحوم شعر به چوندو هو ۽ "اوج" تخلص ڪندو هو. سندس شعر جو نمونو ڏجي ٿو:

نڪو نگاه کپي ۽ نڪو ثواب کپي
تو زندگيءَ ۾ فقط حسن لاجواب کپي
حسين چهرو ۽ دلبر تو ماهتاب کپي
ملي جي دولت هر دو جهان ته ڇا حاصل
اسان کي يار جي نظرن جو انتخاب کپي.

## واحد بخش "عاشق"

واحد بخش "عاشق" ولد جمعخان پيرزادو شڪارپور ۾ مارچ ١٨٩٦ع ۾ تولد ٿيو. ١٩٢٤ع ۾ سنڌي ماستر ٿيو ۽ ١٩٥٠ع ۾ هيڊماستر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. ١٩٧٤ع ۾ وفات ڪيائين. ڪڏهن ڪڏهن شعر چوندو هو ۽ عاشق تخلص ڪندو هو. نمونو ڏجي ٿو:

روز شب تڙپي ٿي هيءَ دل تنهنجي فرقت ۾ اچا
من مٺا مدهوش آهي تنهنجي محبت ۾ اچا

دلربا دلدار دلبر چــڏ جفا ڪا مهر ڪــر
حال ڪان واقف به توڻ، چو آهين فرحت ۾ اچاءِ

## آغا عبدالنبي عليگ

آغا عبدالنبي عليگ ولد گل‌حسن خان دراني شڪارپور ۾ ١٩٠٣ع ۾ تولد ٿيو. آغا صوفي سندس پاءُ هو. ابتدائي تعليم شڪــارپور ۽ خيرپور مان حاصل ڪيائين. ايم. اي. او ڪاليج مان تعليم وٺي اچي پهريائين ١٩٢٤ع ۾ شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ پرشن‌ٽيچر ٿيو. جلد ئي سڌو مختيارڪار جي عهدي تي کنيو ويو. تــرقي ڪندي ڪمشنر جي عهدي تائين وڃي پهتو. مارچ ١٩٥٨ع ۾ رٽائرڊ ڪيائين، جڏهن بهاول‌پور ۾ ڪمشنر هو. ١٩٧٦ع ۾ وفات ڪيائين. شعر ڪان سواءِ افسانا، ناول ۽ مضمون به لکيا اٿس سندس تصنيفات مان ”حريص پتلو عرف وفا جي ديوي“ (نثر) ۽ ”افڪار عليگ“ نظم قابل ذڪر آهن. سندس شعر پختہ ۽ برجستہ آهي. جيتوڻيڪ سندس ڪلام ۾ پارسي لفظن ۽ ترڪيبن جي ڪجهہ قدر ڪثرت آهي، تڏهن به رنگيني ۽ رواني موجود آهي. سندس غزل ۽ نظم مان نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

هم نشين هم زبان ڪو شل ملي
نازنين نڪتہ دان ڪـو شل ملي.
گل رخ - نازڪ بدن هس مک سدا
دلربا شيرين دهن ڪو شـــل ملي
نڪتہ چين و نڪتہ فهم نڪتہ سنج
لعل اهڙو درخشان ڪو شل ملي.
هن زمانــي سخت ۾ ”آغــا“ ادا
دلسربا ۽ مهربان ڪـو شل ملي.

نظم جو نمونو:

١- مجيان تو تہ هيءَ زندگي ۾ الم آ
مجان تو تہ هيءَ زندگي موج- ستم آ
مجان تـو برابر ستم ئـي ستم آ
ستم ئي ستم چا، رکو غم ئي غم آ
سير غم و ليڪن لتاڙيندو وڃ تون.

## امير بخش "امير" قريشي

امير بخش "امير" قريشي ولد رحيمبخش قريشي سنہ ١٩٠٦ع ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو. تعليم حـاصل ڪري، پهريائين ماستر ۽ پوءِ سول ڊفينس ۾ ملازم ٿيو. آخر ۾ سينٽرل سول سروس ۾ هـو، جو پينشن تي آيو. ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ وڄائڻ ۽ شعر چـوڻ جو شوق هوس. شاعرن جي سنگت ۾ رهڻ ڪري اهو ذوق وڌندو رهيس. شاعري ۾ باقاعده استاد "سرشار" عقيلي کي ڪري ورتائين. سنڌي زبان جي خدمت جي جذبي سبب ڪيترين ئي ادبي جماعتن جوسرگرم ڪارڪن ٿي رهيو. ڪراچيءَ ۾ محفل- ادب جو پايو وڌائين، ۽ ڪيس ان جو صدر منتخب ڪيو ويو. ان کانسواءِ بزم حڪيم ڪراچيءَ جو نائب صدر، جمعيت الشعراء سنڌ جو جنرل سيڪريٽري ۽ بزم- ادب شڪارپور جو صدر ٿي رهيو. سنہ ١٩٧٨ع ۾ وفات ڪيائين. شعر کان سواءِ ناول بہ لکيا اٿس. شعر ۾ غزل ۽ نظم کانسواءِ ڪافيون بہ چيون اٿس. سندس ڪلام قديم روايتي رنگ ۾ آهي. سندس غزل مان چند ابيات:

انهن جي رنگين نظر جي باعث اسين بہ رنگين نظر اچون ٿا
مٿائي رنگت حقيقي حالت ڏسون ڪا پنهنجي پرائي گڏجي
نہ راز آهي، نہ رازدان ڪو؛ نہ سايہ آهي، نہ سايہ بان ڪو
ڪٿي هي ڇاڪان خدا تو چاڻي خود خواري اجائي گڏجي

ڪري نہ محشر بپا ڪو ويهي، اميرن جي هي زبان درازي
هلي تہ ساقي نپايون پنهنجي، پيون سرڪي سوائي گڏجي.

## لطف الله بدوي

لطف الله ولد حاجي امام بخش بدوي شڪارپور ۾ ١٩٠٤ع ۾ تولد ٿيو، ۽ ١٩٦٨ع ۾ وفات ڪيائين. ماستر، هيڊ ماستر ۽ گورنمينٽ سي ائنڊ ايس ڪاليج ۾ سنڌي جو استاد ٿي رهيو. ننڍ پڻ کان ئي علم ادب سان لڳاءُ هوس. پهريائين شعر ۾ ”جوڳي“ تخلص ڪندو هو؛ پوءِ بدوي يا ”لطف“ آڻيندو هو. نظم سان گڏ نثر ۾ بہ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. ڊراما، افسانا، ناول، تاريخي ڪتاب ۽ تذڪرا بہ لکيا اٿس. علامہ اقبال جي ڪجهہ ڪلام جو منظوم سنڌي ترجمو بہ ڪيو اٿس. سندس تصنيفات مان هيٺيان ڪتاب قابل ـ ذڪر آهن: تذڪره لطفي ٣ حصا؛ حيات اقبال؛ ڪليات خادم؛ گيتان جليءَ جو ترجمو، جاويد نامہ جو ترجمو؛ حضرت علي؛ ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام؛ تاريخ اندلس؛ دودو چنيسر (ڊرامہ) ۽ ٻيجل (ڊرامہ).

بدوي صاحب علم عروض موجب غزل ۽ نظم بہ چيا آهن، تہ قديم نوع تي بيت بہ چيا اٿس. شعر ۾ عربي ۽ پارسي لفظن جو استعمال ڪثرت سان ڪيو اٿس. سندس نظمن مان ”بکر جو قلعو“، ”موئن جو دڙو“ وغيره تي سندس چيل نظم اثر انگيزيءَ جي لحاظ کان قابل ـ ذڪر آهن. هيٺيون بند ”موئن جو دڙو“ واري نظم مان آهي:

پويون حصو رات جو، هر سوئي ڏني ٿي چپ چپات
ٿي نظر آرام ۾ آئي سموري ڪائنات؛
آسمان تي ٽمڪندڙ تارن جي پوئين روشني،
صبح ـ صادق جي اچڻ جي ٿي جهان کي سڌ ڏني
هير پورب جي ٽنوارن تي سرءُ جي منڊ ٿي؛
ماڪ جون بوندون ڏنيون، جيئن چشم عاشق جي چڪي:

ان نظاري ۾ نظر آيو مقام- سوگوار
جنهنجي هر ذري ۾ پنهان داستان- بيقرار
آه! هي ويران جاين جو قتل "شهر- عظيم"
ناز جنهن تي ٿو ڪري "تاريخ اقوام-قديم"
جنهن "موهن جي دڙي" سان، اڄ سڏي اهل- جهان
جنهنجي ماضيءَ جو مؤرخ ٿـــا لکن هڪ داستان.

سندس نظم "بکر کي خطاب" مان هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو، جنهن ۾ بکر جي قلعي جي عظمت بيان ڪئي اٿس:

قلعهٴ اسلام اي گهواره دريـــاهِ سنڌ
ايڪ تنهنجي نانو ڪان روشن رهيو صحراءِ سنڌ
تنهنجي هر ذره کان پيدا آه شان- مسلمي
تون هئين ڪنهن وقت ۾ تسليم جان- مسلمي
راز ٿيـا پوشيده تنهنجي هـر در و ديوار ۾
رنگ نوحہ ٿيو نمايان تنهن جي جلوه زار ۾
ٿيو در و ديوار تنهنجو منظر- حسرت ڪده
قلعہ تنهنجي جو آهي هڪ ڪنگرو عبرت ڪده
آ اڄـا ماتم ۾ تـــوتـي آب سنڌو زار زار
تنهنجي بربادي تي نوحہ خوان سدا ليل و نهار

## حافظ خير محمد "اوحدي"

حافظ خير محمد ولد محمد ابراهيم انصاري "اوحدي"، شڪارپور ۾ ٢٩- مارچ ١٩١١ع تي تولد ٿيو. پارسي ۽ عربي زبان ۽ ادب تي وڏي دسترس حاصل هيس. ان سان گڏ سنڌي ۽ اردو زبان ۽ ادب تي بہ تمام وڏي مهارت حاصل هيس.

ان ڪانسواءِ ديني تعليم ۾ بہ تحصيل ڪيل هيس. سندس استادن ۾ مولانا عبدالباقي سجاده نشين همايون شريف؛ علامہ مفتي

محمدقاسم صاحب ڳڙهيياسينوي، مولانا مفتي محمد ابراهيم صاحب ڳڙهيياسينوي، مولانا محمدهاشم (دادو) صاحب جا نالا اچي وڃن ٿا. شاعريءَ ۾ سندس استاد مولانا محمد ابراهيم صاحب هو، جيڪو خود بلندپايه شاعر ٿي گذريو آهي. ڪجهه وقت طب جي تعليم به حاصل ڪيائين، سنه ١٩٨٢ع ۾ وفات ڪيائين.

حافظ صاحب سنڌ جو وڏو صحافي هو. ١٩٣٢ع کان اخبار نويسي جي شروعات ڪيائين، ۽ پهريائين پهريائين هفتيوار "الحنيف" ايڊٽ ڪيائين. روزانه اصلاح ڪراچي ۽ روزانه قربانيءَ جو به ڪيترو وقت ايڊيٽر ٿي رهيو. روزانه اصلاح جي ذريعي سنڌ جي مسلمانن جي تمام وڏي خدمت سرانجام ڏنائين. روزانه الوحيد کي قائم ڪرڻ ۾ حافظ صاحب جي قلم وڏو ڪم ڪيو. روزانه ڪاروان حيدرآباد جو به ڪجهه وقت ايڊيٽر ٿي رهيو: ازانسواءِ ٻين هفتيوار اخبارن جهڙوڪ: نعره- تڪبير، انقلاب، اطلاع، ايڪتا، سنڌ زميندار، مسلم ليگ وغيره جو به ايڊيٽر ٿي رهيو. اهڙي طرح ڪل ١١ اخبارون ايڊٽ ڪيائين. حافظ صاحب، پارسيءَ ۽ عربيءَ جو جيتوڻيڪ وڏي ۾ وڏو عالم هو، تڏهن به سنڌي نهايت سليس، سلوڻي ۽ پراثر لکندو هو. سندس زماني ۾ سندس سنڌي تحرير ڏاڍي مشهور ۽ مقبول هئي. ١٩٤٦ع ۾ اخبار نويسي ڇڏي مسلم ليگ جو پروپيگنڊا سيڪريٽري ٿيو، ۽ ١٩٥٨ع تائين انهيءَ عهدي تي رهيو. ان کان پوءِ ڪجهه وقت "ڪاروان" جو ايڊيٽر ٿي رهيو. بعد ۾ سکر ۾ سنڌ زميندار پريس ڪجهه وقت هلايائين.

حافظ صاحب پارسيءَ ۽ عربيءَ سان گڏ عروض جي فن ۽ ابجد جو به سنڌ جو وڏو ڄاڻو هو. ان کانسواءِ بلندپايه نقاد به هو. روزانه مهراڻ ۾ سنڌي شاعرن جي شعر تي تنقيدي سلسلي جون جيڪي چاليهه قسطون "ڪي- ايم حافظ" جي نالي سان شايع ٿيون هيون،

اهي حافظ صاحب جون لکيل هيون، ۽ سندس بلند پايه نقاد، عروض جي فن ۽ پارسي ادب ۽ زبان جي وڏي ماهر هجڻ جو ڇٽو ثبوت آهن. ان کان سواءِ حافظ صاحب کيترا علمي، تاريخي ۽ تنقيدي مضامين لکيا، ۽ ڪجهه فارسي مان سنڌي ۽ سنڌي جا اردو ۾ ترجموکيا. سنڌي ۽ پارسي جو بلندپايه شاعر به هو. غزل نهايت اعليٰ پايه جا ڇپائين. سندس غزل ۾ تغزل آهي؛ شعور جي پختگي ۽ نازڪ خيالي آهي، رواني، رنگيني ۽ دلڪشي آهي. سنڌي ۽ پارسي ۾ نعتيه غزل ۽ نظم به وڏي محبت ۽ سڪ سان لکيا اٿس.

منهنجو زخم، جگر هر هر اچي ڇوٽو ڏسين ڪولي
پلا توکي سجهن ٿا ڇا اتي ڪي تير جا ٽڪرا
ڪرامن ڪاتبين جي ڊائري ڦاڙيم ته ڇا ٿي پيو
ڪريان ٿو ڪاتب، تقدير جي تحرير جا ٽڪرا
در، جانان بيابان بزم، رندان گوشه زندان
اهي دنيا ۾ آهن عشق جي جاگير جا ٽڪرا

---

کلهي ڪانڌي ته هوئن پيي ٿي جنازي ساڻ هلندين پر
خدا را هڪ دفعو منهنجي مرڻ کان اڳ هتان ٿي وڃ.

---

ساقي پيار ساغر ڀين ڪي پري پري
مونکي ته تنهنجي پيار جا آهن نشا اچا.

## حبيب الله مولا بخش "حبيب" پنو

١٩١٧ع تي شڪارپور ۾ تولد ٿيو. بلند پايه شاعر مولا بخش "مسڪين" پنو سندس والد هو. چار درجا سنڌي پاس ڪري، انگريزي پڙهڻ ويٺو. پر ٿوري وقت کان پوءِ پڙهڻ ڇڏي، خانگي ڪاروبار جي سانگي ڪراچي هليو ويو. ١٩٣١ع ۾ واپس آيو، ۽

سنڌي پڙهڻ ويئو. ١٩٣٣ع ۾ فائينل پاس ڪيائين، ۽ ١٩٣٥ع ۾ پرائمري ماستر ٿيو. ١٩٤١-١٩٤٢ع ۾ ٽريننگ ڪاليج جو پهريون سال ۽ ١٩٤٧-١٩٤٨ع ۾ ٻيو سال پاس ڪيائين. ١٢- سيپٽمبر ١٩٤٨ع تسي قاضي محله ۾ پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر ٿيو. ان کان پوءِ ١٩٥١ع ۾ ڪجهه وقت ميرپور ماٿيلي ۾ اي-ڊي- آءِ- ايس به ٿي رهيو. ١٩٥٥ع ۾ جڏهن پرائمري اسڪول صدر شڪارپور جو هيڊ ماستر هو، ته ڪيس گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور جو اسسٽنٽ ماستر مقرر ڪيو ويو. ١٩٥٧ع ۾ مئٽرڪ ۽ ١٩٥٨ع ۾ بي- اي جو پهريون سال پاس ڪيائين. ١٩٦٠ ۽ ١٩٦١ع ۾ ڪجهه وقت اي- ڊي- آءِ- ايس به ٿي رهيو. ١٩٦١ع جي پڇاڙيءَ ۾ وري اچي شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ اسسٽنٽ ماستر ٿيو. سن ١٩٧٥ع ۾ رٽائر ڪيائين. ڪجهه وقت ميونسپل ڪائونسلر ٿي رهيو. سن ١٩٨٠ع ۾ وفات ڪيائين.

سندس والد بزرگوار جي صحبت ۾ ١٩٣٦ع کان سندس علمي ۽ ادبي ذوق جي ابتدا ٿي. ١٩٤٠ع کان سندس مضمون ۽ شعر مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپبا رهيا. ڪيترائي تحقيقي، تنقيدي ۽ معلوماتي مضامين ۽ درسي ۽ معلوماتي ڪتاب لکيا اٿس. مضمونن سان گڏ شعر به لکندو آيو. نموني طور سندس غزلن مان ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

بي مثل بيچون بالله محب مون منثار آ.
سرو قد سهڻو سراپا سونهن جو سردار آ.

ڇا اگيان ان جي سونهين گل صنوبر ياسمين
سر بسر سچ تو سليان، هو هڪ عجب اسرار آ.

چشم تنهنجا مثل آهو زلف زنجيرن سمان
هيءَ نه مون ساراه سمجهو حق سندو اظهار آ.

گل ۾ کھڙي آه زينت، هو اچا انگان ڪثر
لالہ رخ، مهتـــاب زيبـــا گلشن- گلزار آ.

---

سهڻا گهميس مان سو ٻہ سو
تنهنجي ڏسڻ ليءِ ڪو ٻڪو
پر ڪو نہ آيو ڪو نظر
مون تو جهو ڪو هو ٻهو
چهرو سنڌ ء آ چا چــوان!
گل ياسمين جيئن ٻو ٻــہ ٻو
جهٽ تو لڪائي منهن قمر
جي تون ٿئين ٿو دو ٻــدو.

## زنده شاعر

شڪارپور شهر ۾ هن وقت ٻــہ ڪيترائي شاعر موجود آهـــن، جهڙوڪ: نقش نـايــاب منگي، عبدالقيوم طــراز، امان الله مفلح، رحمت‌الله شــوق، صوفي جهامنداس عاشق، احمــد بخش ٻـدوي، انور ”فگار“ هڪڙو، علي‌حسن گدا، عبدالرزاق چغدو، نياز رجبائي، غلام عباس ”اختر“ زيدي، عبدالغفار صديقي، عبدالحميد ”صبر“، عابــد ”نياز“ ميمڻ، امام بخش ”عاصم“، ارباب عادل چوهاڻ ۽ ٻيا.

علاؤالدين نيازي

# تحريڪ آزاديءَ ۾ شڪارپور

اها هڪ تاريخي حقيقت آهي، ته سنڌ جي رهواسين آزاديءَ جي هر تحريڪ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ به هي سرزمين مجاهدن جي ڪشش جو مرڪز رهي آهي. سنڌ جي ٻين حصن وانگر، شڪارپور جي علائقي جي ماڻهن به آزاديءَ جي تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو آهي. هتي شڪارپور علائقي جي رهواسين جي خدمتن جو اجمالي تعارف پيش ڪجي ٿو:

سن ۱۸۲۷ع ۾ سيد احمد شهيد بريلوي ۽ مولانا محمد اسماعيل دهلوي، صوبه سرحد ڏانهن جهاد لاءِ ويندي مجاهدن سميت سنڌ مان لنگهيا. هو پير ڳوٺ ۾ حضرت پير صاحب پاڳاري سان مليا، جنهن ساڻن ڀرپور تعاون ڪيو؛ ۽ پنهنجا مريد مجاهدن جي لشڪر ۾ شامل ڪيا. حضرت سيد احمد شهيد مجاهدن سميت مدئجيءَ وٽان درياهُ پار ڪيو. شڪارپور ڏانهن ايندي، پير ڳوٺ (تعلقه ڳڙهي ياسين) وٽ سرهندي بزرگ فدا محي الدين سنڌن آڌرڀاءُ ڪيو، ۽ مهمان نوازي جو پورو پورو حق ادا ڪيو. پير ڳوٺ کان ٿيندو مجاهدن جو قافلو شڪارپور ۾ پهتو. سيد احمد شهيد ۽ مولانا محمد اسماعيل شڪارپور ۾ رهي، جهاد جي تياري ڪئي. هتي هنن پير ڳوٺ مان خريد ڪيل ڪپڙي مان مجاهدن جون ورديون سبارايون، ۽ ٻيو ضروري سامان جمع ڪيو. نه فقط ايترو، پر ماڻهن کي جهاد لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ هنن بزرگن لکي در واري مسجد ۾ پرجوش ۽ ايمان افروز تقريرون ڪيون. ڪجهه وقت کان پوءِ هو اڳتي وڌيا.

سن ۱۸۲۷ع کان ۱۸۳۱ع تائين هنن مجاهدن سکن خلاف جهاد ڪيو. سن ۱۸۳۱ع ۾ بالاڪوٽ ۾ انهن جي شهادت کان پوءِ سيد

نصيرالدين دهلوي سن ١٨٣٥ع ۾ سکن خلاف جهاد ڪيو. هو بزرگ جهاد تي وڃڻ لاءِ جيسلمير کان سنڌ ۾ داخل ٿيو. خيرپور واري علائقي مان لنگهي، شڪارپور جي علائقي ''روپاهه'' ۾ پهتو. هن شڪارپور ۾ رهي مسلمانن کي جهاد جي دعوت ڏني. هتان هو مري قبيلي جي سردار دودا خان ۽ ڊومبڪي قبيلي جي سردار بجار خان ڏانهن، جهاد جي دعوت ڏيڻ لاءِ ويو.

سن ١٨٥٧ع ۾ سنڌ ۽ هند جي رهاڪن، انگريزن جي خلاف نفرت جو اظهار ڪندي، آزاديءَ جي تحريڪ هلائي. هن تحريڪ جي سلسلي ۾ سنڌ جي ماڻهن ۽ فوجي ڇانوڻين جي سپاهين به پاڻ ملهايو. انهن ڏينهن ۾ شڪارپور ۾ به فوجي ڇانوڻي هئي. هن ڇانوڻيءَ جي سپاهين به هن قومي لڙائيءَ ۾ انگريزن خلاف عملي حصو ورتو. هو ڇانوڻيءَ مان نڪري آيا، ۽ شهر جي وچ ۾ توبون بيهاري، انگريزن جي خيمن ۽ بارڪن تي زبردست گولا باري ڪيائون. انهيءَ ڪري ڪيترائي انگريز مارجي ويا. انهيءَ واقعي جي جڏهن انگريز عملدار جنرل منٽگمريءَ کي خبر پئي، تڏهن هن ١٦- ريجمينٽ جومڪمل دستو چاڙهي موڪليو. انهن اچي شڪارپور تي ايتري گولا باري ڪئي، جو سڄو شڪارپور جو شهر بارود جي دونهي سان ڍڪجي ويو. ڪيترائي ڏينهن شهر دونهي سان ڍڪيل رهيو، ۽ ڪيترائي مجاهد ۽ شهرواسي شهيد ٿي ويا.

ان بعد برصغير ۾ وقت بوقت مختلف آزاديءَ جون تحريڪون رونما ٿيون، جن انگريزن جي خلاف وڏي جدوجهد ڪئي. ريشمي رومال تحريڪ، خلافت تحريڪ ۽ بمبئيءَ کان سنڌ جي علحدگيءَ جي تحريڪ آزاديءَ جي سفر ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌ ۾ ريشمي رومال تحريڪ ۽ خلافت تحريڪ جو روح روان حضرت مولانا تاج محمود امروٽي هو. هن بزرگ جنهن جوش، جذبي ۽ ايماني قوت سان انگريزن جو مقابلو ڪيو، ان جو بيان آزاديءَ جي تحريڪ

۾ سونهري اکرن ۾ لکڻ لائق آهي. هي بزرگ شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ امروٽ (تعلقو ڳڙهي ياسين) جو رهاڪو هو. امروٽ، آزاديءَ جي تحريڪ ۽ اسلام جي احيا جي تحريڪ جو مرڪز هو. هتي ئي حضرت مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مولانا احمد علي لاهوري جي تربيت ٿي، ۽ هتان ئي آزاديءَ جا ڪرتا نمودار ٿيا.

ريشمي رومال تحريڪ ۽ خلافت تحريڪ کان سواءِ حضرت امروٽيءَ جو هڪ ڪارنامو ڪيرٿر واهه جي مسجدن جي بحالي آهي. انهن ڏينهن ۾ سکر براج جا واهه کوٽجي رهيا هئا، جن مان هڪ واهه ڪيرٿر نالي به آهي؛ جيڪو شڪارپور ضلعي مان امروٽ لڳ لنگهي ٿو. واهه جي کوٽائي ۾ مسجدون به وچ تي آيون ٿي. انجنيري کاتي وارن اهي مسجدون شهيد ڪري، واهه جي کوٽائي ڪرڻ گهري ٿي. حضرت مولانا امروٽي، انگريزن جي انهيءَ عمل خلاف زبردست تحريڪ هلائي نتيجي ۾ مسجدون شهيد نه ٿيون ۽ ساڳي هنڌ تي بحال ٿيون.

حضرت امروٽي تبليغ اسلام ڪري نئين سر جيئاريو ۽ تمام وڏي مقدار ۾ غير مسلم سندس هٿ تي مسلمان ٿيا. نه فقط ايترو، پر هن بزرگ بدعتن جي خلاف جهاد ڪيو، اسلامي تعليم جي اشاعت جي سلسلي ۾ امروٽ ۾ پريس قائم ڪري، اسلامي تعليم بابت ڪتاب شايع ڪيا، ۽ قرآن مجيد جو سولي سنڌي زبان ۾ ترجمو شايع ڪيو.

جهڙيءَ طرح هن بزرگ جا ساٿي ۽ پوئلڳ سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ جدوجهد ڪري رهيا هئا اهڙيءَ طرح شڪارپور شهر ۾ به هن بزرگ جي تحريڪ جا ماڻهو موجود هئا، جهڙوڪ: مولانا عبدالڪريم چشتي؛ مولانا حبيب‌الله خادم وغيره. انهن آزاديءَ جي مختلف تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو. مولانا عبيدالله سنڌيءَ ڪي وڏي عرصي جي جلاوطني کان پوءِ هن شهر جي مشهور سياستدان ۽ قومي اڳواڻ شهيد الله بخش سومري، واپس سنڌ ۾ آندو.

شهيد الله بخش سومري، ان ڪارنامي ڪانسواءِ وزير اعليٰ سنڌ جي حيثيت ۾، سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي. هو عملي سياست ۾ يقين رکندو هو، ۽ قوم پرست خيال رکندڙ سياسي اڳواڻن سان وابستہ هو. ڪيس قانون جي بالا دستي قائم رکڻ لاءِ مسلمانن جي مخالفت برداش ڪرڻي پيئي، پر هن پنهنجي اصولن تي سمجهوتو نہ ڪيو.

پاڪستان جي تحريڪ ۾ بہ هتي جي رهاڪن وڏي جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو. هتي جا سر غلام حسين هدايت الله، آغا غلام نبي خان پٺاڻ ۽ واجد علي شيخ مسلم ليگ جا سرڪردا اڳواڻ هئا، جن مسلم ليگ کي مقبول بنائڻ لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪئي. هنن هندن ۽ ڪانگريسن جو مقابلو ڪيو، ۽ مسلم ليگ لاءِ راهہ هموار ڪئي.

مسلم ليگ جي تنظيم جي سلسلي ۾ آگسٽ ١٩٣٨ع ۾ آغا غلام نبي خان پٺاڻ جي ڪوشش سان ڳوٺ سلطان ڪوٽ ۾ پهرين رضاڪار ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، حاجي عبدالله هارون، قاضي فضل الله، سر غلام حسين ۽ ٻين سنڌي اڳواڻن شرڪت ڪئي.

شڪارپور جي هڪ صحافي، عالم، اديب ۽ شاعر حافظ خيرمحمد اوحدي سنڌ صوبائي مسلم ليگ جي آفيس ۾ آفيس سيڪريٽري جي حيثيت ۾ ڪيترائي سال ڪم ڪيو. ان کان اڳ ۾ سال ١٩٣٨ع جي آخر ۾ جڏهن قائد اعظم سنڌ جو دورو ڪندي جيڪب آباد پهتو، ۽ جيڪب آباد ضلعي مسلم ليگ جو قيام عمل ۾ آيو، تڏهن شيخ عبدالحڪيم صدر ۽ حافظ خير محمد اوحدي نائب صدر ٿيا. حافظ خير محمد اوحدي مرحوم انهن ڏينهن ۾ جيڪب آباد ۾ رهندو هو.

٢٤ مئي ١٩٤١ع تي سلطان ڪوٽ ۾ ان وقت جي سکر ضلعي (جنهن ۾ موجوده شڪارپور ضلعو بہ شامل هو) جي مسلم ليگ

ڪانفرنس ٿي، جنهن جي صدارت مخدوم مريد حسين قريشي سجاده نشين درگاه حضرت غوث بهاؤالحق زڪريا ملتاني ڪئي. هن ڪانفرنس جو اثر سنڌ ۾ وڏو سياسي رد عمل ٿيو.

هندو مسلم ڇڪتاڻ سبب برصغير پاڪ و هند ۾ سياسي حالتن نئون رخ اختيار ڪيو؛ ۽ مسلمانن محسوس ڪيو، ته هو هندن سان گڏ رهي نه سگهندا. انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ سنڌ ۾ مسجد منزل گاه واري واقعي ڪي بنيادي حيثيت حاصل آهي. انهيءَ جهڳڙي ۾ شڪارپور ضلعي جي مختلف شهرن جهڙوڪ: لاڙڪاڻي، وزير آباد وغيره ۾ خونريز فساد ٿيا؛ ۽ وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو. بهرحال ان کان پوءِ هندن ۽ مسلمانن جون راهون جدا جدا ٿي ويئون، ۽ پاڪستان جي تحريڪ زور ورتو.

پروفيسر نذير احمد صديقي

# شڪارپور جو مختصر اقتصادي جائزو

شڪارپور جو شهر، جيڪو ڪنهن وقت شڪارگاهه هو، سو اڳتي هلي سنڌ جــي شهزادي بڻيو، شڪارگاهه جي زماني ڪانوڻي شهزادي بڻجڻ تائين هي شهر پنهنجي مخصوص اقتصاديات جي بدولت خاص اهميت رکيتو. شڪارپور جي ڪنهن وقت شڪارگاهه هجڻ مان ظاهر آهي ته هتي ان وقت گهاٽو ٻيلو هو. ٻيلا ملڪ جي اقتصاديات ۾ هڪ اهم پارٽ ادا ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو ماهرين اقتصاديات جي راءِ مطابق، ملڪ جي معشيت و اقتصاديات جي بهبود لاءِ ملڪ جي ايراضي جو ٢٥ سيڪڙو ٻيلن تي مشتمل هجڻ ضروري آهي. هن مان پڌرو ٿيو ته شڪارپور، پنهنجي شڪارگاهه هجڻ واري زماني ۾ به، ٻيلن مـــان پهچندڙ براهِ راست ۽ بالواسطه فائدن سبب، سنڌ جي اقتصاديات کي توانائي بخشيندڙ هئي. جڏهن شڪارگاهه بدلجي شڪارپور بڻيو ته سندس اقتصاديات نئون روپ اختيار ڪيو ۽ هـن نئين شهر مختلف اقتصادي شعبن ۾ نمايان تـرقي ڪئي، اسانکي معلوم هجڻ گهرجي ته شڪارپور کي سنڌ جي شهزادي تسليم ڪرڻ جو سبب نه فقط شڪارپور جي تاريخي عظمت ۽ مخصوص تهذيبي ورثو آهي پر آن ۾ شڪارپور جي اقتصادي ترقي ۽ معاشي خوشحاليءَ کي به وڏو عمل دخل حاصل آهي.

شڪارپور جي اوائلي اقتصاديات متعلق اسانکي غالباً اولين جامع ۽ تحريري مواد، ڪئپٽن ايف. جي گولڊ اسمڊ جي جڳ‌مشهورڪتاب:

Selections From Historical Memoirs on Shikarpur.

مان حاصل ٿئي ٿو، جيڪو ١٨٥٤ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ هن وقت جيڪڏهن سراسر ناياب نه ته ڪمياب ضرور آهي. مـذڪوره ڪتاب جي ضميمي ۾ فاضل مصنف ان وقت جي شڪارپور جي رهواسين جي

پيشه‌وارانہ تقسيم بيان ڪئي آهي. هن صاحب جي تفتيش ۽ تحقيق ڪي آفرين آهي، جو هن پيشه‌وارانہ تقسيم ڪندي ماڻهن جي مذهب ۽ سندن معروف ذاتين ۽ قبيلن تي بہ روشني وڌي آهي. مثال طور، زراعت جي پيشي سان وابستگي جي بيان ۾ سادات ۽ قريشي قبيلي جو تعداد، عام مسلمانن جو تعداد ۽ هندن جو تعداد الڳ الڳ ڄاڻايو اٿس. سڀ کان مزيدار ڳالهہ اها آهي تہ ڪئپٽن صاحب، گداگريءَ کي بہ هڪ پيشو شمار ڪيو آهي ۽ هن غير اقتصادي پر نفع‌بخش پيشي سان وابستہ افراد جو بہ مذهب ۽ ذاتين جي اعتبار کان ذڪر ڪيو اٿس. شڪارپور ۾ موجود ان وقت جي صنعتن متعلق جيڪو گولڊ اسمڊ تفصيل پيش ڪيو آهي، اهو شڪارپور جي اوائلي اقتصادي عظمت کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. گولڊ اسمڊ جي تحقيق موجب شڪارپور ۾ ٻين صنعتن سان گڏ ”ڪاغذ ٺاهڻ“ جي صنعت بہ موجود هئي. شايد اهوئي سبب آهي، جو اڄ تائين شڪارپور ۾ ”ڪاغذي“ نالي سان هڪ مسلمان قبيلو موجود آهي.

قيام پاڪستان کان اڳ، شڪارپور جي اقتصادي ترقي ۽ معاشي خوشحالي جو خاص سبب شڪارپور جا اهي تجارتي ناتا هئا، جيڪي هڪ طرف بلوچستان ڪانوٽي افغانستان بلڪ روسي ترڪستان تائين پکڙيل هئا ۽ ٻئي طرف احمدآباد، بمبئي، ڏاڙواڙ، حيدرآباد دکن، مدارس بينگلور، ڪلڪتي بلڪ برما جي گاديءَ جي هنڌ رنگون تائين وڌيل هئا. ڪي شڪارپوري واپاري تہ اوير ۾ هانگ ڪانگ سينگاپور تائين وڃي پهتا هئا ۽ ڪجهہ ڏکڻ اولهہ ۾ نائيجيريا ۽ يوگنڊا تائين وڃي رسيا هئا. شڪارپوري واپارين جي هڪ خاص خوبي هيءَ هئي، تہ هو سال جا ڏهہ مهينا تہ ٻاهرين ملڪن ۾ گذاريندا هئا پر ٻہ مهينا خاص طرح سانوڻ ۽ بدو گهٽو ڪري اچي گهر پيڙائيندا هئا. يعني شڪارپور ۾ گهاريندا هئا ۽ پنهنجي ڪمايل پرڏيهي آمدنيءَ مان دل کولي خرچ ڪندا هئا. ان عرصي ۾ نين عمارتن جي تعمير يا پراڻين جاين جي مرمت

هيون.“ شڪارپور جـي اقتصادي خوشحالي جـو خـاص سبب؛ سرالیگزینڊر برنس جي راءِ موجب شڪارپور جي هندو صرافن جـو بئنڪنگ بزنيس هو. شايد اهوئي سبب آهي جو اڄ به شڪارپور کان ٻاهر لڏي ويل هندو صراف ان ملڪ جي مشهور بئنڪرن ۾ شمار ٿين ٿـا.

شڪارپور جا هندو، پئسي جي ڏيتي ليتيءَ کانسواءِ عملي واپار به ڪري ڄاڻندا هئا. جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي ته ٻاهرين علائقن ۽ ملڪن ۾ سندس ڪوٺيون هونديون هيون. هو گهڻو ڪري ڪپڙي جو واپار ڪندا هئا، جنهنڪري بجاج (بزاز) سڏبا هئا. اڄ به شڪارپور ۾ بجاج گهڻي سندن پيشي جي نالي پٺيان قائم آهي. ڪپڙي جيءَ واپار کانسواءِ، هندو واپاري؛ بلوچستان، افغانستان ۽ روسي ترڪستان مان تازو ۽ خشڪ ميوو به سنڌ ۽ ننڍي کنڊ جي ٻين علائقن ڏانهن موڪليندا هئا. ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي جي ڪتاب ”هندن جي تاريخ“ موجب شڪارپور جا هندو نسلاً اروڙ ونسي هئا، جيڪي اروڙ ”الور“ جي تباهي کانپوءِ، پنجاب کان ٿيندا شڪارپور ۾ اچي آباد ٿيا. پنجاب ۾ سک پنٿ جي اثرات سبب هو گهڻي ڀاڱي گروءَ جا سک ٻڌجي پيا“ ٻين لفظن ۾ هو هيا ته هندو پر نانڪ شاهي فرقي سان تعلق رکندا هئا، شايد اهوئي سبب هو جو شڪارپور جـي اڪثر معروف هندن جـي نـالن پٺيان ”مل“ ”چندر“ يا راءِ جي بدران ”سنگهه“ نظر اچيٿو. مثال طور؛ شڪارپور جي قديمي ڪاليج يعني سي اينڊ ايس ڪاليج جي ٻن باني وجهندڙن مان هڪ جو نالو سيٺ چيلا سنگهه آهي.

اڏون اڳ ۾ هڪ پئراگراف ۾ اشارو ڪري آيو آهيان ته شڪارپور ۾ هڪ مسلم قبيلو ”ڪاغذي“ نالي سان آباد آهي؛ جيڪو شايد ڪاغذ جي صنعت سان وابسته هيو، جنهن بابت گولڊ اسمد به شڪارپور ۾

ٻين صنعتن سان گڏ پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. هن مان ظاهر آهي ته شڪارپور جا ڪي خاص قبيلا ڪن خاص اقتصادي مشغولين، پيشي يا ڪاروبار سان متصف رهيا آهن. آئون موجوده شڪارپور ۾ چند اهڙن قبيلن جو ذڪر ڪندس جن سان ڪي خاص صنعتون يا ڌنڌا منسوب ٿيل آهن.

## ١- بابلاڻي ٻڪڻن جو قبيلو:

مسلمان ٻڪڻن جو هيءُ قبيلو واڍڪي ڪم سان منسوب ٿيل آهي جيتوڻيڪ هن قبيلي جا ڪجهه افراد لڏي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد وغيره وڃي ويٺا آهن، تڏهن به اتي پنهنجو هنر قائم رکندا اچن. هن قبيلي جو ذريعه معاش نموني طور تي اعليٰ قسم جو واڍڪو ڪم آهي، البت ٻين قبيلن وانگر هن قبيلي جي تعليمِيافته افراد به ملازمت وغيره اختيار ڪئي آهي ۽ ڪن زميناري شروع ڪئي آهي. هن چوڻ ۾ ڪوبه مبالغو نه آهي ته بابلاڻي ٻڪڻ، ڪانيءَ جي ڪم ۾ پنهنجو ثاني نه ٿا رکن. ماضي قريب ۾ هن قبيلي مرحوم مستري اميربخش جهڙا ڪاريگر پيدا ڪيا آهن، جن جي بي مثال ڪاريگريءَ جو ڪم اڄ بہ لکيدر علائقي جي ڪيترين عمارتن ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

## ٢- صديقي:

شڪارپور ۾ صديقين جا ٻه پاڙا آهن. هڪ ملا يا مولوي صديقي جنهن سان هن خاڪسار جو تعلق آهي، ۽ ٻيو سرهيه عطار صديقي، پهرين پاڙي جي اڪابرين جو تعلق درس و تدريس ۽ قال اللهوقال الرسول جي مجلسن سان رهيو آهي. البت ذريعه معاش جي حصول ۾ هنن ڪنهن خاص صنعت سان وابستگي نه رکي آهي. شڪارپور شهر جو هڪ مشهور عالم ۽ مفتي، استادالعلماءُ مرحوم مولوي حافظ محمدحيات (راقمِ الحروف جو ڏاڏو) به صديقين جي پهرين پاڙي سان تعلق رکندو هو، ۽ درس و تدريس ۽ فتاويٰ جي في سبيل الله مشغولين ڪانسواءِ

ذريعہ معاش لاءِ چمڙي جو واپار ڪندو هو. صديقين جو ٻيو پاڙو بہ علم و فضل ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. البت صديقين جي ٻئي پـــاڙي ذريعہ معاش طور هڪ خاص صنعت سان تعلق رکيو آهـــي؛ جنهنکي ڪتاڻ يا آچار ناهڻ جي صنعت چئجي ٿو ۽ جنهن ۾ هن قبيلي جي افراد کي خاص مهارت حاصل آهي. هن قبيلي جا افراد خاص طـــرح سندن پرده نشين ۽ عزت واريون عورتون آچار جا جملي اقسام ٺاهي چاڙهين ٿيون، جيڪي بيحد لذيذ ۽ ديسان ديس مشهور ٿين ٿا. اڄ ڪالهہ ميمڻ برادري مان (خاص طرح مولابخش ميمڻ ۽ سڪندرعلي ميمڻ) سومرہ برادري (خاص طرح عبدالرحمان سومرہ) ۽ هڪ نئين سنڌي جي فرم "سليمي آچارپروڊڪٽس" بہ هن ڏس ۾ چڱو نالو پيدا ڪيو آهي.

مضمون جي طوالت جي خوف کان آڏون ٻن صنعتن ۽ سائن وابستہ قبيلن جي بيان تي اڪتفا ڪريانٿو.

پروفيسر لجپت. جي. گانڌي

# شڪارپور جو ثقافتي ۽ معاشي ورثو

تاريخ رڳو گذريل وقت جو رڪارڊ نہ آهي، پر هوءَ اسانکي پيڙهہ مهيا ڪري ٿي؛ تہ جاچي ڏسون تہ اسان وٽ اهڙي وڏائي آهي يا انهيءَ ورثي کان غافل رهيا آهيون؟ انهيءَ ورثي کي بچائي ڪيئن اڳتي وڌجي. اها سوچ پاڻ ۾ پيدا ڪرڻي آهي. واقعات ۽ ڪارگذاريون شهر ۽ ملڪ جي رفتار جو رخ بدلائي ڇڏن ٿيون.

شڪارپور هڪ پراڻو سنڌ جو شهر آهي، جيڪو مختلف وصفن جي ڪري، جڳان جڳ مشهور رهيو آهي. اصل ۾ هي شهر ميان يارمحمد ڪلهوڙي ٺهرايو، جنهن کي پنهنجي گاديءَ جو ڪوبہ شهر ڪونہ هو؛ ۽ انهيءَ جو نالو خدا آباد رکيو، هن اهو ٽڪرو پنهورن کان کسيو، ڇو تہ اها خدا آباد سيوهڻ شهر جي پرسان آهي. پر اها ٻي جڳهہ هئي ( انهيءَ خدا آباد متعلق جنهن کي شڪارپور بہ چئجي ٿو، تنهن جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي هڪ مضمون حيدرآباد ۾ ڪيو آهي ۽ تحفةالڪرام ۾ بہ اهو تذڪرو اچي ٿو) شهر جي قائم ٿيڻ جو سن ١٦١٧ عيسوي آهي.

شڪارپور اصل ۾ شڪارگاهہ هو، جنهن جا مالڪ مهر ۽ جتوئي هئا، ڪيڙي آٽڻ وارا، جيڪي دائود پوٽا هئا، تن اهو شڪارگاهہ مهرن کان لڙائي ۾ حاصل ڪيو، جيڪي اصل لکيءَ ۾ رهندا هئا. پير ابراهيم شاهہ کين جڳهہ جو هنڌ ٻڌايو جنهن تي هنن شڪارپور جو شهر اڏيو (احمد خان جو هٿ جو لکيل نسخو صفحو نمبر ٩) ميان يارمحمد ڪلهوڙو ميان نورمحمد سنڌ جو حاڪم بڻيو ۽ هن هڪڙو نئون شهر اڏيو جنهن کي محمودآباد جو نالو ڏنائين. ڪلهوڙن جي

حاڪميت جو دور شڪارپور جي تاريخ تي پوري روشني نٿو وجهي پر ١٧٠٠ع کانپوءِ جڏهن عالمگير جو پوٽو شاهي فرمان وٺي سنڌ ۾ آيو، ته اسانکي تاريخ جو سلسلو ملي ٿو. شهزادي کي هڪڙي شخص داﺋودپوٽن جي سرڪردي مبارڪ خان بچايو. انهي ڪري اسان شڪارپور جي پيڙهه مبارڪ خان جي والد صاحب ڏانهن منسوب نٿا ڪري سگهون. بهادر خان کي انهيءَ زمين لاءِ سند هئي، جنهن تي شڪارپور اڏيل آهي. خدايار خان پٽ نورمحمد، پهريون عباسي گورنر هيو. پر ان لاءِ تاريخ ۾ گهٽ احوال ملي ٿو.

نادر شاه جي ڪاه کانپوءِ شڪارپور ملتان سان گڏ، افغانن جي زير سايہ آئي. احمد شاه ابداليءَ ١٧٤٧ع ۾ پنهنجي حاڪميت جو دور شروع ڪيو، ۽ پاڻ شڪارپور ۾ بہ آيو.

پنجاب جي سکن چاهيو پئي تہ شڪارپور کي قبضي ڪجي، پر سنڌ جي ميرن شڪارپور کي افغانن کان آزاد ڪرايو ۽ لشڪر سميت اچي شاهي باغ ۾ ڏيرو ڪيو. هنن نواب؛ جمع خان بارڪزئي کي گهرايو ۽ شڪارپور جا دروازا آمدرفت لاءِ کوليا. پراڻو محمد حسين، جيڪو ان وقت جو فوجدار هو، اهو ٽن حڪومتن جي زيرسايہ حڪومت جو اهلڪار رهيو: افغاني ، مير ۽ انگريز.

شڪارپور گهڻي ئي اوج ۽ پائماليون ڏٺيون، ۽ هر هڪ دور پنهنجو نقش انهيءَ سرزمين تي ڇڏيو. افغانستان سان ملڻ جي ڪري شڪارپور جو واپار افغانستان جي گاديءَ جي هنڌ قنڌار ۽ ان کان پري بلخ بخارا تائين رهيو. شڪارپور جا اصل وڏا لکي ۽ ان جي پسگردائي ۾ رهندا هئا. اهي پئسي جي ڏيتي ليتيءَ جو گهڻو ڏنڌو ڪندا هئا ۽ سندن عزت وچ ايشيا تائين پکڙيل هئي.

شڪارپور جي ٻولي مٺي ۽ سباجهي آهي. ( اها ڳالهہ پيرومل مهرچند پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڪئي آهي.) اهو

ميناج انهي ڪري قائم رهيو، جو انهيءَ ٻوليءَ سان ڪا ٻه هٿ چراند نه رهي، ايستائين جو قلات ۽ قندار ۾ به هنن پنهن جي ٻوليءَ کي ڪونه وساريو.

شڪارپوري راڳ ۽ ساز جا گهڻا دلداده هئا ۽ هنن کي راڳ جي چڱي پرک هئي، جنهنکي گندوره وديا ڪري چئجي ٿو، يعني راڳ جي تعليم چئجي ٿو. راڳ جي ڦهلاءَ، ڪان مٿي بهار جي موسم ۾ ٽن ڏينهن ڪان لڳاتار راڳ جون محفلون لڳايون وينديون هيون، جن ۾ سموري هندستان جا ناليوارا ڳائڻا پنهنجي هنر جو ڪمال ڏيکاريندا هئا.

جيئن سنڌ شاه ۽ سچل سرمست ڪانسواءِ نامڪن آهي، اهڙي طرح جيڪڏهن اسان شڪارپور جي هڪڙي نامياري شاعر ساميءَ جو ذڪر نه ڪنداسين ته اسان جي سنڌي ادب جي تاريخ نامڪمل رهجي ويندي. سامي صاحب سنڌي شاعريءَ جو ٿيون پائو ليکيو وڃي ٿو شڪارپور جي تاريخ جو ذڪر انهيءَ شاعر ڪانسواءِ اڌڻ آهي ڇڻ گلاب جي گل ڪانسواءِ هڪ گلدستو هجي. ان جي ڄم جي تاريخ جو صحيح پتو نٿو پئجي سگهي، پر تاريخ نويسن هن جو موت ١٢٠ ورهين جي ڄمار ۾ ڄاڻايو آهي، جيڪو ١٩٠٧ع يا ١٩٠٨ع بيهي ٿو. انجو مطلب اهو ٿيو ته هن گهرو جهيڳڙا، احمد شاه ابدالي جو قبضو ۽ انگريزن جي فتح ڏٺي هوندي.

جيئن شاه جي شاعري اسانکي ٻڌيءَ جو ۽ انسان ذات جي ڀلائي جو سبق ڏئي ٿي، ۽ سچل ڪليل الفاظن ۾ ٻڌايو آهي ته سچ ڇا آهي. تيئن ساميءَ ويدانت جو ڳوڙهو ويچار عام رواجي ٻوليءَ ۾ ٻڌايو آهي.

پري ڪون پري مايا محبوبن جي.
ڪنهن پاتو ڪينڪي انت اٿان ڪري؛

کيس ڳم ڳيات سان ڳيا نوان ڪري،
سامي ڏسي نــري پنهن جي اکين پاڻ.

قريباً چار هزار سلوڪ پروفيسر ڄهامنداس ڳولهي لڌا آهن. انهيءَ کان اڳ ٢١ سؤ سلوڪ سنڌي ۾ آيل آهن.)

جڏهن احمد شاه ابدالي شڪارپور ۾ آيو تڏهن هن حاجي فقيرالله علويءَ کي پنهنجو مرشد ورتو هو، ۽ شادي به شڪارپور مان ڪيائين (اهو احوال تذڪره لطفيءَ ۾ آيل آهي.) احمد شاه ابدالي ڪڏهن به جنهيءَ سان شڪارپور جي گهٽين ۾ نه گهمندو هو، ڇاڪاڻ ته هو سندس مرشد جو شهر هو، شڪارپور وڻج واپار جي ڪري ديسان ديس مشهور هو ۽ قنڌار کان ڪراچي ڏانهن زميني واپار جو مکيه هنڌ هو.

مسلمانن اوليائن ۽ فقيرن کانسواءِ شڪارپور ۾ سکن جو به سنڌو وارث اسانکي بابا گرداس جي شخصيت ۾ هٿ ملي ٿو، جنهن واريءَ مان کنڊ ٺاهي، انهيءَ کي کٽ واري جو لقب مليل آهي.

شڪارپور نــه رڳو واپــار ۽ پئسي ۾ مشهور هئي، پــر پهرئين ناٽڪ سڀا جـــو پايـــو ١٨٩٧ع ۾ هن شهر ۾ پيو، جنهن جـــو نالو ”ڊرم اپڪار ايميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي“ هو، جنهن جا باني ديوان ناڪرداس ناگراڻي سيشن جج ۽ آغا صوفي، مهراج تيجڀانداس ۽ ٻيا هئا، ١٩٤٧ع کانپوءِ گورنمينٽ سي ائنڊ ايس ڪاليج پنهنجا ساليانا فنڪشن ڊرامن جي صورت ۾ پيش ڪندي رهي.

تعليم جــي ميدان ۾ اسان جــي شهر شڪارپــور ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر ١ــ هڪ صديءَ کان به وڌيڪ پراڻو آهي ۽ ١٩٣٣ع ۾ شڪارپور ۾ ڪاليج جو بنياد رکيو ويو، جيڪو سنڌ جــو ٽيون نمبر ڪاليج هو.

پهرئين سلڪ مل ١٨٩٠ع ۾ شڪارپــور ۾ سيٺ اوڌل داس

دوارڪداس ڀاٽيہ وڏي، جنھنجو ڪپڙو انگلنڊ تائين ويندو ھو.

اھڙو ڪوبہ ميدان ڪونھي، جنھن ۾ شڪارپور جو ڪوبہ شخص مٿ تائين ڪونہ پھتو ھجي، چاھي اھا سياست ھجي يا حڪومت، سنڌ جڏھن بمبئي کان ڌار ٿي، تہ اسان کي شڪارپور جا ٻہ سپوت نظر اچن ٿا: ھڪ شيخ غلام حسين ھدايت الله ۽ ٻيو شھيد الله بخش سومرو. انھيءَ کان علاوہ بمبئي ڪائونسل ۾ ميان علي بخش ۽ ٻيا.

ورھاڱي ڪانپوءِ شڪارپور پنھنجو اڳيون اوج ۽ شاھاڻي شان شوڪت وڃائي، ۽ ڪنھن بہ ان طرف توجہ ڪونہ ڏنو. پر ١٩٧٧ع ۾ جڏھن شڪارپور کي ضلعي جي حيثيت ملي تہ اسان کي اميدون پيدا ٿيون. ھينئر اميد آھي تہ سنڌس مستقبل تابناڪ ٿيندو، جيئن سنڌس ماضي رھيو آھي. انگريزي شاعر شيلي پنھن جي شعر ۾ چيو آھي تہ:

”جيڪڏھن سيارو ايندو، تہ ڇا بھار گھڻو پوئتي ھوندو“

(نوٽ: شڪارپور جي قيام، داؤدپوٽن جي اصل نسل ۽ ٻين ڪن ڳالھين بابت ليکڪ سان اختلاف ڪري سگھجي ٿو. اھي ھن جا پنھنجا رايا آھن. جن لاءِ مستند دليل ۽ حوالا نہ ڏنا اٿس. مرتب جو ساڻس متفق ھجڻ ضروري نہ آھي)

نعمت الله حبيب الله پنو

# شڪارپور جي صحافت جي تاريخ

سنڌ ۾ صحافت جي شروعات انگريزن جي دؤر کان ٿي. ان کان اڳ ڏهين صدي عيسوي کان اٺويهين صدي عيسوي جي اڌ تائين مسلم راڄ ۾ وقائع نگاريءَ جو فن پيدا ٿيو، جنهن کي اسان ڪنهن حد تائين سنڌ ۾ صحافت جو بنياد چئي سگهون ٿا. ان سلسلي ۾ مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سنڌ ۾ وقائع نگاري جا ٽي اهم مرڪز جهڙوڪ: بکر، سيوستان ۽ ٺٽو ڄاڻايا آهن. وقائع نگاري جي اهم عهدن تي جيڪي فائز هيا، تن مان مير عبدالجليل بلگرامي ۽ مير غلام علي آزاد جا نالا قابل ذڪر آهن.

انگريزن فبروري ١٨٤٣ع ۾ جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌ صوبي جي سرڪاري زبان فارسي هئي، جنهن کي حڪمران طبقہ ختم ڪري، ڏيهي ٻولي ”سنڌي زبان“ کي رائج ڪرڻ ۽ همٿائڻ واري پاليسي اختيار ڪئي. ان سلسلي ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي اجازت سان سنڌي رسم الخط ٺاهي ويئي، جيڪا سنڌي ادب ۽ سنڌي صحافت لاءِ هڪ وڏي نعمت ثابت ٿي.

سنڌ ۾ اخبار نويسيءَ جي شروعات ١٨٤٤ع ۾ هڪ سرڪاري انگريزي اخبار ”سنڌ ائڊورٽائيزرس“ سان ٿي، جيڪا هر ڇنڇر تي، ڪراچيءَ مان شايع ٿيندي هئي. سن ١٨٥٥ع ۾ هڪ ٻي انگريزي سه روزه ”سنڌين“ جو ڪراچيءَ مان ٿي اجراءُ ٿيو، جنهن جو ايڊيٽر آءِ. ڊبليو اسٽرينج هيو. هيءَ اخبار اربع ڇنڇر ڏينهن نڪرندي هئي. انهن انگريزي اخبارن کانسواءِ مفرح القلوب، اڪليل ۽ خورشيد فارسي اخبارن جا نالا به وسارڻ جوڳا نہ آهن. سن

١٨٦٦ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پهرين اخبار ”سنڌ سڌار“ ڪراچيءَ مان جاري ڪئي وئي.

مذڪوره اخبارن کان پوءِ ويهين صدي جي شروعات ۾ سنڌ اندر ڪيتريون روزانه، هفتيوار ۽ رسالا جاري ڪيا ويا، جن مان هيٺيون اخبارون ۽ رسالا منهنجي جنم ڀومي شڪارپور مان مختلف دورن ۾ شايع ڪيا ويا. هتان پهريون هفتيوار رسالو ”واپار سماچار“ سن ١٩١٠ع ڌاري ديوان ٽيڪچند گوڪلاڻي جاري ڪيو، جيڪو سن ١٩١٤ع تائين جاري رهي بند ٿي ويو. هن هفتيوار رسالي ۾ تجارتي ۽ واپاري خبرون هونديون هيون. سن ١٩١٦ع ڌاري ميشرس رامچند ويرو مل ۽ ديوان شيوا رام هفتيوار ”شيوڪ“ اخبار جاري ڪئي، جيڪا سن ١٩٢٢ع ۾ بند ٿي. هن اخبار ۾ تعليمي ۽ معلوماتي مضامين شايع ٿيندا هيا. هيءَ اخبار هتان جي مشهور ”شيام سندر پريس“ مان ڇپبي هئي. هفتيوار رسالي ۽ اخبار کانپوءِ هتان جي مشهور معروف قومي ڪارڪنن مسٽر ٻلديو تارا چند گاجرا روزانه ” سوراج “ اخبار جاري ڪئي. جيڪا سن ١٩١٨ع کان پاڪستان جي قائم ٿيڻ تائين ”ديوي پرنٽنگ پريس“ مان شايع ٿيندي هئي. هن اخبار ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي خبرن کانسواءِ سياسي خبرون ۽ شهر شڪارپور جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ مضامين شايع ٿيندا هيا. هن ئي شهر مان پهرين انگريزي اخبار ”ويڪلي سنڌ ائڊووڪيٽ“ جو اجراءُ مسٽر مولچند ويرو مل پوراڻي جي ادارت هيٺ ٿيو. هن اخبار ۾ اُن وقت جي عالمن، اديبن ۽ سياستدانن جا مضامين شايع ٿيندا هيا. هن اخبار انگريزن خلاف اهڙا ڪات کهاڙا ڪنيا، جنهن ڪري بمبئي سرڪار سن ١٩٢٢ع ۾ اخبار کي ضبط ڪندي هميشه لاءِ بند ڪيو. انگريزي اخبار بند ٿيڻ سبب مولچند ويرو مل پوراڻي جي هڪ قريبي دوست مسٽر سچانند نيوندرام ساڳي سال ۾ ئي ڪانگريس جي زير سايه ”شڪارپور سماچار“ شيام سندر پريس مان شايع ڪرائي ظاهر ڪئي؛ پر هيءَ اخبار اٽڪل

ٽي سال جاري رهي بند ٿي ويئي. ساڳي ايڊيٽر سن ١٩٢۴ع ۾ ٻي "شڪارپور سماچار" بند ٿي وڃڻ ڪري، هڪ ٻئي هفتيوار "شڪارپور گزيٽ" جي نالي سان "رام اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس" مان جاري ڪئي، جيڪا سن ١٩٣٢ع تائين جاري رهي، بند ٿي ويئي.

سنڌ جي مسلمانن ۾ قومي بيداري ۽ آزادي جي شعور پيدا ڪرڻ، تعليمي ۽ اخلاقي حالت سڌارڻ لاءِ هتان جي معزز شخصيتن "جمعيت الاصناف" جي زيرسايه هفتيوار "الحنيف" جو سن ١٩٢۴ع ڌاري اجراءُ ڪيو، جنهن جي ادارت جا فرائض ماستر ڪريم بخش ٽانوري کي سونپيا ويا. هيءَ اخبار سن ١٩٢٩ع تائين هتان جي الحنيف پريس مان باقاعده شايع ٿيندي رهي، ۽ ان کان پوءِ پريس منتقل ٿيڻ تي هيءَ اخبار جيڪب آباد مان ڪجهه عرصو شايع ٿي، بند ٿي ويئي.

هفتيوار "ڌرم اپڪار" ڪشن پاڻيه ۽ هريرام ڀٽ جي سرپرستي هيٺ شيام سندر پريش مان سن ١٩٢٢ع ۾ جاري ٿي ۽ سن ١٩٢٥ع تائين هن اخبار جو چرچو عام رهيو. ان کانسواءِ ١٩٢٦ع ۾ هفتيوار "ميلاپ" پروفيسر تاراچند ۽ دياسنگهه ريلومل ڏوڏيجا جي ادارت هيٺ شايع ٿي، جيڪا سن ١٩٣٥ع تائين جاري رهي بند ٿي ويئي. هفتيوار "پئسا" جو اجراءُ سن ١٩٢٨ع ۾ ٿيو. هيءَ اخبار سيٺ دولترام رهيجا شڪارپور اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس مان سن ١٩٣٠ع تائين ڇپائي ظاهر ڪئي. ان کانپوءِ هيءَ اخبار بند ٿي ويئي. انگريزي ۽ سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي شايع ٿيڻ تي هتان جي هندن سيٺين شڪارپور مان پهريون ڀيرو هفتيوار هندي اخبار "سنڌ سماچار" پريتم ڌرم سڀا هاءِ اسڪول پاران سن ١٩٢٠ع ۾ جاري ڪئي، جنهن جي سرپرستيءَ ۽ نگرانيءَ جا فرائض سنت ميور شرما ۽ پنڊت سؤ ديشور کي سونپيا ويا. هيءَ اخبار ديوناگري هندي رسم الخط ۾ ١٩٣٠ع ۾ تائين شايع ٿيندي رهي. هن اخبار ۾ ڌرمي ليک شايع ٿيندا هيا. هفتيوار "پيغام-

"پيغام پمفليٽ" مولوي محمد عبدالڪريم چشتي سحبان سنڌ سن ١٩٢٩ع ڌاري شايع ڪيو. هي ڪتابچو بخاري پرنٽنگ پريس مان ڇپجي ظاهر ٿيندو هيو. هي ڪتابچو سن ١٩٣٤ع تائين هندو- مسلم اتحاد جو پرچار ڪندو رهيو.

سرزمين- سنڌ جو مشهور ۽ مقبول ماهوار "سنڌو" رسالو ميان جي ڳوٺ تعلقہ شڪارپورجي رهواسي مسٽر بولچند وسومل راجپال جنوري ١٩٣٢ع ۾ هتان شيام‌سندر پريس مان ڇپائي ظاهر ڪيو. هن رسالي ۾ سنڌ جي چوٽي جي لکندڙ عالمن، اديبن، شاعرن، مفڪرن ۽ دانشورن جا مضمون شايع ٿيندا هيا. هيءُ رسالو سن ١٩٣٥ع ڌاري ميان جي ڳوٺ منتقل ڪيو ويو، جتان وري سن ١٩٣٩ع ڌاري جيڪب‌آباد منتقل ڪيو ويو ۽ سن ١٩٤٧ع تائين جاري رهيو. پاڪستان جي‌قيام کانپوءِ هي رسالو هينئر بولچند جو فرزند احمدآباد مان شايع ڪندو رهي ٿو.

هفتيوار "پريات" پروفيسر تارا چند گاجرا آل انڊيا ڪانگريس جي زير- سايہ جاري ڪئي. سندس پاڻهن پيلي ۾ مسٽر ہالچند جو نالو بہ قابل ذڪر آهي. هيءَ اخبار ديوي پرنٽنگ پريس مان هر هفتي شايع ٿيندي هئي. ان کانسواءِ هفتيوار "ديپڪ" جو ذڪر نہ ڪرڻ بي انصافي ٿيندي. هيءَ اخبار مسٽر چندر ڀاٽيہ ساڳي پريس مان شايع ڪرائي ظاهر ڪندو هو. هنن اخبارن جو دائرو شهر تائين محدود هوندو هو.

"سوراج" روزانہ کان پوءِ شڪارپور ۾ روزانہ "قرباني" جو اجراءُ ٢- آڪٽوبر ١٩٣٢ع تي مهاتما گانڌي جي جنم ڏڻ تي ٿيو. هيءَ اخبار مسٽر رامچند ويرو مل پوواڻي پنهنجي رام پرنٽنگ پريس مان سن ١٩٣٦ع تائين شايع ڪندو رهيو. ساڳي سال هن اخبار کي ڪراچي ڏانهن منتقل ڪيو ويو. جتان وڏي سائيز ۾ شايع ٿيڻ لڳي. ٻي مهاڀاري

لڙائيءَ جي شروع ٿيڻ ڪانپوءِ هن اخبار کي ٻيهر شڪارپور آندو ويو، جتي سن ١٩٤٥ع تائين باقاعده پوري آب و تاب سان شايع ٿيندي رهي. سال ١٩٤٥ع جي آخر ۾ رامچند ويرومل پورائي هيءَ اخبار محترم جي. ايم. سيد کي وڪرو ڪري ڏني، جنهن آخر ۾ ڪراچي مان شايع ڪرائڻ شروع ڪئي. هيءَ اخبار ڪن سياسي اختلافن سبب سنڌ جي کهڙو وزارت طرفان ضبط ڪرڻ ۾ آئي.

هفتيوار ”الجماعت“ تعلقه شڪارپور جي جهوني ۽ مشهور صحافي سيد صدرالدين شاه ڀرين آڪٽوبر ١٩٣٨ع تي جاري ڪئي. هي اخبار ڀرينون ديوي ۽ پوءِ شڪارپور اليڪٽرڪ پريس مان شايع ٿيندي هئي. سن ١٩٤٧ع ڌاري سائين صدرالدين شاه ڪراچي جي سيد سرور علي شاهه کي وڪرو ڪئي جنهن دوستن جي مدد سان هڪ سال تائين شڪارپور مان شايع ڪرائي ظاهر ڪئي. ان کان پوءِ مذڪوره اخبار کي ڪراچي منتقل ڪيو ويو، جتان ١٩٦١ع تائين اردو زبان ۾ شايع ٿيندي رهي، ۽ پوءِ بند ٿي ويئي.

سن ١٩٣٧ع ۾ مسلم ليگ جي حمايت ۾ هتان جي مشهور اديب شاعر ۽ سماجي ورڪر فقير ممتازعلي طيباڻي هفتيوار ”صداقت اسلام“ اخبار جاري ڪئي، جيڪا سن ١٩٤٢ع تائين قادري پرنٽنگ پريس مان شايع ٿيندي هئي. آگسٽ ١٩٤٠ع ۾ هتان جي درد دل رکندڙ هندن ۽ مسلمانن هڪ ماهوار ادبي ڪتابچو ”غنچهء اميد“ جاري ڪيو، جنهن ۾ هندو ـ مسلم اتحاد تي مضامين شايع ٿيندا رهيا. هي سلسلو مسٽر ڪشنچند چاولہ جي ادارت هيٺ ٻه سال ڪن جاري رهيو.

صحافت جي مقدس پيشي جي پيش. نظر هتان جي هندن ۽ مسلمانن پاڻ ۾ ايڪتا کي قائم رکندي، جن ماهوار ادبي رسالن جو اجراءَ ڪيو، تن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. هتان سن ١٩١٥ع ۾ حڪيم ڏنراج مل هاسانند پنجابي علم طب کي عام ڪرڻ لاءِ ماهوار ”سک جو سنيهو“ جاري ڪيو. هي رسالو مختلف پريسن مان شايع ٿيندو رهيو.

”سک جو سنيهو“ ڪان پوءِ سن ١٩٢٣ع ۾ مهراج سنپورام هڪ مذهبي، اخلاقي، علمي ۽ ادبي مضامين تي مشتمل ”شيوا“ نالي ماهوار رسالو جاري ڪيو، جيڪو شام سندر پريس مان شايع ٿيندو هو. ٻاراڻو ادب پيش ڪرڻ ۾ به هن شهر جو جواب نه آهي. هتان ماهوار ”ٻالڪ مئگزن“ جو اجراءُ ١٩٣٧ع ڌاري ٿيو. ٻارڙن لاءِ ادبي ۽ اخلاقــــي ڪهاڻين ڪانسواءِ ٽوٽڪا به ڇپيا هئا. هي مئگزن هندو سنڌي ميونسپل اسڪول نمبر ١ پاران مذڪوره اسڪول جو هيڊ ماستر ٺڪر هولارام سهجرام پنهنجي نگراني هيٺ رام پرنٽنگ ورڪس مان شايع ڪرائي اسڪول مـــان پـــڌرو ڪندو هيو. هـــي سلسلو ١٩٤٧ع ڌاري جاري رهيو.

١٤- آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ آزادي ملندي ئي لڏ پلاڻ ۽ افراتفري جو دؤر شروع ٿيو. سنڌي صحافت ۾ پڻ وڏو خال پيدا ٿي ويو، پر ستت ئي هن جمود کي ٽوڙڻ لاءِ آهستي آهستي اخبارن ۽ رسالن جو ڇپجڻ شروع ٿيو. هن ڏس ۾ جناب سيد صدرالدين شاه ”الجماعت“ جــي وڪري ڪانپوءِ هفتيوار ”تنظيم“ پهرين مارچ ١٩٤٩ع تي جــاري ڪئي، جيڪا بخاري ۽ پاڪستان پرنٽنگ پريس مان شايع ٿيندي رهي. سندس وفات ڪانپوءِ هتان جي چاتل سڃاتل صحافي سيد انتظار حسين شاه نئين سر ڊڪلريشن حاصل ڪري، اخبار جاري ڪئي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين پاڪستان پرنٽنگ پريس مان شايع ٿيندي رهي ٿي.

ماهوار رسالن ۾ ”اڳتي قدم“ جو پهريون پرچو هن شهرجي اديب ۽ شاعر شيخ مبارڪ علي ”اياز“ سن ١٩٤٧ع ۾ جاري ڪيو، جيڪو موتي پرنٽنگ پريس ۾ شايع ٿيندو هو هيءُ رسالو ٿورو وقت هلي، بند ٿي ويو.

قيام پاڪستان ڪانپوءِ ١٩٥٠ع ۾ خليل افغاني شڪارپور مان پهريون ڀيرو اردو هفتيوار ”وادي سنڌ“ جاري ڪئي جيڪا اتحاد ليٿو

پريس سکر مان ڇپجي ظاهر ٿيندي هئي. هن اخبار ۾ شهر جي سڌاري، واڌاري ۽ خاڪسار تحريڪ متعلق مضمون شايع ٿيندا هئا. ساڳـــي سال يعني ١٩٥٠ع ڌاري فقيرخيرمحمد طيبائي هفتيوار ”جذبات“ شايع ڪرائي. هيءَ اخبار بخاري پرنٽنگ پريس ۾ طبع ٿيندي هئي. ان ڪانسواءِ مهيني ۾ هڪ علمي- ادبي رسالو پڻ شايع ٿيندو هو.

هفتيوار ”پڪار“ جو اجراءُ پڻ سن ١٩٥٠ع ۾ ٿيو. هيءَ اخبار شهر جــــي چاڏل سچاڏل سومرو خاندان جــــي چشم و چراغ محترم غوث‌بخش سومرو ۽ جناب نياز همايوني صاحب جي ڪڏيل ڪوشش سان هڪ سال کن جاري رهي. سن ١٩٥١ع ۾ بند ٿي ويئي.

هفتيوار ”ناظم“ جو اجراءُ سن ١٩٥٢ع ۾ مسٽر محمد اسحاق ميمڻ جي زير ادارت ٿيو. هيءَ اخبار ٣٠ اپريل ١٩٨٠ع تائين هفتيوار شايع ٿيندي رهندي هئي، جيڪا ١- مئي ١٩٨٠ع کان روزانه شايع ٿيندي رهي ٿي. هن وقت مذڪوره اخبار آفسيٽ تي نجات پرنٽرس سکرمان شايع ٿئي ٿي. هفتيوار ” پيغام سنڌ “ ســن ١٩٥٣ع ۾ جناب محمد يوسف جوڻيجو صاحب جي زير- ادارت جاري ٿي. هــيءَ اخبار سن ١٩٥٨ع تائين پاڪستان پرنٽنگ پريس مان شايع ٿيندي رهي؛ ۽ پوءِ بند ٿي وئي.

سنڌي صحافت جي جهوني جوڳي، چشتي خاندان جي چشم و چراغ جناب شهاب‌الدين چشتي ولد مولانا غلام رسول چشتي هفتيوار ”شهباز“ جو اجراءُ سن ١٩٥٤ع ۾ ڪيو. اخبار جي طباعت پاڪستان پرنٽنگ پريس ۾ سن ١٩٧٧ع تائين ٿيندي رهي. پاڻ ضعيف العمري سبب اخبار کي جاري نه رکندي، الوحيد جي اڳوڻي ايڊيٽر ۽ جهوني صحافي مشتاق ابڙو صاحب کي وڪرو ڪري ڏني؛ جنهن پهريائين پاڪستان پرنٽنگ پريس مان ئي ساڳي اخبار جي طباعت جـو سلسلو جاري رکيو. ان کان پوءِ شڪارپور ماڊرن پرنٽنگ پريس جـي قائم

ٽيڻ ڪان پوءِ هي اخبار اتان شايع ٿيندي رهي. هينئر محمدي پرنٽنگ پريس مان شايع ٿيندي رهي ٿي.

هفتيوار "سحر" جو هتان جي هڪ قومي ڪارڪن ۽ مسلم ليگ سان وابسته جناب سيد صادق علي شاه سن ١٩٥٥ع ۾ اجراءُ ڪيو. هن اخبار ۾ مسلم ليگ جي مفادن پٽاندر ليک پوندا هئا. هيءَ اخبار پڻ پاڪستان پرنٽنگ پريس مان ٻه سال ڪن شايع ٿيندي رهي.

شهر جي هڪ قومي جذبو رکندڙ نوجوان اسدالله بلوچ "شاهين" نالي سان هڪ هفتيوار اخبار سن ١٩٥٥ع ۾ جاري ڪئي؛ جيڪا ناظم پرنٽنگ پريس هائيدر مان شايع ٿيندي هئي. سال ڪان پوءِ هيءَ اخبار بند ٿي وئي.

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي جــي نام نامي، اسم گرامي سان منصوب ٿيل هفتيوار "تاج" سندس هڪ عقيدتمند محمد صالــح "عاجز" سن ١٩٥٥ع ڌاري جاري ڪئي پر ٿورو عرصو هلي جلد ئي بند ٿي وئي.

هفتيوار "سرور" جناب سيد عمر شاه جــي زيرِ ادارت محمدي پرنٽنگ پريس مان سن ١٩٥٦ع ڌاري جاري ٿي؛ پر هيءَ اخبار بـــ "تاج" اخبار وانگر ٿورو عرصو هلي بند ٿي ويئي. هفتيوار "خانہ بدوش" جو پهريون پرچو شيخ نظر محمد "بسمل" جــي ادارت هيٺ بخاري پرنٽنگ پريس مان شايع ٿي، پڌرو ڪيو ويو. هيءَ اخبار بـــ گهڻو وقت نہ هلي سگهي ۽ بند ٿي ويئي.

هفتيوار "خدمت" پنهنجي نالي جيان، جيڪا خدمت بجا آندي سا قابل تعريف آهي. شهر جـــي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هن جيڪو ڪردار ادا ڪيو اهو ڪنهن کان بہ ڳجهو ڪونهي. هن اخبار جـو اجراءُ ٣- جنوري ١٩٥٦ع تـــي ٿيو، ۽ آڪٽوبـــر ١٩٦٠ع تائيـن

بخاري پرنٽنگ پريس مان شايع ٿيندي رهي. هن اخبار جو ايڊيٽر مسٽر اختر محمد شيخ ٿي رهيو.

هفتيوار ”جمهوريت“ جو ايڊيٽر فقير محمد ميمڻ مالڪ محمدي پرنٽنگ پريس هيو. سندس وفات کان پوءِ مذڪوره اخبار به فوت ٿي ٿي ويئي. هيءَ اخبار اٽڪل ٦ سال هلي.

هفتيوار ”نيو سنڌ“ جي ادارت جا فرائض هتان جي ڄاتل سڃاتل صحافي جناب علاوالدين نيازي صاحب جن بجا آڻي رهيا آهن. هيءَ اخبار اڄ به تيزي سان ترقي جي راه تي گامزن آهي.

مٿي ذڪر ڪيل اخبارن ۽ رسالن کانسواءِ هتان جون ٻه ادبي پبليڪيشن مهراڻ پبليڪيشن ۽ بيدار پبليڪيشن جي خدمتن جو اعتراف نه ڪرڻ بي‌انصافي جي مترادف ٿيندو. مهراڻ پبليڪيشن جي باني‌ڪار مسٽر غلام رسول ميمڻ، جيڪا سنڌي ادب جي خدمت ڪتابي سلسلي سان ڪئي آهي، سا قابل تعريف آهي. هن پبليڪيشن پاران ٻن اهم سلسلن کي قائم رکڻ جي ڪوشش ساراه جوڳي آهي. انهن سلسلن ۾ ”سنڌي انسائيڪلو پيڊيا“ ۽ ”اسانجا اديب- اسانجا شاعر“ نهايت ئي اهم ڪم آهي. ”بيدار پبليڪيشن“ جا هن وقت تائين ست ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن، جن ۾ جنرل ناليج جي اهم موضوع کي اپاريو ويو آهي هن سلسلي ۾ بندي کان سواءِ نوجوان ٻانهن ٻيلي فاروق موريائيءَ صاحب جي محنت به وسارڻ جوڳي نه آهي. آخر ۾ مقامي ڪاليجن ۽ اسڪول طرفان شايع ٿيندڙ مخزنن تي روشني وجهندي مضمون جي پڄاڻي ڪندس.

”نخلستان“ نالي مخزن قيام پاڪستان کان پوءِ مقامي سي- اينڊ- ايس ڪاليج پاران شايع ٿيندي رهي ٿي؛ جنهن ۾ استادن جي ادبي؛ علمي، تاريخي، عام معلوماتي مضامين کان علاوه شاگردن جي مضمونن ۽ شعرن کي به ترجيح ڏني وڃي ٿي.

"اللطيف مخزن" هتان جي مقامي ڪاليج گورنمينٽ شاهه لطيف ڪاليج طرفان شايع ٿي رهي آهي.

انهن کان علاوه گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور جي صد ساله سالگره جي موقعي تي ١٩٧٣ع ۾ پڻ هڪ مخزن ڪڍي وئي هئي، جنهن ۾ شڪارپور شهر جي مشهور عالمن اديبن، شاعرن، سياستدانن تي مضمون ڏنا ويا هئا.

[ شڪارپور ۾ ٽامي ۽ پتل جي ديڳن ٺاهڻ جو ڪارخانو هوندو هو، جنهن ۾ ٽيهه چاليهه ماڻهون ڏهاڙي ڪم ڪندا هئا. شڪارپور جي ٺاٺارن جون ديڳيون هندين ماڳين مشهور هيون. قنڌار، قلات ۽ ايران کان قافلا انهن ديڳين خريد ڪرڻ لاءِ ايندا هئا.]

(سنڌ جي هندن جي تاريخ، ٻيو ڀاڱو: ڪاڪو ڀيرو مل، ص ٢٢٧)

انور "فگار" هڪڙو

# شڪارپور جا تعليمي ادارا

فبروري ۱۸۴۳ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ جي سرزمين تي پوري طرح پير پختا ڪيا، تڏهن هنن سنڌ ۾ انتظامي ۽ داخلي نظم ونسق کي سڌارڻ لاءِ جيڪي اهم فيصلا ڪيا انهن ۾ تعليمي نظام هلائڻ جو فيصلو اولين ۽ اهم هيو.

مسٽر ايلس، جو پوءِ بئرواليلس سڏجڻ ۾ آيو، سو سن ۱۸۵۳ع ۾ سنڌ جو اسسٽنٽ ڪمشنر هو، ۽ تعليم کاتي جو پورٽ فوليو سندس هٿ ۾ هيو. ان وقت عربي، سنڌي آڏويتا جوڙڻ لاءِ هن صاحب جي زير صدارت هڪ ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن موجوده عربي، سنڌي صورتخطي ڏاهي. سن ۱۸۵۴ع ۾ سرچالس وڊ سڄي برصغير لاءِ هڪ عام تعليمي پاليسي ڏاهي، جنهن تحت ثانوي تعليم کي وڏيڪ اهميت ڏني ويئي. سرچالس وڊ جي انهن سفارشن تي عمل ڪندي صوبي سنڌ ۾ ڪيترائي اسڪول کليا، جتي انگريزي تعليم سان گڏ سنڌي مادري زبان کي پڻ زور وٺايو ويو.

مٿين سفارشن تحت شڪارپور شهر ۾ جيڪي اسڪول برپا ٿيا، تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

## قاضي محلہ پرائمري اسڪول:-

موجوده "گورنمينٽ پرائمري اسڪول قاضي محلہ" جهوني ۾ جهونو درسگاهه آهي. هن اسڪول جو بنياد سن ۱۸۵۵ع ۾ هتان جي هندو ۽ مسلم مخير حضرات جي گڏيل سهڪار سان وڌو ويو. شڪارپور ۾ هي واحد درسگاه هيو، جنهن ۾ هندو شاگردن سان گڏ مسلمانن

جي ٻارن کي به تعليم ڏيڻ ۾ ايندي هئي. هن اسڪول جي اولين عمارت، هاڻوڪي مسلم ڪمرشل بئنڪ واري هئي، مگر شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڌندڙ تعداد جي پيش- نظر سن ١٨٩٦ع ۾ سرڪار موجوده اسڪول جي عمارت تعمير ڪرائي ۽ نالو ساڳيو ئي "ورنيڪيولر اسڪول نمبر اول" رکيو ويو.

ماضي بعد ۾ "ورنيڪيولر اسڪول نمبر اول" "نادر واري" اسڪول جي نالي سان به مشهور ٿيو. هن تي اهو نالو هتانجي هڪ پٺاڻ خاندان جي چشم و چراغ مرحوم نادرعلي خان جي نالي پٺيان پيو. هن اسڪول جي ڪن اڳوڻن جهونن استادن جي بيان موجب ۽ ۽ اسڪول رڪارڊ موجب ظاهر ٿئي ٿو ته، مذڪوره اسڪول جو نالو سن ١٨٥٥ع کان ١٩٣٩ع تائين "ورنيڪيولر اسڪول نمبراول" رهيو.

سن ١٩٣٩ع ۾ سنڌ جي تعليمي ڪاميٽي ٻاران ڪجهه تجويزون پيش ڪيون ويون هيون، جن ۾ هڪ هنڌ اهو به چاڻايو ويو هو ته، "ورنيڪيولر اسڪولن" جا نالا ڦيرائي درجي آهر "پرائمري اسڪول" رکيا وڃن. جنهن تحت هن اسڪول جو نالو آگسٽ ١٩٣٩ع کان نومبر ١٩٤١ع تائين "پرائمري اسڪول نمبر اول" رهيو.

سن ١٩٤١ع ۾ زناني تعليم کي زور وٺائڻ لاءِ سنڌ سرڪار جي تعليم واري ڪاميٽي اها تجويز پيش ڪئي ته شاگردن سان گڏ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردياڻين کي زنانن اسڪولن ۾ موڪليو وڃي. ان جو اثر اهو ٿيو ته ٢٥- نومبر ١٩٤١ع ۾ وري پرائمري، اسڪولن جي نالن ۾ نئين سر تبديلي آندي ويئي؛ ۽ هن اسڪول جو نالو "پرائمري بوائز اسڪول نمبر اول" رکيو ويو، پر چند ڏينهن اندر ئي اهڙي فيصلي ۾ تبديلي آئيندي ٦- ڊسمبر ١٩٤١ع تي اسڪولن جا نالا ساڳيائي قائم رکيا ويا، جنهن تحت مذڪوره اسڪول جو ساڳيوئي پهريون نالو قائم رهيو.

پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ ڊسمبر ۱۹۴۸ع ۾ هن اسڪول جو نالو "قاضي محله" سان منسوب ڪري "گورنمينٽ پرائمري اسڪول قاضي محله" رکيو ويو. شڪارپور جي هن تاريخي درسگاهه ۾ ورهاڱي کان اڳ صبح شام تعليم ڏني ويندي هئي. ان کان علاوه ٻيون ڪيتريون ئي سکيائون ڏنيون وينديون هيون، جهڙوڪ: اسڪائوٽ، موسيقي ۽ ڪسرت. ان کان علاوه راندين ۾ ڪٻٽي، ونجهه وٽي ۽ ٻيون اهڙيون ٻاراڻيون رانديون وغيره پڻ سيکاريون وينديون هيون.

شڪارپور جي هن جهوني ۾ جهوني اسڪول جو پهريون هيڊماستر آخوند قمرالدين ولد حافظ فتح محمد قريشي (جنم ۱۸۲۰ع- وفات ۱۰ اپريل ۱۹۰۰ع) هو. هو صاحب پنهنجي دور جو هڪ جيد عالم ۽ چڱو شاعر ٿي گذريو آهي.

هن درسگاهه هر دور ۾ ذهين شاگرد پيدا ڪيا جن اڳتي هلي پنهنجو ۽ پنهنجي استادن کان علاوه شهر جو نالو به روشن ڪيو آهي.

## لکيدر پرائمري اسڪول:

"خوب سنگهه/ منگهن مل سرتومل هندوسنڌي اسڪول نمبراول" موجوده (گورنمينٽ لکيدر پرائمري اسڪول) سن ۱۸۸۵ع ۾ شڪارپور ميونسپالٽي ۽ هندو پنچائت پاران قائم ڪيو ويو. اسڪول جي پهرين عمارت ۱۸۸۷ع ۾ نهي راس ٿي آگسٽ ۱۹۳۳ع وارن سخت برساتين ۾ پنجيتاليهن سالن کان پوءِ اها عمارت اچي پٽ پئي. ساڳئي سال ۾ ان وقت جي هيڊماسٽر ۽ سيڪريٽري "اسڪول سڌار منڊل" ڏکرهولارام سهجرام ساليانی اسڪولي رپورٽ ۾ هڪ وينتي(گذارش) شايع ڪئي ته اسڪول جي نئين سر عمارت جوڙائڻ لاءِ مالي مدد ڪئي وڃي. ان ڏس ۾ نه رڳو هتان جي ميونسپل مالي مدد ڪئي، پر هتان جي

ٻن هردلعزيز شخصيتن سيٺ منگهن مل سرتومل بجاج ۽ ننگر ناٿ سيٺ لٽيندا سنگهه بجاج دل کولي دان ڏنو، جنهن سببان نئين اسڪول جي عمارت تي خوبسنگهه بدران ”منگهن مل سرتو مل هندو سنڌي اسڪول نمبر اول“ نالو پيو، جيڪو ورهاڱي تائين قائم رهيو.

ورهاڱي کانپوءِ سن ١٩٤٨ع ۾ هن اسڪول جو نالو ڦيرائي ”لکيدر پرائمري اسڪول“ رکيو ويو.

هن اسڪول ٻاران ليٿو تي هڪ ادبي، اخلاقي ۽ تعليمي رسالو ”ٻالڪ مئگزن“ جي نالي سان ڏکرهولارام سهجرام جي ادارت هيٺ سن ١٩٣٢ع تائين شايع ٿيندو رهيو. هي ”ٻالڪ مئگزن“ مسلسل پنج سال بند رهڻ کانپوءِ وري مئي ١٩٣٧ع کان ساڳئي هيڊماستر صاحب جي ادارت هيٺ پڌرو ڪيو ويو. مئي ١٩٣٧ع کان نومبر ١٩٣٧ع تائين هن ننڍڙي رسالي جي ايڊيٽري جا فرائض سنڀالڻ کانپوءِ ڏکر هولارام سهجرام پنهنجي ڌيءَ مس دياونتي هولارام ڏکر جي حوالي ڪيا، جيڪا نيو ايريا اسڪول جي شاگردياڻي پڻ هئي. مس دياونتي ايڊيٽري جا فرائض سنڀاليندي شاگردن سان گڏ هڪ بورڊ آف ڊئريڪٽرس قائم ڪري، رسالي کي سنئاري سنواري ان کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ان لکڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه آهي ته هن ادبي ”ٻالڪ مئگزن“ ان وقت ٻارڙن ۾ نه رڳو پڙهڻ جو چاهه پيدا ڪيو، پر مضمونن لکڻ ۽ شعر و شاعري ڪرڻ ۾ پڻ ٻارڙن کي همٿايو. مئي ١٩٣٧ع کان اپريل ١٩٣٨ع تائين ”ٻالڪ مئگزن“ جا پرچا (جيڪي مرحوم والد و استاذي قبلہ محمد صديق ھڪڙو صاحب جي ذاتي لئبرري ۾ موجود آهن) ان جا شاهد آهن. انهي رسالي ۾ نه رڳو هندو شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تحرير کي شايع ڪيو ويندو هيو، پر مسلمان شاگرد به ٻاڱي ٻائيوار هوندا هئا، جن جي مذهبي تحريرن کي پڻ اوليت ڏني ويندي هئي.

"ٻالڪ مئگزن" کان علاوه هن اسڪول ٻاران ملهايل خاص ڏينهن تي پڻ يادگار ڪتاب ۽ پمفليٽ، شايع ڪري ٻـارڙن ۾ مفت تقسيم ڪيا ويندا هئا.

## جماڏي هال پرائمري اسڪول

شڪارپور جي قديم درسگاهن ۾ "ورنيڪيولر اسڪول نمبر-٢" جنهن کي اڄڪلهه "جماڏي هال پرائمري اسڪول"جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو، سو ١- سيپٽمبر ١٨٨٥ع تي هاٿيدر جي پڙ ۾ مرحوم جان محمد خان پٺاڻ جي اوطاق ۾ برپا ڪيو ويو.

هن اسڪول کي برپا ڪرڻ، ڪامياب بڻائـڻ ۽ صحيح نموني انتظام هلائڻ لاءِ هڪ تجربيڪار استاد آخـوند قمرالدين ولد حافظ فتح محمد قريشي (جنم ١٨٣٠ع وفات: ١٠ اپريل ١٩٠٠ع) کي هن اسڪول جو پهريون هيڊماستر مقرر ڪيو ويو. سن ١٨٩٧ع تائين آخوند قمرالدين صاحب هن اسڪول ۾ هيڊماستر رهي: اسڪول کي ڪامياب بڻايو. سندس جـاءِ تي جنوري ١٨٩٧ع تـي حاجي محمد صالح ولد محمد رمضان چغدو هيڊ ماستر مقرر ٿي آيو. سندس ايامڪاريءَ ۾ بمبئي سرڪار هـــن اسڪول لاءِ نئين عمارت تعمير ڪرائي، جنهن ۾ هنوقت گورنمينٽ گرلس ڪاليج آهي. هن نئين عمارت ۾ جڏهن اسڪول هليو، ته منجهس ۾ عربي ڪلاس به جاري ڪيا ويا: جن جي سنڀال قاضي بهادرعلي شاهه جي حوالي ڪئي وئي.

سن ٢١-١٩٢٠ع ۾ هــن اسڪول کـــي منتقل ڪري پرائي فوجداري هاٿوڪي لياقت باغ جي سامهون هڪ مسواڙي جڳهه ۾ قائم ڪيو ويو ۽ اسڪول واري جڳهه وري ليڊي ڊفرن اسپتال کـي ڏني وئي جيڪا اڄ ۾ هزاريدر تي جهلڻن جي محلي ۾ هئي.

آگسٽ ١٩٣٣ع ۾ شڪارپور ۾ سخت برساتين پوڻ ڪري شهر

کي ڪافي نقصان جو منهن ڏسڻو پيو. ان وقت هن سڪول جي بلڊنگ به اچي پٽ پئي ۽ جماڻي هال جي عمارت ۾ نئين سر ڪلاس هلائڻ جو ڪم جاري رکيو ويو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ان وقت جي اسڪول سهڪار منڊل، اسڪول کي هڪ مسواڙي جاءِ فراهم ڪري ڏني، جيڪا پهريائين ڀائي چيلارام جي ملڪيت هئي، جنهن مئي ١٩٤٦ع ۾ سيٺ ٻالچند پريوداس کي وڪرو ڪري ڏني.

ورهاڱي کان ٿورو عرصو اڳ ساڳي بلڊنگ ميونسپل اختياريءَ وارن ٻالچند پريو داس کان خريد ڪري هميشه لاءِ اسڪول جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ اڄ تائين اسڪول ان ئي بلڊنگ ۾ قائم آهي.

## هاٿيدر پرائمري اسڪول

هندو شاگردن جي وڌندڙ تعداد ڪري سن ١٩٠٤ع ۾ ”هندو سنڌي اسڪول نمبر-٤“ هاڻوڪو ”گورنمينٽ پرائمري هاٿيدر اسڪول“ برپا ڪيو ويو. هن اسڪول کي پهريائين موجوده ميونسپل اسپتال جي سامهون فيض محمد جي جڳهه ۾ برپا ڪيو ويو هو. انهيءَ جڳهه جي مسواڙ ان وقت شڪارپور ميونسپل طرفان ادا ڪئي ويندي هئي. مذڪوره بلڊنگ سن ١٩٢٣ع ۾ اچي پٽ پئي، جنهن کان بعد اسڪول لاءِ موجوده بلڊنگ شڪارپور جي مشهور وڪيل ديوان بهادر مرليڌر پنجابي پنهنجي پتني شيامي ٻائي جي پوتر يادگيريءَ ۾ ٺهرائي ڏني. هن وقت اسڪول ان ئي ساڳي بلڊنگ ۾ هلي رهيو آهي.

ورهاڱي کان اڳ هن اسڪول ۾ نه رڳو هندو شاگردن کي تعليم ڏيڻ ۾ ايندي هئي پر مسلمان شاگردن کي به خلوص دليءَ ۽ نيڪ نيتي سان تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو ويندو هو. هن وقت هن اسڪول جو شمار شڪارپور جي بهترين تعليمي ادارن ۾ ٿئي ٿو.

## سنڌي صدر پرائمري اسڪول

ورهاڱي کان اڳ تعليم جو انتظام شڪارپور ميونسپالٽي جي حوالي رهيو. ان ڏس ۾ ميونسپالٽي هڪ ڪاميٽي تشڪيل ڏني هئي، جيڪا ”پرائمري سڪولبورڊ ميونسپالٽي شڪارپور“ جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي. هن ڪاميٽي تي تعليمي ماهرن کي کنيو ويو هو. انهن مخلص تعليمي خدمتگارن مان پروفيسر شيوا رام نرسنگهه داس ڦيروائي، مسٽر واڌو مل ويڙهومل گوڪلاڻي (هوپفل اڪيڊمي جو پايو وجهندڙ) واحد بخش صاحب، مرحوم سيد حيدر علي شاه، ميراحمد علوي، غلام قلندر شعبان ميراڻي، مسٽر ٽوپڻداس کانچند گاندي، سيٺ راڌا ڪرشن، راءِ صاحب امرسنگهه، ڊاڪٽر عطا محمد صاحب، ديوان ٺاڪرداس، مرحوم روشن آرا مغل، مائي دمتيتي ديوي صاحبه، محمد ابراهيم ۽ گوبندرام پنجابي (ائڊمنسٽريٽو آفيسر پرائمري سڪولبورڊ ميونسپالٽي شڪارپور) جا نالا قابل ذڪر آهن.

سن ١٩٢٠ع کانپوءِ شڪارپور جي هندن ۽ مسلمانن تعليمي ميدان ۾ اڳتي تي پاڻ موکيو، جو هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا. هندو شاگردن جيان ڏينهون ڏينهن مسلمان شاگردن جو تعداد به وڌندو ويو. شاگردن جي وڌندڙ تعداد جي پيش نظر ٻن ورنيڪيولر اسڪولن، ورنيڪيولر اسڪول نمبر اول ۽ ٻئي ۾ گهڻا شاگرد داخل ڪرڻ ۽ انتظام هلائڻ تمام ڏکيو ٿي پيو. ان ڪري هڪ ٽئين اسڪول جي ضرورت محسوس ڪندي سن ١٩٢٤ع ۾ ورنيڪيولر اسڪول نمبر٣ هاڻوڪو ”پرائمري اسڪول سنڌي صدر“ برپا ڪيو ويو. شروعات ۾ هي اسڪول صدر جي ايريا ۾ هڪ مسواڙي جاءِ ۾ قائم ڪيو ويو هو، جيڪا ان وقت قلب علي خان جي ملڪيت هئي.

شروعات ۾ اسڪول قائم ڪرڻ وقت هن اسڪول جو انتظام ۽ سنڀال لاءِ شڪارپور جي مشهور استاد واحد بخش جمعه خان پيرزاده

صاحب ڪي هن اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو، جنهن صاحب پنهنجي خدا داد لياقتن ۽ صلاحيتن سان اسڪول کي تورڙي عرصي اندر ترقي وٺرائي. سنڌس ڪاڪردگي ۽ ڪاميابيءَ کي مد نظر رکندي سڪولبورڊ ميونسپالٽي شڪارپور سن ٣٠-١٩٢٩ع ۾ ٻه هزار نو سؤ ٻاهٺ روپيا خرچ ڪري هن اسڪول جون تعليمي گهرجون پوريون ڪيون.

٢٣- نومبر ١٩٦٥ع تي هن اسڪول کي منتقل ڪري موجوده گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر پهرين جي هاسٽل جي ڪجهه ڪمرن ۾ قائم ڪيو ويو، ۽ اسڪول جي پهرين مسواڙي جڳهه مالڪن جي حوالي ڪئي ويئي. اڄ تائين هيءُ اسڪول ان ئي بلڊنگ ۾ قائم آهي.

## اردو صدر پرائمري اسڪول

هي اسڪول سن ١٩٤٢ع ۾ برپا ڪيو ويو. هن اسڪول جي بلڊنگ ڪاڪي سوڀراج تعمير ڪرائي هريجن قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏي. ڪاڪي سوڀراج نه رڳو نئين بلڊنگ تعمير ڪرائي ڏني، پر ان سان گڏ اسڪول لاءِ نئون فرنيچر پڻ تيار ڪرائي ڏنو.

هن اسڪول کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ”هريجن شيوڪ سڀا“ پاران ڪافي مالي مدد ڪئي ويندي هئي. هن وقت هي اسڪول گورنمينٽ جي تحويل ۾ آهي.

## ڪڙي عطا محمد پرائمري اسڪول

هي اسڪول سن ١- جولاءِ ١٩٤٦ع ۾ برپا ڪيو ويو. هن اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر مرحوم لشڪر علي خان مهر هو.

## پريتم ڌرم سڀا اسڪول

هن اسڪول جو بنياد سن ١٨٨٩ع ۾ پريتم ديو شرما جي ڪوشش

سان پيو. هن اسڪول ۾ گرمکي، هندي ۽ ديوناگريءَ جي تعليم ڏني ويندي هئي. هن اسڪول طرفان "روزانه پريم"، "ساپتاهڪ" ۽ "سنڌ سماچار" اخبارون شايع ٿينديون هيون، جن ۾ هندي ڌرمي سکيا جا مضامين شايع ڪيا ويندا هئا. هي اخبارون ١٩٣٩ع ۾ بند ٿي ويون. هي اسڪول ورهاڱي تائين هلندو رهيو.

## ٽريننگ اسڪول

٤- مارچ ١٩١٩ع تي شڪارپور ۾ ٽريننگ اسڪول جو بنياد رکيو ويو هيو. اسڪول جي کلڻ جي رسم مسٽر ايچ. اي. ايچ برنٽ (سنڌ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر) جي صدارت ۾ ادا ڪئي وئي.

مذڪوره ٽريننگ اسڪول لاءِ هندو سنڌي اسڪول نمبر اول هاٿوڪي گورنمينٽ پرائمري لکيدر اسڪول واري بلڊنگ جو ڪجهه حصو منتخب ڪيو ويو هو. تربيت حاصل ڪندڙ استادن جي رهڻ لاءِ سيٺ سنترام سنگهه جي ڌرم سالا جو اڌ سرڳواسي لٽيندا سنگهه بجاج جي سهڪار سان ڏنو ويو هو. اسڪول جو هيڊ ماسٽر سنڌ جو سڄاڻ استاد، اديب ۽ شاعر مسٽر محمد صديق ميمڻ کي مقرر ڪيو ويو.

شڪارپور ۾ ٽريننگ اسڪول جي کلڻ تي شڪارپور خواه سنڌ جي مڙني اخبارن خوشيءَ جو اظهار ڪندي ايڊيٽوريل لکيا. انهيءَ اسڪول جي لڳڻ جي سموري ڪارروائي اخبار تعليم اپريل ١٩١٩ع جي شماري ۾ شايع ڪئي وئي هئي. شڪارپور جو اهو ٽريننگ اسڪول هڪ سال هلڻ ڪانپوءِ بند ٿي ويو.

## هاءِ اسڪول نمبر اول

هن اسڪول جو بنياد سن ١٨٥٣ع ۾، سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ تعليمي صلاحڪار ايف. جي. گولڊسمڊ جي ڪوشش سان پهرياتين

مڊل اسڪول جي حيثيت ۾ پيو. ان وقت هن اسڪول جي عمارت موجوده سبزي مارڪيٽ ۾ هئي. شروعات ۾ هن اسڪول ۾ صرف انگريز عملدارن جا ٻار پڙهندا هيا.

سن ١٨٧٣ع ۾ هن اسڪول جو درجو ڦيرائي "هاءِ اسڪول" ڪيو ويو.

## هوپڪل اڪيڊمي (هاءِ اسڪول نمبر ٢)

شڪارپور جو هي مشهور ۽ تاريخي درسگاه ١- آگسٽ ١٩٠٠ع تي ديوان واڌومل ويڙهومل گوڪلاڻي (جنم ١٨٧٥ع، ديهانت ١٩٧٠ع) قائم ڪيو. هي اسڪول پهريائين شڪارپور فوجداري (لياقت پارڪ) جي سامهون عام مسافرخاني جي پرسان خاص مسافرخاني ۾ برپا ڪيو ويو هو. اهو مسافرخانو پهريائين ميونسپل جي ملڪيت هو، جنهن ان کي رنگ روغن ڪرائي پنجن روپين مسواڙ تي ديوان واڌو مل کي ڏنو هو. ڪجهه عرصي کانپوءِ ميونسپل اهو مسافرخانو ديوان واڌومل کي پندرهن سؤ روپين ۾ وڪرو ڪري ڏنو.

شروعات ۾ هن اڪيڊمي کي هلائڻ لاءِ ديوان واڌومل پنهنجي گهران هڪ ميز کڻي آيو ۽ دايوان پوڪرداس ٿانورداس (بڪ سيلر) ٽي عدد ڪرسيون بطور عطيه ڏنيون. انهيءَ کان علاوه ڀائي ويرومل بيگراج ۽ پيسومل وڪيل پڻ ڪجهه مالي مدد ڪئي. اهڙي طرح اسڪول جاري ڪيو ويو.

هن اسڪول کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ديوان واڌومل جون ڪيل اڻٿڪ ڪوششون تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکيون وينديون. سندس ڪوشش ۽ ڪاوش ڪري هي اسڪول ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌ جي مشهور تعليمي ادارن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. هن اسڪول ۾ ايترا گهڻا شاگرد داخل ٿيا جو ان وقت اسڪول جي اها مسافرخاني واري بلڊنگ

ڪافي ڪونہ هئي. انهيءَ ڪري اسڪول لاءِ ڪشادي بلڊنگ جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي.

ديوان واڌومل جي اسڪول سان دلچسپي ۽ لگن ڏسي ان وقت جي سرڪار ڪيس جيل جي باغ مان ڇهہ ايڪڙ زمين اڪيڊمي نهرائڻ لاءِ حوالي ڪئي. انهيءَ ڪانسواءِ عمارت تعمير ڪرائڻ لاءِ پنجهتر هزار روپيہ گرانٽ پڻ ڏني.

سرڪاري امداد کان علاوه هتان جي ڪيترن شاهوڪار هندن سندس مالي مدد ڪئي. ان ڪانسواءِ ديوان واڌومل مسافرخاني واري جڳهہ پنجهتر هزار روپين ۾ وڪرو ڪري، اها رقم نئين بلڊنگ اڏائڻ ۾ صرف ڪئي. اهڙي طرح موجوده شاندار بلڊنگ سن ١٩٣٩ع ۾ نهي راس ٿي.

ورهاڱي کان اڳ مئي ١٩١٤ع کان ديوان واڌومل جي سرپرستيءَ ۾ هن اسڪول مان هڪ ماهوار رسالو ”هوپفل اڪيڊمي ميگزين“ جي نالي سان انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ نڪرندو هو.

پاڪستان قائم ٿيڻ کانپوءِ هن اسڪول کي هاءِ اسڪول نمبر-١ سان منسلڪ ڪيو ويو. سن ١٩٧٣ع ۾ وري هن کي جدا نموني هاءِ اسڪول جي حيثيت ڏني ويئي. هن وقت جي هاءِ اسڪول نمبر ٢- شڪارپور جي مشهور تعليمي ادارن ۾ شمار ٿئي ٿو.

## نيو ايريا هاءِ اسڪول

(قاضي حبيب الله هاءِ اسڪول) منگهن مل سرتو مل هندو سنڌي اسڪول نمبر اول موجوده گورنمينٽ پرائمري لڪيدر اسڪول جي پرسان، نيو ايريا هاءِ اسڪول جو بنياد هندو پنچائت شڪارپور پاران مينگهراج منشاراماڻي جي سرپرستي هيٺ سن ١٩٣٢ع ۾ پيو.

شري ڪيڏلداس "فاني" جو ناميارو شاعر هن اسڪول جو استاد هيو. هند. سنڌ جي مشهور شاعر محترم شيخ اياز، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، نورالدين سرڪي، غلام نبي "مير" شڪارپوري جهڙا نامور قلمڪار هن اسڪول جي پيداوار آهن.

## ايشوري ٻائي سيتلداس گرلس هاء اسڪول

هن اسڪول جو بنياد پروفيسر شيوارام نرسنگهه داس ڏيروائي جي ڪوشش سان پيو. هي اسڪول ڀريائين جهلڻ جي محلي ۾ قائم هيو. سن ١٩٣٧ع ۾ سرڳواسي سيتلداس تيرٿداس، اسڪول جي موجوده بلڊنگ تعمير ڪرائي پنهنجي پتني ايشوري ٻائي جي نالي منسوب ڪري سڪولبورڊ شڪارپور جي حوالي ڪئي. ورهاڱي کان اڳ هن اسڪول ۾ زنانه ٽريننگ جا ڪلاس به ڪجهه وقت هلندا هئا.

## شاه عبداللطيف انسٽيٽيوٽ

ورهاڱي کانپوءِ، پريتم ڌرم سڀا اسڪول جي ختم ٿيڻ کانپوءِ هتانجي تعليمي ماهر جناب عرض محمد شيخ صاحب سن ١٩٦٣ع ۾ ساڳئي پريتم ڌرم سڀا جي بلڊنگ ۾ شاه عبداللطيف مڊل اسڪول قائم ڪيو. سن ١٩٦٤ع ۾ ان ۾ ڪي- جي- ڪلاسز پڻ شامل ڪيا ويا. انهيءَ کانپوءِ ١٩٦٦ع ۾ ان کي وڌائي هاء اسڪول ڪيو ويو. سن ١٩٦٥ع ۾ بلڊنگ جي مٿين حصي ۾ آرٽس ۽ ڪامرس جا ڪلاس پڻ شايع ڪيا ويا. سن ١٩٧٢ع ۾ مذڪوره ادارن کي سرڪاري طور تحويل ۾ ورتو ويو.

شاه عبداللطيف ڪاليج هن وقت اسلاميه هاء اسڪول جي بلڊنگ جي اڌ حصي ۾ هلي رهيو آهي. شاه عبداللطيف هاء اسڪول اصلوڪي بلڊنگ ۾ قائم آهي.

## چيلا سنگهہ اينڊ سيٽلداس ڪاليج شڪارپور

موجـوده گورنمينٽ سي اينڊ ايس (چيلا سنگهہ بجاج اينـــڊ سيٽلداس) ڪاليج جو بنياد شڪارپور جي ٻـــن سيٺين: چيلا سنگهہ سترام داس ۽ سيٽلداس تيرٿداس پنجابي جـي گڏيل سهڪار ۽ مالي مدد سان سن ١٩٣٢ع ۾ پيو. هـي ڪاليج پهريائين شڪارپور جي اڳوڻي ميونسپل آفيس ۾ قائم هو.

هن ڪاليج جو مهورت مسٽر ايچ ٽي سورلي: آءِ سي ايس اڳوڻي سکر ضلعي جي ڪليڪٽر ١٧- جون ١٩٣٣ع تي ڪيو. انهيءَ موقعي تـي ساڌو ٽي ايل واسواڻي ڪي استقباليه تقريـر ڪرڻي هئي، پـر هـو اچي نہ سگهيو، جو ڪيس نئين سخي ميدان اسڪول حيدرآباد ۾ ساڳئي تاريخ تي شرڪت ڪرڻي هئي انهيءَ ڪري ديوان پوچسنگهہ جـي پهلاجاڻي استقباليه تقرير ڪندي ڪاليج جي مختصر تاريخ تي روشني وڌي هئي.

آڪٽوبر ١٩٣٣ع کان هن ڪاليج جي مخزن "اپر سنڌ ڪاليجن مخزن" نالي شري ڪيڏلداس وليرام بيگواڻي جي سرپرستيءَ ۾ شايع ٿيڻ لڳي. ورهاڱي کانپوءِ جون ١٩٤٨ع ۾ سنڌ سرڪار هن ڪاليج جو انتظام پنهنجي هٿ ۾ ڪيو. ان کان پوءِ هن ڪاليج جي مخزن جو نالو "نخلستان رکيو ويو.

## گورنمينٽ گرلس ڪاليج

شڪارپور جي ترقياتي تنظيم جي ڪوشش سان سن ١٩٦٧ع ۾ گنگا ٻائي هيرانند ميندا زناني اسپتال جي هڪ حصي ۾ برپا ڪيو ويو. ان جو پهريون پرنسپال جناب بدرالدين علوي کي مقرر ڪيو ويـو، هن ڪاليج کي ١٩٧٢ع ۾ سنڌ سرڪار پنهنجي تحويل ۾ ورتو.

پروفيسر بدرالدين اچڻ

# شڪارپور جا مشهور ماڳ ۽ هنڌ

شڪارپور جو شهر سنڌ جو قديم ۽ مشهور شهر آهي. اوائل ۾ هي سنڌ جي ٽن ضلعن مان هڪ ضلع هوندو هو. پوءِ انگريزن پنهنجي سهوليت خاطر ان جي ضلعي حيثيت ختم ڪري، سکر کي ضلعو بڻايو هو. هينئر شڪارپور کي وري ترقي ڏئي، ضلعو بڻايو ويو آهي. پر پراڻي شڪارپور ۽ موجوده شڪارپور ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

شڪارپور جو شهر ان وقت جي سنڌ جي مرڪزي حيثيت جو مالڪ هو. افغانستان، ايران کان قافلا کهي اچي شڪارپور مان لنگهندا هئا. هن شهر جا واپاري ڪابل، قنڌار، خراسان ۽ ازبڪستان تائين مشهور هئا. شڪارپور جا واپاري موجوده بئنڪاري نظام جا مؤجد ڪونيا وڃن ٿا، ڇاڪاڻ ته هنن ئي ”هنديءَ جو سرشتو“ ايجاد ڪيو. ان طرح هڪ ڪاغذ ٽڪري تحت، ڪين هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾ گهربل پيسا ملندا هئا. رستي جي ڦرلٽ جي ڊپ کان نقد رقم نه کڻندا هئا. ان نظام کي موجوده وقت ۾ چيڪ يا ڊرافٽ چيو وڃي ٿو. شڪارپور جو واپار سينٽرل ايشيا سان لاڳاپيل هوندو هو. ان ڳالهه جي تصديق شڪارپور شهر ۾ هن وقت به موجود جاءِ، ”سينٽرل بئنڪ آف ايشيا“ جيڪا بجاج گهٽيءَ جي اندران آهي، ڪري رهي آهي. ان جڳهه تي اڃا به ساڳيا اکر لکيل آهن، جيڪي آسانيءَ سان پڙهي سگهجن ٿا. واپاري قافلن جي رهڻ ۽ ترسڻ جي جاءِ قلعو قافلو، شهر جي ٻاهران هينئر ڊٺل پٽين سان موجود آهي؛ جنهن ۾ هينئر ڪاٺيون رکيل آهن.

شڪارپور شهر جي ڪاٺيءَ جي ڇت واري ڍڪهي ۽ وڏي بازار،

ورنه ان وقت برسات پوڻ ڪري اتي پيڙيون هلنديون هيون. ان ڪان سواءِ شهر جي ٻاهران ٻياو هوندو هو. ان هند هاڻي ٽيليويزن جو ٽنيو ۽ گهه ۽ سوڍائن جو ڪارخانو آهي.

شڪارپور ضلعي جو قديم جيل، ان وقت جي افغان حڪمرانن هڪ ننڍڙي قلعي جي صورت ۾ ٺهرايو هو. ان وقت اڃا شڪارپور ٽالپرن جي هٿ ۾ نه آئي هئي. انگريزن ١٨٤٧ع ۾ ان قلعي کي بدلائي ڦيرڦار آڻي، ڏهن هزارن جي لاڳت سان جيل بنايو.

شڪارپور جي اتر ۾ چوڻي شاخ آهي. اوير ۾ رئيس واه ۽ ڏکڻ ۾ سنڌ ۽ بيگاري واه آهن.

سنڌ واهه ۽ بيگاري واهه، اهڙيون ٻه تفريحي جايون آهن، جيڪي شڪارپور جي ثقافت ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون. هاڻي اهي ماڳ ۽ مڪان ويران ٿي چڪا آهن. بيگاري واه تي زنانو گهاٽ ٺهيل هوندو هو، جيڪو ڍڪيل ۽ پردي سان هوندو هو. اتي عورتون ٻه اڇي گرمي جي مند ۾ بيگاريءَ ۾ ترڻ ڪنديون هيون. ان جي ڀرسان تاريخي باغ، ”شاهي باغ“ جي نالي سان مشهور آهي. هاڻي ان باغ جو نالو ڦيرائي شهيد الله بخش باغ رکيو ويو آهي. اتي ئي ڀرسان ٿئيٽر هوندو هو. اتي هينئر افشان سنيما آهي. ان ماڻدي ۾ ڊراما ڪيا ويندا هئا، ۽ هندستان جا مشهور گويا پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا.

اهڙي طرح سان سنڌ واه تي به رونق هوندي هئي. نوروز يا ڏياريءَ ۽ دسهڙي جي ڏڻ تي شهر ڪان وٺي سنڌ واه تائين بازار لڳي ويندي هئي، ۽ ماڻهو گرميءَ ڪان بچڻ خاطر وهنجڻ جي لاءِ سنڌ واه تي ويندا هئا؛ جتي جهوپڙيون ۽ چڻ ٺهيل هوندا هئا. سنڌ واه جي اوريان شنڪر پارتيءَ جو هڪ وڏو مندر آهي. جيڪو اڄ به ڏسڻ وٽان آهي. منجهس فن ۽ فڪر جو ڪافي سامان موجود آهي.

هينئر جتي حاجي لطيف شاه جو مقبرو آهي، ان کان ٿورو اڳيرو ٻـيڙا منڊلي ۽ گٺون شال هيون. ٻـيڙا منڊلي ۾ ٻي سهارا ٻـيڙا مرد ۽ عورتـون رهندا هئا، ۽ گٺون شال ۾ ٿلهيون متاريون ۽ پليون ڳٺون پاليون ويندڙيون هيون.

تعليم جي ميدان ۾ به شڪارپور تمام گهڻو پاڻ ملهايو آهـي. شروعاتي دور ۾ سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ غير سرڪاري اسڪول هوندا هئا، جن ۾ هندن ۽ مسلمانن جـا ٻار تعليم وٺندا هئا. ان وقت شام جو هلندڙ اسڪول به هئا.

١٨٤٣ع ۾ شڪارپور ۾ ميونسپل آفيس جي پرسان هاءِ اسڪول شروع ڪيو ويو هو، جيڪو بعد ۾ انگريز سرڪار ٽيٽيهه هزار اٺ سؤ اوڻٽيهه روپين جـي لاڳت سان ريلوي اسٽيشن جـي پرسان ٺهرايو. ١٩١٣ع ان اسڪول جي پرسان ڇوڪرن لاءِ به بورڊنگ هائوس، ۽ هيڊ ماستر جو بنگلو به تعمير ڪرايو ويو. هنن تي اٽڪل سورهن هزار نوسؤ روپيا لڳا هئا.

موجوده هاءِ اسڪول نمبر ٢ جي جاءِ تي شروع ۾ هوپفل اڪيڊمي جي نالي سان مڊل اسڪول هوندو هو. پوءِ ١٩١٥ع ۾ هن کي وڌائي شڪارپور اڪيڊمي جي نالي سان هاءِ اسڪول بنايو ويو. هن اسڪول جي عمارت مغليہ عمارتن جي نموني تحت شاندار نموني سان، ”شڪارپور ايڊيوڪيشن سوسائٽي“ جي نگراني هيٺ ٺهرائي وئي هئي. هن جـو مئنيجر مسٽر واڌومل ويڙهومل هو. انهيءَ ڪري هن اسڪول کـي عام طور سان واڌومل وارو اسڪول ڪوٺيو ويندو هو. هن اسڪول ۾ عام طور هندن جا ٻار داخل ڪيا ويندا هئا، ۽ استاد به هندو هوندا هئا. ١٩١٥–١٦ دوران اٽڪل ٣٢٣ شاگرد داخل ٿيا هئا ۽ هيڊ ماستر سميت نؤ استاد هوندا هئا.

بعد ۾ مسلمانن به پاڻ ملهايو ۽ ڪيترا اسڪول کوليا. ان وقت

نادر وارو اسڪول مشهور هو. هڪ اسڪول "نيو ايرا هاءِ اسڪول" جي نالي سان هوندو هو، پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ هن جو نالو "قاضي حبيب الله هاءِ اسڪول" رکيو ويو، جيڪو اڄ به هلي رهيو آهي.

موجوده شاهه لطيف هاءِ اسڪول شيخ عرض محمد صاحب شروع ڪيو. ان کي وڏائي ڪاليج تائين پهچايائين ۽ ان طرح سان شهر جي ڪافي خدمت ڪيائين. هن وقت شاهه لطيف ڪاليج جو پرنسپال ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ آهي، جنهن جي نگرانيءَ ۾ آرٽس ۽ ڪامرس جون به فئڪلٽيون هلي رهيون آهن. هو اصل ۾ شڪارپور لڳ ڳوٺ "ماڙي" جو ويٺل آهي، ۽ نيوايريا هاءِ اسڪول مان تعليم حاصل ڪيائين حڪومت سنڌ ادبي ۽ تعليمي خدمتن جو قدر ڪندي کيس صدارتي ايوارڊ تمغهءِ امتياز ڏنو آهي.

اسلاميه هاءِ اسڪول کان علاوه ڇوڪرين جو هاءِ اسڪول بہ آهي. جنهن جي پرسان شڪارپور گرلس ڊگري ڪاليج به هلي ٿو.

شڪارپور جو قديم ڪاليج "سي اينڊ ايس گورنمينٽ ڪاليج" سنڌ جو تمام قديم ۽ مشهور ڪاليج آهي. قيام جي لحاظ کان هي ڪاليج سنڌ ۾ ٽين نمبر تي قائم ٿيو هو. هينئر اٽڪل پنجاه سال پورا ڪري چڪو آهي. هي ڪاليج هندو سيٺين: چيلاسنگهه ۽ سيتل داس جي مالي مدد ۽ ڪوشش سان تعمير ٿيو هو. ڪاليج کي ڪافي زمين ۽ فنڊ به ڏنو ويو هو.

شڪارپور ۾ تعليم جي سرشتي کي تيز ڪرڻ خاطر چار ننڍيون لائبريريون هيون. ١٨٧٣ ۾ فرينڊس سوسائٽي تحت هڪ ريڊنگ روم شروع ڪئي وئي هئي، جيڪا اڳتي هلي١٨٧٦ع ۾ مسٽر نارائڻ جگننات، ايڊيوڪيشنل ڊپٽي انسپيڪٽر جي ڪوشش سان سنڌ جي نالي پنيان وڏي لئبرري ناهي وئي. چندا ڪري ان جي عمارت به ناهي وئي هئي. ان ۾ هر علم ۽ فن تي تمام گهڻا ڪتاب رکيا ويا هئا. هينئر اها

ساڳي لئبرري، ميونسپل لائبرري جي نالي نئين عمارت ۾ ان ساڳي هنڌ تي موجود آهي، پر ڪتابن جو تعداد وڃي پيو گهٽ ٿيندو. عمارت ڊهڻ سبب ڪافي ڪتاب ڇورائجي ويا.

تاريخي ۽ اهم جايون هون ته تمام گهٽيون آهن، پر نارائڻ نواس بلڊنگ، ان جي پرسان هينئر ميمڻ بلڊنگ، لکي در ٽاور ۽ جماڻي هال (موجوده ميونسپالٽي آفيس) تمام مشهور آهن. جماڻي هال ۾ ته ڪيترا تاريخي جلسا ٿي چڪا آهن. هينئر ميونسپل آفيس ٿيڻ ڪري ان ۾ ڪافي مرمت، ناهه نوه ۽ رونق ٿي وئي آهي.

شڪارپور ۾ صحت جي سڌاري لاءِ قديم زماني ۾ ئي هڪ اسپتال هوندي هئي، جيڪا پوءِ ١٩٠٩ع ڌاري لاڙڪاڻي منتقل ڪئي وئي. ان کان علاوه ٻه ڊسپينسريون: هرهڪ ڊونگ واري اسپتال ۽ گنگاٻائي واري زناني اسپتال هلنديون هيون.

انگريزن پاران ١٨٩٣ع ۾ وڪٽوريه جوبلي ليڊي ڊفرن اسپتال کولي، وئي جنهن ۾ ٽي وارڊ هوندا هئا، جن مان هڪ وارڊ انگريزن لاءِ مخصوص هوندو هو. ان ۾ هڪ ليڊي ڊاڪٽر نائب سرجن ۽ ٻيا ملازم هوندا هئا. ١٩١٥ع دوران اٽڪل ستٽيهه هزار مريضن جو علاج ڪيو ويو هو.

سيٺ هيرانند جي مالي مدد ۽ ڪوشش سان هرسال اکين جي آپريشن لاءِ ٻه مهينا اسپتال کولي ويندي هئي، جتي بعد ۾ هينري هالنڊ اکين جي مريضن جي علاج لاءِ ايندو هو. سندس پونير هن وقت تائين پيا ايندا آهن.

سيٺ راءِ بهادر اوڌوداس تاراچند جي ڪوشش سان شڪارپور جي موجوده سول اسپتال، هڪ عاليشان عمارت ۾ ٺهرائي وئي، جيڪا بعد ۾ سنڌ سرڪار پنهنجي تحويل ۾ ورتي. اها عظيم ۽ پروقار عمارت ته موجود آهي، پر اهي سهوليتون نه آهن.

شڪارپور ۾ جانورن جي علاج لاءِ ١٨٩٣ع ۾ هڪ ڊسپينسري قائم ڪئي وئي هئي، جتي باقاعدگي سان جانورن جو علاج ٿيندو هو. اها اڃا ڏينهن هلندي اچي.

شڪارپور وڏيون ادبي، سياسي ۽ مذهبي شخصيتون به پيدا ڪيون آهن، جهڙوڪ : پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه، پروفيسر لطف الله بدوي، آغا عبدالنبي، غلام علي مسرور، امام بخش خادم، حبيب الله ڀٽو، شيخ غلام حسين هدايت الله، شهيد الله بخش سومرو، آغا صوفي، آغا غلام نبي پٺاڻ، مير علي نواز علوي، مولانا عبدالڪريم چشتي ۽ مولوي عبدالغفور وغيره.

مضمون جي طوالت سبب انهن مان ڪن جا نالا ئي ڳڻائي سگهجن ٿا، تفصيل سان لکڻ لاءِ انهن تي ڪنهن ٻي موقعي تي قلم کنيو ويندو. آخر ۾ هن يادگار جشن جي منعقد ڪرڻ لاءِ شهرين کان علاوه جناب سيد محب الله شاه، مسٽر قلي بخش رند، مسٽر الله بخش انصاري ۽ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ به ڪيرون لهڻيون، جن ذاتي ڪوششون وٺي هڪ ٻئي سان سهڪار ڪري هي جشن منعقد ڪري، شهر واسين لاءِ تفريح جو سامان به مهيا ڪيو، ته شڪارپور جي تاريخي ۽ ثقافتي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تاريخي سيمينار به منعقد ڪيو.

اسانجي شهر ۾ نئين ۽ پراڻي ڪپڙي جي ٽڪراٽن مان بيش بها رليون، ٽوپيون، صدريون، واسڪوٽيون، وهاڻن ۽ گاديلن جون چوون، ميز پوش ۽ چانڊانين جون ٽوپيون پڻ ٺاهيون وڃن ٿيون. اهڙي ٽڪراٽي مان جڙيل رلين جا به قسم ٿيندا آهن، جن مان هڪ کي "ٽڪراٽي واري رلي" سڏيو ويندو آهي. ڪٽاؤ واري رلي جو هيٺيون تهه سڄو سارو دهري ۽ مائيدار قيمتي سوٽي يا ريشمي ڪپڙي جو هوندو آهي، ۽ ان جي مٿان، پين سفيد ۽ رنگين ڪپڙن جا مختلف ڊزائين ۽ شڪلين جا ٽڪر ڪٽي، سئي سڳي سان ٽوپي چڙها آهن. اهڙي ڪم ڪرڻ وقت پڻ هوشياري ۽ وڏي لياقت ۽ قابليت کان ڪم ورتو ويندو آهي.

اهڙو ڪٽاؤ جو ڪم، بسترن جي چادرن، وهاڻن ۽ گاديلن جي چون، چانڊانين جي ٽوپين، ٽيبل پوشن ۽ مردانين ٽوپين وغيره تي به ٿيندو رهي ٿو.

ٽڪراٽي واري رليءَ جا وري پورا به تهه ٿيندا آهن، جن مان هيٺيون تهه هڪ پوري ۽ سموري ڪپڙي جو هوندو آهي، باقي ان جو پيو ۽ مٿيون تهه، پراڻي يا نئين ڪپڙي جي ٽڪرن ۽ علحده علحده رنگن ۽ ڊزائينن جو ٺهيل ۽ عجيب نموني سان سينگاريل هوندو آهي. ان تهه ۾ جاميٽريءَ جي جدا جدا سڏيائن ڪانسواءِ، اسان کي ميون، گلن، پکين ۽ جانورن وغيره جون شڪليون پڻ ڏسڻ ۾ اينديون آهن!

اهڙيءَ طرح سگهڙ عورتن جي گهرن ۾ سٽ ۽ اڻت جو ڪم پڻ ٿيندو رهي ٿو، جو پڻ هٿ جي هنر ۽ سئيءَ جي ڪمال جو هڪ حسين ۽ ديده زيب امتزاج يا ميلاپ آهي. اهڙي هٿ جي اڻت ذريعي سوٽي، ريشمي، سفيد ۽ رنگ برنگي اڳٽ اڻيا وڃن ٿا، جيڪي هڪ غريب ماڻهو ڪانسواءِ، هڪ امير آدمي به استعمال هيٺ آڻي سگهي ٿو. سئيءَ جي ذريعي وري ريشمي ۽ سوٽي ڌاڳن مان ٽيبل پوش،

گلاس‌پوش، دسترخوان، ننڍيون ۽ وڏيون گنجيون، وهاڻن ۽ گاديلن جون چووڻ ۽ بسترن جون چادرون وغيره ناهيون وڃن ٿيون ۽ انهن جي ناهڻ وقت پڻ مختلف قسمن جي ڊزائينن تي خاص خيال ڏنو ويندو آهي.

اهڙي ڏاڳي جي اٽت جو ڪم زنانن رون، پوتين، ڪيسن، کهوڙن ۽ ڏاندن جي جهلن، بسترن جي چادرن ۽ وهاڻن ۽ گاديلن جي چون جي ڪنارن تي پڻ ڪرڻ ۾ اچي ٿو، ۽ اهڙي ڪم ڪرڻ وقت سوٽي ۽ ريشمي ٽلهن ڏاڳن ڪان ڪم ورتو ويندو آهي. چارسوتي ڪپڙي مان نهيل ڪڙتن، وهاڻن جي چون، ٽيبل پوشن ۽ بسترن جي چادرن وغيره تي پڻ، مهڙي سٽ جي اٽت جو نهايت سهڻو ۽ وڻندڙ ڪم ٿيندو رهي ٿو، ۽ ڪيترين عورتون، سوٽي ۽ ريشمي رون ۽ پوتين تي ڏوپ سان؛ ننڍا ۽ چمڪندڙ ستارا به هڻنديون ۽ سٽي سڳي سان سفيد ۽ رنگين ننڍڙا موتي پڻ ٽاڪينديون رهن ٿيون.

کهڙو نه چڱو ٿئي، جو سنڌ جي هنن قديمي ۽ شاندار هنرن کي وڌيڪ عام ۽ مشهور ڪرڻ لاءِ، هڪ مرڪز تي آندو وڃي ۽ انهن جي سرڪاري طرح سرپرستي ڪرڻ ۾ اچي، ۽ ان لاءِ سنڌ جي سيني وڏن شهرن ۾ نمائشي مرڪز قائم ڪرڻ ۾ اچن.